


# وجود وڃائيندڙ وڻ

نواز ڪنير

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

وجود وڃائيندڙ وڻ

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

darya khan gopang

ثقافت کاتو، حڪومتِ سنڌ

# وجود وڃائيندڙ وڻ

(سنڌ جا اُهي وڻ جيڪي يا ته وجود وڃائڻ تي آهن يا پوءِ وڃائي چڪا آهن)

نواز ڪنير

ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ

هن ڇاپي جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | وجود وڃائيندڙ وڻ |
| ليکڪ: | نواز ڪنير |
| لي آئوٽ: | امتياز علي انصاري |
| ڇپيندڙ: | نيو انڊس پرنٽنگ پريس |
| ڇپائيندڙ: | ثقافت کاتو حڪومت سنڌ |
| قيمت: | 250/- |

ملڻ جو هنڌ

**ڪلچر ڪتاب گهر**

سامهون ايم. پي. اي هاسٽل، غلام حسين هدايت الله روڊ

ڪراچي، سنڌ. 77400

فون: 02-99206073

## سٽاءُ


پبلشر نوٽ ........ 5
پنهنجي پاران: ڪتاب ڇو ۽ ڇالاءِ؟ ........ 7
ٽالهي ........ 11
توت ........ 17
آسرينهن لئو ........ 21
ٻاهڻ ........ 25
سرينهن ........ 29
گدامڙي جو وڻ ........ 33
گيدوڙي ........ 35
پپر ........ 39
ٻڙ ........ 43
املتاس ........ 47
ليار ........ 51
ٻائر ........ 55
سوانجڙو ........ 57
ڪونيٽ ........ 65
ڄمون ........ 71
جهنگ جليبي ........ 73
هيرڻ ........ 75
ڪنڊي ........ 79
ڪٽونبڙو ........ 89
مرحلاوار ........ 95
چندن ........ 109
ڪامهون ........ 117





ڪٻڙ/ڄار ........ 125
ٽاڪر ٻوٽو ........ 157
ڳارائي ........ 165
اچو ته "سنپالُو" ڪي سنپاليون ........ 171
وونئڻ جو وڻ ........ 181
ڪيسوڦل ........ 189
آملہ ........ 201
ڪويٽ ........ 209
ارجن ........ 215
لوٽ ........ 223
مُساڳ ........ 229
ٻي پاڙي ........ 237
وڻ ويڙهي ........ 243
راوي: ........ 247

# پبلشر نوٽ

سنڌ ۾ ماحوليات، لوڪ ڏاهپ آبهوائي تبديلين، آفتن ۽ نظر انداز ٿيل عوامي تاريخ، توڙي اهڙن ٻين منفرد موضوعن تي لکندڙن ۾ هڪ اهم نالو نواز ڪنڀر جو به آهي. نواز جي لکڻين ۾ هرويرو ٻاهرين دنيا جي حوالن بجاءِ، سادي سودي ٻوليءَ ۾ مقامي مثال ۽ مواد ملندو. جيڪي ڳالهيون سندس لکڻين جي اهميت کي اڃا به وڌيڪ اهم بڻائين ٿيون. جنهن جو ثبوت سندس مختلف ڪتاب آهن. جن ۾ خاص طور تي سنڌ جي ماحولياتي لوڪ ڏاهپ، ڀٽائي جا ڳايل پالتو پکي ۽ جانور، ڀٽائي جا پنڌ ۽ پيچرا، صابل ۽ بهرام جمالي توڙي ٻيا ڪتاب ۽ مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيل مضمون آهن.

هي ڪتاب "وجود وڃائيندڙ وڻ" جنهن جي اهميت ان جي عنوان مان ئي ظاهر آهي، ان جي خاص ڳاله اها به آهي ته هن موضوع تي ڀلي ٻيا به ڪتاب شايع ٿيل ڇو نه هجن، پر هن ڪتاب ۾ مقامي وڻن جي حوالي سان جيڪا ڄاڻ ڏنل آهي، اها ان ڪري به خاص آهي جو اها مقامي ۽ صفا اصلوڪي آهي. مقامي سطح تي صدين کان اسان وٽ مختلف وڻن جي، مختلف حصن جا ڪهڙا ڪهڙا استعمال رهيا آهن، ان حوالي سان هن ڪتاب ۾ ڏاڍي دلچسپ ۽ منفرد ڄاڻ شامل آهي. ڀلي ڪٿي انهيءَ موضوع تي نيٽ وغيره تي ڪيترو به مواد ڇو نه هجي، پر مقامي وڻن جي حوالي سان سنڌ جي هي نِجي ڀِجي ڄاڻ آهي. جڏهن به دنيا جي مختلف حصن ۽ خطن ۾ وڻن جي مختلف استعمال جي حوالي سان ڳالهه ٿيندي ته نواز جي هن 'وجود وڃائيندڙ وڻ' واري ڪتاب جو حوالو ضرور ايندو ۽ هي ڄاڻ، اهڙي ڪنهن هنڌ جڙ ته سنڌ جي مقامي وڻڻ جي ڄاڻ جي حوالي



سان نمائندگي ڪندي. اها ئي هن ڪتاب جي وڏي کان وڏي خوبي ۽ خاصيت آهي. هن ڪتاب جي مواد جي اهميت ان ڪري به آهي، جو هڪ ته اهي وڻ خود وجود وڃائي رهيا آهن يا وڃائي چڪا آهن ۽ ٻيو ته جن وٽ، انهن وڻن جي مختلف استعمال جي حوالي سان، جيڪا سينن ۾ سانڍيل ڄاڻ آهي يا هئي، اهي پاڻ به ڏاڍو تيزي سان هي جهان ڇڏي وڃي رهيا آهن ۽ ڪافي ته وڃي به چڪا آهن! ان ڪري اها ڄاڻ گڏ ڪري ڪتابي شڪل ۾ آڻڻ نه صرف وقت جي ضرورت هئي ۽ آهي، بلڪ شايد هي صفا آخري وقت ۾ ڪيل، هڪ اهم ڪوشش به آهي، جنهن لاءِ نواز ڪنڀر جَس لهڻي. هن ڪتاب ۾ شامل ڄاڻ جيتوڻيڪ هڪ مخصوص علائقي مان گڏ ڪئي وئي آهي، جنهن جو اقرار خود ليکڪ به ڪيو آهي، پر انهيءَ حوالي سان سڄي سنڌ مان اهڙي ڄاڻ گڏ ڪرڻ جي ضرورت بهرحال موجود آهي. جنهن لاءِ جيڪڏهن ليکڪ مستقبل ۾ ڪوشش ڪندو ته وڌيڪ بهتر ٿي پوندو. پر ان هوندي به هي جيڪا به ۽ جيتري به ڄاڻ آهي، ان کي موجوده حالتن ۾ غنيمت ئي چئي سگهجي ٿو.

ثقافت کاتي سنڌ جي هميشه اها ئي ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جي حوالي سان مواد کي وڌ کان وڌ اهميت ڏئي شايع ڪجي، هي ڪتاب به ان سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

**غلام اڪبر لغاري**

سيڪريٽري ثقافت

سياحت ۽ نوادرات کاتو

حڪومتِ سنڌ

# پنهنجي پاران

## ڪتاب ڇو ۽ ڇالاءِ؟

ريڊيو کان ٻاهر ويهي ۽ وڃي تحقيق ڪري يا ٻيو ڪجھ لکي، اهو ريڊيو تان نشر ڪرڻ جي حوالي سان ڪيترائي مثال موجود آهن ۽ زبردست قسم جا موجود آهن. پر ريڊيو تي ويهي ريسرچ ڪرڻ، تحقيق ڪرڻ ۽ لسنرز/ٻڌندڙن کان ڪنهن بہ مخصوص ٽاپڪ تي سندن ميسجن ذريعي اُماڻيل ڄاڻ سان ڪنهن بہ ٽاپڪ تي لکڻ جي حوالي سان، منهنجو هي ٻيو تجربو آهي. (جڏهن تہ ٽيون تجربو ’ڏينهن جا ڏس ۽ مهينن جا ماپا‘ جي نالي سان هلندڙ آهي) ان کان اڳ “اهڃاڻ ڳالهاين ٿا” جي سري هيٺ ساڳئي نموني اڳ ۾ بہ هڪ ڪتاب مڪمل ڪري چڪو آهيان. جنهن لاءِ آئون هاٿ ايف ايم 105 جي سڄي انتظاميہ خاص ڪري سائين سيد ذوالفقار علي شاھ صاحب ۽ محترم ياسر قاضي صاحب جو بيحد شڪر گذار هجڻ سان گڏ سانگھڙ اسٽيشن جي مينيجر علي ۽ انهن لسنرز جو بہ ٿورائتو آهيان جن مختلف وڻن بابت، مختلف پروگرامن ۾ ڄاڻ ڏني. اها ڳالھ ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہڪتاب ۾ آيل ڄاڻ ايف ايم جي پروگرام کان علاوه بہ مختلف وقتاً تہ گڏ ڪيل شامل آهي. خاص ڪري ياسر قاضي صاحب جي ان حوالي سان بہ وڏي مهرباني جو انهن ڪتاب ۽ مون بابت لکڻ جي عنايت ڪئي.

هڪ ڳالھ جيڪا هتي ٽاپڪ جي حوالي سان ڪرڻ ضروري آهي تہ آخر جڏهن انهن وڻن تي اڳ ۾ ئي ڪافي مواد نيٽ تي توڙي ڪتابن وغيره ۾ موجود آهي، تہ پوءِ هن مواد جي ڪهڙي ضرورت ۽ اهميت آهي!؟ ان حوالي سان عرض آهي تہ. اها ڄاڻ ضرور موجود آهي، پر اها



ڄاڻ يا تہ سنڌ ۾ سنڌ جي لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان ناهي يا پوءِ گهٽ آهي. اها لوڪ ڏاهپ جيڪا هاڻ رڳو سنڌ جي جهونن جي سينن ۾ سانديل باقي وڃي بچي آهي. جيئن تہ اهي جهونا ڏاڍو تيزي سان هي جهان ڇڏي رهيا آهن. ان ڪري سندن سينن ۾ سانديل اها صدين جي تجربي ۽ مشاهدي تي مشتمل ڄاڻ بہ انهن سان گڏ دفن ٿي هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي رهي آهي. جنهن کي بچائڻ ڄڻ تہ سنڌ جي انهيءَ صدين تي مشتمل تجربي ۽ مشاهدي کي بچائڻ آهي. ان ڪري ئي وس آهر هي ڄاڻ گڏ ڪري، ڄڻ تہ پنهنجي حصي جو ئي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. اهو ضروري ناهي تہ هنن وڻن يا موضوع جي حساب سان گڏ ڪيل يا مليل ڄاڻ مڪمل هجي، پر موضوع جي حوالي سان وس آهر ڄاڻ گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ضرور ڪئي وئي آهي. هونئن تہ خير ڪيترائي وڻ آهن، پر هتي سنڌ جي يا سنڌ ۾ موجود ۽ ٿيندڙ انهن وڻن جي چونڊ ڪئي وئي آهي ۽ انهن بابت مواد گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، جيڪي گهٽي قدر يا تہ وجود وڃائي چڪا آهن ۽ انهن جو باقي ٿورو تعداد وڃي بچيو آهي ۽ اهي ڏينهون ڏينهن گهٽجندا پيا وڃن. انهن مان ڪجھ تہ اهڙا بہ آهن جيڪي هاڻ ڳولڻ ۽ پڇا ڪرڻ بعد هلي وڃي ئي ڏسي سگهجن ٿا. جيڪي اڳ ۾ جتي ڪٿي عام جام نظر ايندا هئا. ٿي سگهي ٿو تہ ايندڙ نسلن کي اهي زمين تي نظر اچڻ بجاءِ انهن جون تصويرون ڪتابن ۽ نيٽ تي ملن ۽ انهن جو مقامي سطح تي استعمال ۽ انهن جي فائدن جي باري ۾ ٻڌائڻ وارو شايد ئي ڪو وڃي بچي! هن ڪتاب ۾ ٽن ٻوٽن ۽ ٻن ولين جو بہ ذڪر آهي. اهو ان ڪري جو هڪ ٻوٽو ’ڪاٺونبو‘ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي، اُتي ذڪر هيٺ آيل بہ ٻيا وڻن جهڙا ٻوٽا ڳاراتي، ٽاڪر ۽ ڪامهوين ڪٿي ڪٿي وڻن جهڙو ئي ڪم ڏين ٿا يا ڪٽي ائين چئجي تہ جتي وڻ ناهي اُتي ڪانديري مثل وڻ لڳن ٿا ۽ انهن جي ڪاٺي وڻن وانگر ئي مختلف ڪمن ۾ استعمال ٿئي ٿي. وليون

ان ڪري شامل ڪيون ويون آهن جو جتي وڻن کي ٻيون شيون نقصان پهچائين ٿيون، اُتي وڻن کي نقصان پهچائڻ ۾ انهن ولين جو به وڏو ڪردار آهي. 'وجود وڃائيندڙ وڻ' جو هي سلسلو 2016_10_31 کان وٺي 25_12_2017 تائين جاري رهيو، جنهن ۾ 35 کن وڻ ٻوٽا، زيرِ بحث آيا.

مختلف وڻن ٻوٽن جي باري ۾ توڙي انهن جي استعمال جي باري ۾، مختلف علائقن ۾ مختلف ڄاڻ ملي ٿي. هي پروگرام جيئن ته ضلعي سانگهڙ ۽ ڪجهه ڀرپاسي جي ضلعن جي علائقن ۾ ٻڌو ويندو هو ۽ انهن علائقن جا ٻڌندڙ هن پروگرام ۾ حصو وٺندا هئا، تنهنڪري هن ڪتاب ۾ آيل ڄاڻ سنڌ جي هڪ مخصوص علائقي جي چئي سگهجي ٿي ۽ ان ۾ ٻين علائقن، خاص ڪري ٻين جاگرافيائي خطن جي ڄاڻ شامل ڪرڻ جي گنجائش موجود آهي. ڪافي سال اڳ مذاق مذاق ۾، پياري عزيز جان بلوچ کان هڪ اڻ لکيل ڪتاب ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ليکڪ جو تعارف لکرايو هو، جيڪو هتي عزيز کان ان مذاق تي معذرت ڪندي، جيئن جو تيئن شامل ڪجي ٿو.

جيئن ته ڪنهن به موضوع تي، ڪابه تحقيق حرفِ آخر ناهي هوندي، ائين هن ۾ به تمام گهڻي اضافن جي ۽ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت موجود آهي. جنهن کي يقيناً ڪو ٻيو مهربان اچي اڳتي وڌائيندو. پر جي هي روڙيل رندا قبول پيا ته پاڻ کي وڏو ڀاڳوند سمجهندس ۽ وڌيڪ ڄاڻ، مشورن ۽ رهنمائي لاءِ هميشه منتظر ۽ ٿورائتو رهندس.

ساهه سلامت، ساٿ سلامت

**نواز ڪنير**

# ٽالهي

## سنڌ جو سائو سون چيو ويندڙ وڻ

سيئي وڻ نہ صرف انسانن لاءِ بلڪ سيني ساهوارن لاءِ ۽ ڌرتي لاءِ قدرت پاران ڏنل اهم تحفو آهن. مختلف وڻ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي قيمتي، شفا ڏيندڙ ۽ حڪمت ڀريو هجڻ ڪري اهم ۽ ڪارائتا آهن. ڪوبہ وڻ، ڪنهن بہ حڪمت کان خالي ناهي. سيني جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهميت ۽ افاديت آهي. انهن وڻن منجهان هڪ وڻ ٽالهي جو بہ آهي. جنهن کي سنڌ جو سائو سون بہ چيو ويندو آهي. جنهن مان ٽالهي جي اهميت جو اندازو آساني سان لڳائي سگهجي ٿو. ٽالهي اهو وڻ آهي، جيڪو ايترو اهم هئڻ باوجود مختلف سببن جي ڪري ڏينهون ڏينهن، جيترو وڍجي ۽ گهٽجي رهيو آهي، اوترو نئون نٿو پوکيو وڃي. ٽالهي کي اردو ۾ شيشم، پنجابي ۾ ٽالهي، پشتو ۾ شوا ۽ انگريزي ۾ Indian Rosewoodسڏبو آهي. جڏهن تہ هن جو سائينٽيفڪل نالو ڏاڍو دلچسپ يعني Dalber gia Sissoo آهي.

ٽالهي کي ڇانو کان وٺي پاڙ تائين ڪارائتو چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو. اهي وڻ جيڪي ڏسڻ ۾ تہ سنا هوندا آهن ۽ جن جي ڇانو نہ صرف گهاٽي بلڪ ٿڌي، سڪون ۽ فرحت بخشيندڙ هجي ٿي، انهن ۾ ٽالهي بہ شامل آهي. هن جي ڇانو نہ صرف انسانن لاءِ فرحت ڏيندڙ ۽ هن جي



ڪاٺي انسانن لاءِ ڪارائتي آهي. بلڪ هن جي ڇانو چوپائي مال کان ويندي پکي پکڻ لاءِ بہ مفيد آهي. خاص ڪري ميتو پکي، جهرڪيون، هيڙا ۽ ڳيرا هن ٽالهي ۾ رهڻ کي ترجيح ڏيندا آهن. جڏهن تہ ٽالهي جي پراڻن وڻن ۾ ڪانو ۽ ڪوئل بہ رهندا آهن ۽ پراڻن ٿڙن جي پورن ۾ طوطا بہ رهن تہ ماکي بہ. واضح رهي تہ سيني وڻن جي ڇانو ٿڌي بہ نٿي هجي، ڪن وڻن جي ڇانو گرم بہ هجي ٿي. ٽالهي پڪي زمين ۾ توڙي ڪئنالن، واهن، شاخن ۽ واٽرن جي ڪنارن سان، يعني پاڻي جي ڪپرن تي سٺي ۽ جلد ٿيندي ۽ وڌندي آهي. اهڙي ٽالهي جي ڪاٺي بہ سٺي هوندي آهي، جيڪا پڪي زمين تي ٿيندڙ ڳاڙهي رنگ جي، ٿي ويندي آهي. جڏهن تہ واريا سي پاسي جي مفيد ڪاٺي ايتري سٺي نہ هوندي آهي ۽ ان ۾ سُرو لڳي ويندو آهي ۽ اها ڪچي ڪاٺي سمجهبي آهي سُرو يا گونگهو بغير موسم يا مُند جي ڪٽيل يا ڪچي ڪٽيل ڪاٺي کي بہ لڳي ويندو آهي. ٽالهي انهن وڻن منجهان هڪ آهي جن کي وڌيڪ پاڻي گهربل هوندو آهي شايد ان ڪري ئي انگريزن جيڪو نهري نظام آندو انهن جي ڪنارن سان اسان کي ٽالهي لڳل نظر اچي ٿي. پر افسوس جو اسان انگريزن مان جند آجي ڪرائي، آزادي ماڻيندڙن ٽالهي ۾ ڪات ڪماڙا وجهڻ کان سواءِ ٻيو ڪجه بہ ناهي ڪيو. خاص طور تي شهرن جي وڌڻ بعد پٺاڻن هن کي ڪاروبار لاءِ ڪٽي وڏو نقصان پهچايو آهي. هن جي گهٽجڻ جي مُک سببن ۾ جتي هن جو فرنيچر وغيره لاءِ تمام گهڻو وڍجڻ آهي، اتي هن جو نہ لڳائڻ بہ اهم سبب آهي. ڇو جو هن جي ڪاٺي دير سان وڏي ۽ پڪي ٿئي ٿي. جيئن معاشري ۾ ٻيو نقل عام ٿي ويو آهي، ائين وڻ بہ اهي اچي ويا آهن، جيڪي فارمي ڪڪڙ وانگر جلدي وڌن ۽ وڏا ٿين ٿا. هن جو اگهہ 1000 کان وٺي 1500 تائين في فٽ آهي، جڏهن تہ ٻهر جو اگهہ

700/600 کن آهي. ان مان بہ هن جي اهميت جو اندازو ڪري سگھجي ٿو. هن جي فرنيچر تي پاليش بہ سٺي ٿيندي آهي. اهو ڪم وري چنيوٽ ۾ وڏيڪ ڪيو وڃي ٿو. ٻہر جي ڪاٺي سڪڻ بعد سخت ٿيو وڃي ٿي، پر هن جي ڪاٺي نرم هوندي آهي. تقريباً هر اريگيشن جي وڏي آفيسر جي بنگلي ۾ ٽالهي جا در دروازا توهان کي ضرور ملندا. باقي ڳالهہ توهان پاڻ سمجھي وڃو. ٽالهي جي سيني ڪاٺين سان فرنيچر ٺهندو آهي، پر پڪي ڳاڙهي ڪاٺي فرنيچر لاءِ سيني کان سٺي آهي. جن ۾ دريون دروازا، ٽيبل، ڪرسيون، صوفا، ڪٽون، الماريون ۽ هندورا وغيره تہ سٺا ٺهندا ئي آهن، پر خاص ڪري چاقو ڇُرين يا ڏاٽن جا ڳن سٺا ٺهندا آهن. ٽالهي جون ڪٽون بہ سڀ کان وڏيڪ مضبوط هونديون آهن. پلي ڪيترو بہ وزن پوي، ڪيترا بہ لوڏا اچن يا ڪو ڪيترا بہ ڪٽي پاسا پيو ورائي پر ٽالهي جي ڪٽ، ڪِٽ ڪِٽ نہ ڪندي ۽ سڀ ئي بار پاڻ ئي سهي ويندي! ٽالهي جي ٽڙ اندر واري ڪاٺي/ڪِرسي لوهہ جهڙي مضبوط سمجھبي آهي. ٽالهي جي ڪاٺي ٻارڻ ۾ بہ سٺي آهي، پر دونهون ڪندي آهي. اهو بہ چيو ويندو آهي تہ ٽالهي تي ڪنوڻ ڪرڻ جو بہ خطرو هوندو آهي. شايد ان ڪري ئي اهو چئبو آهي تہ، "جنهن جي گھر ۾ ٽالهي، اهو گھر خالي!" هي ٻج کان علاوه قلم ذريعي بہ ٿيندي آهي، تہ پاڙ مان بہ ٻيون ٽالهيون ڦٽنديون آهن، جيئن اڪثر ڪري واهن ۽ شاخن جي ڪنارن تي نظر ايندو آهي. هن جي قلم مٿان عموماً ڇيڻو لڳائبو آهي. هن جي ڦُٽڻ جي مُند سانوڻ جي هوندي آهي ۽ نئون پنن جو ڦُٽڻ، بهار اچڻ جي ڪجھہ اهم نشانين مان هڪ نشاني آهي. هن جا نئوان قلم، گرمي ۾ ڪونہ لڳائبا آهن. نہ صرف ٽالهي جي ڪاٺي ڪارائتي آهي، بلڪہ هن جا پن بہ مفيد آهن. جانورن کي گرمي لڳڻ جي صورت ۾ اُهي ڪُتي پيياربا آهن، پر اهي انسانن لاءِ خطرناڪ ٿي



سگھن ٿا! پر ڪجھہ ٻين انساني بيمارين ۾ ٽالهي استعمال ضرور ٿيندي آهي. ٽالهي جي پنن جو رس جسم جي بيمارين مثلن سوڄ، چمڙي جي بيمارين ۽ اک جي بيمارين لاءِ بہ مفيد سمجھبو آهي. هن جون ڦريون گرمي لاءِ اڪسير آهن. ٽالهي جو ڇوڏو گرمي، رت جي خرابي، الٽي، خارش، ڦرڙي ۽ سوري لاءِ مُفيد آهي. نوجوان کي پيشاب ۾ مسئلو هجي، تہ ان کي ٽالهي جا 2/1 تولا پن، گلاس پاڻي ۾ رات جو پُسائي، صبح جو کين هلڪو ڏڪ هڻي، نيراني 10 ڏينهن پيارڻ سان فائدو ٿيندو آهي. ان کان علاوه کھڙو بہ نزلو ۽ زڪام منڌل هجي تہ، ٽالهي جي پنن سان ٿوري دالچيني ملائي پيارڻ سان فائدو ٿيندو آهي. ٽالهي جي ڪاٺي کي ساڙڻ سان، ڪاٺي جي سڙڻ وقت جيڪو پاڻي نڪرندو آهي، اهو ڏڍ کي ختم ڪندو آهي. ڪي ماڻهو ٽالهي جي ٻج وارين ڦرين مان ٻاڇي بہ ٺاهيندا آهن.

هن کي ٻين هنڌن تي ڇانو وغيره يا هن جي قيمتي ڪاٺي سبب لڳائبو آهي، پر واهن ۽ شاخن جي ڪنارن سان، ان ڪري لڳائبو آهي جو هن جون پاڙون تمام مضبوط ٿينديون آهن، جيڪي واهن جي ڪنارن کي مضبوط ڪري ڪنارن کي پاڻڻ کان روڪڻ سان گڏ انهن کي مضبوط بہ ڪنديون آهن.

فرنيچر لاءِ ٽالهي جي ڪاٺي کي سٺين ڪاٺين ۾ شمار ڪبو آهي. هن لاءِ گھٽ ۾ گھٽ 10 سالن تائين جي ڪاٺي جو هجڻ لازمي آهي. پر ٽالهي جي سٺي ڪاٺي، 60/50 سالن جي سمجھبي آهي. جيئن ٻين ڪمن ۾ انسان پنهنجي عقل ۽ هٿ جي صفائي ڏيکارڻ شروع ڪئي آهي، ائين ٽالهي جي ڪاٺي تان مٿان سنهو پردو لاهي، ٻئي هلڪي ڪاٺي جي فرنيچر تي لڳائي پالش ڪري، ٽالهي جي نالي ۾ ان جي اگھہ

۾ ڪپائبو آهي!!

ٽالهي جي نالي پنيان جتي شهر جو نالو بہ آهي، اُتي ٽالهي جي حوالي سان ڪافي شاعري بہ ملي ٿي، جيڪا خاص ڪري پنجابي ۾ آهي! جيئن “اُچيان لَميان، ٽالهيان وي” يا پوءِ “ٽالهي دي ٿلي بيهہ ڪے”، وغيره. روايتن موجب پنجابي ماڻهو ڌي ڄمڻ تي ٽالهي جا 15/10 وڻ لڳائي ڇڏيندا آهن، تہ جيئن ڌي جي جوان ٿيڻ ۽ سندس شادي تائين اهي وڻ وڏا ٿي وڃن ۽ انهن کي وڪڻي، سندن ڏاج وغيره جو بندوبست ڪري سگهجي.

افسوس جو اهڙو قيمتي وڻ بہ هاڻ اسان جي ترجيعات ۾ شامل ناهي رهيو ۽ اسان قيمتي مقامي وڻن کي ڇڏي، فارمي ڪڪڙين جهڙن وڻن کي اهميت ڏيڻ لڳا آهيون!

*(31_10_2016 تي هاٽ ايف ايم سانگهڙ جي پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# توت

## هاڪين لاءِ ڪاٺي مهيا ڪندڙ ۽ ميلن جي سوکڙي

مقامي طرح تي ميلن جي سڪل فروٽ توت جا حڪيم پلي ڪٽي، پاڻ واري پاسي دنيا ۾ ملندڙ چئن قسمن مان ٻن جو ڏس ڏين، پر عام هاري ناريءَ ۽ ڳوٺاڻو ماڻهو توت (Mulberry) جا مقامي طور ملندڙ پڪا پختا ٽي قسم ڳڻي ٻڌائي به ٿو ته ڏيکاري به ٿو. توت سائو به کائبو آهي ته سڪل به ساڳئي شوق سان کائبو آهي. عام طور تي وري توت جا ٻه قسم چيا وڃن ٿا. هڪ توت جيڪو نَر هجي ٿو ۽ ٻيو شهتوت، جيڪا مادي هجي ٿي. نَر توت، جنهن جو ذائقو مٺو هجي ٿو ۽ ان جو پوري رنگ جو فروٽ ڊگهو به هجي ٿو. جڏهن ته شهتوت جو فروٽ نسبتاً ننڍو، ڪاري ۽ ڳاڙهي رنگ تي تمام گهڻو کٽو هجي ٿو. جيئن هي ٻئي توت الڳ الڳ قسمن جا هجن ٿا، ائين هنن جا ڪم به جدا جدا هوندا آهن. جڏهن ته عام ماڻهو وري توت جا ٽي قسم 1 ڊگها 2 ڳاڙها ۽ 3 گلابي رنگ جا توت ٻڌائين ٿا. عام طور تي چئبو آهي ته توت جو ‘قلم’ لڳائبو آهي، پر عام ماڻهو ڳاڙهي ۽ گلابي توت جي ٻج هجڻ جي ڳالهه به ڪن ٿا. اهو به چيو ويندو آهي ته شروع شروع ۾ سيئي توت کٽا ئي هوندا آهن، پر پوءِ اهي قلم لڳائڻ بعد مٺا ٿيندا آهن. ميلن جي سوکڙي جي حوالي سان مشهور توت سياري ۾ سُڪي وڃي ٿو ۽ بهار ۾ وري ڦوٽهڙو ڪندو آهي. هن جي مضبوط ۽ نرم ڪاٺي مان خاص طور تي لسي ولوڙڻ وارا جهيرٽا ۽ ملڪ



جي قومي راند هاڪي جون، هاڪيون به ٺاهيون وينديون آهن. هن جي ٽن قسمن ۾ هڪ مٺو ٻيو مٺي کان ڪجهه ننڍو جيڪو کٽو ٿيندو آهي ۽ ٽيو گول جيڪو نه کٽو ۽ نه ئي مٺو ٿئي ٿو. ٿالهي جيترو ۽ ڊاک جي پنن سان مشابهت رکندڙ پنن واري توت جي سنهڙين ڪاٺين/تلهڙين مان ڪارا به ٺاهبا آهن.

ميلي تي وڃجي ۽ اُتي پڪي مٺائي، معجون، ڪشمش ۽ ڪاڄن سان گڏ سڪل توت نه کائجن يا گهر پاتين، سنگت ساٿ ۽ پرين پيارن لاءِ خريد ڪري نه آڻجن ته ڄڻ ميلي جو مزو ئي مريو وڃي. ۽ نه آڻڻ جي صورت ۾ جتي معيارين کي منهن ڏيڻو پئجيو وڃي اُتي ڪيترائي وري منهن مٿيو به وڃن. اهو توت جيڪو اڳي سنڌ ۾ عام جام ملندو هو سو وڻ هاڻي نئين نسلن کي ڏيکارڻ لاءِ پڇائون ڪري، پنڌ ڪرڻا پون ٿا. اهو سلسلو ائين ئي جاري رهيو ته شايد ڪجهه ئي عرصي بعد، توت کي هتان، متان مڪمل طور تي ڏيهه نيڪالي نه ملي وڃي.

نرم ڪاٺي وارو وڻ توت جنهن جو ڏندڻ به ڏبو آهي، يعني ته مسواڪ طور به استعمال ٿيندو آهي. اهو نه صرف ويجهو ويهڻ تي ڇانو ۽ فروٽ ڏيڻ سبب سٺو لڳي ٿو بلڪ هي وڻ پري کان به ڏسڻ ۾ تمام سٺو لڳندو آهي. هن جو ميوو نه صرف انسان استعمال ڪن ٿا، بلڪ پکي پکڻ جن ۾ طوطو، ڪبر، ڳيرو، ڪانو، پورڙو پکي ۽ هڪ ڪاري رنگ جي ننڍي جهرڪي ۽ جانورن ۾ ٻڪري شوق سان کائين ٿا. ماکي به هن مان رس چوسيندي آهي. ڪاري/کٽي توت ۾ ريشم ٺاهيندڙ ‘پٽ ڪيئان’ به توت جي وڻن ۾ پالبا آهن، جتي هو توت جا پن کائيندا آهن ۽ جيڪو ريشو ڪڍندا آهن ان سان ريشم ٺاهبو آهي.

حڪمت جي حوالي سان به توت قدرت طرفان ڏنل ڪنهن نعمت

ڪان گهٽ ڪونهين. هن جو استعمال نزلي ۽ زڪام ۾ بہ ٺيندو آهي تہ سنڌن جي سور لاءِ بہ مفيد آهي ۽ هاضمي لاءِ بہ سٺو آهي. هن مان مختلف مرضن لاءِ شربت بہ ٺاهبو آهي. هن جو استعمال جگر ۽ معدي جي مرضن ۾ بہ ٺيندو آهي. توت رت جي گرمي کي بہ گهٽائيندو آهي. ننڍا توت گلي لاءِ بہ اڪثير آهن. گلو ويهي رهي، ڇارو ڪري يا ڪنگهہ هجي تہ ان جو توت ذريعي بہ علاج ڪبو آهي. شربت ڪان علاوه هن جي لپري ٺاهبي آهي، جيڪا خاص ڪري گلي تي ورم جي صورت ۾ ٻڌبي آهي. توت زبان ۽ نَڙيءَ جي ڦٽ ڦرڙي لاءِ بہ بهترين آهي. هي گرم بخار/تپ، گهٽي گرمي سبب ڦڦڙن مان نڪرندڙ رت کي بہ روڪڻ لاءِ مفيد آهن.

افسوس جو هڪ ايترو مفيد وڻ ملڪ مان ۽ خاص ڪري سنڌ مان ڏاڍو تيزي سان وجود وڃائي رهيو آهي. ٻيو ڪجهہ نہ، تہ اسان کي ملڪي قومي راند هاڪي جي حوالي سان ئي هن جو قدر ڪندي، نرسرين ۾ هن کي وڏ ۾ وڏ تيار ڪري، مختلف هنڌن تي لڳائڻ سان گڏ، عام ماڻهن کي بہ هي وڻ لڳائڻ لاءِ آماده ڪرڻ واسطي ڪي قدم سنجيدگي ۽ سچائي سان کڻجن تہ توت اڄ بہ هن ڌرتيءَ تي وڏي تعداد ۾ تيار ڪري ۽ پوکي سگهجي ٿو. ٻي صورت ۾ جيڪو ويڌن اسان توت سان توڙي ٻين وڻن سان ڪري رهيا آهيون اهو ڏسندي لڳي ٿو تہ صفا ويجهي مستقبل ۾ نوجوان نسل کي هي وڻ تہ ڇا پر هن جو فوٽو ڏيکارڻ لاءِ بہ نيٽ جو سهارو وٺڻو پوندو! پر ٿي سگهي ٿو تہ اُتي بہ توت جو سنڌ جي بجاءِ ڪنهن ٻئي علائقي جو فوٽو ملي، نہ ڪي سنڌ جي توت جو. اڄڪلهہ گورنمنٽ جتي نوجوانن کي روزگار مهيا ڪرڻ لاءِ مختلف قسمن جا پروجيڪٽ شروع ڪري رهي آهي ۽ منصوبا جوڙي رهي آهي اُتي ٻيو ڪجهہ نہ تہ بہ عام ماڻهن توڙي هارين نارين کي ٻنين ٻارن توڙي گهرن ۾ توت جا وڻ وڏ ڪان



وڏ لڳائڻ ۽ انهن ۾ ريشم پيدا ڪندڙ 'پٽ ڪيئان' پالڻ جي ترغيب ڏيئي، جتي ماڻهن کي روزگار مهيا ڪري سگهجي ٿو اُتي توت جهڙي قيمتي ۽ ڪارائتي وڻ کي بہ عام ڪري سگهجي ٿو. ان حوالي سان گورنمنٽ سرڪاري نرسرين ۾ توت جا وڻ لڳائڻ ۽ پيدا ڪرڻ کي بہ اوليت ۾ رکي تہ ساڳئي وقت پٽ ڪيئان ذريعي پيدا ٿيل ريشم، مناسب اگهہ تي خريد ڪرڻ ۽ ان جي مارڪيٽنگ جو مستقل ۽ مناسب بندوبست ڪري تہ توت جي حوالي سان ڪافي تڪڙا قدم کڻي سگهجن ٿا. ماضي ۾ توت جي وڻ جو هتي عام جام هجڻ ( ۽ هينئر بہ ڪٿي ڪٿي ان جا وڻ بيٺل هجڻ) انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت آهن تہ هتي جي زمين ۽ آبهوا توت جي لاءِ موافق آهي، پر جي ڪو ان مان فائدو حاصل ڪرڻ چاهي تہ.

*(هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام لوڪ ورثہ ۾ 2016_11_7 تي نشر ٿيل پروگرام تان ورتل)*

# آسرينهن لئو

## جنهن جي ڪاٺي مان ساز ٺهن ٿا

هر ڪاٺي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي ڪارائتي ۽ ڪارآمد آهي، پر آسرينهن لئو هجي يا عام نندي لئي، ان جي ڳالهہ ئي نرالي آهي. ڪلرائين زمين ۾ ٿيندڙ عام لئي جنهن کي مادي پڻ سڏجي ٿو سا تہ پوءِ بہ ڪٿي نہ ڪٿي نظر اچي وڃي ٿي، پر وڏو آسرينهن لئو جنهن کي نَر لئو بہ سڏبو آهي سو تہ ڏسڻ کان بہ مهانگو ٿيندي ان چوٽي ۾ مثال جو "مون بولتا ثبوت" تي چڪو آهي تہ، "جبل مٿي ليون، اڳيون ڳالهيون ويون." لئو نہ صرف نر ۾ مادي هوندو آهي، بلڪ سچي ۽ ڪوڙي جي حساب سان بہ سڃاتو ويندو آهي. جنهن لئي جا پن ڊگها، چيچ جيترا هجن، ان کي 'سچو' ۽ جنهن جا پن، ننڍا هجن ان کي 'ڪوڙو' لئو/لئي سڏبي آهي. هنئن تہ لئي جي ڪاٺي، جيڪا مضبوط هجڻ سان گڏ هلڪي پڻ هجي ٿي، ان مان ڪيتريون ئي شيون ٺهنديون آهن. مثال طور ٻارن جا لاٽون، ڪٽن جون ٻانهون ۽ پاڳا تہ هن ڪاٺي مان مضبوط ٺهندا ئي آهن، پر هن مان ڪوڏر، ڪهاڙي ۽ رنبي جي ڳن ڪان ويندي لٺ/تلهڙ بہ سني ۽ سهٽي ٺهندي آهي. شوقين مڙس لئي جي لٺ، شوق سان پاڻ سان گڏ کڻندا آهن تہ جيئن ڪنهن ياڙي پُٽي ڪي، اويل سويل منهن ڏيئي سگهجي. لئي جي لٺ شاگردن لاءِ اُستادن وٽ بہ هوندي آهي تہ پوليس وارن وٽ بہ، فرق رڳو نيتن ۽ استعمال هيٺ ايندڙن جو هوندو آهي، باقي لٺ بہ ساڳي ئي هوندي



آهي تہ ان جو ڪم بہ ساڳيو ئي هوندو آهي. اڳي زماني ۾ جڏهن غربت بہ هئي، واندڪائي بہ هئي تہ لوا بہ جام هوندا هئا، ان وقت لئي جي ڪاٺي مان، اَن چڙڻ واريون اکريون بہ ٺاهبيون هيون تہ ڪجهہ اهڙا ٻيا ٺانو بہ ٺاهبا هئا ان کان علاوه لئي جي ڪاٺي مان اَن وائرڻ واري ٽنگڙي بہ ٺاهبي هئي تہ ان مان ٻوهارو بہ ڏبو هو جيڪو ڪنهن جي گهر کي ڏيڻ بجاءِ سندي گهر ۽ وٿاڻ ۾ ڏبو هو. ان کان علاوه لئي جي ڪاٺي مان ڪارا، ڪاريون بہ ٺهنديون آهن، جيڪي گهر ۾ رڌ پچاءُ جي شين کي ڍڪڻ کان ويندي ڪڪڙ ۽ ٻڪرين جي ڦرن کي ڍڪڻ جي بہ ڪم ايندا آهن. لئي جي ڪاٺي مان کير ولوڙڻ واريون مانڌاڻيون بہ سٺيون ٺهنديون آهن. هن جي ڪاٺي ٻارڻ جي بہ گهٽو ڪم ڏي ٿي. ان مان ڪوئلو بہ ٺهندو آهي تہ هي ٻني جي ڪوري ۾ بہ ڪم ايندي آهي. لئو/لئي جڏهن انسانن، پکين، استادن ۽ پوليس وارن جي ڪم اچي تہ پوءِ اهو جانورن جي ڪم اچڻ کان ڪيئن ٿو پوئتي رهي سگهي. چوپائي مال جي بيمارين خاص ڪري سامهاڙي، واءُ ۽ وري ۾ مال کي هن جي واس ڏيڻ سان فائدو ٿيندو آهي. ان کان علاوه وڏي بيماري (ماتا) ۾ لئي جا پن مال جي پني تي ٻڌڻ کان علاوه، انهن کي لئي جو دونهون بہ ڏبو آهي. لئي جو دونهن نہ صرف مال کي ڏبو آهي بلڪ انسانن کي بہ دم ۽ ساهہ جي مريضن کي لئي تي لڳل ماڪ/شبنم صبح جو سوير، ڪنهن ٿانو ۾ وجهي، پاٽي ۾ ملائي پيياربي آهي. هن جي ٻور مان سوڙيون ۽ اجرڪون وغيره بہ رنگبيون آهن. ڪنهن سڙي ويل جي زخم مٿي، لئي جو چوڏو ٻڌڻ سان بہ زخم کي فائدو ٿيندو آهي. پر لئي جي ڪاٺي کي خاص اهميت حاصل آهي، سا آهي هن مان مختلف قسمن جي سازن جو ٺهڻ. انهن سازن ۾ دُهل، پکواز، يڪتاري جي ڳني/ٽُنبي ۽ طنبورا وغيره ٺاهيا ويندا آهن. ايترن سازن ۾ شايد ئي

ڪنهن ٻئي وڻ جي ڪا ڪاٺي استعمال ٿيندي هجي، اها خاصيت لئي ۾ ئي آهي. لئو/لئي نہ صرف سازن ٺاهڻ جي ڪم اچي بلڪ هي غريب غربي جي گهر ٺاهڻ لاءِ ’پتر‘ طور بہ استعمال ٿيندي آهي. غريبن ڪي جي هڪ بہ ٿوڻيون پتر ۽ ڪانا ملي وڃن تہ انهن جو منٺن ۾ ’محل‘ تيار ٿي ويندو آهي. ائين لئي جي ڪاٺي انسانن ڪي اجهو تہ مهيا ڪندي ئي ڪندي آهي، پر ان جي وڻن ۾ پراڻن ٿُلهن ٿُڙن جي پورن ۾ خاص طور تي طوطا بہ گهر ٺاهي، آنا ٻچا ڪندا آهن. طوطن جي گهٽجڻ جي ٻين سببن ۾ هڪ اهم سبب اهو بہ آهي تہ انهن جي رهڻ وارا وڏا وڻ وڍجي چڪا آهن ۽ جن جا گهر ڊهي وڃن ۽ اُتي ٻيا گهر اڏڻ جو بہ ڪو آسرو نہ هجي تہ پوءِ مجبوراً اها جُو ڇڏڻي ئي پوندي آهي سو طوطا ويچارا بہ وڻ وڍجڻ بعد گهٽجي ڀاڳي، هتان اڏامي ويا آهن.

ورڪشاپ سانگهڙ ۾ ويٺل جهوني رحمت الله ولد هوت شر جي بقول تہ ٻروچن جون ڪافي ذاتيون، صفر مهيني جي آخري اربع 27 تاريخ تي منجهند 12 ڪان پوءِ ٻُسريون پچاءِ، ان ڇُهل مٿان سَچا ساوا لئي جا ٽارا گهمائي پوءِ مال جي وٿاڻ ۾ اڇلائيندا آهن. جنهن سان مال جو بيماري سيماري ۽ ٻي مصيبت ڪان بچاءُ ٿيندو آهي. ان کي اربع خطا نہ ٿيڻ بہ چئبو آهي تہ ان کي مٺي ۽ وڏي عيد بہ سڏبو آهي. ان ڳالهہ کي نبي صہ جن کي بخار اچڻ سان بہ منسوب ڪبو آهي.

لئي، جنهن کي ڀٽائي صاحب ’ليا‘ ڪري بہ ڳايو آهي. ان بابت سُر سهڻي ۾ چوي ٿو تہ:

لَيَا ڏِنَمِ لَارَ، سَانِيَارَا سَاهَڙَ جَا
هِنئِيَون هِتِ نَہ وِندُرَي، ڏَرَاڙَئُون ڏَارَ
مُنهِنجَو مَنُ مَيهَارَ، پَڳُهِيَو پَارَ ڳَرَي

ڀٽائي صاحب لئي کي ’جائو‘ ڪري بہ هيئين ريت ڳايو آهي:



وڏا وڻ وڻڪار جا، جت جائو جمر، جر،
ڪاسا تپن ڪڪرا، ٻي دمدم تپي ڏر......
وڏا وڻ وڻڪار جا، جت نانگ سڄن نيلا

(سُر سسئي آبري)

ان ڪان علاوه لئي جو ذڪر ڀٽائي صاحب هن ريت بہ ڪيو آهي:

ڏهلا مون ڏينهن ٿيا، پيم ڄام ڄيون،
پسيو پنڌ پهڻ جو، ٿئي روح ريون،
لڇيو ٿيان لطيف چئي، ڪارڻ دوست ديون،
ڀانيان لڪ ’لئيون‘، جي سور پريان جا ساڻ مون.

افسوس جو هاڻي لئي تہ پوءِ بہ نظر اچيو وڃي باقي وڏو نر لئو يعني آسرينهن لئو نہ برابر وڃي بچيو آهي. صرف سانگهڙ ميرپور خاص روڊ تي ’دلشاد شاخ‘ واري بزرگ دلشاد ڪلوئي واري مزار/قبرستان پرسان ئي تمام وڏا ٿلها ۽ جججهي تعداد ۾ لئوا نظر اچن ٿا. شايد سڄي سنڌ ۾ ايترا ۽ اهڙا وڏا لئوا ٻئي ڪنهن بہ پاسي نہ هجن. جن جي ڳوٺاڻا، پنهنجي بزرگ جي ڪري، ڏاڍي حفاظت ڪن ٿا.

ڪاش اهڙي حفاظت سنڌ جي هر وڻ جي ٿئي يا انهن وڻن کي ڪو جن ڀوت اچي واسو ڪري ۽ ان جي وڍيندڙ کي ڪنڌ ڀر وڃي ڪيرائي تہ من وڃي ڪو وڻ بچي تہ بچي، باقي ٻيو ڪو آسرو اُميد پري پري تائين نظر نٿي اچي! جيڪڏهن اسان جي هٿان ساز ٺاهيندڙ وڻ بہ وڍجڻ ڪان نہ بچي سگهن تہ پوءِ ٻيو ڪهڙو وڻ بچندو!

*(14_11_2016 تي، هاٽ ايف ايم تي نشر ٿيل پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# باهڻ

‘ناري’ واري علائقي ۾ جيڪي وڻ ٻاهران اچي، هتي جا ٿي ويا ۽ پاڻ کي ٻاهريون /ڌاريون ۽ ’مهاجر‘ وڻ سمجهڻ بنا، مقامي رنگ ۾ رنگجي هن ڌرتي جا ٿي ويا، انهن ۾ باهڻ (Poplar)به هڪ آهي. يوڪلپٽس جهڙي پنن واري سم ۽ سيلاب جي پاڻي ۾ توڙي لٺ واري زمين ۽ درياهه جي ڪچي ۾ ٿيندڙ ۽ ناري جي پيٽتلن (ناري واهه جي پرسان بيٺل پاڻي ۾) ٿيڻ ڪري هن کي ناري جو وڻ به سڏبو آهي. اڳي ناري لڳ اوڏ ۾ ته هن جي هُڙي به هوندي هئي پر، هاڻي هُڙين وارو زمانو هليو چليو ٿي چڪو آهي. پيٽتلن ۾ ٿيندڙ هن وڻ بابت تعلقي سانگهڙ ۾ ناري ڪناري آباد ڳوٺ ‘سرمست’ جي سئو کن سالن جي جهوني عبدالرحيم ولد علي محمد لغاري جي بقول ته هتي هن جو ٻج ڪٿان لُڙهي آيو هو ۽ پوءِ هتي جي موافق حالتن جي ڪري ڪافي وڌيو ويجهيو. سخت ڪڙو هجڻ ڪري، هن جي ويجهو هرويرو ڪو جانور ڪونه ٿو وڃي. عام طور تي هي ‘مانجهاندڙي’ يا ‘ٻائور’ وانگر سنگل ڪاٺي جهڙو هجي ٿو پر چون ٿا ته هي تمام وڏو ۽ نم جهڙو گهاٽو به ٿيندو آهي. هر سال جڏهن ڊسمبر جي آخر ۽ جنوري جي شروع ۾ پاڻي جي وارا بندين دوران گاهه ۽ پن کي باهه ڏبي آهي، (عام ڳوناٽا/پاڳيا ۽ خاص ڪري ڏنار جهنگ ۾ بيٺل پن وغيره کي ان ڪري باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندا آهن ته جيئن اهي نئوان ڦٽن ۽ مال جو چارو ٿئي) تڏهن باهڻ کي به باهه لڳي ويندي آهي ۽



سُکن سان گڏ هي سائو وڻ به، رڳو سُکلن جي صحبت ۾ انهن جي ويجهو رهڻ ڪري سڙي ويندو آهي.

باهڻ جي ڪاٺي تمام سخت هوندي آهي، جنهن ڪري چئبو آهي ته ”باهڻ معنيٰ ٻهڻ“ ائين به چئبو آهي ته ”باهڻ پاهڻ آهي، پر زمين تي ڪرڻ بعد گاهڻ يعني گاهه برابر آهي“ ان مان باهڻ جي ڪاٺي جي مضبوطي جو اندازو ڪري سگهجي ٿو. باهڻ جي ڪاٺي، اڇاڻ مائل پوري هجڻ سان گڏ لسي به هوندي آهي، جيڪا سائي هجڻ تي وزن ۾ ٻين وانگر ئي هوندي آهي پر سُڪڻ بعد هلڪي ٿيو پوي. هن جي مضبوط ڪاٺي مان جتي ڪٿن جون ايسون، اوپرا، پاڳا، در، دريون، بالا، ٽيئر/پٽيون وغيره ٺهن ٿيون، اُتي هن جي ڪاٺي هلڪي هجڻ ڪري سانگهڙ جمڙائو روڊ کان اوپر ۾ واقع تاريخي ماڳ ‘ڊُبي’ ۾ ٺهندڙ بندوقن جا ڪنداق به هن مان ٺاهبا هئا. واضح رهي ته حُر تحريڪ دوران گهڻو ڪري ڊُبي جون ٺهيل بندوقون ئي استعمال ٿيون هيون. ان کان علاوه هي ڪاٺي ڪچن گهرن ۾ آڏ ۽ پيجر طور به ڪتب آڻبي آهي. باهڻ جي ڪاٺي هلڪي ۽ مضبوط هجڻ سان گڏ نرم به هوندي آهي. نرم هجڻ ڪري ان تي جنديءَ جو ڪم به سنو ٿيندو آهي. هن جي ڪاٺي ٻرڻ ۾ گئس وانگر تيز آهي، جنهن کي هڪدم باهه پڪڙي وٺندي آهي. اڳي جڏهن ماچس عام نه هو بلڪ ائين ڪٽي چئجي ته باهه عام نه هئي ان وقت ماڻهو ڪاٺين کي پاڻ ۾ رڳڙي باهه ٻاريندا هئا ان وقت باهه لاءِ ٻين ڪاٺين سان گڏ باهڻ به بهترين سمجهبو هو. هن جي ڪاٺي جيڪڏهن زمين کان مٿي هجي ۽ ان کي زمين جي مٽي وغيره نه لڳي ته، اها سئو سال بعد به اوڙهي جي اوڙهي رهندي آهي. پر جي زمين تي رکبي ته مهيني ٻن ۾ ئي ڪاچي ويندي آهي. باهڻ نه صرف ڪاٺي طور ڪم آڻبو آهي، بلڪ جيڪڏهن ڪو صفا ضدي قسم جو

بخار لهڻ جي بلڪل ئي نہ ڪري ۽ مريض کي چنبڙي پئي تہ پوءِ باهڻ جي ڪل لاهي، سُڪائي، صبح سوير پيئڻ سان بخار مجبوراً پڇي جان ڇڏائيندو آهي. هن جي ڪاٺي مان جتي خاص ڪري گوڏن جي سور لاءِ دوا ٺاهبي آهي اُتي باهڻ جي تازي نڪتل ڪاٺي کي پاڻي ۾ اُباري پيئڻ سنڌن جو سور بہ ختم ٿي ويندو آهي. سان باهڻ جي نئين قتل گونچ کي گهوٽي، ڪاڙهي، ناري، سائي جي مرض کي پيارو آهي. باهڻ ۾ جتي اهي خاصيتون آهن، اُتي باهڻ لفظ سان ملندڙ جلندڙ هڪ ذات 'ٻهڻ' بہ آهي تہ روهڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو بہ ٻهڻ آهي. باهڻ کي خاص ڪري ڦاڙو شوق سان ٻڪري بہ هن کي شوق سان کائيندي آهي.

باهڻ جي خاصيتن کان متاثر ٿي شاعرن ۽ سگهڙن بہ هن کي شاعري جو موضوع بڻايو آهي. سگهڙن پاران باهڻ تي ٺاهيل هڪ ڳجهارت هت ڏجي ٿي:

وڻ ڪُتي جي وات ۾، وڻ ڪُتي جو ڪم،

لاهي وجهينس چم، تہ بہ وڻ ڪُتي جي وات ۾.

ڳجهارت جي پڇاڙي:

باهڻ = پونڪڻ

باهڻ ڪُتي جي وات ۾، باهڻ ڪُتي جو ڪم، معنيٰ باهڻ يعني پونڪڻ ڪُتي جو ڪم آهي.

لاهي وجهينس چم، تہ بہ باهڻ ڪُتي جي وات ۾. معنيٰ تہ پلي ڪٽي ڪُتي جي کل لاهي ڇڏيو پر ڪُتو باهڻ/پونڪڻ کان نہ رهندو.

بهار ۾ ٻين وڻن وانگر مهڪي ۽ ٻهڪي پوندڙ باهڻ بابت اهي سيئي ڳالهيون ان جي اهميت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن. پر جيئن اسان ٻين ڪيترن ئي وڻن کي اجايو بيڪار ۽ فضول سمجهي، انهن جي



قدر ڪرڻ کان ڪن لاتار ڪري رهيا آهيون. اهو حشر اسان باهڻ سان بہ ڪري رهيا آهيون. اسان جي ٿورڙي ڪوشش ۽ توجہ سان، باهڻ کي سم وغيره واري زمين ۾ پوکي، يا ان جا قلم هڻي باهڻ پوکي، ۽ پوءِ ان جي ڪاٺي وڪڻي جتي ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو اُتي خراب زمين/ٻني مان اُپت بہ حاصل ڪري سگهجي ٿي. پر اسان ۾ اجا ايترو شعور ڪٿي جو باهڻ کي بيڪار نہ سمجهون ۽ ان جو جائز قدر ڪندي، ان مان فائدا حاصل ڪريون!

*(19_12_2016 تي هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# سرينهن

## وهمن ۽ وسوسن جي حوالي سان مشهور وڻ

جڏهن بہ گهاٽن، ڍگهن، ٿڌي ڇانو سان گڏ خوشبو ڏيندڙ وڻن جي ڳالهہ ڪبي تہ سرينهن جي وڻ جو ذڪر بہ ضرور ايندو. هي وڻ جنهن کي عربي ۾ سُلطان الشجار چئبو آهي. انهيءَ مان ئيهن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. انگريزي ۾ هن کي Siris Tree، اردو ۽ هندي ۾ سرس سڏبو آهي. سنڌ ۾، اُتر ۾ هن کي سرينهن ۽ لاڙ ۾ سريل بہ سڏبو آهي. جڏهن تہ هن کي پنجابي ۾ شرينهن ۽ پشتو ۾ سِريش سڏبو آهي. عجيب ڳالهہ آهي تہ انگريزي کان وٺي هندي ۽ سنڌي تائين، وينديءَ پشتو ۾ بہ هن جو نالو ٿوري گهڻي فرق سان، ساڳئي نموني ئي اُچارجي ٿو! هن جي ڪاٺي نرم هجڻ ڪري، اڏاوت ۽ فرنيچر جي ڪم جي گهٽ ئي آهي، پر نرم هجڻ سبب،هن جي ٿُڙ ۾ طوطا ۽ ڪاٺ ڪٽا جتي آنا ۽ ٻچا ڪندا آهن، اُتي هن جي گهاٽي هُجڻ ۽ هن ۾ آساني سان لِڪ سبب ڪيترائي پکي هن ۾ آکيرا بہ جوڙيندا آهن. ان کان علاوه پکي هن جي پنن کي، آکيرن اڏڻ ۾ بہ استعمال ڪندا آهن. هن وڻ جا ٻہ قسم ٿين ٿا. هڪ جا ٻج ڪارا ۽ ٻئي قسم جا ٻج خاڪي ٿيندا آهن، باقي اهميت ٻنهي جي ساڳي ئي آهي. ڏڪڻ لڳڻ وقت هن جي پيلن خوبصورت گلن جي خوشبو بہ ميل کن تائين بہ ماحول کي معطر ڪري ڇڏيندي آهي. اڳي تہ ماڻهو هن جي گُلن جي خوشبو ۽ خوبصورتي سبب انهن جا هار ٺاهي بہ پائيندا ۽



پارائيندا هئا، پر شايد شاعرن پاران رڳو گلاب ۽ موتئي جي ڳالهہ ڪرڻ سبب، هاڻ سرينهن جي گُلن جي ساڳي خوشبو هوندي بہ، ماڻهو ان کان گهٽي پاڳي منهن موڙي ويا آهن. پوءِ بہ هي وڻ ڏينهن جو وٺ وٺان ۽ خفن ۾ ورتل ماڻهن کي، رات ۽ شام جو ڪجهہ گهڙيون واندو ٿيڻ مهل، ڪٽان لنگهندي، پنهنجي گلن جي خوشبو جي مهڪ سان مهڪائي، پنهنجي موجودگي، ماڻهن جي بي وفائي ۽ پنهنجن پراڻن خوشگوار تعلقاتن جو احساس ڏياريندو رهندو آهي. قلم ۽ ٻج ٻنهي طريقن سان ٿيندڙ هي وڻ جتي پن ڇڻ جي موسم ۾ سڀ کان اڳ پن ڇاڻي سياري اچڻ جو اعلان ڪندو آهي ۽ ان جي تياري لاءِ ماڻهن کي اڳواٽ خبردار ڪندو آهي، اُتي ڦوٽهڙي جي موسم ۾ بہ سڀ کان اڳ گونچ ڪڍي ۽ پن آڻي سياري جي وڃڻ ۽ بهار جي آمد جي اطلاع بہ ڪندو آهي. پن ڇاڻڻ بعد هن جون ٻج واريون ڦريون، هوا ۾ هڪ ٻئي سان لڳي ڏاڍو خوبصورت ۽ منفرد ميوزڪ بہ وڄائينديون آهن، پر هاڻ شايد اهڙو مانيٽو ميوزڪ ٻڌڻ وارا نہ برابر وڃي باقي بچيا آهن. ان ڪري انهيءَ پاسي گهٽ ئي توجہ ڏني وڃي ٿي. ان کان علاوه هن جي سُڪل ڦرين مان ٻار طرح طرح سان رانديون بہ پيا ڪندا آهن ۽ ڪڙتال وانگر بہ پيا وڄائيندا آهن. هن وڻ جي هڪ عجيب ڳالهہ هي بہ آهي تہ هن جا پن صبح ٿيڻ سان ڄڻ تہ سجاڳ ٿي ويندا آهن ۽ شام ٿيڻ تي ڪومائجي ويندا آهن، جهڙو هو سج لهڻ تي افسرده ۽ اُداس ٿي ويا هجن! وري صبح جو سج اُڀرڻ تي ڦولهارجي، تازا توانا نظر اچڻ لڳندا آهن. ان ڪري هن کي سست وڻ ۽ ڪن ماڻهن پاران هن کي نياڳو وڻ بہ سڏبو آهي ۽ اهو بہ چئبو آهي تہ هن سست وڻ لڳائڻ سان، گهر ڀاتي بہ سست ٿي ويندا. ان ڪري بہ هن کي هرويرو گهرن ۾ ڪونہ لڳائبو آهي ۽ هن کي لڳائڻ کان پاسو ڪبو آهي! هن جي ڪاٺي جي نرم هجڻ ڪري

۽ هن جي ٽٽڻ جي خطري جي گهٽ هجڻ ڪري، ٻهراڙين ۾ غريبن جا ٻار ان ۾ پينگهه ٻڌي، لُڏڻ جا به خوب مزا پيا وٺندا آهن. باقي وڏن ۽ اميرن جا ٻار ته هونئن ئي هندورن جا هيراڪ هوندا آهن. هن جي نرم ڪاٺي جلد سُڪڻ نه سبب، ٻرڻ ۾ سُٺي ڪونه سمجهبي آهي ۽ نه ئي وري اڏاوت جي ڪم لاءِ به ڪارائتي هوندي آهي. هنئن به هن کي مولا علي مشڪل ڪُشا جي دُعا هجڻ جي ڳالهه ڪرڻ سبب، هن کي ٻارڻ ۾ ٻاهه ڏيڻ گناهه سمجهبو آهي. ڪجهه ڌرين جو اهو به چوڻ آهي ته جيئن علم پاڪ لڳائڻ کان پوءِ ان جاءِ جي پاڪائي ۽ حفاظت ضروري آهي، ائين سرينهن جي وڻ لاءِ به چئبو آهي. ان ڪري به گهٽا ماڻهو هي وڻ لڳائڻ کان پاسو ڪندا آهن. هن وڻ جي باري ۾ اهو به مشهور آهي ته هن تي ڪنوڻ به ڪرندي آهي. ان جو سبب ته الائي جي ڪهڙو آهي، پر اها راءِ به هن کي نه لڳائڻ جو باعث بڻجي ٿي. اهو به چئبو آهي ته هن جي هيٺيان سمهڻ سان بخار به ٿي پوندو آهي. ساڳي وقت هن لاءِ اها ڳالهه به مشهور آهي ته واري جي تپ يعني ٻيهڙ يا هڪ ڏينهن ڇڏي، ٻئي ڏينهن ايندڙ بخار وارو مريض هن کي فجر مهل ڀاڪر پائيندو ته بخار نه ايندس. ائين به چئبو آهي ته انهيءَ بخار جي مريض کي جيڪڏهن، سرينهن جون ٽي سنهيون ڪاٺيون ڳچي ۾ ٻڌبيون ته بخار لهي ويندو. انهيءَ ڪم لاءِ اهي ڪاٺيون ٻڌڻ جو وري ڪن ڪن ماڻهن وٽ هُدو به هوندو آهي ۽ انهن پاران ڪاٺيون ٻڌڻ سان بخار لهي وڃڻ جا امڪان وڌي ويندا آهن. جتي سرينهن جو ڪنور ڪارائتو آهي، اُتي هن جا پن به ڪنهن کان گهٽ ڪونهين. جانور جي اک ۾ ڦُلو ڦرڙي يا ڏاٽو وغيره ٿيڻ ۽ اک خراب ٿيڻ جي صورت ۾ صبح سويري هن جا پن چٻاڙي، متاثر جانور جي اک ۾ لڳائڻ سان فائدو ٿيندو آهي.

هن جي خوشبو ۽ مقامي ماڻهن جي علاج ۾ ڪم اچڻ توڙي پکي



پکڻ لاءِ اجهي جو باعث بڻجڻ باوجود، بي خبري وچان جيترو غلط تاثر هن وڻ بابت ماڻهن ۾ موجود آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن ٻئي وڻ بابت چيو ويندو هجي. وڻ ته رب جي نعمت آهن، ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته وڻن بابت ماڻهن کي اهڙين عجيب ڳالهين ۽ وهمن بابت آگاهي ڏني وڃي. پر لڳي ٿو ته گهٽ ۾ گهٽ سرينهن جي حوالي سان هاڻي ڪافي دير ٿي چڪي آهي. ڇو جو ماڻهن جي اهڙن بي وفائي وارن روين سبب، سرينهن پاڻ ئي هي جُو ڇڏي، ڪافي پاسيرو ٿي ويو آهي ۽ هاڻ هو هِتان ڪنهن ٻئي پاسي اُتي هليو ويو آهي، جتي هن جو قدر هجي، جتي هن جي اهميت هجي ۽ جتي ماڻهو هن جي عزت ڪن!

*(هاٽ ايف ايم جي پروگرام سنڌ جا وجود وڃائيندڙ وڻ تان 2017-01-09 تي نشر ٿيل پروگرام مان ورتل)*

# گدامڙي جو وڻ

## هر گهر ۾ هر وقت جي ضرورت

گدامڙي Tamarinds جهڙو مصالحي دار وڻ شايد ئي ڪو ٻيو هجي. جيئن ماني/اٽي لاءِ لوڻ ضروري آهي، ائين هر ڀاڄي،چانورن/برياني ۾ مختلف ڊشن لاءِ وري مصالحو ضروري آهي. مصالحو وري ان وقت تائين مڪمل ناهي ٿيندو، جيستائين ان ۾ ٿيندڙ گدامڙي جنهن کي املي بہ سڏبو آهي، تنهن جي ڪٽاڻ شامل نہ هجي. ان کان علاوه گدامڙي جهڙا وڻ گهٽ ئي هوندا آهن، جيڪي سدائين ساوا هجن ۽ جن جي ڇانو هميشہ برقرار رهي، ان ڪري هن کي سدا بهار وڻ بہ سڏبو آهي. هي ڪڏهن بہ، ڪنهن بہ مند ۽ موسم ۾ ڦلن کان خالي ناهي ٿيندو. تمام ڊگهي ۽ تمام وڏي عمر واري هن وڻ جو ٿلهو ڪاٺ جتي اڏاوت ۾ ڪم اچي ٿو اُتي هن جون سنهيون ٽاريون ٻارڻ جو بہ ڪم ڏين ٿيون. هن جون ناسي رنگ جون ڦريون، جيڪي پچڻ بعد 'املي' ٿينديون آهن، سي ڪيترن ئي حوالن سان ۽ دوا طور مختلف بيمارين ۾ بہ ڪم اچن ٿيون. جن ۾ معدي، جگر ۽ سائي وغيره جون بيماريون شامل آهن. پڪل گدامڙي رات جو پاڻي ۾ پُسائي، صبح جو نيراني اهو پاڻي پيئڻ سان ڪاري سائي جي مريض کي فائدو ٿيندو آهي. گرمي ۾ املي جو شربت بہ ڏاڍي ڪارائتي ۽ صحت بخش هوندو آهي. ڇو جو اها ڪتي هجڻ سان گڏ ٿڌي بہ هجي ٿي. هن وڻ جي جيڪڏهن ائين ڪٽي ڇئجي تہ هر شئي ڪارائتي هوندي تہ اهو غلط



نہ ٿيندو. هن جي ٻج/املي مان 20 سيڪڙو تيل ملندو آهي. ان کان علاوه هن جا ڪنڊيءَ ۾ ٻير جي پَنن جهڙا ڪنا پَن عام طور ٻار کائي خوش پيا ٿيندا آهن. هن وڻ ۾ بہ نر ۽ مادي هجن ٿا. نر ڦريون ناهي جلهيندو، ٻين مادين وانگر گدامڙي ۾ بہ اهو ڪم، مادي وڻ کي ئي ڪرڻو پوندو آهي. هن ۾ ڦريون، انبن جي موسم ۾ لڳنديون آهن. نارنگي رنگ تي گل جهليندڙ گدامڙي جي ڪچي گدامڙي جي چٽڻي بہ ڏاڍي مزيدار ۽ ذائقيدار ٿيندي آهي. هن جو ڦر/ميوو ڇُڳن ۾ ڦرين جي شڪل ۾ ٿيندو آهي، جنهن کي 'آمرا' سڏبو آهي. هنئن تہ هن جا پَن سدائين برقرار ۽ ساوا رهندا آهن، پر بهار جي موسم ۾ هي وڻ نئوان پَن بہ ڪيڻدو آهي. سنڌ ۾ خاص طور تي چيڪي زمين/مٽي ۾ 80 فُٽن تائين ڊگهي ٿيندڙ هن وڻ لاءِ اهو بہ ٻڌجي ٿو تہ هي سنڌ ۾ شايد هماليائي جبلن تان، سنڌو درياءَ جي پاڻي وسيلي آيو هجي.

افسوس جو ايترو ڪارائتو ۽ قيمتي وڻ، جنهن جي ضرورت هر گهر ۾، هر وقت هوندي آهي، ان لاءِ بہ اسان وٽ جاءِ ناهي بچي. ۾ هاڻ هي وڻ ڏسڻ کان بہ مهانگو ٿي ويو آهي. جنهن کي ٿوري ڪوشش سان ٻيهر لڳرائي ۽ وڌائي، ان مان مستقل بنيادن تي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. سرڪاري نرسرين ۾ لڳائي تيار ٿيڻ تي ماڻهن کي گهرن ۾ لڳائڻ تي آماده ڪري ان مان ٿيندڙ گدامڙي جي مناسب مارڪيٽنگ ڪري، هن کي تمام جلد ۽ سولائيءَ سان مناسب حد تائين وڌائڻ سان گڏ، هن جي وجود کي هن ڌرتي تان خاتمي کي بہ بچائي سگهجي ٿو. پر اهو ڪم ڪري ڪير!

*(هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام وجود وڃائيندڙ وڻ تان، 2017_01_16 تي نشر ٿيل پروگرام تان ورتل)*

# گيدوڙي

## گم ٿيندڙ هڪ پيو اهم وڻ

تيزيءَ سان گم ٿيندڙ وڻن ۾ هڪ وڻ گيدوڙي بہ آهي جيڪو ميويدار هجڻ ۽ ڪيترن ئي حوالن سان ڪارائتو ۽ اهم هجڻ باوجود جنهن تيزي سان وجود وڃائي رهيو آهي، ان تي افسوس سان گڏ تعجب ئي ڪري سگهجي ٿو! پنجابي، اردو ۽ پشتو ۾ ليسوڙي سڏجندڙ پان جهڙن وڏن پنن، گهاٽي ڇانو، ڊگهي قد ۽ لسي ٿُڙ وارو هي وڻ گهڻو ڪري واهن جي ڪنارن تي ٿيندڙ سنڌ جي قديم وڻن مان هڪ آهي. گيدوڙي انسانن، پکين ۽ جانورن سڀني لاءِ هڪ جيترو ڪم اچڻ باوجود بہ اڳوڻي اهميت کان ڏينهون ڏينهن هٿ ڌوئي رهيو آهي. هن جي هلڪي ۽ نرم ڪاٺي ڍڳن جي پاچارين ۽ گهوڙن جي ٿَنن لاءِ بهترين سمجهبي آهي. ڇو جو اها گهٽ وزن هجڻ سبب جانورن لاءِ گهٽ تڪليف ده هوندي آهي. هن جي ڪاٺي مان باهہ بہ جلد ٻرندي آهي. قلم ۽ ٻج ٻنهي طريقن سان ٿيندڙ هن وڻ ۾ بہ نر ۽ مادي وڻ هوندا آهن. پر وڻ سڏبو وري بہ مادي يعني گيدوڙي ئي آهي! نر جا گيدوڙا وڏا ۽ مادي جا گيدوڙا ننڍا ٿيندا آهن. جيڪي تيز هوا ۾ ڇڻي بہ پوندا آهن. هن جو فروٽ/ميوو سنڌيءَ ۾ گيدوڙو ۽ اردو ۽ پنجابي ۾ ليسوڙو سڏبو آهي. جيڪو سنڌي سماج ۾ مرداڻو نالو بہ آهي. مزي جي ڳالهہ تہ گيدوڙيءَ جو وڻ خود مؤنث آهي، پر ماڻهن تي نالو وري بہ سندس ميوي جو، يعني مرداڻو رکبو آهي! سائي رنگ تي ٿيندڙ ڪچن گيدوڙن



مان سانڌاڻو/آچار ٺاهڻ کان علاوه ان مان پاڃي بہ ٺاهبي آهي. ڪٽڪن جي لاباري جي مُند ۾ ٻُور جهلڻ بعد انبن جي موسم ۾ ٿيندڙ گيدوڙا، پچڻ بعد پيلو رنگ اختيار ڪندا آهن. جيڪي کائڻ ۾ ڏاڍا لذيذ ۽ خوشبودار هوندا آهن. جن کي انسان تہ خير پسند ڪندو ئي آهي، پر پکي ان جي چنبڙندڙ رس سبب انهن کان اڪثر ڪري پري ئي رهندا آهن. پکي گيدوڙا کائيندا تہ گهٽ ئي آهن، پر ان جي ڪچي ڪاٺي جي ڪري، ان جي ٿُڙ ۾ خاص ڪري طوطا ۽ ڇپرا وغيره رهڻ ۽ آنا ٻچا ڪرڻ لاءِ گهر ضرور جوڙيندا آهن. اهڙن ٿڙن وارن وڻن جي ڪمي جي سبب بہ طوطي ۽ ٻين پکين جي تعداد ۾ ڪافي ڪمي آئي آهي. هن جي لئي دار/ليس دار رس مان ٻار ڪتاب، ڪاپيون ۽ پنا بہ جوڙيندا/چنبڙائيندا آهن، تہ ڪجهہ ذهين ۽ سُلڇڻا ٻار پنهنجي ڪتابن ۽ ڪاپين تي جلد چاڙهي، انهن کي گيدوڙي جي رس سان، پڪو بہ ڪندا آهن. اهو رس ڪپڙن تي لڳڻ بعد، ان تي هميشہ لاءِ پنهنجا نشان، يادگيريءَ طور بہ ڇڏي ويندو آهي، ان ڪري ماڻهو ان کي کائڻ ۾ تہ اڳتي اڳتي هوندا آهن پر وات کان وڌيڪ ويهو آٽڻ کان لهريندا آهن. ان کان علاوه هن جي پنن مان پن واريون بيڙيون بہ ٺاهيبيون آهن هن جا پن علاج طور بہ ڪتب آڻبا آهن. جسم ۾ جنهن حصي تي سور هجي، اُتي گيدوڙي جا پن گرم ڪري ٻڌڻ سان فائدو ٿيندو آهي. خشڪ پڪل گيدوڙو بہ دوا طور استعمال ٿيندو آهي، جيڪو خاص ڪري جسماني ڪمزوري ۾ ڪم ايندو آهي. ان کان علاوه هي پيٽ ۽ سيني کي نرم بہ رکندو آهي. آنڊن جي خراش، جگر جي گرمي لاءِ بہ مفيد آهي، بار بار پيشاب اچڻ ۽ خشڪ کنگهہ لاءِ علاج طور بہ استعمال ٿيندو آهي. هن کي گرمي جي موسم ۾ قلم لڳائبو آهي جنهن جي ڪري لڳندڙ گيدوڙا وڏا ۽ صحت مند ٿيندا آهن، ٻي صورت ۾ وڻ ننڍا سنها ۽

گهٽ ليس دار گيدوڙا جهليندا آهن.

افسوس جو اسان ايتري اهم ۽ قيمتي وڻ جو به گهربل قدر نه ڪيو. جنهن سبب هاڻ هي تمام گهٽو گهٽجي ويو آهي. جيڪڏهن هنن جي اسان هڪ پيرو ٻيهر اڳوڻي عزت بحال ڪندي ۽ ڪيس وڃايل مرتبو موٽائي ڏيون، گهرن ۾ ٻين هنڌن تي ٿوري جاءِ هن لاءِ ڪڍون ۽ پاڻي جا ٻه گلاس هن کي به پياريون. ته هي اسان کي اُن قدرداني ۽ مهماني عيوض مايوس بلڪل ئي ڪونه ڪندو ۽ پنهنجي گهاٽي ڇانو توڙي ڪچي پڪي ميوي سان، هر سال ان جو بدلو اُتاريندو رهندو. جيڪو ميوو اسان وڪٽي ناٽو به ڪمائي سگهون ٿا ته ان مان آچار ناهي، پنهنجي کاڌي کي مزيدار بنائڻ سان گڏ تڙتڪڙ ۾ پاچي جي ڪمي پوري ڪرڻ کان علاوه يڪسانيت جو شڪار پاڇين ۾ ڪجهه نئواڻ به آڻي منهن جو ذائقو به بدلائي سگهون ٿا. ان لاءِ اسان کي ٿوري دل ڪشاده ڪرڻ سان گڏ، ان لاءِ شروع ۾ ننڍي ٻار وانگر ڪجهه گهڙيون ضرور ڪيڍيون پونديون. پر ٻار وڏو ٿي ان پرورش ڪندڙن جي پرگهور لئي نه لئي، پر وڻ وڏو ٿي ڪنهن جو به احسان نه وساريندو ۽ لڳائيندڙ جي يا ان جي پونئرن جي ضرور سار سنڀال لهندو رهندو. اعتبار نه اچي ته هڪ وڻ لڳائي، تجربو ئي ڪٽي ڪري ڏسو!

*(23_01_2017 تي نشر ٿيل پروگرام تان ورتل)*

# پپر

## سُندر آلاپ آلاپيندڙ، حڪمت ۽ مذهبي حوالي سان اهم وڻ

پپر جنهن جا دنيا ۾ 115 کن قسم چيا وڃن ٿا. ان کي اردو ۾ پيپل، انگلش ۾ Pipal ۽ لاطيني ٻولي ۾ Ficus religious سڏبو آهي. جنهن مان ئي هن جي قدامت جو اندازو ۽ اوائلي وقت کان وٺي هن جي مذهبي اهميت جو پتو پوي ٿو. ٻُڌمت جي پيروڪارن مطابق ته مهاتما ٻڌ کي پپر جي وڻ هيٺيان نرواڻ مليو هو ان ڪري وٽن پپر جي تمام گهڻي اهميت آهي ۽ اهي هن کي هڪ ديوتا وانگر پوڄيندا آهن. پپر جنهن جو ذڪر گيتا ۾ به ملي ٿو ان کي هندومت جا پوڄاري صبح جو غسل ڪرڻ بعد پاڻي ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهندا آهن ۽ دُعائون به گهرندا آهن. هندومت جا ماڻهو هن جا ست پن گڏ ڪري ان مٿان ڪهاڙو رکي قسم کڻندا آهن. هندو عورتون هن هيٺيان روزو به کوليندیون آهن. شايد انهن ڳالهين کي ڏسندي ۽ پپر اڳيان ٻين وڻن جي اهميت کي گهٽ ٿيندو ڏسي سنڌ جي نالي واري بزرگ شاعر روهل فقير کان رهيو نه ٿيو ۽ هن چيو ته، "پپر ۾ پرميشور، ٻير ۾ ڪو ٻيو!" روهل فقير جي راءِ پنهنجي جاءِ تي پر ڪجھ اهڙيون ڳالهيون ضرور آهن، جيڪي پپر کي ٻين وڻن کان مٿاهون مقام ڏيارين ٿيون. مثال طور هن جا دل نموني ٺڪندا پن هوا لڳڻ تي پاڻ ۾ اهڙي نموني ٽڪرائيندا آهن جو انهن مان ڏاڍا سهڻا آواز ايندا آهن. اهو ٻين وڻن جي پنن ۾ نٿو ٿئي. ان ڪري به شايد هن جي باري ۾ مشهور آهي



ته هي هڪ معيوب وڻ آهي. پپر جي باري ۾ اهو به مشهور آهي ته هن تي 'سايو' هوندو آهي. ان ڪري ماڻهو هن کان ڊڄندا به آهن ۽ چوندا آهن ته هن ۾ جِن ۽ غيباتون رهن ٿيون ۽ انهن جي هن تي چانو ۽ اثر آهي. هن جي پنن (شايد انهن جي بيهڪ سبب) تي بارش جي پاڻي جا ڦڙا بيهه نه سگهندا آهن. سج جي روشني تي هن جا پن چمڪندي ڏاڍا خوبصورت لڳندا آهن. ڪن جو ته اهو به چوڻ آهي ته هن جا پن بغير هوا جي به لڏندا رهندا آهن. ڪي شاعر وري هن جي لڏندڙ پنن کي محبوب جي ڪنن ۾ پاتل ۽ لڏندڙ ايرينگن سان به تشبيهه ڏيندا آهن. شاعرن جن وڻن کي گهڻو ڳايو آهي، انهن ۾ پپر به شامل آهي. هن جي لوڏندڙ پنن تي شفيع فقير، حليم باغي جو ڪيترو نه خوبصورت ڪلام ڳايو آهي، "هاءِ اسان جو روڳي منڙو، هاءِ اسانجو پاڳل منڙو، واچوڙن ۾ اُلجهي اڏري، جيئن پپر جو چٽيل پنڙو". تمام ڊگهي، بهترين، فرحت بخش ۽ سڪون ڏيندڙ چانو واري هن وڻ جو ميوو ٻير وانگر ڳوڙهين جي شڪل ۾ انجيئر جهڙو ٿئي ٿو. جنهن کي ٻڍن سان گڏ ٻار ۽ پکي به ڏاڍي شوق سان کائيندا آهن. اڪثر ڪري پوسل وارين جاين تي ۽ دريائن جي ڪناري تي پاڻهين پاڻهين پيدا ٿيندڙ توڙي پڪي زمين ۾ به تمام ٿلهي ٿُڙ سان ٿيندڙ پپر ڏسڻ ۾ ڏاڍو سهڻو لڳندو آهي. پپر جي انهيءَ خوبصورتي کي ڏسندي تشبيهه به ڏبي آهي ته "پپر جهڙو سهڻو وڻ". هن جي ڪاٺي آلي هجڻ تي ته ڳري هوندي آهي، پر سُڪڻ بعد صفا هلڪي ٿي ويندي آهي. سياري ۾ پن ڇاڻڻ بعد، بهار ۾ هي به جڻ ته نئوان ويس وڳا پائيندو آهي. هي وڻ حڪمت جي لحاظ کان به اهم آهي. هن جي آلين ڪاٺين مان نڪرندڙ کير /اچو رس ۽ پن ڪيترن ئي حوالن سان اهم آهن. هن جي کير ۾ مصري ملائي ڪمزوري کي دور ڪرڻ لاءِ دوا ناهبي آهي. اتي هن جو ٻج به اهم آهي چوندا آهن ته

جيڪڏهن ڪا عورت هن جو ٻج کائندي ته اها حاملا نه ٿيندي! چوندا آهن ته هن جي ڪاٺي جو ڏندڻ ڏيڻ سان بخار لهي ويندو آهي. هن جي ڪاٺي لاءِ مشهور آهي ته اها ٻُٺي هوندي آهي جنهن کي باهه ڏاڍو تيزي سان ۽ شوق سان پڪڙندي آهي. هن جي پاڙ مان شگر ۽ پٿري جي مرض جون دوائون ٺهنديون آهن. هن جي پنن مان پن جون ٻيڙيون به ٺاهبيون آهن. ٻيو ته ٺهيو پر مشهور آهي ته رڳو هن هيٺيان ويهڻ سان به بيماريون ڪونه ٿينديون آهن! سنڌ جي قديم وڻن مان هڪ وڻ تي جڏهن ڪوئل خوبصورت آلاپ ڪندي آهي ته هن جي اهميت اڃا به وڌي ويندي آهي.

حڪمت ۽ مذهب جي حوالي سان مشهور هن جا پن، پاڙ، ڪاٺيون ۽ ميوو، فولاد، پوٽاشيم، وٽامن اي، بي ۽ سي سان ڀرپور ۽ مالا مال هوندا آهن. پپر لاءِ اهو به ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته BBC جي هڪ رپورٽ مطابق پپر جو هڪ وڻ پاڪستان ۽ انڊيا جي بلڪل سرحد تي، اڌواڌ علائقي ۾ ٿيل آهي. جنهن جي ڇانو صبح جو هڪڙي ملڪ جي ماڻهن کي فرحت بخش هوندي آهي ته شام جو ٻئي دشمن ملڪ جي ماڻهن لاءِ!! ڪاش انسان پپر جي وڻ مان ئي ڪجهه سکي وٺن ته سرحدن واري گرماگرمي ٻنهي طرفن جي ماڻهن لاءِ پپر جي ڇانو وانگر ٺڌي سگهي ٿي! افسوس جو اسان اهڙي اهم ۽ قديم وڻ جو به قدر نه ڪيو ۽ هاڻ هي وڻ به ڪنهن بي سهارا ۽ نڌڻڪي ٻڍي ويل جهوني وانگر پنهنجا آخري پساهه پورا ڪري رهيو آهي.

*(30_01_2017) تي نشر ٿيل هاٽ ايف ايم 105.2 جي پروگرام تان ورتل)*

# ٻڙ

## جنهن هيٺيان ويهي ليلان چنيسر روح رهاڻيون ڪندا هئا

سنڌ جي قديم، قيمتي، ڪارائتن، پر ناياب ٿيندڙ وڻن ۾ ٻڙ به هڪ آهي. ٻڙ جنهن کي اردو ۾ برگد، پنجابي ۾ بوهڙ ۽ انگلش ۾ Banyan سڏبو آهي. هن جي ڇانو ايتري ته گهاٽي هوندي آهي جو ان جي مشابهت ڏيندي چئبو آهي ته، "ٻڙ جهڙو گهاٽو" يا "ٻڙ جي ڇانو جهڙو"! هن وڏي ۽ گهاٽي وڻ جو ٿڙ تمام ٿلهو ۽ پن وڏا ٿين ٿا. جيڪي دل جي نقش جهڙا ۽ اَڪ جي پن سان مشابهت رکندڙ پر ان کان ڪجهه ٿُلها ٿيندا آهن. ٻڙ ڪجهه قدر پپر سان مشابهت رکندڙ آهي. هن جون ٽاريون ايتريون ته پکڙيل هونديون آهن، جو انهي هيٺيان سئو کن ماڻهو آرام سان ويهي سگهن ٿا. ٻڙ گهاٽي هجڻ ڪري نه صرف انسانن لاءِ بلڪ عام حالتن ۾ توڙي برسات، تيز اُس ۽ سياري وغيره ۾ جانورن/چوپائي مال لاءِ به ڇپر ڇانو هوندو آهي. هن جي گهاٽي ۽ وڏي هجڻ ڪري ۽ ان ۾ لِڪ سبب هي پکين لاءِ نه صرف هڪ وڻ بلڪ پوري ڪالوني ۽ ڳوٺ جو درجو رکندڙ به آهي. ان ڪري ٻڙ جڻ ته پکين جو خاص مسڪن ۽ پسنديده وڻ آهي. ٻڙ نه صرف ڇانو جي حوالي سان، بلڪ حڪمت جي حوالي سان به تمام اهم آهي. هن جي چوڏي، پاڙ ۽ ڪاٺي مان نڪرندڙ کير جهڙو رس ڪيترين ئي بيمارين جو علاج به آهن. هن جي ٽارين مان وارن جهڙيون ٽاريون نڪرنديون آهن جن کي هوائي پاڙون سڏبو آهي. اهي لٽڪندڙ



پاڙون ڪجهه قدر هن جي خوبصورتي کي بدصورتي ۾ به بدلائينديون آهن، سي وڏيون ٿينديون ۽ هيٺ لٽڪندي وڃي زمين سان لڳنديون آهن ۽ پوءِ زمين ۾ پورجڻ بعد انهن مان وري نئوان وڻ ڦٽندا آهن. انهن پاڙن مان شربت به سٺو ٺهندو آهي. انهن پاڙن جي ڇيڙن ۾ گوئنچ ڦٽندا آهن، جن مان به دوا ٺاهبي آهي. ٻڙ جي چوٽين ۾ ٻير/انجير جيترا داڻا ٿيندا آهن، تن کي پکي به شوق سان کائيندا آهن ۽ اهي حڪمت جي به ڪم اچن ٿا. ننڍي ٻار کي سَٽ پوڻ جي صورت ۾ ٻڙ جو کير هن جي ٽارون تي لڳائڻ سان فائدو ٿيندو آهي. جيڪڏهن ڪو زخم هجي ته ان تي به اهو لڳائڻ سان جُٽي ويندو آهي. هن جي ڪاٺي بواسير جي مريضن لاءِ به مفيد سمجهبي آهي. اهڙن مريض کي رڳو ٻڙ جي ڪاٺي هٿ ۾ ڪٽي هلڻ سان ئي فائدو ٿي ويندو آهي. ٻڙ جي کير ۾ السي جو تيل ملائي مالش ڪرڻ سان چيلهه جو سور به ختم ٿي ويندو آهي ته موچ ۽ پيرن ۾ فوٽ لاءِ به ڪارائتو آهي. چوندا آهن ته جنهن کوهه يا تلاءُ ۾ ترائي پرسان ٻڙ بيٺل هجي، ان جو پاڻي صحت خاص ڪري شگر جي مريض لاءِ صحت بخش هوندو آهي. هن جون ڪانيون ته ٻارڻ جي ڪم اچن ئي ٿيون، پر انهن مان نڪرندڙ کير جو هڪ ڦڙو پتاشي ۾ وجهي، روزانو نيراني کائڻ سان 'ڪمزوري' ختم ٿيڻ جا به ڏس ملن ٿا. احتلام ۽ قطرن اچڻ وارن مريضن لاءِ هن جو خشڪ ٿيل کير جو هڪ چمچ، عام کير سان ملائي پيئبو آهي. شايد اهڙن فائدن کي ڏسندي ئي مايوسين جي ماريلن هن کي سياڳي ۽ ڀاڳ واري وڻ جو درجو ڏنو آهي. پر کن ماڻهن جو وري اهو به چوڻ آهي ته جيڪو ٻڙ پوکيندو اهو فوت ٿي ويندو. شايد اهڙن وهمن ۽ وسوسن سبب ئي هن کان اڳوڻو اوچ کسجي ويو آهي. سنڌ ۾ هن وڻ جا به قسم ٻڌايا وڃن ٿا ۽ چيو وڃي ٿو ته هي وڻ به شايد هماليائي وادين مان دريائن ۽ ندين

ذريعي سنڌ ۾ پهتو ۽ پکڙيو آهي. هزار سال کن عمر رکندڙ هي وڻ اڄڪلهه ڇڊو پاڊو ئي نظر اچي ٿو. هن وڻ جي اهميت جتي ٻڌ ڌرم وارن لاءِ ان ڪري وڏيڪ آهي جو گوتم ٻڌ تمام گهڻو عرصو هن هيٺيان ويهي تپسيا ڪندو هو، اُتي هن جي اهميت سنڌ جي اڳوڻن عاشقن وٽ بہ گهڻي هوندي هئي. ڇو جو مشهور آهي تہ سنڌ جي مشهور لوڪ داستان جا ڪردار ليلان ۽ چنيسر بہ ٻڙ هيٺيان ويهي روح رهاڻيون ڪندا هئا!

ملڪ ۾ ٻين قديم وڻن جي اهميت تہ هنئن ئي ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهي آهي ۽ اهي تيزي سان وجود وڃائي رهيا آهن، پر جيڪڏهن ويلنٽائن ڊي جي مناسبت سان، جيڪو ڏينهن ملهايو بہ 14 فيبروري تي، يعني بهار جي وٽڪاري جي موسم جي شروعات واري ڏينهن کان هڪ ڏينهن اڳ، ان ڏينهن ۽ موقعي جي مناسبت سان جيڪڏهن ڪي پيرين پيارا پنهنجي روح وارن جي ياد ۾ ۽ انهن لاءِ ٻڙ جو وڻ لڳائڻ جو سلسلو شروع ڪن ۽ ان جو خيال بہ پيارن جي پيار وانگر رکن تہ شايد هي وڻ هڪ ڀيرو وري وڌي سگهي ٿو ۽ وجود وڃائڻ کان بہ بچي سگهي ٿو.

*(06_02_2017 تي هاٽ ايف ايم تي نشر ٿيل پروگرام سنڌ جا وجود وڃائيندڙ وڻ تان ورتل)*

# املتاس

## انسان جي پهرين سُتيءَ وارو وڻ

مختلف قسمن جي وڻن جا مختلف ڪم هجن ٿا ۽ اهي مختلف ڪم هجن ٿا ۽ اهي مختلف حوالن سان اهميت رکن ٿا. ڪن جي ڪاٺي ڪن خاص ڪمن ۾ ڪتب ايندي آهي، ڪن جا پن، ڪن جا ٻج، ڪن جون پاڙون ۽ ڪن جا ميوا. سيئي وڻ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهم آهن. اهڙي طرح جيڪڏهن املتاسlaburnum tree جي اهميت جي ڳالهه ڪبي، ته هي وڻ مقامي طرح عام ماڻهن پاران مختلف مرضن جي علاج ۽ دوا طور استعمال ٿيندڙ وڻن ۾ شايد سڀ کان اهم وڻن مان هڪ هجي. هن وڻ جي پيلن گلن واري هڪ ٻي خاصيت اهڙي آهي، جيڪا هن کي ٻين کان منفرد ۽ ممتاز بنائڻ لاءِ ڪافي آهي. سڳين جي صورت ۾ لٽڪندڙ هن جي پيلن گلن کي عورتون سڳين وانگر ئي وارن ۾ لڳائي، هن جي خوبصورتيءَ ۾ اجا به اضافو ڪنديون آهن. بلڪ جهڙوڪر انهن گلن کي جائز مقام ماڻڻ جو موقعو مهيا ڪنديون آهن. جڏهن سيارو وڃڻ جي پهرين اهجاڻ طور مڃيا ويندڙ اهجاڻ، انب ۽ ڪجي ٻوڪبا آهن ۽ ٻؤر جهليندا آهن. ان وقت املتاس به سهڻا پيلا گل جهلي سياري جي سٽيل ۽ اُداس ماحول کي خوشگوار بڻائي ڇڏيندو آهي. جنهن مان پوءِ ناسي رنگ جون ڦُٽ ٻن جيتريون، انچ ڪن ٿلهيون، لٺ نموني ڦريون ٿينديون آهن. جن کي منيون هجڻ ڪري پنجابي ۾ "ڳُڙ لڪڙي" سڏبو آهي. جن جي اندر



الڳ الڳ خانا هوندا آهن. جيڪي اندر بند ۽ هڪٻئي کان جُدا جُدا هوندا آهن. جن ۾ ناسي ۽ گهري ناسي رنگ جون ٽڪين جهڙو رس يا گودو هوندو آهي، جنهن کي چٽڪٽي پن به سڏبو آهي. اهو ڪيترن ئي مرضن جو علاج آهي. جيڪڏهن ائين ڪٺي چئجي ته اڪثر حالتن ۾ نئين ڄاول ٻار/انسان جو پهريون علاج اڳي املتاس مان ئي ٿيندو هو ته به غلط نه ٿيندو. ان لحاظ کان انسان کي شروعاتي علاج واري سُتي به املتاس مان ئي ڏبي هئي. نئين ڄاول ٻار کي، اڳي نه صرف سُتي ڏيڻ جي وڏي اهميت هوندي هئي، بلڪ پهرين سُتي ڏيڻ واري جي به چونڊ ڪبي هئي ۽ ان جو آڳو پيڇو به ڏسبو هو. خير هاڻ ته ٻار کي گهڻو ڪري نرسون ئي سُتين بجاءِ دوائون ڏين ٿيون ۽ پوءِ بعد ۾ ان جا اثر به ظاهر ٿين ٿا! جتي ٻارن کي مکڻ جو ڏُڪو ڏبو هو اُتي سُتي جون شيون به ٻار ڄمڻ کان اڳ تيار رکبيون هيون. نئوان ڄاول اهڙا ٻار جن جو پيٽ سخت هجي (قبضي هجي) انهن کي املتاس پُسائي پيارڻ سان سندن پيٽ نرم ٿي ويندو آهي. (پيٽان ويهڻ ۽ دستن جي ڪري) ان کان علاوه ننڍن ٻارن جي ڇاتي بند هجي، کين کنگهه هجي يا ساهه جي تڪليف هجي ته ان صورت ۾ به کين املتاس استعمال ڪرائبو آهي. ننڍن ٻارن کي بلغم هجي ۽ بلغم کنگهه ذريعي نه نڪري ته پوءِ املتاس جو ٿورو رس/ٽڪين کي پاڻي ۾ هڪيبرو اُٻار ڏيهي، نيم گرم پاڻي پيارڻ سان بلغم پيٽ ذريعي خارج ٿي ويندو آهي ۽ ٻارن جي ڇاتي صاف ٿي ويندي آهي. ان کان علاوه هن جي ڦرين ۾ موجود گودي/ٽڪين جهڙي رس ۾ مصري ملائي پيئڻ سان پيٽ جو سور ڇڏي ويندو آهي. املتاس جو ٻج فاليج، گلي ۽ پيٽ جي ٻين بيمارين لاءِ به مفيد آهي. هر ڪنهن قسم جي زمين ۾ ٿيندڙ ۽ گهاٽي ڇانو ڏيندڙ املتاس جو وڻ ڪافي وڏو ٿيندو آهي. جنهن ۾ وڏي ماکي واري مک

(پنجاب واري سڏجندڙ ماکي) بہ شوق سان ويهندي آهي. انبن جي پنن سان مشابهت رکندڙ پنن واري هن وڻ جي ڪاٺي سفيد ۽ پوري رنگ جي هجي ٿي، جيڪا سخت ۽ نهري ٿيندي آهي. هن مان نہ صرف انسانن جو بلڪ اُٺن جو بہ علاج ڪبو آهي. هن کي شاعرن بہ ڳايو آهي صادق فقير جو ڳايل ڪلام: "ٿي املتاس تان ڪوڪ ڪوئل ڪري، هو پري آ، پري آ، پري آ، پري!" پلا ڪنهن کان ٿو وسري سگهي.

افسوس جو اهڙو اهم ۽ قيمتي وڻ بہ ڏينهون ڏينهن اڻلڀ ٿيندو وڃي. حالانڪ هي وڻ ڏنو وڃي تہ هر گهر جي ۽ هر انسان جي ضرورت آهي. پر تڪڙو فائدو ڳولهيندڙ ۽ جديد ڪيميائي دوائن جي عادي ٿيل انسان لاءِ شايد هاڻ اڳوڻا علاج ۽ دوائون اهم نہ رهيون آهن. ان ڪري ئي هن ٻين وڻن وانگر املتاس جي اهميت کي وساري، ان جي عزت ڪرڻ ڇڏي ڏني آهي.

ڪاش! اهي انسان يا ان جا پونئر ئي املتاس کي ٻيهر لڳائڻ جي ڪوشش ڪن، جن کي املتاس جي سُتي مليل هئي يا ننڍي هوندي، املتاس جن کي بيمارين کان بچايو هو! اهڙن انسانن تي فرض ٿو عائد ٿئي تہ هو هاڻ وجود وڃائيندڙ هن وڻ جي حياتي بچائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن. هاڻ جڏهن تہ املتاس تي ويٺي ڪوڪ ڪندڙ ڪوئل بہ اهوئي چوندي هجي تہ باقي بچيل املتاس بہ ويو ڪي ويو خدارا هن کي جيترو جلد ٿي سگهي اوترو جلد بچاءِ وٺو!

*(هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ تي 2017_02_20 تي نشر ٿيل پروگرام تان ورتل)*

# ليار

## پٽائي جو ڳايل وڻ جيڪو هاڻ ڳوليو نٿو لڀي!

سنڌ ۾ وجود وڃائيندڙ وڻن جي لسٽ هنئن تہ ڪافي وڏي آهي، پر جيترو تيزي سان گذريل ڪجھ ئي سالن اندر ليار جي وڻ وجود وڃايو آهي، اترو شايد ئي ڪنهن ٻئي وڻ وڃايو هجي. گيدوڙي ۽ ليسوڙيءَ جي نسل سان تعلق رکندڙ پر ليسوڙيءَ کان ڪجھ هي ننڍو وڻ (واضح رهي تہ ليسوڙي وري گيدوڙي کان ڪجھ ننڍي هوندي آهي) انهي جھڙو ئي ڦاروي يا ڄانگڙي ٻير جيڏو ناسي رنگ تي ميوو جهليندو آهي، جنهن ۾ بہ گيدوڙي وانگر رس/ليس هوندي آهي. جيڪو ڪائڻ ۾ نہ ڪٺو ۽ نہ ئي ڪو ايترو مٺو ٿيندو آهي. پر مذيدار هئڻ ڪري ان کي ٻارن ۽ ٻين سان گڏ پکين ۾ وري ڪوئل، بلبل ۽ ڪانگ وغيره شوق سان کائيندا آهن. قدرت پلي ڪٽي هن جو قد گيدوڙيءَ ۽ ليسوڙي کان ننڍو ڪيو آهي، پر ليار کي حڪمت جي لحاظ کان اڳتي رکي، ننڍي قد جي ڪسر ڪڍي ڇڏي آهي. هن جا پن گهوٽي، ڇاٽي پاٽي سان گڏ ڪاري سائي جي مريضن لاءِ ڏاڍا ڪارائتا سمجهبا آهن. انهن ڪُٽيل ۽ ڇاٽيل پنن جي پاٽي جو رنگ ڦڪو فنٽا بوتل جهڙو ٿي بيهندو آهي. ان کان علاوه هن جا پن شگر جي مريضن لاءِ بهترين علاج سمجهيا ويندا آهن. اٺ ڏھ فٽ تائين قد جو ٿيندڙ ليار بهار ۾ ٿيندو آهي ۽ ڊسمبر ۾ ٻين ڪافي وڻن سان گڏ پن ڇاڻي ويندو آهي. هي ٻج ذريعي بہ ٿيندو آهي تہ قلم ذريعي بہ لڳائبو آهي. هن



جي ڪاٺي مضبوط پر هلڪي ٿيندي آهي ۽ ان مان بہ گيدوڙي جي ڪاٺي وانگر مانڌاٽيون ۽ پاڃاريون ٺاهيون ويندون آهن. ان کان علاوه هالا توڙي ٻين هنڌن تي هن مان بهڻ/باهڻ ۽ گيدوڙي جي ڪاٺي وانگر ٻارن جا مختلف قسمن جا رانديڪا بہ ٺاهيا ويندا آهن. ان کان علاوه هن جون ڪاٺيون گهرن جي اڏاوت توڙي لوڙهي ڏيڻ ۽ ٻارڻ ۾ بہ ڪم اچن ٿيون. ريگستان، ميداني علائقن توڙي جابلو علائقن ۾ ٿيندڙ ليار کي ٻين شاعرن کان علاوه شيخ اياز ۽ پٽائي سرڪار بہ ڳايو آهي.

ڪتاب 'راڄ، گهاٽ تي چنڊ' ۾ شيخ اياز جي وائي آهي تہ:

آيو سج مٿان ڪنهن شعلي جيان،
پيرن لال ڦلوڪڙا لال ليارن کان.

۽ پٽائي صاحب چيو تہ:

واهڙ وهين ۾ شال، سُڪي ٻيلاٽيون ٿيئين،
پسان تنهنجي پيٽ ۾ لاٽا، لوت ۽ ليار،
جو تو سپ ڄمار، آسائتيون ٻوڙيون.

هڪ ٻئي هنڌ سر معذوري ۾ شاهہ صاحب، ليار متعلق هن طرح بہ فرمايو آهي تہ:

هي ٻئي هنڌ سُر سهڻي ۾ پٽائي سرڪار ليار کي 'لار' ڪري، هيئين ريت ڳايو آهي:

لَيَا ڏِٺَمِ لَارَ، سَانيَارَا سَاهَڙَ جَا
هِنئِيَون هِتِ نَہ وِندُرَي، ڏَرَاڙَئُون ڏَارَ
مُنهِنجَو مَنُ مَيهَارَ، پَڳَهِيَو پَارَڻَ ڳَرَي

يا پوءِ محمد يوسف پاران تاجل بيوس جو ڳايل ماسٽر پيس ڪلام:

جتي ليار، پپرون پٽن تي پچن ٿا،
اُتان منهنجا مارون، معيارون مُڪن ٿا.

يا پوءِ هي ڪلام ته : لال ليار پٽيندا سين.

افسوس جو سهڻو مقامي ۽ لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان توڙي پٽائي صاحب جو ڳايل هي وڻ هاڻ ته ڏسڻ ڪان به مهانگو ٿي ويو آهي ۽ ان کي ڏسڻ لاءِ به پڇائون ڪندي، پنڌ ڪرڻا ٿا پون. پيو ڪجهه نه ته، اسان جا مطعلقه ادارا هن ڳالهه جو ئي ڪٿي خيال ڪندي ليار کي بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ ڪوششون ڪن ۽ ايترو ئي ڪٿي بچائين جو سياڻي پٽائي کي پڙهندڙن ۽ پڙهائيندڙن کي ته ليار ڏسڻ لاءِ ملي سگهي!

*(27_02_2017 تي هاٿ ايف ايم سانگهڙ تي نشر ٿيل پروگرام تان ورتل)*

# ٻائر

## ڏڪار ۾ حڪمت جي حوالي سان اهم وڻ

ٻوڙي نما وڻن ۾ ٻائر به هڪ وڻ آهي. جنهن کي جيڪڏهن ديوي جو هڪ قسم چئجي ته به غلط نه ٿيندو. پر ديوي ته اڄڪلهه هتي جي آبهوا ۾ پاڻ کي ايڊجيسٽ ڪري وڻ جو به ڏيک ڏيڻ لڳي آهي ۽ ان جي ڪائي ڪافي ٿلهي ٿي ويندي آهي. پر ديوي مان ڪاٺين ۽ ڪنهن حد تائين ساوڪ کان سواءِ ٻيو ڪو به خاص فائدو ڪونهين, بلڪه ان کي ڪائڻ سان چوپائي مال کي ڪافي نقصان به ٿئي ٿو. جڏهن ته ٻائر ڪيترن ئي حوالن سان تمام ڪارائتو ۽ قيمتي وڻ آهي. ديوي هر جڳهه تي ٿيو پوي, پر هي ٿر جو وڻ آهي.بظاهر ٻير جهڙو پر ميندي وانگر ٻوڙي جي شڪل ۾ ۽ سنهين پر سڌين ڪاٺين جهڙي ٻائر مان گهر جي پڃر, ڍڳن جو پاٽڻو (هڪلڻ لاءِ) لڪڻ, ٻارڻ ۽ ڪوئلي ٺاهڻ وغيره جي ڪم ايندو آهي. ان کان علاوه بند يا گهاري ٻڌڻ لاءِ به ٻائر ڪم ايندو آهي. چو جو انهيءَ ڪائي کي سُرو ناهي لڳندو نه اها پاڻي ۾ ڳرندي آهي. هن جي ڪائي ٿلهي ناهي ٿيندي ۽ ٽاڪڙ بجاءِ ڏاڍي ۽ مضبوط هوندي به جيڏانهن وراڻبي آهي ته اوڏانهن ورندي آهي. ٻائر جي ڪائي موهارن جي ڪاٺين, ننڍن ٻارن جي پينگهن, ڪير ولوڻ جي مانڌاڻين ڪانسواءِ جهيرڻو ٺاهڻ لاءِ به ڪم ايندي آهي. هي انبن سان گڏ ٻور جهليندو آهي, جيڪو پيلي رنگ تي ۽ خوشبودار هوندو آهي. هن جا پن ۽ چوڙا وغيره سيئي حڪمت جي حوالي سان اهم آهن.



جڏهن ڪنبدي سگر جهلي, پيرون پچن ته ان وقت ٻائر کونئر جهليندو آهي, جنهن جو سنڌن جي سور, چيلهه جي سور ۽ مرداني قوت لاءِ ڏِڪ ڏبو آهي. ان کان علاوه هن مان بواسير جو به علاج ڪبو آهي ته هي وائي جي سور ۾ به ڪم اچي ٿو. ٻائر جا پن ٻير جي پنن جهڙا ٿين ٿا, جن کي ٻڪري, رڍ, هرڻ, سهو ۽ ڦاڙهو به کائين ٿا. ٻائر ۾ ٻير وانگر پلڙا به ٿين ٿا. ٻائر جو پلڙو تيار ٿيڻ جو مطلب آرهڙ شروع ٿيڻ هوندو آهي. ٻارن جا پاسا لڳڻ تي ٻائر جا ڪنڊا, پيڻ جي ڏوڏي سان گڏي, پاڻي ۾ ڪاڙهي, علاج طور ٻارن کي پيارڻا آهن. ٻائر ۾ ڪنڊا هجڻ ڪري ڳيرو ۽ هڙيو هن ۾ آکيرا به ٺاهيندا آهن. سها ڦاسائڻ لاءِ هن جي ڪائي مان 'ڦڙتي' ٺهندي آهي, جنهن سان جتي ان ۾ سهو ڦاسي پوي ٿو اتي ڦاٿل سهي کي گدڙ وغيره کائي به نٿو سگهي. ٻائر مَڪيءَ جي ماٺهن لاءِ تمام گهڻو ڪارائتو ۽ اهم وڻ هو جنهن کي جتي وڌندڙ آبادي جي ڪري نقصان پهتو آهي ۽ اهو گهڻو گهٽيو آهي, اتي چوٽياري ڊيم جي ڪري وڏيل سم سبب به هن کي وڏو نقصان پهتو آهي. هي ڏڪر ۾ به سائو رهندو آهي ۽ ڏڪر ۾ سائو رهڻ جڻ ته ٻين کي اڳواٽ ايندڙ ڏکين ڏينهن کي مڙسيءَ سان منهن ڏيڻ جو ڏس ڏيندو آهي. هن جو سانوڻ کان اڳ وڏيڪ سائو هجڻ ڪنبدي ۽ وانگر ڏڪار جي نشاني سمجهبو آهي.

*(27_03_2017 تي هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام وجود وڃائيندڙ وڻ تان ورتل)*

# سوانجڙو

## غذايت ۽ حڪمت جي حوالي سان ڪرشماتي وڻ

گھڻو ڪري وڻن جي اڪثريت جي اهميت ڪاٺي سبب هوندي آهي، پر سوانجڙو جي اهميت ڪاٺي بجاءِ هن جي پاڙ پنن، گلن، ڇانو، ڪانئور ۽ ڦرين جي حڪمت جي حوالي سان اهميت آهي. سوانجڙو کي انگلش ۾ Moringa Oliefara ۽ پنجابي ۾ سُهانجڻانسڏبو آهي، سو سڄي جو سڄو حڪمت جي حوالي سان تمام اهم وڻ آهي. سفيدي مائل خاڪي / بادامي رنگ واري ڪاٺي/ٿڙ واري هن وڻ جي نرم ڪاٺي، ڇون ٿا ته صفا پاڙي ۽ ڪنهن به ڪم جي ناهي هوندي. اها سُڪڻ ۾ ٽائيم وٺيو ڇڏي، ان ڪري اها فوري طور ٻارڻ جي ڪم جي به پوري ساري ئي هجي ٿي. پر هن جي ٻين حصن جي ايتري ته اهميت آهي، جو اهي هن جي ڪاٺين وارين ڪمي کي پورو ڪريو ڇڏي انساني توڙي حيواني (چوپائي مال) ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ ڏڪار کي منهن ڏيڻ لاءِ هن کان وڌيڪ شايد ئي ڪو ٻيو وڻ هجي. هونئن چيو ويندو آهي ته جيڪڏهن ٿر ۾ چار وڻ جن ۾ ڪنڊي، ڪرڙ ڪٻڙ ۽ سوانجڙو شامل آهن، سي وڌيڪ هجن ته ڏڪار جي ڏکين ڏينهن کي آساني سان منهن ڏئي سگهجي ٿو. خوراڪ توڙي حڪمت جي لحاظ کان سوانجڙي جي سڄي دنيا ۾ اهميت کي تسليم ڪيو وڃي ٿو ۽ ان جي وجود کي بچائڻ ۽ وڌائڻ کان وٺي، ان تي مختلف حوالن سان تحقيق پڻ ٿي رهي آهي. سوانجڙي جون تعريفون



ڪندي نه ٿڪجندڙ سانگھڙ جي ڊاڪٽر منور راجپوت جي بقول ته فيصل آباد جي ايگريڪلچرل يونيورسٽي جي پروفيسر شهزاد بسرا صاحب ته "مورنگا فار لائيف" نالي تنظيم به جوڙي آهي ۽ ان ڏس ۾ ڪافي تحقيق به ڪئي آهي. ان تحقيق جي مطابق تمام قيمتي سوانجڙي جي وڻ ۾ ڪيلشيم جو مقدار کير کان 07 ڀيرا وڌيڪ، ميگنيشيم جو مقدار بيدي کان 36 ڀيرا وڌيڪ، پوٽاشيم جو مقدار ڪيلي جي مقابلي ۾ 04 ڀيرا وڌيڪ، فولاد جو مقدار پالڪ کان 12/11 دفعا وڌيڪ، پروٽين کير/ڏهي کان 02 ڀيرا گھڻو، وٽامن A گجرن کان 04 گنا وڌيڪ ۽ وٽامن C نارنگين کان 07 ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي. ان کان علاوه هي وڻ خوراڪ ذريعي جسم ۾ داخل ٿيندڙ مختلف قسمن جي 46 زهريلن مادن کي خارج ڪرڻ جو باعث به بڻبو آهي. ان مختصر احوال مان، غذائي اعتبار کان سوانجڙي جي ڪرشماتي اهميت جو اندازو ڪري سگھجي ٿو. قلم توڙي ٻج ذريعي ۽ هر قسم جي زمين ۾ ٿيندڙ سوانجڙو ڪيترين ئي بيمارين جو سستو ۽ سولو علاج به آهي. طاقت ڏيندڙ هن وڻ جي پنن مان وڌيڪ ٿڪاوٽ محسوس ڪندڙن جو علاج به ٿي سگھي ٿو. جنهن لاءِ هن جي پنن کي سڪائي، انهن کي ڪُٽي، ڦڪي طور ٻه ٻه چمچ صبح شام وٺڻ سان ڪين فائدو ٿي سگھي ٿو. ان کان علاوه بلڊ پريشر، هيپاٽائيٽس ۽ ڪينسر جو علاج به هن مان ڪبو آهي. جنهن ماءُ جو کير نه لهي ته هن جي پنن جي ماني پچائي کائڻ سان تمام گھڻو فائدو ٿيندو آهي. سانگھڙ جي سينئر حڪيم ٻانهي خان چانڊيي جي بقول ته ڪو پراڻو زخم نه ڇٽي ته هن جا پن گھوٽي، مکڻ سان ملائي، لڳائڻ سان زخم ڇٽي ويندو آهي. ڪنهن به قسم جي بادي، پيٽ ۾ سور ۽ گڙ ٻڙ جي صورت ۾ سوانجڙي ۽ نم جا پن هم وزن مصري ۾ ملائي، ڦڪي کائڻ سان فائدو ٿيندو آهي. هن جو

ڳاڙهي رنگ جو ڪانئور عورتن ۾ لڪوريا ۽ نوجوان ڇوڪرن ۾ جريان جي بيماري ۾ ڪتب آڻبو آهي. جريان ۾ سال کن جي ٻوٽي کي پاڙن پٽي هن جي گجرن ۽ مورين جهڙين پاڙن کي سُڪائي، گهوٽي، کير سان ڦڪي ڏبي آهي. ان کان علاوه هن سان گوڏن ۽ پنن جي سور جو بہ علاج ڪبو آهي. سوانجڙي جي ڪانئور جي، پاڻي سان ڦڪي وٺڻ سان پراڻو جُلاب بہ ٺيڪ ٿي سگهي ٿو. علاج کان سواءِ سوانجڙو غذايت سان بہ ڀرپور آهي. هن ۾ ٿيندڙ اڇي رنگ جا گل ڀاڄي طور بہ استعمال ٿيندا آهن تہ هن جي ڪچين ڦرين مان ٻج ڪڍي ڏاڍي لذيذ ڀاڄي بہ ٺهندي آهي، جيڪا مغز ۽ ڪنيين جو ذائقو ڏيندڙ هوندي آهي. هن ۾ جيڪڏهن قيمو ملائيناهجي تہ اها اچا بہ وڌيڪ لذيذ ٿيندي آهي. هن جون ڦريون املتاس جهڙيون ۽ سنگرين جي نموني تمام گهٽيون ۽ ڇهگن جي شڪل ۾ هونديون آهن. جيڪي ڪجهہ ڪڙيون هونديون آهن. انهن کي ڀاڄي طور استعمال کان اڳ ڪڙاڻ ختم ڪرڻ لاءِ ڪريلي وانگر لوڻ يا لسي مان ڌوئي، ڪڙاڻ ختم/گهٽ ڪبي آهي. انهن ڦرين ۽ پاڙن جو آچار بہ ٺاهبو آهي. هن جا ٻج ڪنهن ڪپڙي ۾ ٻڌي، پاڻي جي ٽانڪي/ نادي ۾ وجهي ڇڏڻ سان اهي ڦٽڪي جو ڪم ڏيندا آهن ۽ پاڻي کي قدرتي طرح صاف ڪرڻ جو باعث بڻبا آهن. هن جا پن سرنهن نموني ٿيندا آهن. پر سرنهن جي پنن جي ڏانڊي هن کان ڪجهہ وڌيڪ وڏي ٿيندي آهي ۽ ان ۾ پن بہ وڌيڪ ٿيندا آهن. هن جا پن چٻاڙڻ سان زبان تي ڪجهہ تيزابيت جو ذائقو محسوس ٿيندو آهي. سوانجڙي جا پن، گل ۽ ڪچيون ڪانيون ٻڪريون ۽ رڍون بہ شوق سان کائينديون آهن. پوري پني قد ۾ سني ڇانو ڏيندڙ هن وڻ کي جيڪڏهن عام ڪجي ۽ خاص ڪري ٿر ۾ ڪاڇي وغيره ۾ وڏي پئماني تي لڳائڻ جو بندوبست ڪجي ۽ هن جي مناسب مارڪيٽنگ ڪرائجي



تہ هي ماڻهن ۾ مال جي غذايت جي ڪمي کي پوري ڪرڻ سان گڏ، انهن جي آمدني جو بہ بهترين ذريعو بڻجي سگهي ٿو.

افسوس اهو آهي جو ايتري ڪارآمد ۽ اهم وڻ جو بہ اسان وٽ ڪو قدر ناهي ۽ نہ ئي عام لوڪ ۽ هاڻوڪي نسل کي ان جي ايتري غذائي ۽ حڪمت جي حوالي سان اهميت جي ئي خبر آهي. جيڪڏهن هي وڻ ٿر ۾ عام ڪجي تہ هي اُتي غذايت جي ڪمي کي تمام بهتر انداز ۾ پوري ڪرڻ سان گڏ ماءُ ۽ ٻار جي صحت جي لاءِ بہ بهترين ٿي سگهي ٿو. ڪاش ٿر جي ڏڪار تي قابو پائڻ جا جتن ڪندڙ ۽ ان تي افسوس جو اظهار ڪندڙ ٿر ۾ ڪجهہ سوانجڙي کي لڳائڻ جي حوالي سان بہ ڪمن ڪن ۽ ان جي طرف بہ ڪجهہ ڌيان ڏين تہ ٿر جي ڏڪار جو هڪ ممڪن سوانجڙو بہ ٿي سگهي ٿو.

*(2017_04_17 تي هاٽ ايف ايم سانگهڙ جي نشر ٿيل پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# ٻير

## برداشت ۽ صبر جو اهڃاڻ وڻ

وڻ ۽ خاص ڪري ميوي دار وڻ تہ ٻيا بہ ڪيترائي آهن، پر ٻير جي ڳالهہ ئي نرالي آهي! ميوي دار وڻ هجي ۽ ٻار ڪان وٽي ٻڍي تائين جي پرتشدد ڪاروائين جو نشانو نہ بڻجي تہ اها ڳالهہ اڻ ٿيڻي آهي. پر انهن سڀني ۾ جيترو نشانو ٻير جو وڻ بڻجي ٿو، اوترو ڪو ٻيو وڻ نٿو بڻجي. ان ڪري ئي ٻير کي برداشت ۽ صبر جو اهڃاڻ وڻ بہ چيو ويندو آهي.

مختلف وڻن جي ڪانہ ڪا شيءَ ضرور ڪنهن نہ ڪنهن ڪم جي ۽ اهميت واري هوندي آهي، پر ٻير جو وڻ ٿڙ جي ڪاٺي ڪان وٺي پنن تائين، ميوي ڪان ويندي خالي ٽارين تائين، سڀ ڪجه انتهائي ڪارائتو هوندو آهي. هن جي ڪاٺي ڪافي مضبوط هجڻ سان گڏ هلڪي بہ هجي ٿي. تنهن ڪري ان مان ڍڳن جون پاچاريون، اُٺن جا پاکڙا، گهوڙن جا هنا ۽ ڪٽون (خاص ڪري پاڳا) ٺاهيا وڃن ٿا. ان ڪان علاوه ٻير جي ڪاٺي مان در دريون بہ سٺيون ٺهن ٿيون. ٻير جي پنن جي بہ پنهنجي هڪ الڳ اهميت آهي. جڏهن ڪنهن کي اک تي ' آنڙي' نڪرندي آهي، تہ ٻير جا ست پن پٽي، سج ڏانهن منهن ڪري، اک تي گهوري/لڳائي، ٻير جي ڪنڍي ۾ ٽُنببا آهن، تہ آنڙي پنن جي سُڪڻ سان گڏ سڪي ويندي آهي! انهيءَ عمل دوران هر پن کي، اک تي گهورڻ يا هلڪو رڳڙڻ مهل ڪي ماڻهو اهو بہ چوندا هئا تہ، "آنڙي مونکي ڇڏي، فلاڻي کي (ڪنهن جو بہ



نالو ڪٽي) وٺ/لڳ". اهو گهوريل ۽ ڪنڍي ۾ ٽنبيل پنن کي ڪي ماڻهو وڻ ۾ تہ ڪي وري گهر جي ان در/لنگهہ مٿان ٽُنبي/لڳائي ڇڏيندا آهن، جتان آنڙي واري جو وڌيڪ گذر ٿيندو هجي. جڏهن مسلمان ميت کي تڙ ڏيندا آهن تہ ان پاڻي ۾ بہ ٻير جا پن وجهبا آهن. جنهن لاءِ حديث جو حوالو بہ ڏنو ويندو آهي ۽ چيو ويندو آهي تہ ٻير جون پنن واريون ٽاريون پاڻي ۾ ڪاڙهي، اهو پاڻي تڙ واري پاڻي ۾ مڪس ڪري، پوءِ تڙ ڏبو آهي. جنهن جو مقصد شايد پاڻي کي جراثيم وغيره ڪان پاڪ ڪرڻ ٿي سگهي ٿو! جڏهن تہ ڪي ماڻهو اهي پن تڙ واري هنڌ ئي ڇڏي ڏيندا آهن ۽ انهن جي سُڪڻ تائين، صوم صلوات پڙهي ويندي آهي. اهو عمل ماڻهن جو پنهنجو اختيار ڪيل آهي جڏهن مذهبي لحاظ سان ان جي ڪابہ اهميت نٿي ٻڌائي وڃي. ان ڪان علاوه ٻير جا پن، چوپائي مال خاص ڪري ٻڪرين جي بهترين خوراڪ هجڻ سان گڏ شگر جو علاج بہ آهن. ان ڪان علاوه ٻير جا پن سڪائي، زخم مٿان ٻڌڻ سان زخم ڇُٽي ويندو آهي. ڳن ۾ سور هجڻ جي صورت ۾، پن گهوٽي، تيل ۾ وجهي لڳائڻ سان فائدو ٿيندو آهي. عورتون پنن کي ڪُٽي مٿي ۾ بہ وجهنديون آهن، جنهن سان وار ڊگها ۽ گهاٽا ٿين ٿا. اڄڪلهہ خبر ناهي ڪهڙا ڪهڙا شيمپو مارڪيٽ ۾ موجود آهن، ڪاش ڪو ٻير جي پنن وارو شيمپو بہ مارڪيٽ ۾ آڻي، ٻير جو مان وڌائي تہ، ٻير ان جو زندگي ڀر شڪرگذار رهندو.

پنن ڪان علاوه ٻير جو ڪنور چيلهہ وغيره جي سور لاءِ مفيد چيو ويندو آهي. ٻير ۾ ويٺل ماکيءَ ۾ بہ رس وڌيڪ هوندو آهي. ان ڪان علاوه ٻير جي لاک بہ ڪافي اهم آهي. ٻير جي ميوي کي بہ ٻير ئي سڏبو آهي، جيڪو ڪائن ۾ ڏاڍو لذيذ ٿئي ٿو. مارو ماڻهو ٻير سڪائي بہ رکندا آهن. ڏُت طور استعمال ٿيندڙ اهي سڪل ٻير سڄو سال ڊراءِ فروٽ طور بہ پيا

استعمال ڪندا آهن. انهن سُڪل ٻيرن کي ’ڪوڪلا‘ سڏبو آهي. اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ جنهن لٺ/ڪاٺي سان ٻير ڇاڻبا آهن، ان کي ’ڇاپُر‘ سڏبو آهي. جڏهن تہ ٻير کي پٽر/پتر هٽي، ٻير پٽڻ/لاهڻ کان علاوه ٻير جي ٽڙ کي زور سان لوڏي/ڏوٽي بہ ٻير ڇاڻبا آهن. ٻير نالي سان جتي هڪ ’ديهہ‘ بہ آهي تہ اتي سنڌ ۾ ٻير شريف وارا بزرگ بہ مشهور آهن.

ٻير جا ٻيا فائده تہ آهن ئي آهن، پر هن جون سڪل ٽاريون بہ تمام گهٽي ڪم جون آهن. ٻهراڙي ماحول ۾ لوڙهي جي تمام وڏي اهميت هجي ٿي. اهو لوڙهو جتي چور چڪار پاران گهر ۾ گهڙڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿو اُتي گهر جي ڍور ڍڳي کي بہ گهر مان ٻاهر نڪرڻ کان روڪي ٿو. لوڙهي لاءِ ٻير جا ڍينگهر تمام گهڻا ڪندا هجڻ ڪري، بهترين سمجهبا آهن. ٻير جي وڻ ۾ قلم لڳائي، مختلف جنسون بہ ٺاهيبيون آهن. خاص ڪري صوفي ٻير قلم لڳائي ئي تيار ڪبا آهن.

جانڳري ٻير:ٻير جا ڪيترائي قسم هجن ٿا. جن ۾ آهو ٻير، آهڻ ٻير (جنهن جو ٽُڙ ٿلهو ٿيندو آهي) صوفي ٻير، مڪائي ٻير، جهنگلي ٻير ۽ ڪامڻ ٻير وغيره شامل آهن. پر انهن ۾ جانڳري ٻير ٿر ۽ جابلو علائقن جو هجڻ ڪري وڌيڪ مشهور آهي. جانڳري ٻير جو قد نسبتاً ننڍو يعني بہ کان وٺي ڇهہ ست فُٽ تائين هجي ٿو ۽ هي وڻ گهٽو ڪري ٻوڙي جي شڪل ۾ هوندو آهي. جيئن تہ جابلو علائقي ۾، جبل کي ’ڇپر‘ بہ سڏبو آهي، ان ڪري جانڳري ٻير کي ڪوهستاني علائقي ۾ ’ڇاپرو ٻير‘ بہ چئبو آهي. جانڳري ٻير ايتري تہ گهاٽي ۽ ڪنڊي دار هوندي آهي، جو ان مان نانگ بہ آساني سان ناهي لنگهي سگهندو. ان ڪري جانڳري ٻير جو لوڙهو ٻئي ٻير جي مقابلي ۾ اجا بہ وڌيڪ سنو ۽ گهاٽو ٿيندو آهي. سنڌي ٻير جا ڪنڊا سڌا جڏهن تہ جانڳري ٻير جا ڪنڊا، ڪُنڊي دار ٿيندا آهن. سنڌي ٻير جو قد، ميوو ۽ پن وڏا، جڏهن تہ جانڳري ٻير جو قد، پن ۽ ميوو ننڍو ٿيندو آهي. جانڳري ٻير هونئن تہ سائي رهندي آهي، پر ڏڪار جي



ڏينهن ۾ هي بہ سڪي ويندي آهي ۽ پن ڇاڻي ڇڏيندي آهي. جانڳري ٻير بہ حڪمت جي حوالي سان اهم آهي. هن جي ڪل لاهي، پاڻي ۾ ڪاڙهي، صبح جو نيراڻي بہ چمچا پيئڻ سان دَم جي مريضن کي فائدو ٿيندو آهي.

ٻير جي حوالي سان سنڌي ٻولي ۾ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ پهاڪا بہ موجود آهن تہ ان جو ذڪر شاعري ۽ خاص ڪري لوڪ شاعري ۾ بہ ملي ٿو. مثال طور:

گاڳان ٻير ڪرڻ. پڪي ٻير ۾ پتر هٽڻ. پري ٻير هيٺيان ٻُڪ مرڻ وغيره. اهڙي طرح مائي ڀاڳي ۽ مراد فقير پاران ڳايل مشهور لوڪ گيت “اي چرمي رو بلالي سان پيار” ۾ بہ ٻير جو ذڪر ڏاڍي مزيدار انداز ۾ ٿيل آهي. يا پوءِ “ منهنجو جنڊالڙو ڏي تہ ڪٽي وڃان” لوڪ گيت ۾ “ٻير ڪاڏم پيٽ ۾، تنهن جو شاهد ڪير”. جهڙا ڪيترائي ڪلام ٻير مطعلق موجود آهن.

ٻين ڪجهہ وڻن وانگر ٻير جي ايترن خاصيتن ۽ خصوصيتن باوجود هن جي باري ۾ بہ ڪيترائي وهم وسوسا موجود آهن. ٻير جو وڻ اڪثر ڪري ماڻهو گهر ۾ يا خاص ڪري گهر جي در تي ڪونہ لڳائيندا آهن. جنهن لاءِ ڪيتريون ئي چوڻيون ۽ جواز ٻڌايا وڃن ٿا. جيئن چئبو آهي تہ جنهن گهر ۾ ٻير هوندي، ان ۾ پتر تہ ايندا! اهو بہ چئبو آهي تہ جنهن جي در ۽ گهر ۾ ٻير هوندي، ان جو پٽڪو ضرور لهندو. ڀاڳيا ٻير جو ڪلو وٿاڻ ۾ ناهن لڳائيندا نہ ئي ٻير جي ڪاٺي گهر ۾ استعمال ڪندا آهن! اهي ڳالهيون پنهنجي جاءِ تي پر ٻير جي اهميت پوءِ بہ موجود آهي ۽ هاڻ ٻير غريبن جي يا ٻهراڙي زندگي جي فروٽ يا ميوي کان وڌيڪ زرعي معيشت جو اهم حصو بڻجي چڪو آهي. ۽ ان کي وڪڻي ناڻو ڪمايو وڃي ٿو.

*(24_04_2017 تي نشر ٿيل هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# ڪونيٽ

## ٿر جو تمام ڪارائتو ۽ قيمتي وڻ

ٿر جي ناياب ٿيندڙ قيمتي ۽ تمام اهم وڻن ۾ ڪونيٽ جو به ڪو ثاني ناهي. ٿر ۾ هن کي ڪنڊيءَ کان پوءِ ٻئي نمبر تي اهم سمجهبو آهي. اڇاڻ مائل پوري رنگ جي هن ڪاٺي واري وڻ جي شڪل شبيهہ ڪافي حد تائين سرنهن سان ملندڙ جلندڙ هجڻ ڪري، ڪي ماڻهو هن کي ٿر جو سرنهن به سمجهندا آهن. هن جو ٿڙ ۽ ڪاٺيون ٿيڙيون ميڙيون هجڻ سبب اهي عام اڏاوت ۽ ٻئي استعمال ۾ گهٽ، پر لانڍين ۽ چؤنرن ۾ ڪائن طور ضرور استعمال ٿين ٿيون. ان کان علاوه هن جي پاڙ جي ڪاٺي نرم، مضبوط ۽ پڪي هجڻ ڪري، هن مان کير ولوڙڻ وارا جهيرٽا يا جهڳيا به ٺاهبا آهن. ان کان سواءِ هن جي ڪاٺي ٺاڏل گهوٽڻ جي ڏنڊي لاءِ به بهترين سمجهبي آهي. ان ڪري هي وڻ موالين ۾ مقبول هجي نہ هجي، پر هن جو ڏنڊو انهن ۾ ضرور مقبول آهي.

هن ۾ جيتوڻيڪ پن گهٽ ٿين ٿا، پر اهي رڍ ٻڪري جي خوراڪ کان علاوه اُٺ جو نہ صرف بهترين چارو آهي، بلڪہ اُٺ هن کي شوق سان کائيندا آهن. هي وڻ اڪثر ڪري پٽن جي چوٽين تي ٿين ٿا. سج واري چٽي/ڏُپ چٽي وانگر نظر ايندڙ هي وڻ پري کان بہ ڏاڍو خوبصورت ۽ نمايان نظر ايندو آهي. ڪوينٽ جو ڪانور ڏاڍو قيمتي ۽ حڪمت جي لحاظ کان ڪم وارو آهي، جيڪو ڪيترين ئي بيمارين جي علاج طور



ڪم اچڻ سبب مارڪيٽ ۾ وڏي اگهہ تي وڪامندو آهي. ٿر جا ماڻهو ۽ خاص ڪري ويشنو (گوشت نہ کائيندڙ) هن مان ڏاڍي لذيذ مٺائي ٺاهيندا آهن.

مسلسل ٻارڻ جي استعمال ۾ اچڻ سبب ڪونيٽ جي تعداد ۾ ڪافي ڪمي اچي چڪي آهي. ٿر جو هي وڻ ٿر جي ڪن علائقن/پاڳن ۾ گهٽ تہ ڪن ۾ وڌيڪ تعداد ۾ ملندو آهي. مثال طور ٻين علائقن جي پيٽ ۾ هي ننگرپارڪر جي اُتر ۾ هن جو ججهو تعداد ملي ٿو.

ڪاش ٿر ۽ ڪوهستان جهڙن علائقن ۾ ڪونيٽ کي وڌڻ ويجهڻ جا جيڪر وڌيڪ موقعا مهيا ڪيا وڃن تہ هي وڻ ان جو بدلو انسانن ۽ ان جي چوپائي مال جي مختلف حوالن سان خدمت ڪري، ضرور لاهيندو ۽ انهن جي وڏي ڪم ايندو. پر ڏکي نظر کان محروم ٿي ويل هاڻوڪي دور جي انسان جي، هن جي ڊگهي مدت واري فائدن ڏانهن نظر ئي نٿي وڃي ۽ هو مختصر مدت جي فائدي عيوض، هن کي ڌرتيءَ تان گم ڪرڻ ۽ هن جو وجود وڃائڻ کان وسان نہ پيو گهٽائي. جنهن غلطي جو کيس تمام جلد احساس ٿيڻ وارو آهي ۽ ان وقت انسان وٽ هٿ مهٽڻ کانسواءِ شايد ٻيو ڪجهہ بہ نہ بچي!!

جيئن تہ مختلف علائقن ۾ مختلف وڻن ۽ انهن جي مختلف حصن يا شين جو مختلف استعمال ٿئي ٿو ائين ٿر ۾ ڪونيٽ جي حوالي سان بہ ٿئي ٿو. ڪونيٽ جي حوالي سان 27 ڊسمبر 2017 واري ڪاوش مڊ ويڪ ميگزين ۾ حاجي محمد ڪنڀر صاحب لکي ٿو تہ "ڪونيٽ جو وڻ ڪٿي قد جو ننڍو بہ ٿئي، نہ تہ اڪثر ڪري 15 فُٽ کان بہ وڏو ٿيندو آهي. وڻ ۾ پلڙا سيپٽمبر جي وچ ڌاري لڳڻ شروع ٿيندا آهن، جن کي ٿر ۾ پچڙا چوندا آهن. انهن ڦرين ۾ ڪٿي بہ ڏٺا، نہ تہ گهڻو ڪري ٽي ڏاٽا لڳندا

آهن. انهن پلڙن کي ٻور لڳڻ کان وٺي، پچڻ تائين ساڍا ٽي يا چار مهينا لڳندا آهن. انهيءَ ٻوٽي کي وڻ ٿيڻ ۾ 20 سال به لڳي ويندا آهن ۽ ان جي پڪي ڪاٺي، جيڪا وڻ جي گرمائش تي اندر پچي ڪارو روپ اختيار ڪندي آهي، جنهن کي ڪِرسي چوندا آهن. انهيءَ وڻ جي ڪاٺي ٽر ۾ جتي ٻارڻ جو ڪم ڏي ٿي، اُتي انهي وڻ جي پاڙ مان ڪولهي لوڪ مهي ولوڙڻ لاءِ ’جهيرٽا‘ به ٺاهيندا آهن. ڦڪڻ مهيني (فيبروري ۽ مارچ) ڌاري جڏهن موسم تبديل ٿيندي آهي ته ٽر سڄي تي نئوان واهوندا واءُ ورهندي ماڪ آٽيندا آهن، تڏهن انهيءَ وڻ مان سونهري رنگ جو ڪنئور ڦٽي پوندو آهي جيڪو شاهه لطيف ڏسي سُر مارئي جي داستان ستين جي، بيت پهرين ۾ چيو آهي ته:

پنوَهارَنِ پاٻوهِيو، وَرِيا واهُندا،
سارِيَمِ سيڻَ سَيّدُ چئي، گاڏيلِيُون گُندا،
پِٽُن پِرِ هُندا، پُنگا پَڙَ پَتارَ جا

اهو گوندا، گُوند يا ڪونئر ڦڳڻ واري موسم ۾ مارو ماڻهن لاءِ معاشي ڏِي طور به ڪم ايندو آهي. اهو وڻ پاڪستان ڪانسواءِ هندستان جي واريا سي پٽن ۾ تمام گهڻو ٿئي ٿو. انهيءَ وڻ کي انگريزي ۾ ACACIA SENEGAL چون ٿا. اهو جهنگلي وڻ مهراڻي ڪس واري علائقي، ڏيپلي تعلقي کان سواءِ وٿَ واري پٽيءَ ۾ گهڻو انڪري به ٿئي ٿو جو ماحولياتي حوالي سان اهي علائقا، انهي وڻ لاءِ سُٺا ڀَٽيا وڃن ٿا. انهن حصن ۾ ڪونيٽ جتي گهڻو ٿئي ٿو اُتي انهيءَ ۾ لڳل پلڙا مارون ماڻهن جو مال به چاهه سان کائيندو آهي. جن پلڙن کي ڏنار ڪونيٽ جي اونچين ٽارين ۾ “آڪوڙو/ڏانتري سان ڇاڻي رڍن ۽ ٻڪرين کي چاري طور کارائيندا آهن، اُتي ٻاڪري مال ڪانسواءِ اُٺ ڪونيٽ جون ڪچيون



لامون ۽ اُوچين چوٽين تي بيٺل پلڙا به شوق سان کائي ٿو. نومبر ۽ ڊسمبر جي وچ ڌاري سڄي ٽر ۾ ڪُونيٽ جو پلڙو مڪمل طور پچي چُڪو هوندو آهي، جنهن جو ٻج محفوظ ڪرڻ لاءِ سڄي ٽر ۾ ڪوئي ادارو ناهي، پر سڄي سنڌ اُنهي ٻج کي ڪُتب آڻڻ لاءِ ڪوري آهي، جڏهن ته هندستان ۾ انهيءَ ڪنيٽ جي ٻج کي “چيڙا دال” جي نالي سان ياد ڪندي، اُتي وڏي شوق سان، جتي ماڻهو کائن ٿا، اُتي ملڪ جو فائيو اسٽارس هوٽلن ۾ سُڪل سگرين سان گڏ چيڙا دال کي ملائي جيڪو ڊش تيار ڪيو ويندو آهي، انهيءَ کي ڊزرٽ فوڊ جو نالو ڏيندا آهن. اُتي جي مارڪيٽ ۾ چيڙا دال به هزار روپيه ڪلو جي حساب سان ملندي آهي. جڏهن ته ٽر جا ماڻهو انهن چيڙن کي گهٽي تعداد ۾ استعمال نٿا ڪن، ڇوته اهي ٻج سخت هجڻ ڪري ڳرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، انهيءَ دال جي رڌ پچاءُ لاءِ ڪائي حڪمت عملي هن مهل تائين، ٽر ۾ جُڙيل ناهي. تنهنڪري هزارين مڻ تيار ٿيل دال گڏريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان برباد ٿيو وڃي. جڏهن ته اسان جي ملڪ “چيڙا دال” متعلق ڪابه سڄاڳي نه آندي ويئي آهي. پوءِ به ٽرجايون انهن چيڙن جي ڀاڄي تيار ڪرڻ لاءِ گرم پاڻي ڪري، انهي کي تيار ڪرڻ لاءِ پُسائي ڇڏين، جنهن کي “اڏيرڻ” چئبو آهي. انهي پُسيل ٻج کي وري چلهه تي گرم ڪري اُباريندا آهن. جيئن هن ٻج جي مٿي پوري کل آساني سان لهي سگهي ۽ اندريون سفيد ٻج کي عام ڀاڄي وانگي پچائين ٿا. جڏهن ته ڪي وري انهيءَ ڀاڄي کي کل سميت به رڌڻ کي اوليت ڏين ٿيون. هونئن به ٽر جا ماڻهو چوندا آهن ته، چيڙن جي دال جي هاضمي لاءِ اُٺ جو آنڊو رکڻ ضروري آهي. اُنهن چيڙن متعقل اسان جون سُڄاڻ ڏُريون چاهين ٿيون ته، هزارين مڻ برباد ٿيندڙ انهيءَ چيڙا دال جو مارڪيٽ ۾ مُلهه ڪرايو وڃي ۽ هزارين مڻ برباد ٿيندڙ چيڙا دال کي ٻين مُلڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ

سرڪاري سطح تي ڪا حڪمت عملي جوڙي وڃي، جيئن ٽر جو مارُو ماڻهو بہ انهن ڇيڙن مان لاڀ حاصل ڪري ۽ صدين کان برباد ٿيندڙ انهيءَ دال کي مارڪيٽ ۾ سُٺي اگهہ تي وڪڻي معاشي طور اڳڀرا ٿي سگهن.

(آڪوڙو: ڏهہ کان ٻارنهن ڦُٽن جي بانس واري لٺ. ڏانتري: انهيءَ بانس جي ٿلهي منهن وٽ ڏانتي جهڙي ورواري لوهي وٽ واري ٽڪي ڏار وارو اوزار جيڪو اڪثر ڪري وڏن وڻن مان پن، سڱر يا ڪونيٽن مان پڇڙا هيٺ ڀيني لاهي سگهجن انهي کي ڏانتري چئجي ٿو.)

*(2017_04_24 تي نشر ٿيل هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ جي پروگرام لوڪ ورثہ تان ورتل)*

# ڄمون

## عيسائين وٽ ڪرسمس ٽري طور مشهور وڻ

اهي وڻ جيڪي مختلف مذهبن ۾، مذهبي عقيدي جي لحاظ کان اهم سمجهيا وڃن ٿا. انهن ۾ ڄمون جو وڻ به شامل آهي. ڄمون جو وڻ اڪثر ڪري عيسائي برادري جي زرعي زمينن يا گهرن ۾ نسبتاً وڌيڪ نظر ايندو آهي. جنهن جو هڪ سبب اهو به بيان ڪيو وڃي ٿو ته هن کي ’ڪرسمس ٽري‘ سمجهيو ويندو آهي. ان ڪري عيسائي ماڻهو ڄمون کي عزت ۽ احترام جي نظر سان ڏسڻ کان علاوه ڪيس پوکين به وڌيڪ ٿا ۽ هن جو خيال به وڌيڪ ڪن ٿا. ڄمون جو وڻ تمام ڏٺو، ڏسڻ ۾ خوبصورت، گهاٽو ۽ ٿلهو ٿئي ٿو. هن جي ڇانو به ڏاڍي ٿڌي هجي ٿي. ڄمون جنهن جو نباتاتي نالو *Syzygium cumini* ۽ انگريزي نالو Java_plum, آهي، تنهن کي ڪالا جامن يا Black Pam به چئبو آهي، جيڪو برِصغير کان علاوه ٻين گرم ملڪن ۾ به ملي ٿو.

هي وڻ شروع ۾ ڳاڙها گل جهليندو آهي ۽ بعد ۾ ڪاري ناسي رنگ تي ميوو جهليندو آهي. ان نسبت سان هڪ رنگ ’جامني رنگ‘ به سڏبو آهي. هن جا پن مختلف سائيز جا ٿين ٿا ۽ انبن جي پنن جهڙا هجن ٿا. انبن جو هڪ قسم ’ڄمون‘ جي نالي سان به هوندو آهي، جنهن ۾ ڄمون جي خوشبو ايندي آهي. ڄمون جا پن ٻڪريون شوق سان کائينديون آهن. ڄمون جو ميوو کائڻ ۾ ڪجهه کٽو ذائقو ڏيندڙ هجي ٿو ۽ حڪمت جي



لحاظ کان تمام اهم آهي. هي رت کي صاف ڪندو آهي. جگر جي گرمائش کي ختم ڪندو آهي. گلي جي سوزش/سوڄ لاءِ به مفيد آهي ته شگر جي مريضن لاءِ به بهترين ميوو آهي. هي ميوو پيٽ جا ڪيڙا به خارج ڪندو آهي ته دم، اُڃ ۽ رت جي خراجي لاءِ به مفيد آهي. ان کان علاوه هن جو ميوو سائي (ABC) جي مريضن جو به بهترين علاج آهي. اڪثر ڪري گرم علائقن ۾ ٿيندڙ هن ميوي دار وڻ جي ڪاٺي ڪچي هئڻ ڪري، ڪنهن خاص ڪم جي ناهي هوندي. البته هن جي ٽڙ جو ڇوڏو لاهي، ڏندي ڪندي ۾ گُتي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري، پيئڻ سان دستن جو علاج ضرور ڪبو آهي. هن جي ٻج ۾ ڪيلشيم ۽ پروٽين جو به وڏو مقدار موجود هوندو آهي. پر هاڻ هي وڻ به اڳوڻي اهميت نه هجڻ ڪري ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. جيڪڏهن هن کي گهرن ۽ اوطاقن وغيره ۾ لڳائڻ جو بندوبست ڪجي ۽ پاسي ٿورو ڌيان ڏجي ته ڇانو سان گڏ، گهر وينڻي ميوو به مفت ۾ ملي سگهي ٿو. اجان به ڪجهه وڌيڪ وڻ پوکڻ سان هن جي ميوي کي مارڪيٽ ۾ وڪڻي، گهريلو سطح تي سولائي سان ڪجهه نه ڪجهه ڪمائي به سگهجي ٿو.

*(2017_05_01 تي هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ تي نشر ٿيندڙ هفتيوار پروگرام لوڪ ورثه جي سنڌ جا وجود وڃائيندڙ وڻ تان ورتل)*

# جهنگ جليبي

## ميوي دار ۽ اهم هجڻ باوجود نياڻو سمجهندڙ وڻ

ميوي دار، ڇاندار، تاج نما ۽ حڪمت جي لحاظ کان اهم، پر وهم وسوسن جي ورچڙهيلن وٽ نياڻي طور مشهور وڻن ۾ جهنگ جليبي جو به شمار ٿئي ٿو. جنهن جو ميوو جليبين جي ڊزائين تي، ڦرين جي شڪل ۾ هوندو آهي ۽ هي وڻ جهنگلي به آهي، ان ڪري شايد هن کي جهنگ جليبي سڏبو آهي. هر قسم جي پر خاص ڪري پڪي زمين ۾ ٿيندڙ ۽ جلد وڌندڙ هن وڻ جي ميوي مٿان کل چڙهيل هوندي آهي ۽ اندر ڳاڙهي رنگ جو ميوو هوندو آهي، جيڪو کائڻ ۾ ڏاڍو لذيذ هجي ٿو. جنهن کي ننڍا وڏا شوق سان کائيندا آهن. هنئن به ٻهراڙي جي ٻارن ٻڍن لاءِ اهڙا ئي ميوا ته هوندا آهن!

هن وڻ ۾ اڪثر ڪري سانڊو وڏيڪ ويٺل نظر ايندو آهي. لاڙ ۾ هن کي ’آمرا‘ به سڏبو آهي. هن وڻ جي ڪاٺي جيتوڻيڪ ڪا ايڏي سڌي ڪونه هوندي آهي، پر هوندي ڪنڊي دار ۽ ڏاڍي مضبوط هوندي آهي. جيڪڏهن هن جي ڪاٺي کي جلد ۽ پڪو ٿيڻ کان اڳ وڍبو ته ان کي جلد سُرو لڳي ويندو آهي ۽ اها ڀُرڻ شروع ٿي ويندي آهي. پر جي اها هڪ فٽ تائين پڪي ۽ ٿلهي ٿي وڃي ته پوءِ اها ڏاڍي مضبوط ٿي ويندي آهي. اها ڪاٺي وڍڻ بعد جيڪڏهن ڪجهه عرصو پاڻي ۾ رکبي ته اجا به وڌيڪ مضبوط ۽ پڪي ٿي ويندي، جيڪا پوري ۽ اڇي رنگ تي هوندي آهي. هي



گرمي ۾ پور جهليندو آهي ۽ ان بعد ميوو، جيڪو ماڻهن کان علاوه چوپايو مال ۽ پکي پکڻ به شوق سان کائيندا آهن. هن جي کائڻ سان ٿڪل مال متارو ٿيندو آهي. ٻج ۽ ڪاٺي مان نڪرندڙ تيل وائي جي سور لاءِ بهترين علاج آهي. ڪاٺي مان تيل ڪڍڻ لاءِ ان کي گرم ڪبو آهي. هن جي ميوي مان ٻج ڪڍي ٻاڃي به ٺاهبي آهي. وهمن ۽ وسوسن جي ماريل ماڻهن جو جهنگ جليبي بابت اهو به چوڻ آهي ته هن کي گهرن ۾ نه پوکڻ گهرجي. ڇو جو هن جي پوکڻ/ لڳائڻ سان گهرن ۾ ڪروڌ ۽ جهيڙو رهندو آهي، ان ڪري هي نياڻو وڻ آهي. جيڪڏهن ڪو ادارو هي وڻ لڳائڻ تي عام ماڻهن کي ترغيت ڏئي ته، خاص ڪري ڳوٺاڻن ماڻهن کي گهر ويٺي موسمي ميوو به ملي سگهي ٿو ۽ وڻن جي تعداد ۾ اضافو ڪري، ڌرتي جي سونهن کي وڌائڻ ۽ ماحول کي بهتر بنائڻ سان گڏ چوپائي مال ۽ پکي پکڻ جو به ڀلو ڪري سگهجي ٿو.

*(08_05_2017 تي هاٽ ايف ايم 105.2 سانگهڙ تي نشر ٿيندڙ هفتيوار پروگرام لوڪ ورثه جي، سنڌ جا وجود وڃائيندڙ وڻ تان ورتل)*

# هيرڻ

## حڪمت جي حوالي سان اهم وڻ جنهن کي ڪولهي وڌيڪ ڪامين ٿا

هيرڻ جنهن کي سرائيڪي ۾ پنجابي ۾ هرنولي، اردو ۾ اَرِنڊ ۽ انگلش ۾ Caster Seed سڏبو آهي، سو وڻ آهي يا ٻوٽو؟ اهو بحث ته ڪندا ٻاٽني وارا، پر هي وڻ آهي ڏاڍي ڪم جي شي. ڪنهن حد تائين پپيتي سان مشابهت رکندڙ هي وڻ ڏسڻ ۾ ڏاڍو منفرد ۽ سهڻو لڳندو آهي. عام طور تي هن کي شمار ته ٻوٽن ۾ ڪيو ويندو آهي، پر ڪم وڻن وارو ئي ڏيندو آهي. هاٿي جي ڪنن جهڙن ساون وڏن پنن وارو هيرڻ جيئن ته ڪافي وڏو به ٿئي ٿو ان ڪري هن جي ڇانو هيٺ ويهي به سگهبو آهي ۽ جيڪڏهن هن کي ڇڏي ڏجي ۽ هي ڪجهه وڌيڪ عرصو بيٺو هجي ته هن جي ٿُڙ جي ڪاٺي ڦُٽ ٻن تائين به ٿلهي ٿي ويندي آهي. جنهن جي مضبوطي جو اندازو ان مان به ڪري سگهجي ٿو ته ان مان ٿر واري پاسي، ڪٽن جون ايسون به ٺاهيبيون آهن. هر قسم جي زمين ۾ ٿيندڙ هيرڻ نر ۽ مادي قسمن کان علاوه ٽي الڳ الڳ قسم جا ٿين ٿا. هڪ قسم کي 'چيني' قسم چئبو آهي، جيڪو پيلا ۽ ڳاڙها گل جهليندو آهي. جنهن جا ٻج ٻير جيترا ٿيندا آهن. جڏهن ته هڪ ٻيو قسم 'مُغلي' هيرڻ سڏبو آهي. هيرڻ جي نر ۽ مادي جي سڃاڻپ پنن ذريعي ٿيندي آهي. هن جي ٽارين ۾ ڳاڙها گل ٿيندا آهن، جن ۾ ٻج وارا جهڳٽا لڳندا آهن. جن مٿان شروع ۾ ڪنڊا هوندا آهن، جن اندر ٻج هوندو آهي. هيرڻ حڪمت جي لحاظ سان ڏاڍو



اهم سمجهيو وڃي ٿو. هن جي پنن کي پاڻي ۾ ڌوئي صاف ڪري، انهن تي تيل لڳائي، باهه تي گرم ڪري، ڏک لڳل، موچ يا سوڄ واري هنڌ ٻڌڻ سان فائدو ٿيندو آهي. نه صرف اهو پر هن جا پن، ننڍن ٻارن جي ڇاتي بند ٿيڻ ۽ پاسا لڳڻ تي، انهن جي پاسن/ پيٽ سان ٻڌا ويندا آهن. پنن کان علاوه هيرڻ جي ڪاٺي ۽ ٻج مان تيل به نڪرندو آهي. جيڪو بازار ۾ ارنڊي جو تيل طور مارڪيٽ ۾ ملندو آهي. جيڪو وائي ۽ سنڌن جي سور جي علاج کان علاوه ٻارن جي پيٽ سور، ڪن سور ۽ نمونيا جي بيماري ۾ به ڪم ايندو آهي.

ڪارو ۽ ڪبرو، ڏسڻ ۾ ڏاڍي خوبصورت نظر ايندڙ ٻج مان ٻار رڍ ۽ ٻڪرين واري راند به ڪندا هئا. اڳي پرائمري جا شاگرد سليٽن تي مهٽي انهن کي چمڪائڻ لاءِ به استعمال ڪندا هئا. هيرڻ جو تيل، پير وغيره ۾ ڪنڊو لڳڻ واري هنڌ هڻڻ سان، هو چمڙي کي نرم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ڪنڊو آساني سان نڪري ايندو آهي.

مختلف هنڌن تي مثال طور ننگر پارڪر واري پاسي ڪاسٻي واري ڳوٺ پرسان، هيرڻ کي کوهن جي پاڻي تي فصل طور به پوکبو آهي. 'ڪتي' جي مُند ۾ ڪاهجندڙ هيرڻ کي ڪولهي ۽ ٻانيڻ ذات جا ماڻهو ڏاڍو مهارت سان ڪاهيندا آهن ۽ ان حوالي سان هو وڏو تجربو به رکندا آهن. هيرڻ ڪولهين جي گهرن ۾ خاص ڪري پوکيل نظر ايندو آهي. هيرڻ جا پن جيڪي پنج ڪُنڊي نموني هوندا آهن اهي ٻڪريون شوق سان ڪائينديون آهن، پر وڏيڪ مقدار ۾ ڪائڻ سان، ٻڪري مري به سگهي ٿي. ڪن وهمي ماڻهو وري اهڙي قيمتي ۽ اهم وڻ کي به وسوسن جي وڙ چاڙهي ڇڏيو آهي. سندن چوڻ آهي ته هيرڻ جو وڻ گهرن ۾ ۽ خاص ڪري گهر جي آڳر ۾ لڳائڻ سنو سونئڻ ڪونهي. ڇو جو هي نڀاڳو وڻ

آهي ۽ هن جي لڳائڻ سان اتي ويراني ايندي ۽ گهر جو ڀاتي مري ويندو آهي. ان حوالي سان چوڻي بہ مشهور آهي تہ “هيرڻ مطلب رڻ پٽ — سڀ فنا، سڀ ختم”. افسوس جو اهڙي اهم ۽ قيمتي وڻ کي بہ اسان وٽ نڀاڳو سمجهيو وڃي ٿو. جيڪو گهر ۾ هجڻ ڪري اوير سوير بيماري سيماري ۾ ڪم اچي ٿو ۽ سولائي سان ملي وڃي ٿو! جڏهن معاشري ۾ وڻن بابت اهڙي سوچ هوندي تہ وڻن جو قدر گهٽ نہ ٿيندو ۽ اهي نظر بہ گهٽ نہ ايندا، تہ ٻيو ڇا ٿيندو!؟

# ڪنڊي

## موسمن جي متجڻ توڙي ڏڪار ۾ سڪار جا ڏس ڏيندڙ ’فقير‘ وڻ

ٿر ۾ جهونا چوندا هئا تہ جنهن ڳوٺ ۾ سئو ڪنڊيون هجن، ان ڳوٺ وارن کي ڏڪار دوران لڏڻو ڪونہ پوندو. انهيءَ مان ڪنڊيءَ جنهن کي انگريزي ۾ Prosopis ۽ ڍاٽڪي ۾ ’کيجڙي‘ بہ سڏبو آهي، تنهن جي اهميت جو اندازو آساني سان ڪري سگهجي ٿو. پلي ڪٽي نم کي سنڌ جي صوبائي وڻ جو درجو مليل آهي، جنهن تي ٻہر جا ڪجهہ حمايتي ارها بہ آهن، پر لوڪ ڏاهپ جا ماهر ۽ ڪنڊيءَ جا قرب وارا ۽ قدردان ان راءِ تي قائم آهن تہ اهو مقام ڪنڊي جو ئي هو! گهٽ ۾ گهٽ ٿر جي ’قومي‘ وڻ جو درجو تہ ڪنڊيءَ کي ئي حاصل آهي.

ڪنڊيءَ جو وڻ جيڪو قبرستانن ۾ بہ ججهي تعداد ۾ هوندو آهي، سو ٿوري پاڻي تي جالڻ سبب (ان ڪري ڏڪار ۾ بہ بهارين ۾ هوندي آهي) ۽ ان جون پاڙون گهڻيون هيٺ هليو ن وڃڻ ڪري؛ ٿر، بَر، ڪڇي ۽ ميداني علائقن ۾ اڳي تہ جتي ڪٿي موجود هوندو هو. پر هاڻ آبادي ۾ سم وڌڻ سبب، ان ۾ نمايان ڪمي آئي آهي. ٿر ۾ جنهن وڻ کي وڍڻ جي سختي سان منع ٿيل هوندي هئي، سو بہ ڪنڊيءَ جو وڻ ئي هو. اڄ جڏهن ٿر ۾ ڏڪار، ٽاريو نٿو ٽري ۽ ڪنڊي ملڻ ۽ ڏسڻ کان مهانگي پئي ٿئي، تہ کهڙي خبر، ڏڪار ان ڪري ئي روز روز ٿو منهن ڪيڏي ۽ مهمان ٿئي، جو اسان ڪنڊي کي، ڪنڊائتو ڪري ڇڏيو آهي! ڪنڊي پاران وڻن ۾ سڀ



کان وڏي عمر ماڻڻ جي دعويٰ ڪرڻ ۽ ان جي ڪاٺي کي سرو (يا ڪا ٻي خرابي) نہ لڳڻ سبب، ان جو نالو ٻارن تي بہ رکبو آهي. ڪنڊيءَ جا عام طور تي ٽي قسم چيا وڃن ٿا. هڪ ٿلهي ٿُڙ سان وڏو وڻ، جنهن کي نر يا ’ڪنترو‘ بہ چيو ويندو آهي. انهيءَ جون سنگريون بہ وڏي سائيز جون هونديون آهن تہ ان جا پن بہ نسبتاً ٿلها ٿيندا آهن. ٻيو سنهي ٿُڙ سان نسبتاً ننڍو وڻ، جنهن کي مادي ڪنڊي بہ سڏبو آهي، جنهن جون سنگريون ننڍيون ۽ سوادي ٿينديون آهن، جن کي ماڻهو سُڪائي سڄو سال پاڻ بہ استعمال ڪندا آهن تہ تحفي طور بہ اُماڻيندا آهن. ڪچين سنگرين جي ڀاڄي ڏاڍي خوشبودار ۽ وڏيڪ لذيذ ٿيندي آهي. هن جو ٻج توت وانگر هوندو آهي جڏهن تہ پڪل سنگرين کي ڪوڪو ۽ ڏُٺ بہ سڏبو آهي جنهن کي ڪُٽي، سنهون ڪري، ان ۾ کنڊ مصري ۽ گيهہ ملائي بہ کائبو آهي جيڪو ڏاڍو لذيذ ٿئي ٿو. ٽيون قسم آهي بغير يا ٿورن ڪنڊن وارو ڪنڊيءَ جو وڻ جنهن کي ’لاسڙ‘ سڏبو آهي. انهيءَ لاسڙ ۾ سنگر نہ ٿيڻ برابر ٿيندا آهن ۽ جي ٿيندا آهن تہ اهي تمام ٿوري مقدار ۾ ۽ جلد ئي ڇڻي بہ ويندا آهن. ڪي ماڻهو انهيءَ کي ڪنڊي جي ’ٽيئن جنس‘ بہ سڏيندا آهن. ڪن جي بقول تہ پڪل سنگريون جيڪي ’ڪوڪو‘ سڏبيون آهن، اهي نر ڪنڊي جي مقابلي ۾ مادي ڪنڊيءَ جون وڌيڪ مٺيون ۽ سوادي هونديون آهن ۽ ان مان بہ نر مادي جي خبر پوندي آهي. جڏهن تہ ڀاڄي بہ نر ڪنڊي جي مقابلي ۾ مادي جي سنگرين جي وڌيڪ لذيذ ٿيندي آهي. نر مادي جي سڃاڻپ ڪي ماڻهو ائين بہ ڪندا آهن تہ نر ۾ سگر گهٽ ۽ چوڏا وڌيڪ. جڏهن تہ مادي ۾ سگر گهڻا ۽ چوڏا گهٽ هوندا آهن. جڏهن تہ ننڍي ڪنڊيءَ کي ’مورو‘، جوان کي ’ڪنڊي‘ ۽ پراڻي وڏي جهوني ڪنڊيءَ کي ’ڪنڊو‘ بہ سڏبو آهي.

مختلف شاعرن بہ ڪنڊي کي ڳايو آهي. جن ۾ شاهہ صاحب، شيخ اياز ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر شامل آهن. ڀٽائيءَ صاحب سُر ڏهر جي داستان پهرين ۾ ڪنڊي جو ذڪر هن نموني ڪيو آهي:

1

ڪَنڊا! ٿُون ڪيڏو، جَڏهِن ڀَرِيو ڍورُ وَهي؟
جَسودَنِ جيڏو، تو ڪو گَڏِيو ڀِهيَڙو؟

2

ڪَرِ ڪي ڳالَهڙِيُون، ڪَنڊا! ڍورَ ڏَٽِيُنِ جُون؛
ڪِئَن سي راتَڙِيُون، ڪَنهِن ڀَرِ ڏِينهَن گُذارِئين؟

3

جان تو هُئَڙو سُورُ، ڪَنڊا! ڍور ڏَٽِيُنِ جو؛
مٿي لامُنِ ٻُورُ، موريءَ مَڃَرَ نہ ڪَرِئين.

شاعرن کان علاوه سگهڙن پاران ڳايل هن سنڌ جي نج وڻ متعلق عام چوڻي آهي تہ "ڪنڊي جي ڪاٺي گهر ۾ اول تہ آڻجي نہ، جي آڻجي تہ پوءِ ٻارجي نہ، ۽ جي ٻارجي تہ پوءِ سورجي نہ". مطلب اهو تہ هن جي ٻاهہ ڏاڍي تيز ۽ تکي هجڻ کان علاوه هن کي چورڻ ۽ سورڻ سان ان مان گهٽيون چٽنگون نڪرنديون آهن، جيڪي پرسان ويٺلن جي ڪپڙن وغيره کي ساڙڻ کان سواءِ ٻيو نقصان بہ ڪري سگهن ٿيون. هنئن تہ ڪنڊي جي ڪاٺي جيڪا ڏاڍي لسي بہ ٿيندي آهي ۽ ان مان ڪيترائي ڪم ونبا آهن، پر خاص طور تي پاڳيا، چوپائي مال کي ٻڌڻ وارن چڙن جي 'لار' لاءِ، ڪنڊيءَ جي پاڙ جي ڪاري پڪي ڪاٺي، جنهن کي 'ڪِرسي' سڏبو آهي، سا پسند ڪندا آهن( لار هڏي مان بہ ٺاهبي آهي) ڪرسي کي ماٺهو ڪيرٿي بہ چون تہ ڪٿي ان کي ڪِٽ ۽ ڪٿي وري ان کي سُرخي بہ سڏبو آهي، انهيءَ ڪرسي جي لار متعلق سرائڪي ۾ چوڻي بلڪ ڳجهارت آهي تہ " ڏيک الهہ دا رنگ، سر ڪون ڪُٽيندي ڄنگهہ." ان کان علاوه ڪنڊي جي ڪاٺي مان خاص طور تي نئون ڪوهہ کوٽڻ مهل ڪم ايندڙ 'چڪ' جنهن کي 'پنئوڙ' بہ سڏبو آهي (چڪ ڪبڙ جي ڪاٺي مان بہ ٺهندو آهي)۽ کوهہ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ ڪم ايندڙ پونتي، ڀُلي ۽ پوٽي بہ ان ڪري ٺاهبيون آهن جو ڪنڊيءَ جي پڪي ڪاٺيءَ مان ٺهيل اهي شيون، پاڻي لڳڻ سان ڳرنديون ۽ خراب ناهن ٿينديون. ان کان سواءِ ڪنڊيءَ جي ڪاٺي چونئرن جي وچين ڪاٺي، جنهن کي 'مَل' سڏبو آهي، طور بہ ڪتب آڻبي آهي، تہ هن ڪاٺي مان، ڪٿون ۽ در ( ڪِڙي، در جو هڪ قسم، هن قسم جو در وڻ/ڪرڙ جي ڪاٺي مان بہ ٺاهبو آهي) بہ ٺاهبيون آهن. ڇو جو ڪنڊيءَ جي پڪي ڪاٺي کي سُرو ناهي لڳندو. اڳي ڪنڊيءَ جي ڪاٺي مان وارن واريون ڦڻيون بہ ٺاهيون وينديون هيون، جيڪي هاڻ ڏسڻ کان بہ مهانگيون ٿي ويون آهن. ان کان علاوه اڃا جڏهن ٽريشر نہ آيو هو، ان وقت هاري ناري ڪڻڪ جي ڪَري ۾ هلر ڳاهڻ مهل هن جي ٿاريءَ کي ۾ فرشي طور بہ استعمال ڪندا آهن. ان کان سواءِ هَر ڏنل ٻنهي جا پتر پيچڻ لاءِ ڍڳن جي پنيان ٻڌجندڙ سينهور بہ ڪنڊي جي ڪاٺي مان ان ڪري ٺاهبو هو جو اها ڪاٺي ڳري هوندي آهي. ڪنڊا نہ هجڻ سبب ڪنڊي جي سُڪل ٿاري، گهر، واڙيءَ يا ڪنهن ٻئي حساب سان ڏنل لوڙهي جي گهٽي ۾ 'ڪڙهہ' طور بہ ڪم آڻبي آهي. ان کان علاوه ڪنڊيءَ جي ڪاٺي مان ننڍا ڪونڊا، سُرمي دانيون، نڪ جون ڦلڙيون، ڍولڪ / ڍُهل ۽ چيڙيون، جهيرٽا (پاڙ مان) ۽ پاچاريون بہ ٺهن ٿيون تہ هن مان ايئرگن جا ڇرا بہ

ٿاهبا هئا/آهن. ڪنڊيءَ جي ڪاٺي جي باهه به ڏاڍي تيز ٿيندي آهي ۽ هن جي ڪوئلي کي نمبر هڪ ڪوئلو سمجهبو آهي. ان ڪري ئي اڳي ماڻهو استري ڪرڻ مهل، استري ۾ ڪنڊي جا ٽانڊا ان ۾ وجهندا هئا. لوهار به لوهه ڳارڻ لاءِ ڪوري ۾ ڪنڊي جا ڪوئلا وجهندا آهن، ڇو جو انهن ڪوئلن جي تيز باهه لوهه کي جلد ڳاري وجهندي آهي. ان کان علاوه ڪنڊي جي ڪوئلي ۾ هم وزن لوڻ ملائي، انهيءَ پائوڊر کي صبح شام آڱري سان ڏندن تي لڳائڻ سان، ڏندن ۾ لڳل ڪيڙو ختم ٿي ويندو آهي ۽ ڏندن جي مهارن مان ايندڙ رت بند ٿي ويندو آهي.

ڪنڊي جتي چوپائي مال، عام ماڻهن توڙي واٽهڙن کي وس آهر ڇانو مهيا ڪندي آهي، اتي هن جون خالي ۽ پورا ٿيل ٽُڙ، ڪيترن ئي قسمن جي پکين جا به مسڪن بڻبا آهن. ساڳي وقت ڪنڊي پکين جي آکيري کان سواءِ ماکي جي ويهڻ ۽ ان جي کاڌ خوراڪ جو به اهم مرڪز هوندو آهي. برسات ۾ نڪرندڙ هڪ خاص قسم جو جيت، جنهن کي پيگاڙي سڏبو آهي، ان جو مسڪن به گهڻو ڪري ڪنڊي ئي هوندي آهي. هن جي ڪاٺي کان ويندي هن جا پَن (سنڪ)، ڪچو ميو سنگر ۽ پڪل ميوو ڪوڪا به پکين، جانورن ۽ انسانن لاءِ وڏي وٿ هوندا آهن. چئبو آهي ته جتي ڪنڊي هوندي، اتي ٻڪري خوش هوندي. ٻڪري کان سواءِ ڪنڊي رڍ ۽ اٺ جو به سٺو کاڌو بڻبي آهي. ڪنڊي جا پن 'سنڪ' ياڳيا، خاص طور تي چوپائي مال جي چاري طور سنڀالي ۾ گڏ ڪري رکندا آهن، ڪن جاين تي ته اهي گڏ ڪري وڪڻبا به آهن. ڪنڊيءَ جو ٻُور جنهن کي مَجر سڏبو آهي اهو ڪائي چوپايو مال مچي موازڙ ٿي ويندو آهي. ان کان علاوه خاص ڪري ٿر ۾ ڪنڊيءَ جي وڻ جي سال ۾ ٽي پيرا مال جي چاري لاءِ ڇانگ به ڪبي آهي.

ڪنڊيءَ جي خاص ڳالهه هن پاران مرحلي وار مختلف اشارن سان



ماڻهن توڙي لوڪ ڏاهپ جي ڏاهن کي متوجهه ڪري، موسم مٽجڻ جو ٻڌائڻ به آهي. سڀ کان پهرين جڏهن ڪنڊي نوان پن ڪري ۽ گونچ ڪڍي موربي آهي ته اها سياري وڃڻ جي آخري ۽ پڪي نشاني هوندي آهي. ڪنڊي پاران ٻُور /مجر جهلڻ، بهار جي آمد جو اعلان هوندو آهي ۽ ٻُور/مَجر مان سنگر ٿيڻ جو مطلب، بهار جي پڄاڻي جو هوندو آهي. جڏهن ته سنگر جي پچي 'ڪوڪو' بڻجڻ، بهار جي وڃڻ ۽ گرمي جي چاليهي شروع ٿيڻ جو آخري اعلان سان گڏ لُڪون ۽ جهولا لڳڻ جي آڳاٽي اعلان برابر هوندو آهي. جڏهن ته ڪوڪي جو صفا ڇڻي بس ٿي وڃڻ، اونهارو ختم ۽ سانوڻ شروع ٿيڻ جو سنديسو هوندو آهي. ٿري ماڻهو سنگرين جي ڀاڄي ٺاهيندا آهن ته انهن کي سُڪائي به رکندا آهن، جيڪي به ڀاڄي طور استعمال ٿينديون آهن. سنگرين کان علاوه پڪل سنگريون، جن کي 'ڪوڪا' سڏبو آهي، سي تحفي طور پنهنجي عزيز ۽ جيءَ وارن ڏانهن اماڻيندا آهن. موسمن جي مٽجڻ بابت مختلف مرحلن تي ايترن اعلانن تي به ڪنڊيءَ جي ڪنڌ ۾ ڪِلي ناهي لڳندي ۽ هو بس پنهنجو ڪم ختم ٿيو هاڻ ٻيا وڻ وڃي منهن ڏين، چئي ماٺ ڪري ناهي وهندي بلڪ، جنهن سال، سانوڻ جي گهٽ وسڻ جو اخطرو هوندو آهي، ان سال ڪنڊي وڌيڪ سائي ٿي، عام ماڻهن توڙي ڀاڳين کي ڏڪار جي خطري کان اڳواٽ خبردار ڪندي آهي، ته ايندڙ سال ڏڪار جو آهي، اڳواٽ تياري ڪري وٺو. ڏڪار کان اڳ وڌيڪ سائي ٿيل ڪنڊي مان جن جانورن، پکين ۽ ماڻهن ڪم ورتو سي فائدي ۾ رهندا آهن، ٻيا پيا پڇتائيندا آهن. ڪنڊي پنهنجو ڪم پورو ڪري ۽ ميار لاهي ڇڏيندي آهي. جڏهن ته جنهن سال ڪنڊي گهٽ سائي ٿئي، ان سال سانوڻ جي وڌيڪ وسڻ جو آسرو هوندو آهي. تنهن ڪري ڪنڊي هرويرو وڌيڪ سائي ٿيڻ جي هلاڪي نه

ڪندي آهي( ڏڪار ۾ سڪار جي حوالي سان انهيءَ نشانيءَ سان گڏ ڪن ٻين نشانين جو هجڻ بہ ضروري آهي، انهن ڏانهن بہ ڏسڻو پوندو آهي)

انساني زندگيءَ ۾ ڪنڊيءَ جو ڪم اتي ئي بس ناهي ٿيندو، بلڪ ڪنڊي پيدا ٿيڻ کان وٺي مرڻ تائين. ڪيترن ئي رسمن ۾ بہ ساٿ نڀائيندي آهي. هندو مذهب ۾ ٻار پيدا ٿيڻ وقت يا ڪنهن جي مرڻ وقت، ادا ڪئي ويندڙ رسم 'هَوَن' ۾ ڪنڊيءَ جون ڪاٺيون استعمال ڪبيون آهن. ڪن مذهبن جا ماڻهو هن جي پوڄا بہ ڪندا آهن. هن جي هيٺيان ويهي ننڍين ٻارن جي جنڊ بہ لاهبي آهي، تہ هن هيٺيان جانورن کي 'ٻلي' بہ چاڙهبو آهي. ان کان علاوه جن ڪيڻ وارا جن لڳل مريض کي هن هيٺيان ويهاري، ٻاهہ وغيره ٻاري، ڪي سئوڻ ساٿ بہ ڪندا آهن. ڪنڊيءَ لاءِ اهو بہ چئبو آهي تہ هن ۾ غيبات/جن رهندا آهن. ان ڪري ماڻهو چوندا آهن تہ خاص ڪري نر ڪنڊي ۾ وس پڄندي پکي نہ تہ آکيرو ئي ٺاهن نہ ئي آنا ٻچا ئي ڪن. ان ڪري ڪنڊيءَ کي درويش ۽ فقير وڻ بہ سڏبو آهي ۽ سندس لاءِ اهو بہ چئبو آهي تہ هي عبادت گذار وڻ آهي. ماڻهو ڪنڊيءَ هيٺيان ويهي اولاد لاءِ دُعا گهرڻ کي بہ سُٺو سئوڻ سمجهندا آهن.

ڪنڊي ڪيترن ئي حوالن سان انسانن توڙي چوپائي مال جي علاج ۾ بہ ڪم ايندي آهي.

وائي جي سور يا گوڏن جي سور جي بيماري ۾ ڪنڊي جي پاڙ جا چوڏا، سور واري جاءِ تي علاج طور بہ ٻڌبا آهن. ڪنڊي جو چوڏو چور بخار لاءِ بہ ٻڌبو آهي. هن جي ٻرندڙ ڪاٺي جي چوچي مان چوپائي مال (خاص ڪري مينهن) جي ٿڻ خراب ٿيڻ واري بيماري 'فڪرو' جو علاج بہ ڪبو آهي. هن جا پن چٻاڙي چوپائي مال جي خراب ٿيل اک ۾ وجهبا آهن. ڪنڊيءَ جا چوڏا ڪاڙهي، گرمي لڳڻ جي صورت ۾ اُنن ۽ ٻين جانورن کي



بہ پيياربا آهن. ڪنڊيءَ جا پن وات ۾ وجهي چٻاڙڻ سان وات صحيح ٿي ويندو آهي. ڪنڊي جا پن سور واري جاءِ تي لپري ڪري بہ ٻڌبا آهن. هن جو ميوو يعني سنگري دستن ۽ اُلٽي کي روڪڻ لاءِ بہ ڪم اچي ٿو. ٻارن کي اُرڙي ٿيڻ جي صورت ۾ ڪي ماڻهو وري اهڙن ٻارن جا ڪپڙا لاهي، ڪنهن ڪنڊي تي چڙهي ايندا آهن. سندن اهو اعتقاد آهي تہ انهيءَ عمل سان ٻارن کي اُرڙي چڙهي ويندي آهي. هن جي ٻُور مان ٺري ماڻهو تيل بہ ٺاهيندا آهن، جيڪو گوڏن، سنڌن ۽ وائي سور لاءِ مفيد سمجهبو آهي. ڪنڊي جا پن گرم ڪري، ڪاڙهي، اهو پاڻي ٻئي پاڻي سان ملائي، وينجهڻ سان بخار ۽ جسم مان سور ختم ٿي ويندو آهي. ڪنهن ماڻهو کي مٿي ۾ سور هجڻ جي صورت ۾، ٿي واٽون ناهي (انهن ۾ ڏکڻ جي واٽ ناهي ناهبي) ڪنڊي کي ست چڪر اُبتا ۽ ست چڪر سُبتا ڏبا آهن. وڏي کنگهہ واري ماڻهو کي نر ڪنڊي جي پاڙ کوٽي، ان هيٺيان ٽپائبو آهي ۽ ان جو هڪ چوڏو ڪنڌ ۾ بہ ٻڌبو آهي. ان کان علاوه وڏي کنگهہ جي علاج خاطر نر ڪنڊي جو چوڏو ڪاڙهي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري مريض کي پيياربو بہ آهي.

هندوستانين ٻاران وڻن کي بچائڻ لاءِ شروع ڪيل جڳ مشهور 'چپڪو' مهم جنهن ۾ ماڻهن وڻن کي واڍيءَ کان بچائڻ لاءِ، وڻ کي ٻاڪر ۾ ڀري، ان کي ٻک وجهي بيهي رهندا هئا. انهيءَ مهم سڄي دنيا جي ماحول دوست ۽ فطرت پرست ماڻهن ۾ مڃتا ماڻي ۽ وڏي شهرت حاصل ڪئي، ان جي ابتدا بہ ٻڌجي ٿو تہ ڪنڊيءَ جي وڻ کي وڍجڻ کان بچائڻ کان ئي ٿي هئي. ڪنڊي سان ملندڙ جلندڙ نالي واري هڪ ٻي ول/ٻوٽي 'اُبت ڪنڊڙي' بہ هوندي آهي. جنهن جا ڪنڊا ۽ پن ڪنڊيءَ جهڙا ٿيندا آهن. اها اُبت ڪنڊڙي ٻارن جي پاسن لڳڻ وقت سُٺي طور بہ استعمال

ڪبي آهي. جڏهن اُبت ڪنڊڙي سُڪي ويندي آهي تہ ان جا ڪنڊا پهرين اُگهاڙي هلندڙ ماڻهو ڪي ڏاڍو تنگ ڪندا آهن. ڪنڊي جي نالي پٺيان مختلف ماڳ مڪان بہ مشهور آهن. جيئن ڪنڊي واٽر, ڪنڊڙي وارا پير لڳ گنبٽ خيرپور.

افسوس جو نہ صرف لوڪ ڏاهپ جي حساب سان بلڪ عام زندگيءَ ۾ بہ ايترو اهم ۽ ڪارائتو مقامي وڻ, اڄ اسان جي مڪمل بي ڌياني جي باعث نظر انداز ٿي رهيو آهي. قانون جي حڪمراني نہ هجڻ, ماڻهن ۾ هيچ ۽ حرس وڌي وڃڻ سبب هي وڻ ڏاڍو تيزي سان وڍجي, وجود وڃائي رهيو آهي. ڪاش! ڪنڊيءَ جي قدر ۽ اهميت وڌائڻ لاءِ ڪو ادارو ماڻهن ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ واسطي ڪي قدم کڻي ۽ سرڪار سڀوري پين اهم مقامي وڻن جي واڍيءَ کي روڪڻ سان گڏ, ڪنڊيءَ کي بچائڻ ۽ وڌائڻ لاءِ بہ ڪجھ ڪري ۽ نرسريون قائم ڪري تہ جيئن اسان جو هي اهم مقامي وڻ ماڻهن, پکي پکڻ ۽ چوپائي مال جو پرجهلو ۽ ڏکي وقت جو ساٿي, ايئن نڌڻڪائي جي نظر نہ ٿئي!

# ڪٽونٻڙو

## پٽائي جو ڳاڀل غذايت سان ڀرپور، دوائڻ وارو ٻوٽو

ڪٽونبو يا ڪٽونبڙو هڪ اهڙو خوبصورت ۽ موسمي ٻوٽو آهي، جيڪو ٻوٽن ۾ ته اهم آهي ئي آهي، پر اهو ڪيترن ئي وڻن کان به وڌيڪ قيمتي ۽ ڪارائتو آهي. پر بدقسمتي اها آهي ته دنيا سڄي ۾ دوائن جي ٻوٽي طور ڪم ايندڙ ۽ مان لهندڙ هن ٻوٽي کي اسان وٽ ايترو قدر جي نگاهه سان نٿو ڏٺو وڃي، جيتري جو هي گهرجائو آهي. مختلف ملڪن ۾ ماڻهو هن کي گهر ۾ ڪنڊين/گملن وغيره ۾ به پوکين ٿا. پٽائي سرڪار هن کي (ڪلياڻ آڏواڻي) سُر مارئي جي داستان نائين جي بيت نمبر 6 ۾ هينئين ريت ڳايو ويو آهي:

هِنَ مُندَ مارُو سَنَرا، ڏِنگَرَ ڏارَ رَهَنِّ؛
پاٽِي پُوڄَ پَٽَنِ ۾، پَڪي پانڊِ پِيَنِّ؛
هِنَ کي لوهَ لَطِيفُ چئي، هُوءِ ڪاٿُرَ مَنجهِ ڪِلَنِّ؛
ڪاٺُونبا ڪاڄَنِّ، مِينهَن وَسَندا موٺُ ٿُون

جڏهن ته سنڌي جامع لغت ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن ٻوٽي کي جهنگلي، ميويدار ۽ دوائن ۾ ڪم ايندڙ ٻوٽو لکندي، هن کي ڪٽونبو ۽ ڪٽونبرو لکيو آهي.

ڪتيءَ جي موسم ۾ عام طور تي وونٽڻ ۽ مرچن جي فصل سان گڏ ۽ هن جي هڪ قسم پاران ڪٽڪن ۾ وونٽڻ يعني ٻنهي فصلن ۾ ۾



سال ۾ ٻه پيرا ٿيندڙ ۽ خاص ڪري پڪي زمين ۾، پر تر ۾ به ڪٿي ڪٿي وسڪاري بعد پاڻيهن پيدا ٿيندڙ ڪٽونبڙي کي اڪثر ڪري ٻار ۽ ٻيا ڏاڍي شوق سان جهنگلي ميوي طور کائيندا آهن. هن مان چٽڻي به ٺاهبي آهي ته هن مان ڀاڄي به ٺاهي ويندي آهي. هن کان علاوه هن کي ڪٽاڻ خاطر ٽماٽرن وانگر مختلف ڀاڄين ۾ به وڌو ويندو آهي. جڏهن ته هن ٻوٽي کي مختلف علائقن جا ماڻهو مختلف بيمارين ۾ علاج ۽ دوا طور به ڪم آڻيندا آهن. پر دلچسپ ڳالهه ته اها آهي ته هن جي دوا وارين خاصيتن جو گڏيل ذڪر، شايد ئي حڪمت جي ڪنهن هڪ ڪتاب ۾ گڏيل نموني آيو هجي. ها باقي حڪمت جي مختلف ڪتابن ۾ ۽ حڪيمن وٽ، وڏن جي ٻڌايل نسخن ۾ هن جي مختلف خاصيتن جو ذڪر البته ضرور ملي ٿو. پر ان کان به وڌيڪ هن جي علاج جي خاصيتن جو عام ماڻهن وٽ ذڪر وڌيڪ ملي ٿو. گوڏي کان چيلهه يا 2 کان 4 فٽن تائين جو به قد رکندڙ ڪٽونبڙو عام طور تي مرچن جي ٻوٽي جيترو ٿيندو آهي ۽ هن جا پن مرچن يا ٽماٽن جي ٻوٽي جي پنن جهڙا هوندا آهن. جڏهن ته هي لاٽي وانگر هيٺ پکڙجندو به آهي. ٻڌڻ ۾ اچي ٿو ته انڊيا ۾ هن جي ميوي جهڙو، ميوو جهليندڙ وڻ به هجي ٿو جنهن کي 'گوز بيري' سڏيندا آهن. جنهن جا پن سرنهن جي وڻ جي پنن جهڙا هجن ٿا ۽ هن جي ميوي جي مٿان چڙهيل ڪَل جهڙي ڪل/ڪور، البته ناهي هوندو. وونٽڻ جي فصل سان گڏ ٿيندڙ هي ٻوٽو جي پڇاڙي جولاءِ ڌاري گُل جهليندو آهي، جيڪي ڦِڪاڻ مائل تي اڇا هوندا آهن. پوءِ انهن ۾ ميوو لڳندو آهي، جيڪو شروع ۾ سائي رنگ جو هوندو آهي.هن مٿان ڏاڍي خوبصورت ۽ نفاست سان چڙهيل ڪور/ڪل به سائي رنگ جي هوندي آهي، جيڪا پوءِ ڪٽونبڙي جي پچڻ تي، ان سان گڏ پيلي رنگ جي ٿي ويندي آهي. ميوو پيلو ٿي پچڻ بعد

ڇڻي پوندو آهي. شايد هن جو ميوو ذائقي ۾ ڪتو منو هئڻ هجڻ ڪري هن کي ’ڪتونبڙي‘ جي نالي سان سڏيو ويجي ٿو. هاڻ اها خبر نٿي پوي ته ڪتونبڙي، جو نالو اڳ ۾ پيل آهي يا مارڪيٽ ۾ ملندڙ ٽافيون جن کي به ڪتمنڙا سڏبو آهي، انهن جو نالو اڳ ۾ پيل آهي! پڪل ميوي جي اندر سوين ننڍا ننڍا ٻج هوندا آهن، جيڪي پڇڻ بعد زمين تي ڪري پوندا آهن ۽ زمين ۾ مڪس ٿي، ٻئي سال مند اچڻ تي ۽ پاڻي ملڻ تي ٻيهر ڦٽي پوندا آهن. ان حساب سان انهن کي جهنگلي ميوي وارن ٻوٽن ۾ شمار ڪبو آهي. ڇو جو اسان وٽ هن کي نه ته باقاعدي پوکبو آهي ۽ نه ئي هن جي ڪاشت ئي ڪبي آهي! مختلف ماڻهو هن جا مختلف قسم ٻڌائين ٿا. جن جو تعداد ٻه کان ٽي آهي. جن مطابق هڪ وڏي قد وارو ٻوٽو جنهن جو ميوو ۽ پن نسبتاً وڏا ٿين ٿا ۽ اهو وڌيڪ ذائقيدار به ٿئي ٿو. جڏهن ته ٻيو قسم سنهن پنن وارو هجي ٿو جنهن جو ميوو ڪجهه ننڍو ٿئي ٿو ۽ ان جو ذائقو به ايترو سُٺو ناهي هوندو. جڏهن ته ٽيون قسم وچولي قد ڪاٺ ۽ ميوي وارو هوندو آهي ۽ ان جو ذائقو به وچٿرو ۽ ڪٿو هوندو آهي. جڏهن ته ڪجه ماڻهو هن جا ٻه ئي قسم ٻڌائين ٿا. جن ۾ هڪ وڏي داڻي وارو ۽ ٻيو ننڍي داڻي (ميوي) وارو. جڏهن ته ڪجهه ماڻهو هن جا ٻه قسم ڪجهه مختلف ۽ منفرد به بيان ڪن ٿا. جن ۾ هڪ ساون داڻن وارا ۽ ٻيا ڪارن داڻن/ميوي وارا شامل آهن. انهن قسمن ۾ سائو سال ۾ هڪ پيرو ئي ٿيندو آهي، پر ڪاري رنگ وارو سال ۾ ٻه پيرا ٿيندو آهي. يعني هڪ ڪٽڪن ۽ ٻيو وونئڻن ۾! هن ۾ داڻي/ ميوي کان علاوه قد جي حساب سان به ڪي ننڍا ۽ ڪي وڏا ٿين ٿا.

ڪتونبڙو مختلف مرضن جي علاج طور ڪم اچي ٿو. مثال طور: دماغ جي ڪمزوري، خاص ڪري ٻارن جي دماغ جي ڪمزوري ۾ جڏهن



دماغ ساٿ نه ڏئي ته هن کي ڪُٽي، پاڻي ۾ ڇمڇو ڪن جي ڦڪي وٺبي آهي. پٿري هجڻ جي صورت ۾ هن کي ڪُٽي، سُڪائي، ڪپڙڇاڻ ڪري، نيراڻي ڦڪي وٺبي آهي. هن جي ميوي اندر جيڪو پاڻي هوندو آهي، ان ۾ تيزاب هوندو آهي. جيڪو چوڻ ٿا ته چئن پنجن مرضن تي پوندو آهي. هن جي پاڻي مان اک ۾ وجهڻ لاءِ ڊراپ به ٺهندا آهن. هن جي ميوي کي ڪُٽي، گهوٽي، جگر کي صاف ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي. قبض جي صورت ۾ به هن جو ميوو بهترين تصور ڪيو ويندو آهي، پر وڌيڪ کائڻ سان موشن به ٿي ويندا آهن. هن جو ميوو اکين کان علاوه هڏن جي مختلف بيمارين لاءِ به مفيد آهي.

انسانن کان علاوه ڪتونبڙي مان چوپائي مال جو به علاج ڪبو آهي. پاڳيا هن ٻوٽي جا سڪل پن ۽ کلون ڏنڊي ڪونڊي ۾ ڪُٽي، گهوٽي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري، ٻڪرين ۽ اُٺن کي گرمي کان پيارين‌دا آهن. مال جي آپامجڻ جي صورت ۾ به هي ٻوٽو مال کي کارائبو آهي. جيڪڏهن مال نه چري ۽ اوڳر نه ورائي ته ان لاءِ به هڪ نيڪ علاج آهي. ان کان علاوه هن کي کائڻ سان مال مڇي مواڙ به ٿي ويندو آهي. پر هن جي ڪاٺي جيڪڏهن مال کي ڪُتر ڪري يا ٻئي گاهه جي ڪُتر ۾ ملائي به ڏبي آهي ته به هو ناهي کائيندو. يا ته هن جي ڪاٺي ٻئي گاهه جي مقابلي ۾ وڌيڪ سخت هجي ٿي يا پوءِ شايد ڪڙي هجي ٿي، ان ڪري مال نٿو کائي. هن جي کائڻ سان مال جو پيشاب به وڌيڪ جاري ٿيندو آهي. ان لحاظ سان به هي اهم ٻوٽو آهي. هن کي ٻئي مال سان گڏ اُٺ ۽ ٻڪريون خاص شوق سان کائيندا آهن.

مال ۽ ماڻهن جي علاج کان سواءِ هارين نارين لاءِ به هي ٻوٽو مفيد آهي. هاري مرچن جي فصل کي لڳندڙ ’مُوڙهه‘ جي بيماري کان بچائڻ لاءِ

هن جي سڪل پنن ۽ ميوي جي کلن جو دونهون/ڏوپ ڏيندا آهن. هن جي ڪاٺي کي سُڪائي مڇرن جي دونهن وانگر مرچن ۽ بصرن کي دونهن ڏيندا آهن، جنهن سان انهن کي لڳل جيت جٺا گهٽ/ختم ٿي ويندا آهن.

افسوس جو ايڏو اهم ۽ قيمتي ٻوٽو جنهن کي پٽائي سرڪار به ڳايو، ان جي ايترين سارين خاصيتن کي مڪمل طرح نظر انداز ڪيو ويو آهي. هاري ناري هن کي غير اهم گاهن وانگر سمجهي، هن کي اڪثر حالتن ۾ پاڙان پٽي، غير شعوري طرح هن جي نسل ڪشي ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ٿيڻ اهو گهرجي جو هن کي الڳ فصل وانگر پوکجي، هن جي علاج وارن فائدن کي عام ڪجي ۽ انهن کي دوائن واري ٻوٽي طور وڌائجي ۽ مارڪيٽنگ ڪرڻ کان سواءِ هن جي پوک فروٽ وانگر ڪري، ان کي به مارڪيٽ ۾ وڪڻڻ لاءِ اُماڻي هارين نارين جي آمدني ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ عام ماڻهن کي اهو گهرن ۾ پوکڻ تي به آماده ڪري، هن جي غذائيت ۽ اهميت مان فائدو حاصل ڪجي.

# مرحلا وار

## موسمن جي مٽجڻ جا ڏس ڏيندڙ وڻ: ڪرڙ

زماني جو ظالم دستور آهي ته جيڪا شئي ان لاءِ ڪار آمد نه رهندي آهي يا جيڪا شئي، معاشري ۽ ماڻهن لاءِ مفيد ۽ ڪارائتي نه رهي، جيڪا شئي پنهنجي هجڻ ۽ رهڻ جو ڀرپور جواز پيدا نه ڪري سگهندي يا محسوس نه ڪرائيندي، اها معاشري ۽ ماڻهن مان تڙجي، ختم ٿي، وجود وڃائي فنا ٿي ويندي آهي. ڪيس انهن لاءِ جاءِ خالي ڪرڻي پوندي، جيڪي معاشري، ماڻهن ۽ ماحول لاءِ وڌيڪ بهتر، مفيد ۽ ڪارئتيون هونديون. اهڙي اهميت گهٽجڻ سبب وجود وڃائيندڙ شين مان هڪ ’ڪرڙ جو وڻ به آهي. ڪرڙ جنهن کي اردو ۾ ڪير، پنجابي ۾ ڪرير/ڪرينهه ۽ ڍاٽڪي ۾ ٻَڻ چيو وڃي ٿو سو روز برزوز گهٽجندو وڃي ٿو. شايد ڪجهه سالن بعد انهن جو ذڪر به رڳو ڪتابن ۽ شاعري ۾ وڃي بچي، باقي ڪم ته هن جو گهٽي پاڳي ڪڏهوڪو ختم ٿي چڪو آهي!

زمين ۾ تمام گهٽي اندر وڃڻ بدران، زمين اندر وڌيڪ پکڙجندڙ ۽ گهٽ پاڻي تي ٿيندڙ ڪرڙ جي وڻ ۾ نه ڇانوَ نه قد، نه ئي پن. ان حوالي سان چئبو آهي ته ”گُل به ڪري، ڦل به ڪري، ڪري نه پن“. هن جي ڪاٺي به ڪا وڏي ڪونه ٿيندي آهي. هي وڏڻ ۾ به تمام گهڻو سست. زماني جي گرميءَ سرديءَ ۽ تبديلين کي منهن ڏيڻ ۾ به ڪمزور! هن تيز رفتار ۽ خودغرض معاشري جون اڄڪلهه جون گهرجون پوريون نه ڪرڻ سبب،



ڪرڙ تيزي سان وجود وڃائي رهيو آهي.

ڪرڙ سڄي سنڌ ۾: ڪاڇي، ڪوهستان، ميداني علائقن، ٿر جي ترائين ڀرسان پڪي زمين تي ( پر ٿر جي ڪن علائقن جهڙوڪر ڪاٺڙ ۽ ڪنڀي ۾ ڪونه ٿئي) ۾ عام جام نظر ايندو هو. جنهن کي پٽائيءَ جي اڱڻ تي بيهڻ جي به اجازت ۽ اعزاز مليل آهي. ان حوالي سان روايتون آهن ته شاهه صاحب ڪرڙ جو ڏندڻ ڏئي، ان کي ڪچي پٽ ۾ يا ان جاءِ تي رونبي/لڳائي ڇڏيو هو. جيڪو جڏهن ڦُٽي ڪرڙ ٿيو ته ماڻهو ان کي فقير ۽ شاهه جو وڻ ڪري مڃڻ لڳا ۽ اُتي ٻارن جي جهنڊ لاهڻ سان گڏ دل جون مرادون پوريون ٿيڻ لاءِ مِنتون به مڃڻ لڳا. سو هاڻ جهڙوڪر رڳو ڪبڙ وانگر قبرستانن ۽ ويرانن جو وڻ بڻجي ويو آهي، سو به ڪٿي ڪٿي! هي شايد واحد وڻ آهي، جنهن کي پن ناهن ٿيندا بلڪ انهن جي جاءِ تي سنهيون ٿاريون ٿينديون آهن جن کي جُهڪ سڏبو آهي. ان جي ڪاٺي سخت ۽ ڪڙي هجڻ جي ڪري سُري کان محفوظ رهندي آهي ۽ ان ۾ لوٽياٺ به هوندي آهي. ڪرڙ جنهن جو ڪچو ميوو شروعات ۾ ڳاڙهي رنگ جي ڀُسي جي صورت ۾ غريبن لاءِ ڀاڄي جو ڪم ڏيندو آهي. ڀُسي جي شڪل ڪُپي جهڙي هوندي آهي ۽ ان ۾ پاڻي هوندو آهي، جيڪو ڏاڍو مٺو هوندو آهي. ان پاڻي کي پيئڻ لاءِ ان مُند ۾ وهيو پکي ايندو آهي. جڏهن ته چون ٿا ته تاڙو بي قدرو وري ڀُسي جي ان ڪُپي کي ٽُڪي پوءِ پاڻي هاري ڇڏيندو آهي. ڀُسي جيڪا ماضي ۾ ڪن علائقن ۾ رڌجي وڪامندي به هئي. اڌ پڪي حالت ۾ سائي رنگ ۾ ڏيني، ڏيلهي يا ڏونئري جي حالت ۾، ڀاڄي ۽ آچار طور ڪم ڏيندو هو/آهي ۽ پچڻ بعد ’پڪو/ڏيلهو‘ ٿي غريبن، هارين نارين ۽ ڌراڙن کان سواءِ پکين ۾ وهيي، روڏن(ڪانو جو هڪ قسم) ڪانو، جهرڪيون، ملهاري، گُرڙ بلبلن/ٻُربُر، تاڙو ڪوئل، ڪٻرن، ليلهين ۽

نولو لاءِ بہ جھڙوڪر سستو سيزنل فروٽ هو. هن جا گُل يعني پُسي مال بہ ڏاڍي شوق سان کائيندو آهي. ڀٽائي سرڪار جو بيت: "روڙيو رتا گُل، آٽيو وجهن آهورين"، ۾ بہ لڳي ٿو تہ ڪرڙ جي پُسي ڏانهن ئي اشارو ٿيل آهي ڇو جو ٿر ۾ ٻيو ڪو بہ اهڙو وڻ ناهي جنهن جي گُلن کي روڙي پاڳيا مال جي آهورن ۾ وجهندا هجن. ڪرڙ ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. هڪ ڪنڊن وارو يعني ڪنڊير ۽ ٻيو لاسڙ يعني بغير ڪنڊن وارو. هڪڙو ڦڪي رنگ جا گُل جهليندو آهي ۽ ٻيو ڳاڙهي رنگ جا. ڪنڊير جي ڪاٺي ۾ انگها (شاخون) وڏيڪ ٿيندا آهن، جن ۾ عورتون گهرن جا ٿانو خاص ڪري چاڏيون ۽ ديگڙيون وغيره ٽنگينديون آهن. ان ڪاٺي کي نهرا/نهرو سڏبو آهي. نهرو جي ڪاٺي زمين ۾ لڳائڻ کان اڳ زمين ۾ ست پن پُوري ان مٿان ڪاٺي لڳائبي آهي، جنهن کي پاڳ جي نشاني سمجهبي آهي. لاسڙ ڪرڙ مان مُوهي بہ ٺاهبي آهي، جيڪا کير ولوڙڻ/لسي ٺاهڻ وارين چاڏين کي صاف ڪرڻ لاءِ بهترين هوندي آهي. اها موهي چاڏيءَ جي اندر لڳل 'ڳَڙ' کي بُرش وانگر لاهي صاف ڪرڻ سان گڏ چاڏي جي ڏپ کي ختم ڪري ان کي خوشبودار بڻائيندي آهي. ڪرڙ جي ڪاٺي تمام مضبوط ۽ ڪڙي هجڻ سبب ۽ ان کي سُرو نہ لڳڻ ڪري، ان مان گهر جي ڇتين جا داسا ۽ پٽيون بہ ٺاهبيون آهن/هيون. ان کان علاوه هن جي پاڙ مان لسي ولوڙڻ جا جهيرٽا بہ ٺاهبا هئا ۽ چئبو هو تہ ڪرڙ جي ڪاٺي جي جهيرٽي مان مکڻ وڌيڪ لهي ٿو. ان لحاظ سان هن کي سڀاڳي ڪاٺي بہ چئبو آهي. ان کان سواءِ هن ڪاٺي مان پينگ ۽ مصالحي ڪُٽڻ ۽ گهوٽڻ جا ڏنڊا، ڪوڏرن، کهاڙين ۽ جنڊ جا ڳن، مُهريون ۽ پچاريون بہ ٺاهيبيون آهن. ڪرڙ ۾ وينل ماکيءَ کي بہ بهترين ماکي سمجهبو آهي. ٻين وڻن ۾ وينل ماکي، سياري ۾ ماکي جو رس پاڻ چوسي ويندي آهي، پر ڪرڙ ۾ وينل



ماکي، ڪرڙ جي ڪڙي هجڻ جي ڪري ان ماکي جو ذائقو بہ ڪجهہ ڪڙو هجڻ جي ڪري، ماکي جون مکيون ان کي ناهن کائينديون ۽ ائين ٻين وڻن جي مقابلي ۾ ڪرڙ جي ماکي وڌيڪ رس واري هوندي آهي. جيڪڏهن ٻين وڻن ۾ وينل ماکي پائو جي هوندي تہ ان جيتري ڪرڙ ۾ وينل ماکي ٻيڻ کان بہ مٿي جي هوندي.

ڪرڙ ڪيترن ئي نون فروٽن ۽ ميون جي مارڪيٽ ۾ اچڻ بعد اها اڳوڻي اهميت وڃائي وينو آهي. معاشري ۾ پيلي غربت غربت جون جتان ڪٿان دانهون عام ڇو نہ هجن، پر حقيقت هي آهي تہ هر طبقي جي رهڻي ڪهڻي ۾ تمام گهڻي تبديلي ۽ ترقي ٿي آهي. جنهن جو مقابلو ڪرڙ جو پڪو/ڏينو يا پسيون ڪرڻ کان قاصر آهن. لاڙواري پاسي ڪرڙ جي ڏونئري جي ٻج کي آراڙو يا آراڙي ڪري سڏيندا آهن. ساڳئي نموني ڪرڙ جي ڪاٺي جو هڪ اهم ڪارج ڏنڊو بہ هوندو هو (ڪونڊي وارو) پر هاڻ گرينڊر اچڻ ڪري، ڏنڊي وارو ڪم گرينڊر منٽن ۾ ۽ ڏنڊي کان بهتر نموني ڪريو ڇڏي. ڪرڙ جي ڪاٺيءَ مان مانڌاڻي ۽ ان جو ڦُل ٺهندو هو. هاڻ کير ولوڙڻ لاءِ بہ مشينون اچي ويون آهن. بلڪہ کير ولوڙڻ کان اڳ، هوٽلن تي پهچيو وڃي. سو ڪرڙ جي ڪاٺي جو اتي بہ ڪم نہ رهيو آهي. ڪرڙ جي ڪاٺي واڍن جي ڪم جي تہ نہ اڳي هئي نہ هاڻ آهي ها موسيقيءَ جا اوزار ٺاهيندڙ سُرندي ٺاهڻ لاءِ ڪرڙ جي ڪاٺي جون پچائون ضرور ڪندا هئا پر هاڻ سرندو بہ پڄاڙڪا پساهہ کڻي رهيو آهي. ان کان علاوه هن ڪاٺي مان الغوزا ۽ بينون بہ ٺهنديون آهن. ڪرڙ مان لانٺون بہ ٺهندا آهن پر هاڻ ٻارن بہ لاٺون کي ڇڏي بيٽ بال پڪڙي ورتي آهي، سو هاڻ اتي بہ ڪرڙ جو ڪم نہ رهيو آهي! ان کان علاوه هن ڪاٺي مان تاسا، وايا، پٽيون، ايسون، اوپرا، منجهيون، وچٽين جا ڳن، ناس ۽ نسوار رکڻ

جون ڊبيون ۽ ڳوڀاٽا پڻ ٺاهيا ويندا هئا. ڪرڙ جي اڻ سڌي، پر مضبوط ڪاٺي، چمڪدار هجڻ ڪري شو پيس ۾ ضرور استعمال ٿئي ٿي، پر جيئن تہ شو پيس پاڻ ئي محدود تعداد ۾ هجن ٿا، ان ڪري ڪرڙ هاڻ گهٽو ڪمائتو ۽ ڪارائتو شايد نہ رهيو آهي. ڪرڙ جي ڪاٺيءَ کي نہ اڏوهي لڳي، نہ سُرو، ان ڪري اها گهرن ۾ خاص ڪري ڇونئرن ۽ لانڍين ۾ ڪاين ۽ پٽين طور ڪم ايندي آهي. پر هن جي ڪاٺي سڌي ۽ ٿوڻي جيتري قد جي مشڪل سان ئي ملي ٿي. هي ڪاٺي ٻرڻ ۾ سٺي ۽ ڪوئلو ٺاهڻ جي ڪم جي آهي. هن ڪاٺي جي هڪ خاص ڳالهہ اها بہ آهي تہ هن جون سُڪل ڪاٺيون پاڻ ۾ رڳڙجڻ سان باهہ ٻري پوندي آهي. ان ڪري هڪ عام خيال اهو بہ آهي تہ اڳاٽي زماني جا ماڻهو باهہ ڪرڙ جي ڪاٺي مان ئي ٻاريندا هئا! ڪرڙ ٻين وڻن جي مقابلي ۾ تمام سست رفتاريءَ سان وڌندو ۽ ٿلهو ٿيندو آهي. انهن سڀني ڳالهين جي هوندي بہ ارو جو ڪرڙ (سڪي تي ٻيٺل) جيئن تيئن، زماني جي گرمي سرديءَ کان وجود بچايو ٿرن، ٻرن ۽ ٻرپٽن ۾ پنهنجي منهن بي ڊپو الڳ ٿلڪ ۽ اڪيلائي هوندي بہ خوش گذاريندو هو. پر ماڻ پئي سم، ڪلر ۽ زمين جي سيڪ تي، جنهن هن جي ڪاڌ خوراڪ يا حقو پاڻي بند ڪري، هن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. پڪي زمين تي قدآور ۽ سم واري زمين تي ننڍي قد جو ٿيندڙ ڪرڙ زماني جي ڪم نڪرڻ بعد اک بدلائڻ واري عادت باوجود، زماني کان ڪنارا ڪش ٿي جيءَ رهيو هو پر سم هٽي هن جا لاهہ ئي ڪيرائي ڇڏيا! جنهن ۾ وڌندڙ آباديءَ جو بہ وڏو هٿ آهي. وڌندڙ آبادي سبب ڪيڙي هيٺ وڏيڪ زمين اچڻ ڪري، ڪرڙ کي پاڻ کان وڌيڪ ڪار آمد وڻن ۽ فصلن لاءِ جاءِ ۽ جوءِ ڇڏڻي پئجي وئي آهي.پر ڪجهہ سال اڳ نيو پريس ڪلب سانگهڙ جي اڳوڻي صدر ۽ پياري دوست



شوڪت حيدري ۽ صادق خاصخيلي سان گڏ جڏهن محترم سرور جمالي صاحب جي دعوت تي، ’نيشنل ڪيرڙ پارڪ‘ وڃڻ ٿيو تہ اتي ڪرڙ کي ڪافي تعداد ۾ ڏسي اطمينان ضرور ٿيو تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪرڙ کي پناهہ لاءِ اجا بہ ڪٿي تہ جاءِ مليل آهي. ان لحاظ کان ڏسجي تہ ڪيرڙ جي اهميت جو هڪ سبب اهو بہ ٻڌجي ٿو تہ اتي گڏ، سرهہ ۽ هرڻ کان علاوه ڪرڙ سان گڏ ٻين ڪيترن ئي وڻن، گاهن ۽ ٻوٽن کي بہ جڻ تہ پناهہ مليل آهي. ڪيرڙ، سنڌ جون ڪيتريون ئي ناياب شيون پنهنجي ساهہ ۾ سانڍيو وتي.

حڪمت جي حوالي سان بہ ڪنهن وقت ڪرڙ ڪم جي شئي هو پر هاڻ اتي بہ هن جي گهٽي اهميت نہ رهي آهي. اڳي ڪن، نڪ ٽوپڻ بعد ڪرڙ جون سڪل ڪاٺيون، ٽوپيل نڪ ۽ ڪن جي سوراخ ۾ ان ڪري وجهبيون هيون تہ جيئن هڪ تہ نڪ ۽ ڪن پچي نہ پون ۽ ٻيو تہ سوراخ بند نہ ٿين. اڳي ٻيئڙ بخار جي صورت ۾ پراڻي ڪرڙ جا ڇوڏا ڏاڳي سان ٻڌي، ڳچي ۾ وجهبا هئا. اڌ مٿي جي سور ۾ علاج طور بہ ڪرڙ ڪم ايندو هو. پراڻي ڪرڙ (تقريباً سئو سال عمر جي) جي پاڙ واري يا عام ڪاٺي، انسانن توڙي جانورن جي هڏ ڀڄڻ جي صورت ۾ اڱر ياڪوئلو ڪري مکڻ سان ڪارائبي هئي. جنهن مان هڏ بہ لڳي ويندو هو ۽ سور بہ ڇڏي ويندو هو. جڏهن تہ اها رک انسانن کي ماکي ۽ مکڻ ۾ ملائي ۽ جانورن کي اٽي ۾ ملائي ڪارائبي هئي، جيڪا ڇيلهہ جي سور لاءِ بہ مفيد هئي. پر جديد جلد اثر ڪرڻ وارين دوائڻ اچڻ بعد تيز رفتاري جي مرض ۾ورتل مريضن لاءِ ڪرڙ جو اهو ڪم بہ، ڪم جو نہ رهيو آهي. ڪرڙ اُلٽين، دستن، پيٽ جي بيمارين، زناني توڙي مرداني ڪمزوري ۾ بہ ڪم اچي ٿو. هن جي ڪاٺي جي ڪل مٿان اٿو ٿئي ٿو، جنهن کي چاقو وغيره

سان روڙيو، گڏ ڪري، لپري ٺاهي جانورن يا انسانن کي آيل موچ واري هنڌ مٿان ٻڌڻ سان فائدو ٿيندو آهي. ڪرڙ جي پاڙ جو دونهون جانورن جي زڪام، ڪنگ، يا سيءُ جو بهترين علاج آهي. ڇو جو اهو دونهون تمام گرم هجڻ ڪري فائدو پهچائيندو آهي ۽ هن سان مڇر بہ مري ويندا آهن. ڏندن يا ڏاڙهن ۾ سور هجڻ جي صورت ۾ هن جو ٻونگر/ٻورو ڪُٽي، ڏاڙهن يا ڏند مٿان رکڻ يا ان جي پاڙ ۾ وجهڻ سان فائدو پهچائيندو آهي ۽ مهارن مان ايندڙ رت بہ بند ٿي ويندو آهي. ڪرڙ جي ڪچي ٻُور مان ڪيڙا مار دوا ٺهندي آهي. ڪنهن بہ شي کي ڪيڙا هجن تہ ٻور گهوٽي ان سان زخم ڀرڻ سان ڪيڙا مري ويندا آهن. هن جا گُل يعني پُسي گهوٽي، گرم ڪري ان مان مختلف مرضن لاءِ ملم بہ ٺاهبا آهن. هن وڻ لاءِ اهو بہ چئبو آهي تہ اهو جنات جو بہ مسڪن هوندو آهي. جنهن جانور جا ٿڻ خراب ٿين (ان بيماري کي آڱرا جي بيماري سڏبو آهي) تہ خراب ٿيل ٿڻ هيٺيان ڪرڙ جو ڪوئلو رکي ان مٿان ان ٿڻ مان گوها هارڻ سان جيڪو ڪوئلي مان دونهون نڪرندو اهو ان خراب ٿڻ کي ٺيڪ ڪرڻ جو باعث بڻبو. هن جي ڪاٺي مان نڪرندڙ تيل/رس سنڌن جي سور لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي. ڪرڙ جو ڪوئلو ٻڪائي گيهہ ۾ ملائي سنڌن، وائي سور ۽ ڦٽ ڦرڙي جي علاج لاءِ دوا ٺاهبي آهي.هن جو ميوو يعني 'پڪا' وڏيڪ کائڻ سان قبضي بہ ٿي ويندي آهي. ان حوالي سان لوڪ ۾ چوڻي بہ مشهور آهي تہ "پائي جا پڪا، آنو ڪانچ ڏورائٽي".پڪن کائڻ سان رت وڌي بہ ٿو ۽ صاف بہ ٿئي ٿو. پڪا رت صاف ڪرڻ ۽ جگر لاءِ بہ مفيد سمجهبا آهن. پڪن اندر جيڪي داڻا هوندا آهن، جن کي سُڪائي، ڪُٽي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري ناس ٺاهبي آهي، جيڪا نزلي زڪام ۽ اڌ مٿي جي سور لاءِ مفيد سمجهبي آهي. پڪن جي ڳر کي ڪپڙ ڇاڻ ڪري، ان رس مان طاهري



پيٽ بہ رڌبو هو. مارو ماڻهو هن کي ڏُٿ طور بہ استعمال ڪندا آهن. ان ڪري ٿر ۾ هن کي "ڏوٿين جي ڏٿ ۽ مال جي وٿ" پڻ چيو ويندو آهي. هي بہ ٻين ڪيترن ئي وڻن وانگر سال ۾ ٻہ ڀيرا ميوو جهليندو آهي. جن مان هڪ سيزنل ۾ پيو 'ماڇڙي' وارو هوندو آهي. جنهن ۾ ڪيڙا/ڪيئان وڏيڪ هوندا آهن. هن جي ڪاٺي ٻارڻ سان جيڪو رس نڪرندو آهي، ان کي 'شيشو' سڏبو آهي. جيڪو خارش، ڇنيءَ ۽ ڏڍ سبب جسم تي ٿيندڙ داغن کي ختم ڪرڻ لاءِ مفيد سمجهبو آهي. ٻيئڙ تپ/بخار جي صورت ۾ بہ اهڙا جاڙا ڪرڙ جا وڻ جن جون ڪانيون پاڻ ۾ وڪوڙيل هجن، انهن جو چوڏو ٻڌڻ سان ٻيئڙ تپ ڇڏي ويندو آهي. هن جون سنهڙيون ڪانيون/لامون ننڍڙن ٻارن جو ڪاڪڙو ڪٽڻ لاءِ ڪم اينديون آهن، جن کي 'ڪام' سڏبو آهي. ٻارن کي مدي جي بخار جي صورت ۾، ٻار تي ڏاڳو گهوري ڪرڙ ۾ ٻڌبو آهي تہ ٻار جي بخار ختم ٿيڻ جي اُميد رکبي هئي، باقي اُن عمل سان ڪرڙ تي ڇا گذرندي هئي، اهو ڪرڙ ڄاڻي ۽ ان جو ڪم!

هن جي ڪاٺي مان جتي فنڪار يڪتارو ۽ باجو ٺاهيندا آهن، اُتي اڳي هٿ واريون سيوبون ٺاهڻ بعد انهن کي ڪرڙ جي ڪاٺي تي سُڪائڻ لاءِ رکبو هو. ڪرڙ جي ڪاٺي مان جتي ٻار ڇيڪلو ٺاهي جهولا کائيندا آهن، اُتي مال ۾ سامهاڙي جي بيماري دوران تيل ۾ ڪوئلو ملائي ڇيڪلي ۾ لڳائبو هو تہ جيئن ڇيڪلو وڏيڪ آواز ڪري. جنهن لاءِ چئبو هو تہ انهي آواز تي سامهاڙي جي بيماري ختم ٿي ويندي!هن جي ڪاٺي نرم سمجهبي آهي جيڪا ٻارڻ لاءِ بہ استعمال ٿيندي آهي تہ ڏندڻ طور بہ. پر پن نہ هجڻ سبب هن ۾ ڇانو نہ هجڻ برابر هوندي آهي. چون ٿا تہ مٺي پرسان ڳوٺ ڪينسر ڪرڙ جا تمام وڏي قد جا وڻ موجود آهن، شايد اهو اُتي

جي زمين جو اثر هجي. انهيءَ حوالي سان وڏيڪ ماهرن کي توجہ ڏيڻ گهرجي.

هندن ۾ ٻار نالي رکڻ واري تقريب 'ڇؤ ڪ' ۾ بہ ڪرڙ جون ڪاٺيون ڪم ايندڙيون هيون/آهن. ڪرڙمان رازن ٻاران پسلتر ڪرڻ جا مارا ۽ ٻيڙين جون چپڙيون بہ ٺهنديون هيون پر پاڻي گهٽجڻ بعد، ٻيڙيون ٺهڻ گهٽجي ويون تہ ملاحن بہ ڪرڙ کي وساري ڇڏيو. ڪنهن وقت ۾ چور، رات جو چوري ڪرڻ لاءِ وڃڻ وقت ڪرڙمان ٺاهيل گهوٻاٽا هٿيار طور بہ پاڻ سان گڏ کڻندا هئا تہ ڪجهہ شڪاري قبيلا جانورن جي ۽ پکين جي شڪار لاءِ ڪرڙ مان گهوٻاٽا ٺاهيندا هئا، پر افسوس جو هاڻ چورن ۽ شڪارين بہ ڪرڙ کي پٺي ڏيندي، پنهنجون سنهري روايتون بدلائي ڇڏيون آهن. اڳي ڪرڙ انساني نالي طور بہ ڪم ايندو هو ۽ اهو نالو، ان ٻار جو رکبو هو، جنهن جي مائٽن جي اڳوڻن ٻارن کي بيماريون هونديون هيون يا ٻار بيمار رهندا هئا ۽ نہ بچندا هئا. جيئن تہ ڪرڙ جي ڪاٺي کي اڏوهي يا ٻي ڪا بيماري نہ ٿي لڳي، تيئن ڪرڙ نالي رکڻ ۾ اها اميد شامل هوندي هئي تہ شل ٻار کي ڪا بيماري نہ لڳي. يا پوءِ ٻار جي وڏي عمر ۽ خواهش ۽ دعا طور بہ ڪرڙ نالو رکبو هو، ڇو جو ڪرڙ جي عمر بہ تمام وڏي ٿئي ٿي. پر هاڻ فيشني نالن اچڻ کان پوءِ اهڙين دعائيہ ۽ لوڪ ڏاهپ جي حساب سان حڪمت سان ڀريل نالن جي بہ اهميت نہ رهي آهي، سو ڪرڙ جي ان حوالي سان بہ جڙ تہ پاڙ پٽجي ويئي آهي.

روايتن مطابق سرينهن جي وڻ وانگر ڪرڙ لاءِ بہ چئجي ٿو تہ هن نبيءَ پاڪ صلي الله عليہ وسلم جن جو تپ جهليو هو، تنهن سبب هن جا پن ڇڻي ويا. اهڙين ڳالهين ڪافي وقت تائين ڪرڙ جي اهميت ۾ گهٽتائي اچڻ نہ ڏني. پر ڪتابي علم اچڻ بعد، ماڻهن ۾ ڪرڙ جي انهيءَ



اهميت جي بہ ڪا اهميت نہ رهي. ڪرڙ جنهن کي ڀٽائيءَ کان علاوه ٻين شاعرن ۽ سگهڙن جتي شاعري جو موضوع بڻايو، اتي ڪرڙ جي حوالي سان مختلف ڳجهارتون بہ ٺهيل آهن.

ڪرڙ جي نہ صرف اها خوشنصيبي آهي جو ان کي ڀٽائي سرڪار ڳايو آهي، بلڪہ ڪرڙ ان حوالي سان بہ خوش نصيب چئبو جو شاهہ صاحب ڪرڙ جو ۽ ڪرڙ جي مختلف قسمن جو پنهنجن ڪيترن ئي بيتن ۾ بہ ذڪر ڪيو آهي. ڀٽائي صاحب سُر مارئي ۾ ڪرڙ بابت چوي ٿو تہ: (علامہ آءِ آءِ قاضي)

لوئي ۾ لائون مون مارو سين لڏيون..........
سا ڪيئن ڪائي ڪارڪون، جنهن کي ڏؤنرا ڏيج ڏنائون

داستان ٽيون، سُر مارئي (وائي)

مون ۾ کيسجاهہ، مون ۾ ڪٽيجاهہ لوئي ميان عمر
ساڻ پلاءُ نہ پاڙيان، سندي ڏؤنرن ڏوئي
ڪوءِ سي طعام تن جا، ورساڏؤنرن ڏوئي

داستان چوٿون، سُر مارئي (وائي)

منجهہ رهي ملير هاري! مون ڪوهہ ڪيو
ٽڏيون وليون ٿرن ۾، ڪوڙين ڪرڙ ڪريو

داستان پنجون، سُر مارئي (وائي)

تن وَهين ويڙيچن ۾، سدائين سُڪار
چونڊيو آٽيو چاڙهيون، سندي ڏؤنرن ڏار
جن جو ويڙن سين واپار، سي ڏوٿي هون نہ ڏٻرا

**داستان ستون، بيت پنجون، سُر مارئي**

نڪا جهل نہ پل، نہ ڪو رائر ڏيهہ ۾،
آٽي، وجهن آهُرين، روڙيو رَتا گُل،
مارو پاڻ اُمل، مليرون مرڪٽون

**داستان ستون، بيت ستون**

پُسي ڪائي پيٽ ۾، ڏؤنرا ڏن ڏيندي،
ويڙهين ڏي ويندي، عمر آئون ماروئڙن ڏي ويندي

**داستان نائون، سُر مارئي**

سچ ڪہ اُنا مينهن، مونهان پوءِ ملير ۾،
ڏوٿين لائيا ڏينهن، پَهريا جي پُسيءَ ڪي.

**داستان يارهون، بيت پنجون**

پانڌي پرين پنهوارن ڪي، ڏج نياپا نيڪي،
ساري ڏج سرتيئن، ياد پون جيڪي،
وليون وڻ ڦلاريا، ڪرِڙ پڪا ڪي ڪي،
زيريو نيچي جيڪي، ملان ماروئڙن ڪي.

**داستان ستون، بيت 08، سُر مارئي، شاهہ جو گنج، سگهڙ الهداد جنجهي.**

جت ڪرڙا ڪٺا ۽ ڪاهيون پال، پڪا ۽ پَڪَ
سرهيون سيئي سرتيون جي حاضر پاسي حق
ماٽيان، شال ملير ۾ منداڻتي مَڪ،
ڪيڪاريان سپ خلق، جا ٿر ڄائي ۾ ٿوهرين

**داستان ستون، بيت 21، سُر مارئي، شاهہ جو گنج، سگهڙ الهداد جنجهي.**



تن ونهين ويڙهيچن ۾، سدائين سُڪار،
چونڊيو آٽيو چاڙهين، سندو ڏونئرن ڏار،
وهڻ جون واري ۾، ٻيا ويڙين سين واپار،
اوءُ لاڪيڻا لطيف چئي، سمهن ڪين سنگهار،
جن جا اهڙائي پار، تن جي سام پرتئي سومرا.

**داستان ستون، بيت متفرق 22، سُر مارئي، شاهہ جو گنج، سگهڙ الهداد جنجهي.**

ڪرڙ ڪيترو ئي وقت لوڪ ڏاهپ جي ماهرن ۽ هارين نارين ڪي وقت جو احساس ڏياريندو رهيو پر جڏهن خود لوڪ ڏاهپ جي اها اميت نہ رهي تہ ڪرڙ جي ڪٿان ٿي اهميت برقرار رهي سگهي! لوڪ ڏاهپ جي ڏاهن مطابق ڪرڙ هوئڻ تہ بي منداڻتو ميوو بہ ڏيندو آهي پر ڪرڙ پاران منڊئتيءَ پُسي جهلڻ جو مطلب، سيايي جي باقي اڌ ٻچڻ هوندو آهي. پُسي بعد سياري جو مشڪل سان وڃي مهينو بچندو آهي. پُسي وقت بلبل پکي ٻچا ڪري، ڪٽڪن جي آنپن تي ورڻ جو اڳواٹ اطلاع ڏيندو آهي. ان وقت لاباري تي گذران ڪندڙ اَن جي آسري ۾،لاباري لاءِ گهر ٻار ڇڏڻ جي تيارين ۾ هوندا آهن ۽ ڪو ساهہ مٽ ۾ ڪيو "هو ٿا پلاٽين، هينئڙو مون هيٺو ٿئي" پيو جهونگاريندو آهي! ڳاڙهي پُسي مان ڏيني ٽيڻ وارو وقت بهار جي شروعات جو هوندو آهي. ان وقت موسم مٽجي رهي هوندي آهي. رات جو ٿورو ٿور سي ۽ ڏينهن جو گرمي هوندي آهي. ان بعد سائي پکي مان وري ڳاڙها پڪا ٿيندا آهن ۽ اهو وقت ڪٽڪن جي لاباري ڪان پوءِ چيٽ بعد گرميءَ جي تيز ڪاڙهن يعني گرميءَ جي چاليهي جو هوندو آهي. پکي وقت تتر، سهو، ڦاڙهو ۽ ٻيا جانور ٻچا ڪندا آهن جن لاءِ تيار ٿيل سگر ۽ پيرون بہ جهڙوڪر قدرت طرفان مهيا ڪيل خوراڪ

مثل هوندا آهن. پکن کي ٻکري، نور، کيڙا ماکوڙا شوق سان کائيندا آهن جڏهن تہ هي اٺ جو چارو بہ بڻجندو آهي. پکن سان گڏ سڱر ۾ پيرن جون چٽڻ، بند ٿيل ڏکڻ کلڻ ۾ آرهڙ جي چاليهي پڇڻ ۾ ڏکڻ شروع ٿيڻ جو نشاني هوندو آهي. اهڙي طرح ڪرڙ وس آهر موسمن جي مٽجڻ جو ڏس پتو پيو ڏيندو آهي/هو پر هن تيز رفتار دؤر ۾ ڪرڙ پاران جيئڻ جي بدلي، آهي ننڍيون خدمتون سرانجام ڏيڻ شايد معاشري جي توقع کان ۾ زنده رهڻ جي قيمت کان گهٽ آهن! ان ڪري شهرن ۾ آبادين کان نيڪالي ڏنل ڪرڙ هاڻ پويان پساهہ کڻي رهيو آهي. مجون ٿا تہ خو د غرض معاشري لاءِ ڪرڙ هاڻ اوترو اهم نہ رهيو ۾ ڪم نڪرڻ بعد معاشري هن مان اکيون ڦيري ڇڏيون آهن. پر ڪرڙاجا صفا آسرو نہ لاٿو آهي. ڪرڙاجا بہ انهي خوشفهميءَ جهڙي توقع جي آسري ۾ آهي تہ ڪو بہ سرڪاري ادارو ڪا تنظيم، ڪم جو نہ سهي پراڻي وقت جي ۾ وڏڙن جي يادگار ۾ اڳوڻن وقت ۾ ڪنهن ڪن جو سمجهي، ڪنهن وڻن جي چڙيا گهر ۾ ئي کڻي جاءِ ڏيندو! هن ماحول ۾ معاشري مان اهڙي توقع ڪرڻ، آهي تہ فضول پر ڏسون، متان ڪو اٿي پوي ۾ ڪرڙڪجهہ وڌيڪ وقت تڳي پوي!!

# چندن

## سڀ کان مهانگو وڻ، جنھن جي گُلن بجاءِ ڪاٺي ۾ خوشبو مجي ٿي

سنڌ ۾ جيڪي وڻ بلڪل ئي ناياب ٿي وجود وڃائي چڪا آهن، جن جو هاڻ ڪو ڏس پتو بہ نہ ٿو ملي، انهن جو ذڪر يا تہ حڪمت جي يا ڪجھ مذهبي ڪتابن ۾ ملي ٿو يا پوءِ نيٺ تي ملي ٿو! هاڻ تہ اهي جھونا بہ هليا ويا جن ڪڏهن چندن جو وڻ ڏٺو هجي ۽ ان بابت ڪجھ ٻڌائي سگهن، اهو وڻ آهي چندن Red Seznal Roze جو وڻ! جنھن کي ڀٽائي صاحب ڳائي، هميشہ لاءِ امر ڪري ڇڏيو. سدا بهار، خوبصورت، خوشبودار، مقدس، اٽليپ ۽ قيمتي وڻ چندن دنيا جو تہ مهانگو وڻ آهي الائي نہ، پر ان جي ڪاٺي پاڪستان ۽ سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ مهانگي ضرور آهي. ٻيون ڪاٺيون جتي فُٽن جي حساب سان وڪامن ٿيون، اُتي هن جي ڪاٺي تور جي حساب سان ملي ٿي. سنڌ ۾ هن وڻ جي وجود بابت ڪو ٻيو پڪو پختو ثبوت تہ ڪونہ ٿو ملي، البتہ جھونن وٽان اهي خبرون ۽ روايتون ضرور ملن ٿيون تہ هي وڻ همير سومري جي دؤرِ حڪومت ۾ هي وڻ سنڌ ۾ موجود هو يا پوءِ مومل راڻي واري وقت ماڻيلي واري پاسي بہ هن جو ڏس ملي ٿو تہ ساڳئي وقت ٿر جا ڪي جھونا، پنھنجي وڏن کان ٻڌن اهي ڳالهيون بہ ڪن ٿا تہ جڏهن اهي واپار سانگي اُٺن، گھوڙن ۽ گڏهن وغيره تي سفر ڪندا هئا تہ ڪين واٽ ۾ رات پوندي هئي تہ اهي چندن جي وڻ هيٺيان رات گذارڻ کي ترجيح ڏيندا هئا. جنھن جو هڪ سبب هن وڻ



بابت مشهور اهي ڳالهيون بہ ٿي سگهن ٿيون تہ هن جي ڪاٺي وغيره تي جن، جادو يا ڪو ٻيو عمل اثر نٿو ڪري سگهي!

سڄو سال سائو رهندڙ قدرت طرفان انتهائي ڪمال ۽ ڪاريگري سان تمام گهڻين نعمتن سان نوازيل چندن جي پاڙ اڇي رنگ جي، وچون حصو يعني ٽُڙ ڦڪو ۽ خوشبودار هجي ٿو. اها بہ عجيب ڳالھ آهي تہ ٻين وڻن جي ٻوُر ۽ گلن ۾ خوشبو هوندي آهي، پر چندن جي ڪاٺي ۾ خوشبو هوندي آهي!! هن جي مڪمل ٿيڻ يعني خوشبودار ٿيڻ ۾ پنجاھ کان سٺ سال لڳي ويندا آهن. مزي جي ڳالھ تہ هن وڻ بابت اهو بہ مشهور آهي تہ جيئن جنگل جو بادشاھ شير، جھنگ ۾ هڪ ئي هوندو آهي، ائين چندن بہ اڪيلو ئي هوندو آهي. هن جي پرسان ٻيو چندن نہ هوندو آهي. چون ٿا تہ هن جي خوشبو ٻين وڻن کي پرسان ٿيڻ ناهي ڏيندي ۽ ان کي ساڙي ڇڏيندي آهي!! هن جو قد چاليھ فُٽ کن ۽ ويڪر تي فُٽ کن ٿئي ٿي. هن جون ٽاريون/ڪاٺيون جھڪيل هجن ٿيون. هن جو ميوو وانگڻائي رنگ تي ٿئي ٿو. جنھن کي پکي بہ شوق سان کائين ٿا. هونئن بہ هي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿئي ٿو. پر انڊيا، نيپال، بنگلاديش، آسٽريليا ۽ سريلنڪا وغيره ۾ هن کي هٿرادو نموني بہ لڳايو ويجي ٿو! انهن ملڪن ۾ هن جون نرسريون ٺاهي، انهن ۾ پوکي، وڏائي پوءِ ٻيلا پوکيا وڃن ٿا. دنيا ۾ پارٿ ۽ آسٽريليا جي چندن کي بهترين سمجهبو آهي. پارٿ ۾ تہ هن کي پاڪ پوتر وڻ سمجھيو وڃي ٿو. چوري کان بچڻ لاءِ هن جون نرسريون چٽين تي ٺاهيبيون آهن. پارٿ ۾ وڏن/اميرن کي اگني سنسار ڪرڻ وقت هن ڪاٺي جو استعمال لازمي هوندو آهي. انڌرا گانڌي ۽ راجيو گانڌي لاءِ چيو وڃي ٿو تہ انهن لاءِ سڀ ڪاٺيون چندن جون ئي استعمال ڪيون ويون هيون. باقي غريب غربي لاءِ هي ڪاٺي مهانگي هجڻ سبب، هونئن

ئي انهن جي پهنچ کان پري هجي ٿي، پر ڪي ماڻهو هن جي ڪاٺي جو ٽورو ڳهٽو ٽڪرو انهيءَ موقعي تي استعمال ڪرڻ کي افضل سمجهندا آهن. شادي جي مختلف رسمن ۾ به هن ڪاٺي جو استعمال لازمي هجي ٿو. جادو ۽ اهڙن ٻين علمن جي اثرن کان بچڻ لاءِ هن جي ڪاٺي جو واس به ڏبو آهي. هن ڪاٺي جو ڪوئلو ناهي ٿيندو، بلڪ اها سڙي رک ٿي ويندي آهي.

پڪي ۽ پٿريلي زمين ۾ ٿيندڙ هن وڻ کي پنجويهه کان چاليهه گرمي پد ۽ 100 کان 600 ملي ميٽر بارش گهربل هوندي آهي. بارش ۾ هي سُٺو ٿيندو آهي. مزي جي ڳالهه ته هي خوراڪ پاڙ وسيلي ٻين وڻن مان حاصل ڪندو آهي. ڀارت ۾ هن جي ڪاٺي کان علاوه ٻج به تمام مهانگو يعني 20 هزار روپيه ڪلو جي حساب سان ملي ٿو. ڀارت ۾ هن جي ڪاٺي 12 هزار کان 20 هزار تائين جڏهن ته پاڪستان ۾ چوِن ٿا ته 30 هزار کان 35 هزار تائين ڪلو جي حساب سان وڪامندي آهي جيڪا وزن ۾ صفا هلڪي به هوندي آهي. ڀارت ۾ حڪومت پاران هن وڻ جي وڌائڻ لاءِ ڪيترن ئي نوجوانن ۽ ماڻهن کي سال ۾ هڪ ڀيرو ۽ ضرورت پوڻ تي ٻه ڀيرا به ٽريننگ ڪرائي وڃي ٿي. ان کان علاوه اُتي هن جي وڍڻ تي انسان جي برابر سزا مقرر ٿيل آهي.

چندن ٻن قسمن جو ٿئي ٿو هڪ اڇو ۽ ٻيو ڳاڙهو. اڇو چندن 20 کان 40 فٽ ۽ ڳاڙهو 15 کان 25 فُٽن تائين جو ٿئي ٿو. ڳاڙهي جو قد ننڍو، کل ڪاري ۽ ڀوري رنگ جي هجي ٿي. هن جا گونئچ ڏاڍا نرم رهن ٿا. هن جا پن ٽاري ۾ ٻٽا ۽ هيٺ مُڙيل هجن ٿا. چندن جي پڪل ڪاٺي اندران ڦڪي/پيلي ۽ خوشبودار هجي ٿي. هن وڻ کي تيار ٿيڻ يعني خوشبودار ٿيڻ ۾ 50 کان 60 سالن تائين جو عرصو لڳي وڃي ٿو!! هن جي خوشبو



جي ڪري هن تي ڀوپٽ ۽ ڀونئرا هميشه هن تي مڙيل هجن ٿا ۽ نانگ به هن جي سُرهاڻ جي واس وٺڻ لاءِ هن ۾ اچي رهندو آهي. سٺو ۽ پائدار چندن يا ان جي ڪاٺي ان کي سمجهبو آهي، جنهن ۾ رس گهٽ هجي. ان رس مان ئي تيل نڪرندو/نهندو آهي. جنهن جو ذائقو ڪڙو پر خوشبودار هوندو آهي.

هن کي ڀٽائي سرڪار سُر مومل راڻي ۽ سُر ڪنيات ۾ ڪافي ڳايو آهي. ان کان علاوه ٻين به ڪيترن ئي شاعرن هن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو آهي.

سال جا 12 ئي مهينا سائو رهندڙ وڻ بابت ڪن ماڻهن ۾ اها غلط فهمي به موجود آهي ته چندل، صندل ۽ سرڪنڊ هڪ ئي وڻ جا مختلف نالا آهن. جڏهن ته ڪن جي بقول ته چندن الڳ وڻ آهي. پر صندل ۽ سرڪنڊ ساڳيو وڻ آهي. ڀٽائي جي رسالي ۾ صندل جو ڪٿي به ذڪر نٿو ملي، البته سرڪنڊ بابت بيت چندن سان گڏ ضرور موجود آهي.

## چندن مان ٺهندڙ مختلف شيون

چندن جي ڪاٺي مان مختلف شيون به ٺهن ٿيون هن مان ٺهيل پينگهي جي ته ڳالهه ئي نرالي هجي ٿي. هڪ پينگهي ۾ لڏڻ جا مزا، ٻيو ڪاٺي جي سُرهاڻ ۽ ٽيو جيڪو دل گهريو گڏ هجي ته پوءِ باقي ڪپي به ته چا! وڏا ماڻهو پنهنجن ٻارن جي شادين ۾ چندن جي ڪاٺي جا هندورا ڏيندا آهن/هئا. هن جي ڪاٺي مان اُنن جا پاڪڙا به ٺاهبا هئا ته

## چندن نالي واريون ڪجهه ٻيون شيون

چندن نالي سان نه رڳو وڻ آهي، بلڪ انهيءَ نالي سان چندن گاهه، چندن ٻوٽي ۽ چندن ول جو ڏس ملڻ کان علاوه ٻيون شيون به آهن. جيئن چندن گڏ، چندن پٽي، چندن هار، چندن ڳوهه ۽ چندورو وغيره. پر

انهن سيني ڳالهين ۾ شين ۾ اهو ڪٿي بہ واضح نٿو ٿئي تہ ڀٽائي صاحب جنهن چندن کي ڳايو آهي، اهو چندن وڻ کان سواءِ ڪا ٻي شيءِ بہ آهي. مٿي ذڪر ڪيل چندن نالي وارين شين جو مختصر ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

1. چندن گڊ: چندن گڊ نالي سان ڪارونجهر جبل ۾ هڪ قلعو اڄ بہ ڊٺل حالت ۾ موجود آهي، جيڪو پارڪر جي راڻي چندن سنگهہ دشمن کان بچڻ لاءِ ٺهرايو هو جيڪو سندس نالي پٺيان سڏجي ٿو. هي اهو ئي قلعو هو جتي 1859ع ۾ روپلي ۽ تروٽ جي فوجين وچ ۾ لڙائي لڳي هئي، جنهن جي ڪمان ميجر ڪٿلي ڪري رهيو هو. انهيءَ گڊ/قلعي کي انگريزن توپن جي گولن سان تباهہ ڪيو جيڪو اڄ بہ تباهہ شده حالت ۾ موجود آهي. اهڙي طرح باقي سنڌ تہ انگريزن 43/1842ع ۾ فتح ڪري ڇڏي پر اهو علائقو 1859ع ۾ سندس قبضي هيٺ اچي سگهيو.
2. چندن گل/ٻوٽي: چندن نالي سان هڪ گل يا ٻوٽي بہ ٿئي ٿي، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ اها هتي جي مقامي نہ پر اصل ۾ آفريڪا واري پاسي جي آهي. جيڪا هاڻي ملڪي توڙي سنڌ جي نرسرين ۾ اُپائي وڪرو ڪئي وڃي ٿي. هي هڪ ڇهہ ماهي يعني سيزنل/موسمي ٻوٽي آهي. هن جا گل هيڊا، پن ساوا ڊگها ۽ ويڪرا ٿين ٿا. حڪيمن مطابق هن جون پاڙون ۽ ٽاريون ڪاڙهي، ماکي ۾ ملائي شربت ٺاهي پيئڻ سان کنگهہ ختم ٿي وڃي ٿي. جڏهن تہ هن جي ٻج ۾ چربي وارا جُز هوندا آهن، جيڪي چمڙي کي نرم ۽ خوبصورت بنائين ٿا.
3. چندورو: چندورو نالي سان ٻوٽو ٿر ۾ پيدا ٿيندو آهي، پر ڪٿي ڪٿي خاص ڪري هن جو ڏس ڪارونجهر واري پاسي وڌيڪ ملي ٿو. هي



هڪ خوشبودار ٻوٽو آهي، جيڪو عورتون وارن ۾ خوشبو خاطر لڳائينديون آهن. ڪن ماڻهن جو اهو چوڻ آهي تہ ممڪن آهي تہ ڪاڪ ۾ مومل جي ماڙي ۾ بہ شايد اهو ئي ٻوٽو هجي! (پر اصل ۾ ائين آهي ڪونہ) هن مان ڀڳل هڏن کي جوڙڻ لاءِ معمائي/معجون بہ ٺهندو آهي. هن جو ڪنور ڪارائڻ سان ٽڪل چوپايو مال، سگهو متارو ٿي ويندو آهي.

4. چندن چوڙي: هي هڪ گاهہ جو قسم چيو وڃي ٿو.
5. چندن هار: چندن نالي سان هڪ ڳهہ/هار بہ هجي ٿو. جيڪو ڪنوار جي ڳچي ۾ خاص حيثيت رکي ٿو جيڪو پيٽ /ڌُن تائين هجي ٿو. اڳي تہ هي چاندي مان هي ٺهندو هو پر هاڻ سون جو بہ ٺاهيو وڃي ٿو. ڪتابن مطابق هن هار جو ڏس ٻہ هزار قبل مسيح ۾ بہ ملي ٿو. هن ۾ چاندي جي ننڍڙي زنجيرن ۾، ننڍڙا ننڍڙا چنڊ جُڙيل هوندا آهن. شايد اُن ئي نسبت سان هن کي چندن هار سڏجي ٿو. ان کان علاوه چندن هار نالي سان مرزا قليچ بيگ جو شاعري جو ڪتاب ۽ ساڳي نالي سان اسلامي ڪهاڻين تي مشتمل احمد المرتضيٰ لال جا ڪتاب بہ ڇپيل آهن.
6. چندن ڳوهہ: چندن ڳوهہ نالي سان پيرن تي رڙهندڙ هڪ سِرڙٿو جيت بہ آهي، جيڪو فُٽ کن ڊگهو ڳوهہ جي هڪ قسم طور سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو ٿر بر ۾ ننڍڙن دڙن جي اُپ ڪپرن جي پاسن وٽ، نرم زمين ۾ ٻِر کوٽي رهڻ کان علاوه گندن وارن لوڙهن ۾ بہ رهي ٿي. هي زبان ٻاهر ڪڍي لبڪا بہ ڪيندي آهي. هن جي پيرن جي چنبن ۾ سخت ناخن هوندا آهن، جن جي مدد سان هي پٽين تي بہ چڙهي ويندي آهي. هي ڏيڏر، گوگهيون، گليٽيون، ننڍا جيت، جهرڪين، جا آنا ۽ ٻچا بہ

ڪائيندي آهي. اڳي هن ڪي ڪولهي ۽ جوڳين جي ڪائڻ جون خبرون ٻـ عام هونديون هيون، پر هاڻ زمانو ڪافي بدلجي چڪو آهي. هن تي ڪنوڙڪرڻ جون ڳالهيون ٻـ ڪيون وڃن ٿيون. ان ڪري هي اڪ جي ٻوٽي ۾ پناهہ ٻـ وٺندي آهي تہ ان ۾ رهڻ ٻـ پسند ڪندي آهي.

7. چندن پٽي: سانگھڙ شهر ڪان اتر جهول روڊ تي ڳوٺ گل حسن سريوال واري پاسي انهيءَ زمين جي ٽڪري ڪي چندن پٽي جي نالي سان سڏبو هو. جنهن جون حدون سانگھڙ ڪان اُتر ۾ڳوٺ گولاڙڪي، ڏکڻ ۾ گھُنڊڻ، اوڀر ۾ چامارو ۽ اولهہ ۾ گل حسن سريوال تائين هيون. (جڏهن تہ اها پٽي يوسي گھنڊڻ جي ديهہ نئون ڊِم ۽ ٽپي ٽِمهون ۾ شامل آهي)

8. چوٽي چندن: چوٽي چندن نالي سان هڪ ٻوٽي ٻـ ٿيندي آهي. جنهن ڪي عربي ۾ اَسارون ۽ سنڌي ۾ تَڪَر ڪاٺي سڏبو آهي. هي قد ۾ 2 ڪان 4 فٽ ٿئي ٿي. هن جي هر حصي تي نرم نرم ڪُٽ ٿيندي آهي. هن جا پن 1 انچ ڪان 3 انچ تائين ٿين ٿا، جن ۾ سنها گلاب جي پنن ۾ موجود ڪنڊن وانگر ڪنڊا ٻـ ٿين ٿا. هن جي گلن جو رنگ اڇو ۽ گلابي ٿئي ٿو. هن جا گل ڇڳن جي صورت ۾ پنجن پنڪڙين وارا ٿين ٿا، جيڪي جولاءِ ۾ لڳن ٿا. هن جو ميوو ڪرڙ جي ڏونئري جيترو گول ٿئي ٿو. هن جي پاڙ خوشبودار ٿئي ٿي. جن مان ڪنهن جو رنگ پورو ۽ ڪنهن جو هلڪو ڦڪو ٿئي ٿو. هي ٻوٽي پنڊي، مالاڪنڊ، اَپر هزاره، خيبر ڪرم، هماليہ جبل، ڪشمير ۽ افغانستان جي اڪثر انهن جابلو علائقن ۾ ٿئي ٿي، جيڪي هڪ هزار ڪان 5 هزار فٽن جي بلندي تائين اوچائي تي هجن. هن مان جگر، جيئري، معدي، دماغي چريائپ ۽ اڪين جي ۽ ڏُند لاءِ دوا ٺهندي آهي.



## ڪاٺي جو استعمال حڪمت جي حوالي سان:

چندن جي ڪاٺي مذهبي رسمن ڪان سواءِ حڪمت جي حوالي سان ٻـ اڪسير سمجهبي آهي ۽ اها ڏاڍي اهم ۽ ڪارائتي آهي. جيڪا ڪيترين ئي دوائن ۾ ٻـ ڪم اچي ٿي. هي ڪاٺي وڍڻ ڪان پوءِ پنجاهہ ڏينهن تائين زمين ۾ پوري ڇڏجي. ناڪاره ڪاٺي ڪي سُرو ڪائي ويندو ۽ باقي بچيل ڪاٺي عمده ڪاٺي سمجهبي آهي. جنهن جي طاقت ٽيهہ سالن تائين قائم رهندي آهي ۽ ان سان مختلف دوائون ٺاهيبيون آهن. ان پنج ڇهہ سيڪڙو تيل ملندو آهي. جيڪو دل، دماغ جي ڪمزوري معدي جي گڙ ٻڙ، ورم ڪي فائدو ڏيندڙ ۽ رت ڪي صاف ڪندڙ ۽ دستن ۾ فائدو ڏيندڙ هجي ٿو. سوڄ جي صورت ۾ ان جي حرارت ڪي فائدو پهچائيندڙ آهي. چندن مان ڪيڙي مار دوائون ٺاهڻ ڪان علاوه هن جي ڪاٺ ٻُر مان وڏي ڪنگھہ، بلڊ پريشر ۽ شگر جو ٻـ علاج ڪبو آهي. چندن جو روغن پراٽي ۽ سوزاڪ لاءِ مفيد آهن.

# ڪامهون

## غريبن جي روزگار جو اهم ذريعو

مَس ٻوٽي طور مشهور ڪامهون جنهن کي مختلف علائقن ۾، مختلف ماڻهو ڪامون ۽ ڪامُهين بہ سڏيندا آهن، سو هڪ وڻ نما ٻوٽو تہ آهي ئي آهي، پر هي وَل وانگر بہ وڌندو آهي. اولهہ ۽ اُتر جي ڪُنڊ جي لڳندڙ هوا جنهن کي 'واهوندو' سڏبو آهي، تنهن کي ڪي ماڻهو ڪامهون بہ سڏيندا آهن. پر پاڻ هتي ڳالهہ ڪيون ٿا ڪامهون وڻ/ٻوٽي جي، جيڪو اڪثر ڪري پاڻي جي وهڪرن، شاخن، واٽرن، ڪرڙن، ڇارين، ڦوڳن، ڪونيٽن، لوڙهن ۽ ڍينگهرن وغيره جي وچ ۾ يا پاڻي پرسان ڦٽندو آهي. هي منفرد ٻوٽو زمين مان ڇڳن جي صورت ۾ نڪرڻ/ڦٽڻ/اُپرڻ مهل تہ گلابي رنگ جا پن ڪڍندو آهي، جيڪي پوءِ فُٽ کن جو ٿيڻ تي ساوا ٿي ويندا آهن. هن جو عام قد 5 کان 8 فُٽن تائين هوندو آهي، پر ڪنهن ٻئي وڻ يا ڪنهن بجلي جي ٿنڀي وغيره تي ول ويڙهي وانگر چڙهڻ جي صورت ۾ ٽيهہ فٽن تائين بہ هليو ويجي ٿو. پر هي جنهن وڻ کي وڪڙجهندو آهي، ان جي واڌ ويجه کي متاثر ڪندو آهي. هي ايترو تہ گهاٽو ٿيندو آهي، جو جيڪڏهن ڪنهن پوک وغيره جي چوڌاري ڦِريل هجي تہ ان فصل کي مال جي ڀيل کان بچائڻ لاءِ لوڙهو ڏيڻ جي بہ ضروت ناهي پوندي. هي ٻوٽو زمين تي تمام گهڻو پکڙجي بہ ويندو آهي. جيڪو ٻوٽو ڇٽ هٽي، ويڪرو ٿئي ان کي 'موڙ ڪامهون' سڏبو آهي. مهندي جي ٻوٽي سان



مشابهت رکندڙ هن ٻوٽي جون ٽاريون بہ مهندي جي ٻوٽي سان مشابهت رکندڙ هجن ٿيون، پر مهندي جو ٻوٽو هن جهڙو گهاٽو ناهي ٿيندو. هن جي تاثير بہ مهندي وانگر ٿڌي ٿئي ٿي. ورن وڪڙن واريون ڪامهون جون ڪانيون پاڻ ۾ ايتريون تہ ڄار مثل ويڙهيل هونديون آهن، جو انهن کي ڏار ڪرڻ هڪ ماڻهو لاءِ مشڪل هوندو آهي. جن ۾ اڪثر جانورن جا ننڍا ڦر يا سها وغيره ڦاسي ويندا آهن ۽ نڪري بہ ناهي سگهندا ۽ مري بہ ويندا آهن. هن جي گهاٽاڻ جي ڪري، ڪوئا بہ هن جي پاڙ ۾ ٻر کوٽي رهندا آهن. جنهن سان هو 'ڪوئا مار' پکي کان پاڻ بچائيندا آهن. ڪوئن جي کوٽيل ۽ ٻرن واري مٽيءَ کي 'ڪوئا ڪر' سڏبو آهي. جيڪا ڀاڳين لاءِ اڪثير جو درجو رکندڙ هجي ٿي. جڏهن ڪنهن جانور جي ويامڻ جي وقت اوهہ تہ سوڄ چڙهندي آهي تہ اها مٽي پُسائي، انهيءَ جانور جي اوهہ تي لڳائڻ سان سوڄ لهي ويندي آهي. ان کان علاوه ماکي ۽ ڪکريون بہ هن ۾ ويهڻ کي پسند ڪنديون آهن. هن ۾ ويٺل ماکي انين، نائين ۽ ڏهين مهيني ۾ رس بہ وڏيڪ ڪنديون آهن تہ ڇيڙاڪ بہ وڏيڪ ٿي وينديون آهن. انهن ڏينهن ۾ ڪامهون ۾ ويٺل ماکي ويهارو کن ڏينهن ۾ ڪلو کن رس ڪري وٺندي آهي. ان وقت ماکي جي ڇيڙاڪ ٿيڻ جو هڪ سبب ماڻهن پاران اهو بہ ٻڌايو ويجي ٿو تہ انهن ڏينهن ۾ ڪکرون بہ پنهنجا مانارا وڏا ڪنديون آهن، جيڪا ڳالهہ شايد ماکي کي پسند ناهي ايندي!!(؟) ڪامهون ننڍن پکين لاءِ بہ پناهہ گاهہ جو درجو رکند ڙ آهي. ڳيرو، تتر ۽ ڪبوتر وغيره بہ باز کان بچڻ لاءِ هن گهاٽي وڻ ۾ لڪي جان بچائيندا آهن. بلبليون وغيره بہ هن ۾ آنا ۽ ٻچا ڪنديون آهن. هن ۾ ڪنڊا بلڪل ناهن هوندا. جيڪڏهن ڪو ادارو تحقيق ڪري، هن جي ڪنڊن وارن جنس پيدا ڪري وٺي تہ هي ٻوٽو لوڙهو ڏيڻ لاءِ بهترين بڻجي سگهي ٿو.

جنهن سان نہ صرف لوڙهو خوبصورت نظر ايندو، بلڪ ان سان لوڙهو ڏيڻ لاءِ وڻن جي واڍي ۾ بہ ڪمي اچي سگهي ٿي تہ اڪثر ٻوٽن ۽ گهرن کي لڳندڙ باهہ وقت، لوڙهو جيڪو باهہ مچائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو آهي ۽ نقصان ٿيندو آهي، ان مان بہ ڪنهن حد تائين بچي سگهجي ٿو. هي نہ صرف مهندي جهڙو نظر اچي ٿو بلڪ هن جا ڪم بہ مهندي سان ملندڙ آهن. نہ صرف اهو تہ عورتون هن جا پن مهندي جي پنن سان مڪس ڪري، ٻاري تيل ۾ ملائي وارن کي لڳائينديون آهن، جن سان وار مضبوط، ڪارا، چمڪدار ۽ ڊگها ٿين ٿا. بلڪ عورتون هن جي پنن جي ليپ سان مٿي جا وار ويڙهائينديون بہ آهن. هن جي وارن ۾ ٿوري ليس بہ هوندي آهي. جيڪا وارن کي سٽپو رکندي آهي. اڪثر ماڻهو هن جي پنن کي ڪُٽي مهندي سان ملائي چڙهيندا آهن، پر اهڙي مهندي گِگ/ليس ڪرڻ سان سڃاپجي بہ ويندي آهي. هن جا پن غريب گرگليون (شايد غربت سبب) اڄ بہ مٿي ۾ استعمال ڪنديون آهن جنهن سان دماغ ٿڌو پڻ رهي ٿو.

سدائين سائي رهندڙ هن ٻوٽي جو خزان بہ ڪجهہ ناهي بگاڙي سگهندي. ڪٽڪن جي لاپاري جي ڏينهن ۾ جڏهن ٻيا گاهہ گهٽي پاڳي سُڪي ۽ سڙي ويندا آهن، ان وقت پاڳيا هن کي لُٽي ٻڪرين کي ڏيندا آهن. هونئن تہ هن کي اُٺ ۽ ڍڳيون بہ شوق سان کائيندا آهن تہ ساڳئي وقت وهيو، ڪٻر، ڪوئل، طوطو، هُڙيو ۽ ليلهو بہ شوق سان کائين ٿا. هن جو ذائقو هلڪو ڪتو ٿيندو آهي. خاص ڪري ڪاموريون ٻڪريون هن کي وڌيڪ پسند ڪن ٿيون. هي وڻ اڪثر ڪري دريائي علائقن، پاڻي واري زمين، واٽرن ۽ شاخن جي ڪنڌين، لوڙهن، مختلف قسمن جي ٽنين ۾ ٿيندو آهي. هي جيئن تہ اڳ ۾ هيٺ لاٽي وانگر پکڙجي جڳهہ ولاريندو



آهي (جنهن کي موڙهہ ڪامهون سڏبو آهي) پوءِ مٿي وڌندو آهي. ان ڪري هاري ناري هن کي ٻنين ۾ بلڪل بہ برداشت ناهن ڪندا ۽ هن کي پاڙان پٽي اڇلائي ڇڏيندا آهن. جنهن ڪري هن جو وجود بہ آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهي. هن جي شاخن وانگر پن بہ سنها ٿيندا آهن. هي ٻن ٽن سالن ۾ وڏي وڏو ٿي ويندو آهي. هي اڳ ۾ سائي رنگ جو ٻور جهليندو آهي. جنهن مان پوءِ نيري ۽ آسماني رنگ جا گل ڦٽندا آهن. هن جا پن تمام سنها ۽ نرم ٿيندا آهن جيڪي شاخن ۾ هئيڊا ٿيڻ بعد هيٺ ڪري پوندا آهن. هن جو ذائقو تکو هوندو آهي. هي ڇانگ ڪرڻ سان تمام تيزي سان وڌندو آهي. هي برسات بعد ڏاڍو خوبصورت ۽ وڻندڙ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. عجيب ڳالهہ تہ شام/سنجهي ويل ڪامهون مان ڪچي پٽاٽي جهڙي بُو/خوشبو ايندي آهي. جي ان مهل ڪو هن جي پرسان لنگهي يا ڪٿي پرسان بيٺل هجي تہ لڳندو ڪو پٽاٽو پيو پٽي! هي وڻ ماڪ جي مُند ۾ ساڙ ڪندو آهي.

**ڪامهون جي ڪاٺيءَ جا ڪم:** هن جي ڪاٺي جي ڪوئلي کي ڪُٽي، پائوڊر ڪري، شيشن ۽ برنيئن ۾ پري رکبي آهي. جيڪا، جنهن ماڻهو کي باهہ جي سيڪ اچي وڃي تہ تازي ڳائي مکڻ سان ملائي، ملم ناهي، سڙڻ واري هنڌ لڳائڻ سان ڦٽ بہ چند ڏينهن ۾ سُڪي وڃي ٿو ۽ آرام بہ اچي وڃي ٿو. هن جون پاڙون سگهيون هجن ٿيون، جن کي ڪاري ڳُڙ ۽ پاڻي سان گڏ رات جو چاڏي ۾ وجهي/پُسائي ٻنپهرن جو، هلرن ۽ هَرن ۾ وهندڙ ڍڳن کي پيارڻ سان، انهن جي گرمي گهٽجي/ختم ٿي وڃي ٿي. هن جي ڪاٺي وڍڻ بعد جلد سُڪي ويندي آهي، جنهن کي باهہ اُئين لڳندي آهي، جهڙو مٿي گاسليٽ هاريو هجي. پر ان ۾ باهہ تيز نہ هوندي آهي. ڪامهون جي پاڙ جو ڏندڻ بہ ڏبو آهي جيڪو وات جي نزلي لاءِ

انتهائي مفيد آهي. هن جي ڪاٺي عام طور تي وڏ ڪان وڏ ¾ انچ ڪن ٿلهي ٿئي ٿي. جيڪا ڪافي ڊگهي، نرم، لچڪدار، مضبوط ۽ بغير ڪنڊن جي هوندي آهي. هن جي تلهڙين/چڙين مان ننڍا وڏا ڪارا، ڪاريون، ڏلها ۽ پکين جا پنجرا ناهي غريب ماڻهو روزگار حاصل ڪندا آهن. ڀرارڙين جا ٻار هن جي ڪاٺي لغڙ ناهڻ ۾ به ڪم آڻيندا آهن. ملاح مڇي مارڻ واري ڪُڙي جي مَچر به هن جي ڪاٺي مان ناهيندا آهن ته هن جي ڪاٺي جي ڪل مان رَڇ به ناهيندا آهن. هن جي ڪاٺي شروع ۾ سائي هوندي آهي، پر ٿوري وڏي ٿيڻ بعد بادامي رنگ جي ٿي ويندي آهي. هن ڪاٺي مان گهرن/منهن لاءِ 'ورياهه' ۽ 'ڇجا' به سُنا ٺهندا آهن.

**ڪامهون جو ميوو:** ڪامهون جو ڪاري وانگڻائي رنگ وارو ميوو پيرون جهڙو ٿيندو آهي، جنهن 'ڪانولي' سڏبو آهي سو اپريل تائي پچي راس ٿيندو آهي. جنهن ڪي پکي به شوق سان ڪائين ٿا ته ٻار ان ڪي هٿن ۾ رڱڙي هن جي نيري رنگ سان پنهنجا هٿ به رنگيندا آهن ته ان رنگ سان پتين ڪي ليڪا پائي ۽ تصويريون ناهي دڙڪا به ڪائيندا آهن. ڪي ماڻهو/ٻار ان جو رس ڪيڍي 'مَس' طور به استعمال ڪندا آهن/هئا. ان ڪري ڪي ماڻهو هن ڪي قلم ۾ استعمال ڪندا آهن، ان ڪري هن ڪي 'مَس ٻوٽي' به سڏيندا آهن.

**ڪامهون مان علاج** ڪامهون جي پنن ڪي سُڪائي، ڪُٽي، مهندي سان ملائي عورتون پنهنجي وارن ۾ لڳائيندڀون آهن. جن سان وار نرم، ڪارا، ڊگها ۽ مضبوط ٿيندا آهن ۽ منجهن خشڪي به ختم ٿي ويندي آهي. هن جا پن گهوٽي لپري ناهي، ڦٽ ڦرڙي تي ٻڌڻ سان ڦٽ ۽سوڄ ختم ٿي ويندي آهي. هن جا پيرون يعني هن جو ميوو بلغم ۽ ڪنگهه، جگر، سيني جي سور ۽ سوڄ لاءِ مفيد آهي ته هن جو رس ڦٽ ڦرڙين



۽ وات پچڻ لاءِ به مفيد آهي. جانورن ڪي واءُ ٿئي، اهي آيامجي پون، اوگر نه ورائين، ٽنگ وغيره ۾ سور ٿئي يا ڪين ڪو زهريلو جيت وغيره ڪائي وڃي ته ڪاموهين جا پن ڪاڙهي، ٽڏا ڪري، جانورن ڪي پيارڻ سان فائدو ٿيندو آهي. پن پٽي، آلي ڪپڙي ۾ ويڙهي، گرم گرم رَک ۾ پوري، انساني سنڌن تي ٽاڪور ڪرڻ سان، سور ختم ٿي ويندو آهي. هن جي پنن ڪي سنهين ڪائين سميت ڪُتر ڪري، ڪلو ڪن ۾ 3 ڪلو پاڻي وجهي، ڪاڙهي جڏهن شيشو ڪن پاڻي بچي اهو ٽڏو ڪري، نيراني استعمال ڪرڻ سان جگر جي هر تڪليف ڪي ختم ڪري ۽ جگر ڪي صاف ڪري ٿو. هن جا پن سائي، چيله جي سور، ڇُڪ ۽ پيٽ جي بيمارين جي علاج طور به ڪم ايندا آهن. ملهي ۽ ڏڍ جي صورت ۾ گهوٽيل پنن جو ليپ انهن مٿان لڳائڻ سان فائدو ٿيندو آهي.

**ڪامهون جي حوالي سان ڳجهارت:** ڪامهون جتي روزگار ۽ علاج جو اهم ذريعو آهي، اُتي هن جي اهميت ڪي شاعرن ۽ سگهڙن به مڃيندي هن ڪي مان ڏنو آهي. ڪامهون جي باري ۾ ڳُجهارت آهي ته:

نارنا چيو نارنا ڪي، اديِ اِها نه پرين پَر،
هَٽي وڻ ڏاتين تي ڏير چڙهيا ڏونگر،
نالن ۽ نِرناهُن جا ڪيئن ڪي رڇ نرناهه جي گهر.

نارنا معنيٰ نالو (سَکي ۽ ٻيو سسئي)
وڻ معنيٰ ڪاموهين
ڏاتين معنيٰ چانگ/چانگن
نالن معنيٰ تولا
رڇ معنيٰ گهڙي
نارنا معنيٰ پُنهون

**پڄڻي:** هي ڳجهارت سُر سسئي جي آهي. سَکي چيو سسئي ڪي

ادي اها نہ پرين پَر. هَٽي ڪاموون (ڪاموون جي ڪاٺي جي تلهڙ يا لڪڻ) هٽي چانگن (اُٺن) کي، ڏير چڙهيا ڏونگر. تولاءِ تِڪيا ڪيئن نہ ڪيئن گهڙي ڪن پنهون جي گهر.

ڪاموون جو ذڪر سانوڻ فقير پنهنجي هڪ ڏگهي بيت ۾ هن طرح ڪيو آهي تہ:

"ماڙي چڙهيو ماروي ٿي ڪري هُل حشر .......

ڪيسر، ڪِنڙو، ڪونيٽ، ڪامونهي ٿيا ڪاري منجهہ ڪلر.........."

ايترين سارين خاصيتن جي باوجود بہ هي وڻ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. جنهن مان اسان ماڻهن، اسان جي ادارن ۽ اسان جي حڪومتن جي وڻن سان دلچسپي ۽ انهن جي قدر ڪرڻ جي شعور جو اندازو آساني سان ڪري سگهجي ٿو! جنهن تي بس افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو!!

# ڪٻڙ/ڄار

## ماحول، معيشت ۽ انسان دوست وڻ

دنيا جي ڌرتي جو ڪُل 35 کان 40 سيڪڙو ۽ پاڪستان جي ڌرتي جو مشڪل سان 2 کان 3 سيڪڙو ٻيلن تي مشتمل آهي. جڏهن ته دنيا جي ڌرتي جو 17 سيڪڙو حصو ريگستان ۽ 19 سيڪڙو چراگاهن تي مشتمل آهي. خوشقسمتي سان پاڪستان ۾ ٻيلا به آهن، صحرا به ته چراگاهون به. پر انهن جو ڪهڙو حشرٿي رهيو آهي؟ ان جا نيٺ ڪهڙا نتيجا نڪرندا؟ اهو جن کي سوچڻ گهرجي، اهي خبر ناهي ڇو نٿا سوچين؟!!

پاڪستان جي انهن صحرائي ٻيلن ۽ چراگاهن ۾ قدرت ڪيترائي اهڙا وڻ، گاهه ۽ گل ٻوٽا پيدا ڪيا آهن جن جو ماحول ۽ معيشت جي حوالي سان پنهنجو پنهنجو ڪارج آهي. ضرروت ته ان ڳالهه جي هئي ته اهڙن وڻن ۽ گل ٻوٽن جي وڌ کان وڌ حفاظت ۽ تحقيق ڪري، انهن مان ملي سگهندڙ فائدن جو پتو لڳائجي ها، انهن کي انسانن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ استعمال ڪجي ها، (جيئن اڪثر ٻين ملڪن ۾ ٿي رهيو آهي پر افسوس جو اسان وٽ تحقيقي ڪم ٿيڻ کان اڳ ۾ ئي چند ماڻهن صفا ٿوري ۽ بنهه عارضي فائدي لاءِ انهن جي نسل کان ڌرتي تان ختم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي. اهو ڪهر نه رڳو وڻن، گاهن، گلن ۽ ٻوٽن سان ٿي رهيو آهي، پر پکي پکڻ جانور ۽ جيت جڻا به حضرت انسان



جي حرس جي زد ۾ آهن. قدرتي مليل اهڙن انيڪ تحفن مان هڪ ڪٻڙ به آهي. جنهن کي ڄار ۽ ڄال جي نالن سان به سڃاتو وڃي ٿو. قدرت هن وڻ کي نوازڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي آهي، نه صرف انسانن بلڪ، جانورن ۽ خود ڌرتي لاءِ به هن ۾ ڪيترا فائده رکيا ويا آهن. حضرت انسان جي حرس واري نفسيات کي اڳيان رکي قدرت هن جي ڪاٺي کي ٽيڙو ۽ ڪيترن ئي ورن وڪڙن جو ٿاهي بظاهر غير اهم بڻايو آهي. ساڳئي وقت ان جي قد کي پورو پنو رکي جانورن ۽ انسانن جي پهچ لائق پڻ بڻايو آهي. پر انسان جي شيطاني ذهن هن، ننڍي قد واري ٽيڙي ڪاٺي کي به گهاٽي ۾ پيئڻ لائق بڻائي، ڏاڍو تيزي سان ڪٻڙ جي نسل ڪشي جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. بلڪ نسل کي ختم ٿيڻ جي ويجهو اچي پهچايو آهي. هي انهن چند وڻن منجهان هڪ آهي جيڪي انسان جي حياتي پڄاڻان به ساٿ نڀائين ٿا. پر انسان پئسي جي لالچ ۾ هن ابدي دوست کي به ناهي بخشو. لالچي انسان کي پنهنجي هن قديمي ۽ مخلص دوست جا سيئي احسان وسري ويا آهن. هو لالچ ۾ انڌو ٿي، نسل ڪشي لاءِ سڄ پڄ ڪات ڪهاڙا کڻي هن جي پويان اچي پيو آهي، هن جي ٽارين ۽ ٿڙ کي وڍڻ سان گڏوگڏ هن جا لاهه به کيڏڻ شروع ڪري ڏنا آهن.

ڪٻڙ کي سنڌي ۾ ڪٻڙ ۽ ڄار، سرائڪي ۾ ڄار، پنجابي ۾ وڻ، اردو ۾ جال پشتو ۾ شني، هندي ۾ جهاڪ، گجراتي ۾ جل، تامل ۾ اگهائي پتائي، انگريزي ۾ Salvadora Percica ۽ Tooth Brush Tree، عربي ۾ ادارڪ ۽ فارسي ۾ درخت مواڪ چيو ويندو آهي. ٻين وڻن جي مقابلي ۾ صفا آهستي آهستي وڌندڙ پر موسمي اثرات وڌيڪ برداشت ڪندڙ ڪٻڙ جي عمر تمام گهٽي ٿئي ٿي. ٻين وڻن جي ڪاٺي 5 کان 10 سالن ۾ تيار ٿيندي آهي. اتي هن جي ڪاٺي 40 کان 50 سالن ۾ تيار ٿيندي آهي. هي

وڻ اڪثر ڪري ڪاڇي، لاڙ تر، اچڙي ٿر، مڪي، ميداني علائقن، پنجاب، سرحد، ايران جي خشڪ علائقن، هندستان، آفريڪا ۽ وچ ايشيا جي ملڪن ۾ ٿئي ٿو. ڪلرائي زمين ۾ ڪارا پيرون جهليندڙ کي چار ۽ مٺي زمين ۾ مٺا پيرون جهليندڙ کي ڪٻڙ سڏيو ويندو آهي. پر ڪٿي ڪٿي مٺي زمين ۾ بہ چار ٿيندو آهي. ڪٻڙ ۽ چار ۾ فرق اهو آهي تہ چار مٺا پيرون جهلي ٿي ۽ ڪٻڙ ڪارا پيرون. چار جا بہ قسم ٿين ٿا، هڪ Bagur چار ۽ ٻيو Gharhal چار، جنهن جا پيرون ڇُريل ٿين ٿا جيڪي پٽڻ ۾ ڏکيا ۽ سخت هوندا آهن. Bagur چار جا پيرون ٿلها ۽ مٺا ٿيندا آهن. ڪٻڙ جي وڻ تي اڳي جون وڏڙيون اٺي واريون سيوبون ٿاهينديون هيون. ان لاءِ ڪٻڙ جي وڻ ۾ چاٽي ٻڌي مٿان ڏنڊو گهمائبو هو تہ چاٽي هينيان سيوبون نڪرنديون هيون. هن جو پن آڱر وانگر سنهو ۽ ڊگهو ٿيندو آهي. ڪاٺي اڇي رنگ جي هوندي آهي، قد نسبتاً ننڍو ٿيندو آهي. پيرون اڇا، ڳاڙها ۽ پورا پر ڪجهہ ننڍا ٿيندا آهن. ڪنهن کي نانگ ڪائي وڃي تہ ٽن ڏينهن جا ڪريل يا ڇٽيل پيرون، جن کي ڪوڪڙ بہ سڏبو آهي اُهي گهوٽي پيارڻا آهن تہ زهر ختم ٿي ويندو آهي. اُهي ٻارن کي قبضي هجڻ جي صورت ۾ بہ فائديمند آهن.

هن جو هڪ ٻيو قسم بہ ٿيندو آهي، جنهن کي ويڙهہ چئبو آهي. اها زمين سان لڳل هوندي آهي ڪنهن ٻوڙي يا جهڳٽي يا ول وانگر زمين تي ڦهليل هوندي آهي. پر ول کان قد گهٽو وڌيڪ هوندو آهي. 6/5 فٽ بہ قد ٿيندو آهي. اچڙي ٿر ۾ عام جام ملندڙ آهي.

ڪجهہ وقت اڳ ڪٻڙ جي ڪاٺي جو اندازو هينئين انگن اکرن سان لڳائي سگهجي ٿو.

(هي ريٽ ڪافي اڳ جا آهن. جيڪي هتي صرف ڪٻڙ ۽ ٻين وڻن



جي اڳهہ ۾ فرق جي تناسب کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا آهن)

| | |
|---|---|
| نم | في مڻ 240 کان 250 |
| ٽالهي | في مڻ 180 کان 200 |
| ٻٻر | في مڻ 50 کان 80 |
| ڪٻڙ | في مڻ 15 کان 20 |

قبرستان ۽ غريبن جي ميوي واري وڻ طور مشهور لاڙ تر ۽ ڪاڇي ۾ ٿيندڙ هن وڻ جا ڪيترائي استعمال آهن. جن مان ڪن جو ذڪر هت ڪجي ٿو. ڏندڻ لاءِ، ڪوڏر لاءِ، کماڙي لاءِ ۽ هٿوڙي جي ڳنن، وقت ضرورت ڪايا، پچر ۽ من جي استعمال لاءِ، هالاڻ جنڊي تي نهندڙ ڪٽ جي پاون، پينگهن لاءِ تڏي چانو حڪمت ۾، انسان، جانورن، پکين لاءِ پيرون ۽ ڪوڪڙ، قبرن لاءِ ڏڪ، قبرن جي مٿان ڇانو، قبرستان لاءِ قدرتي لوڙهو، سم کي گهٽائڻ، سمنڊ جي کاري پاڻي کي اڳتي وڌڻ کان روڪڻ، ڌڪر ۾ مال لاءِ چارو، ڪن پکين جي آکيرن لاءِ، مخصوص جانورن جي چر ۽ ٻر، برساتن ۾ جُو ۾ چرڻ نڪتل مال خصوصاً ٻڪرين لاءِ قدرتي پناهہ گاهہ، چورن لاءِ گهوباٽي ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪمن لاءِ هي وڻ پاڙ کان ويندي پنن تائين ڪارآمد ۽ ڪارائتو آهي. اڄڪلهہ جنهن شئي هن جي وجود کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اهو آهي هن جي پاڙ مان ڏندڻ، ٽڙ ۽ ٽارين مان گتي جو ٺهڻ، ڳالهہ کي اڳتي وڌائڻ کان اڳ اچو تہ مٿي ذڪر ڪيل ڪٻڙ جي چند استعمالن جو ڪجهہ تفصيلي جائزو وٺون.

ڏندڻ:ائين چوڻ غلط ڪونہ ٿيندو تہ ڪٻڙ جو استعمال صبح اٿڻ کان قبر تائين ٿئي ٿو. ڪٻڙ جي پاڙ ۽ ڪاٺين مان ڏندڻ ڏبو آهي. ان ڪري اڄڪله هن جي اهميت تمام گهٽي وڌي وئي آهي. مختلف علائقن مان روزانو ٽرڪن جي حساب سان ڪٻڙ کي پاڙ سميت وڍيو پيو وڃي. ملڪ

ڪان ٻاهر بہ اُماڻجي رهيو آهي تہ ننڍن وڏن شهرن ۾ بہ ڪيترن ئي دُڪانن تي وڪامجي رهيو آهي. انهي ڪاروبار مان قيمتي رزمبادلہ تہ ڪمائجي رهيو آهي، جنهن جي ملڪ کي سخت ضرورت بہ آهي. ان ڪان علاوه ملڪي سطح تي ڪيترن ئي ماڻهن کي روزگار ملي رهيو آهي، پر ڪنهن بہ ڪم جي سُٺي يا خراب هجڻ جو فيصلو ان جي مجموعي جائزي وٺڻ ڪان بعد لڳائبو آهي. ان حساب سان ڏسجي تہ ڪٻڙ کي ڏندڻ ڪري وڍڻ وارو فائدو هڪ تہ عارضي آهي ٻيو تہ ان مان جيترن ماڻهن کي فائدو ٿي رهيو آهي ۽ جهڙي قسم جو فائدو ٿي رهيو آهي، ان جي مقابلي ۾ نقصان تمام گهڻو ٿي رهيو آهي ۽ جهڙي قسم جو فائدو ٿي رهيو آهي. اها ڳالهہ ثابت آهي تہ ڪٻڙ ٻين وڻن جي مقابلي ۾ تمام سست رفتار سان وڌي ٿو. جنهن رفتار سان هي وڍيو پيو وڃي، نہ تہ ان نموني پوکجي رهيو آهي، نہ ئي قدرتي طرح ٿي رهيو آهي. سو اهو وقت پري ڪونهي جڏهن هي بلڪل ختم نہ، تہ بہ صفا گهٽ ضرور ٿي ويندو. ان بعد خصوصاً ڪاڇي، ٿر ۽ لاڙ ۾ جتي ماڻهن جي گذاري ۽ معيشت جو ذريعو چوپايو مال خاص ڪري اُٺ ۽ ٻڪريون آهن، جن لاءِ ڪٻڙ سڄو سال، خاص ڪري ڏڪار جي ڏينهن ۾ ڪنهن ٽانڪ ڪان گهٽ ڪونهي، انهي کي معاشي طرح سخت نقصان رسندو. جنهن جا اثر هينئر ڪان ئي ظاهر ٿيڻ شروع ٿي رهيا آهن. ان حوالي ڪان ڏسجي تہ ڊگهي عرصي ۾ ڪٻڙ جي واڍي سخت نقصانده ٿيندي.

ڪٻڙ جو ڏندڻ جنهن کي مسواڪ چئبو آهي، ان جي ڪاروبار سان ڪيترن ئي ماڻهن جو روزگار وابسطہ آهي. جديد دور جي نئون تقاضائن مطابق ڪراچي مان ڪٻڙ جو ڏندڻ خوبصورت پيڪنگ ۾ سڄي ملڪ ۾ وڃي ٿو. جدت آڻڻ لاءِ ان ڏندڻ مٿان مختلف ڊزائين وارو ڪيميڪل بہ لڳايو وڃي ٿو. جنهن ۾ لونگ، استرابري ۽ منٽ وغيره



شامل آهن. مقامي دُڪاندارن جي بقول تہ اسان کي ڪراچي مان 9 روپين جي حساب سان ڏندڻ ملي ٿو ۽ اسان 10 روپين ۾ وڪڻون ٿا. رمضان شريف ۾ ڏندڻ جو وڪرو عام ڏينهن جي مقابلي ۾ 60_70 سيڪڙو وڌي وڃي ٿو. ڪافي ماڻهو ثواب خاطر مسجدن ۾ بغير پيڪنگ وارا ڏندڻ ڪافي تعداد ۾ رکي ويندا آهن، جن کي عام نمازي وضو دوران استعمال ڪندا آهن. مذهبي تعليم وٺڻ بعد اڄڪلهہ ڪيترن ئي ماڻهن جي قميصن جي کيسي پرسان ڏندڻ جو الڳ خانو رکيل هوندو آهي. مسلمانن ڪان علاوه هندو غير مسلم بہ ڪٻڙ جو ڏندڻ استعمال ڪندا آهن. پيڪنگ ڪان علاوه بہ ڏندڻ مارڪيٽ ۾ عام جام هڪ ڪان پنج روپئي ۾ وڪائي ٿو. سنهي ۽ ٽيڙي ڪاٺي جو ريٽ ٿلهي ۽ سڌي ڪاٺي جي مقابلي ۾ گهٽ هجي ٿو. بغير پيڪنگ جي ڪليل ڏيندڻ خاص ڪري حيدرآباد جي مارڪيٽ مان سنڌ جي ٻين ضلعن ڏانهن وڃي ٿو. پر ڪجهہ ضلعن ۾ مقامي طرح بہ ڏندڻ سپلاءِ ٿئي ٿو. جيئن سانگهڙ ۾ کپري جي آس پاس وارن علائقن، چوٽياريون، مکي، منڊ جمڙائو واري پاسي ڪان بہ ڪٻڙ جو ڏندڻ ڪافي سالن ڪان ماڻهو وڪڻڻ لاءِ ڪٽي ايندا رهندا آهن. جيڪي سيڪڙي جي حساب سان وڪڻندا آهن. ڪٻڙ جو ڏندڻ شروع ۾ ٻہ، ٽي ڪلاڪ پسائي پوءِ استعمال ڪبو آهي. مزي جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ مقامي سنڌي ماڻهن جي اڪثريت جيڪا غربت جي لڪير ڪان گهٽو هيٺ زندگي گذاري رهي آهي. اها ڪٻڙ جون 8/7 انچ جون ڪاٺيون بہ گڏ نٿي ڪري سگهي!! سانگهڙ جهڙي شهر جنهن جي چوڌاري ڪٻڙ پکڙيو پيو آهي ۽ روزگار جا ذريعا ڏاڍا محدود آهن، اُتي جا ماڻهو ايترو بہ نٿا ڪري سگهن جو هڪ ڪهاڙي ۽ ڪات کڻي ڪنهن بہ پاسي نڪري وڃن ۽ سئو ڏندڻ وڍي اچن. في سيڪڙو ڏندڻ 70 ڪان 80 روپين ۾ وڪامي ٿو.

ڪوبہ ماڻهو هڪ ڏينهن ۾ 3 کان 4 سو ڏندڻ آرام سان تيار ڪري سٺي مزدوري ڪمائي سگهي ٿو. پر حيرت آهي جو سانگهڙ ۾ ڪيڙ حيدرآباد مان اچي ٿو. پوءِ بہ اسان رڙيون ٿا ڪريون تہ بيروزگاري آهي!! ڪجهہ مقامي ماڻهو ڏندڻ وڪڻڻ لاءِ ڪٽي ايندا آهن، پر دُڪاندارن جي بقول هڪ تہ اهو سنهو هوندو آهي ۽ ٻيو ڪاٺي سڌي بہ ڪونہ هوندي آهي. جڏهن تہ حيدرآباد وارا سنو بنڊل ٻڌي ڏيندا آهن. حاجي سڳورا حج کان واپسي بعد سوکڙي طور ڪجي، زم زم، ٽوپين ۽ تسبين کان سواءِ پيڪنگ وارا ڏندڻ بہ آڻيندا آهن جيڪو 3 کان 3 ريال ۾ ملندو آهي. چون ٿا تہ سعودي وارو ڏندڻ هتان ڪليل شڪل ۾ ويندو آهي ۽ اُتان رڳو پيڪنگ ٿي ايندو آهي. جيڪي زميندار چند هزار رپين جي عيوض پنهنجون زمينون بلاڪ جي حساب سان ڪيڙ وڍيندڙ ٺيڪيدارن کي ڏئي ڇڏيندا آهن، اهي پاڻ مزدور لڳائي، ڏندڻ نهرائي، مارڪيٽ ۾ اُماڻين تہ هزارن جي بجاءِ لکين ڪمائي سگهن ٿا. ان ٻيلن ڪيڙن مان مال بہ چاري سگهن ٿا، ماحول سان گڏ ڪيترو ئي جيت جڻ ۽ پکين سان گڏ ڪيڙ بہ بچائي سگهجي ٿو. پر خبر ناهي چو ائين نٿو ڪيو وڃي!؟

ڏندڻ ڏيڻ جون برڪتون:حديث شريف ۾ آهي تہ ڏندڻ ڏيڻ جا 75 فائدا آهن. مختلف عالمن طرفان، اصحابي سڳورن جي حوالي سان ڏندڻ ڏيڻ جون 38 برڪتون نقل ڪيون ويون آهن. جيڪي هن ريت آهن.

1. ڏندڻ ڏيڻ لازمي ڪري ڇڏيو ان ۾ غفلت نہ ڪريو اهو هميشہ ڪندا رهو. چو جو ان ۾ الله تعاليٰ جي خوش نودي آهي.
2. ڏندڻ ڏيڻ سان نماز جو ثواب نوانوي 99 کان چار سو 400 ڀيرا وڌي ويندو آهي.



3. هميشہ ڏندڻ ڏيڻ سان روزي ۾ آساني ۽ برڪت ايندي آهي.
4. مٿي جو سور پري ٿيندو آهي. مٿي جي سيني رڳن کي سڪون ملندو آهي. ايستائين جو ڪا ٻيئل رڳ حرڪت نہ ڪندي ۽ حرڪت ڪندڙ رڳ ڪونہ بيهندي.
5. ڏندڻ ڏيڻ سان بلغم ختم ٿئي ٿو.
6. نظر تيز ٿيندي آهي.
7. معدو درست رهندو آهي.
8. انسان کي خوش بياني عطا ٿيندي آهي.
9. جسم کي توانائي ملندي آهي
10. حافظو تيز ٿيندو آهي ۽ عقل وڌندي آهي.
11. دل کي پاڪائي ملندي آهي.
12. نيڪين ۾ اضافو ٿيندو آهي.
13. فرشتا خوش ٿيندا آهن ۽ چهري تي نور اچڻ جي ڪري انسان سان هٿ ملائيندا آهن.
14. ۽ هو جڏهن مسجد کان ٻاهر نڪرندو آهي تہ فرشتا هن جي پويان هلندا آهن.
15. نبي ڪريم ﷺ جن هن لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا آهن.
16. ڏندن ڏيڻ سان شيطان ناراض ٿيندو آهي ۽ ان کي ڌتڪار ملندي آهي.
17. کاڌو هضم ٿيندو آهي.
18. ٻارن جي پيدائش وڌندي آهي.
19. پوڙهائپ دير سان ايندي آهي.
20. ڏندڻ ڏيڻ سان حرارت/ گرمي بدن کان پري ٿيندي آهي.

21. ريڙهه جي هڏي مضبوط ٿيندي آهي.
22. جسم کي الله جي اطاعت لاءِ قوت ملندي آهي.
23. نزع ۾ آساني ۽ ڪلمه شهادت ياد ڏياريندي آهي.
24. قيامت ۾ اعمال نامون سڄي هٿ ۾ ملندو.
25. پل صراط تان بجلي جهڙي تيز رفتاري سان گذر ٿيندو.
26. حاجت پوري ڪرڻ ۾ (انسان) جي مدد ڪئي ويندي آهي.
27. هن جي قبر کي فراخ ڪيو ويندو آهي.
28. ڏندڻ ڏيڻ وارو قبر ۾ آرام ۽ سڪون ماڻيندو آهي.
29. ڏندڻ ڏيڻ جو عادي جيڪڏهن ڏندڻ ڏيڻ ڀلجي به وڃي تڏهن به هن جو اجر لکجي ويندو آهي.
30. ان لاءِ جنت جا دروازا کولي ڇڏيا آهن.
31. فرشتا چوندا آهن ته هي نبي ڪريم ﷺ جن جي پيروي ڪرڻ وارو آهي.
32. نبي ڪريم ﷺ جن جي طريقي تي هلڻ وارو آهي.
33. ۽ هر ڏينهن انهن جي رحماني گهرڻ وارو آهي.
34. ڏندڻ ڏيڻ واري لاءِ دوزخ جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن.
35. دنيا مان پڪ تي روانو ٿيندو آهي
36. ملڪ الموت روح قبض ڪرڻ لاءِ هن وٽ دوستن جي شڪل ۾ ايندو. ڪن روايتن ۾ آهي ته اهڙي شڪل ۾ ايندو جهڙي ۾ هو نبي سڳورن جا روح قبض ڪندو رهيو آهي.
37. ڏندڻ ڏيڻ وارو ان وقت تائين جنت ۾ نه ويندو جيستائين نبي ڪريم ﷺ جن جي مبارڪ حوض جو جام نه پي وٺي.
38. سنت نبوي مطابق ڏندڻ ڪبڙ، زيتون يا نم جو ڏيٺو آهي. سڀ ڪان



وڌيڪ هي ته ڏندڻ ڏيڻ الله تعاليٰ جي رضا ۽ منهن جي صفائي آهي.

هر ۾ استعمال:ٽريڪٽر اچڻ ڪانپوءِ به هارين لاءِ هر جي استعمال جي اهميت کان انڪار ممڪن ڪونهي. ڪبڙ جي ڪاٺي جا جتي ٻيا ڪيترائي استعمال آهن اُتي هڪ استعمال ٽر ۾ هر جي هيٺين حصي جو نهڻ آهي. جنهن کي چوٿو چيو ويندو آهي. ٽر جي زمين جيئن ته اڳ ئي واري واري ۽ نرم هوندي آهي ان ڪري ان ۾ ڪاٺي جو هر آساني سان استعمال ڪري سگهبو آهي.

ڪاين، ڇپرن وغيره ۾ استعمال:اڳي ڳوٺاڻي زندگي کي سستي ان ڪري چيو ويندو هو جو مال جوءِ مان چري ايندو هو. زندگي جو سڄو دارومدار چوپائي مال تي هوندو هو. کير مکڻ، لسي، گيهه ٿوري محنت يا ٿورن پئسن سان ملي ويندا هئا. گهر ناهڻ لاءِ گهربل مٽيريل به سولو ملي ويندو هو. پر هاڻ اها صورتحال نه رهي آهي. وڌندڙ آبادي، پئسي جي ضرورت ۽ حرص، وڻن جي واڍي، ملڪ پوئنو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن وڃندڙ وڻن مان هڪ ڪبڙ به آهي. اڳي گهر ناهڻ مهل ضرورت وقت ڪايا، ٿوڻيون، پڃر وغيره، ٻين وڻن کان علاوه ڪبڙ مان به حاصل ڪري ونبا هئا. هاڻ ڪبڙ جي ڪاٺي ۽ ٻيا وڻ گهٽجڻ سبب اها سهولت گهٽجي وئي آهي. زندگي ڏينهون ڏينهن مشڪل ۽ مهانگي ٿيندي پئي وڃي. اڳي چوئنرن جي من ۾ ڪبڙ جي ڪاٺي ئي استعمال ٿيندي هئي، جيڪا آسي پاسي آساني سان ملي ويندي هئي. پر هاڻ مشڪل ٿي پئي آهي. جيئن ته ڪبڙ جي ڪاٺي کي سُرو ۽ اڏوهي نه ٿي لڳي، ان ڪري گهٽا ماٿو ڪايا ۽ پڃر ڪبڙ جا ئي استعمال ڪندا هئا. جيتوڻيڪ اهي ڪي گهٽا سڌا نه هوندا هئا ۽ گهرن ۾ سهٽا به ڪونه لڳندا هئا پر اٿموند ۾ ڏاڍا ڪم جا هئا.

ان کان علاوه ٻهراڙيءَ ۾ پلون ڳا ڦُڙون, سمهڻ لاءِ پيهيون, جهار لاءِ پيها وغيره بہ ڪپڙ جي ڏڪن ۾ ڪاين مان ٺاهيا ويندا آهن.

ڪوڏر, ٽيڪم ۽ هٿوڙن جي ڳنن ۾ استعمال:قدرت هن وڻ جي اهميت کي ڏسندي ۽ انساني حرس ۽ لالچ واري فطرت کي سامهون رکندي هن جو قد ننڍو ۽ ڪاٺيون اٽسڏيون ڪيون آهن. پر پوءِ بہ انساني فنڪارانہ ذهن, ڪپڙ جي ڪاٺين جو استعمال ڳولي لڌو. ڪپڙ جي ڪاٺي ڪوڏرن, هٿوڙن ۽ ٽيڪم جي ڳنن لاءِ مفيد آهي. اها ڪاٺي ايتري سخت ڪونهي ۽ جلد ڀڄندي ناهي. ان ڪري ڳنن لاءِ ڪارائيتي آهي. ان کان علاوه ڳوٺن ۾ لٺ بہ ڪپڙ جي ڪاٺي جي پسند ڪئي وڃي ٿي ڇو جو ان ۾ لچڪ وڌيڪ آهي ۽ ڇيڙهي هجڻ ڪري پڃي گهٽ ٿي.

ڪٽن جا پاوا ۽ پينگها:هالا جي جنڊيءَ جي ڪٽن جا پاوا ۽ پينگها نہ صرف سنڌ بلڪ ملڪان ملڪ مشهور آهن. ڪٽن جا اهي پاوا ۽ پينگها بہ ڪپڙ جي ڪاٺي مان ٺهندا هئا. جيڪي نہ صرف اُتان جي ڪاريگرن جي گذرسفر جو ذريعو هئا, بلڪ ملڪ جي سجاڳپ بہ هئا. پر جنهن رفتار سان ڪپڙ وڍجي پيوءِ هالا جي جنڊيءَ بہ زوال پذير آهي. ان مان لڳي ٿو تہ هي ڳالهہ بہ ماضي جو قصو ٿيڻ واري آهي. هئين تہ ڪپڙ جي ڪاٺي واڍڪي حساب سان ڪافي ڪسي آهي, پر ان جي نہ ڦاٽڻ ۽ اڏوهي نہ لڳڻ جي خاصيت سبب ڪافي شين ۾ هن کي اوليت ڏني ويندي آهي.

قبرن لاءِ ڏڪ:ڪپڙ يا ڄار کي قبرستانن جو ون بہ چيو ويندو آهي. اڳي هي وڻ قبرستانن ۾ جام ملندو هو. ميت دفنائڻ مهل هن جي ڪاٺين کي قبر تي ڏيئي, مٿان مٽي وجهبي هئي. انهن ڪاٺين کي ڏڪ چئبو هو. هاڻي ڪافي قبرستان قبرن کان خالي ٿي ويا آهن, ان ڪري ڏڪن جو ڪم ڪاٺين جي تختن يا سيمنٽ بجري جي سليبن مان وٺبو آهي.



جيڪو ڪم اڳ آساني سان ۽ مفت ۾ ٿي ويندو هو. ان کي هٽ وٺي مشڪل ۽ مهانگو بڻايو ويو آهي. فائدو رڳو انهن جو ٿيو آهي, جيڪي ڪجهہ پئسن خاطر ڪپڙ جي ڪاٺي جو ڪاروبار ڪن ٿا.

قبرن مٿان ڇانو:هي وڻ جيئن تہ قبرستان ۾ گهڻو هوندو هو, ان ڪري اڪثر قبرن تي ڇانو ڪيو بيٺو هوندو هو. پنهنجن پيارن جي قبرن تي اها ڇانو ڏسي هڪ قسم جو اطمينان ٿيندو هو. پر اڄ جڏهن گرمي ۾, ڏينهن ٽتي جو ڪنهن ميت سان گڏ قبرستان وڃجي ٿو ۽ ڪنهن مٽ مائٽ, يار دوست جي قبر کي ڏسجي ٿو تہ گرمي ۾ بيهي نہ سگهجڻ ڪري دعا بہ جلدي, بغير دلي سڪون ۽ اطمينان جي گهرجي ٿي. پنهنجن پيارن جي قبرن کي گرمي ۾ ڏسي دل جي حالت بہ عجيب ٿيو وڃي!! قبرستان ۾ گرمي جي ڪري بيهڻ بہ مشڪل ٿيو پوي. اهو ڪم اڳي ڪپڙ جي ڇانو جي ڪري آسان ٿي ويندو هو.

قبرستانن لاءِقدرتي لوڙهو: اڳي ڪپڙن جي گهاٽائي سبب قبرستانن کي قدرتي طرح لوڙهو آيل هوندو هو. جنهن جيڪري نہ مال مويشي آساني سان قبرستانن ۾ وڃي سگهندو هو نہ ئي هرويرو ڪتو ٻلو. ان ڪري قبرستان ڪافي حد تائين حرمتي کان بچيل هوندا هئا. هاڻ ڪپڙ جي قتل عام بعد پيو تہ نهيو انسانن قبرستانن ۾ رستا ناهي ڇڏيا آهن. قبرون لتاڙي پنهنجو پنڌ گهٽائڻ عام ڳالهہ ٿي وئي آهي! موت جو پوءِ بہ انسانن مان نڪري ويو آهي!! ڪپڙ جي لوڙهي ختم ٿيڻ سان آس پاس جا ماڻهو قبرستانن جي زمين ڏانهن وڌڻ لڳا آهن ۽ قبرستان ڏينهون ڏينهن سسي ننڍا ٿي رهيا آهن.

حڪمت جي حوالي سان ڪپڙ جي اهميت:قدرت ڪپڙ کي پاڙ کان پنن تائين بي حد مفيد ۽ ڪارائتو بڻايو آهي. ڪپڙ جا پن 15 کان 36

سيڪڙو معدنيات سان ڀرپور هوندا آهن. چار ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪاربان داءِ آڪسائيڊ جذب ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. پر اڄ جو انسان خود پنهنجو دشمن پاڻ ٿي، اهڙي ماحول ۾ معيشت دوست وڻ جي بہ بي قدري تي لهي پيو آهي. ٻين فائدن سان گڏ حڪمت جي حوالي سان بہ هي وڻ تمام اهم آهي. حڪمت جي مختلف ڪتابن ۾ هن جي پنن، ٻيرون، ڪوڪڙ (سڪل ٻيرون) ڪل، (چوڏن) ۽ پاڙ جا ڪيترائي فائدا ٻڌايا ويا آهن. جن مان خشڪ کنگهہ لاءِ ڪاڙهو جگر ۽ معدي کي طاقت ڏيڻ، دستن کي بند ڪرڻ، رحم جي سوڄ ۽ سورکي ختم ڪرڻ، باد فرنگ جي ڦٽن کي ختم ڪرڻ، بدن جي خارش ۽ جزام، پرميل ۽ پشاب جي ساڙي، مثاني جي ڦٽ، پٿري ۽ رائي کي پيشاب ذريعي ٻاهر ڪڍڻ، وات جي بدبوءِ ختم ڪرڻ، بلغم ڪڍڻ، جلندر ۽ سفرا جي خلط کي دستن ذريعي ٻاهر ڪڍڻ وغيره جهڙا ڪيترائي فائده ۽ ڪيترين ئي بيمارين جو علاج ٻڌايل آهن. اڳي جڏهن ٻارن جا پاسا لڳندا هئا تہ پوڙهيون ڪٻڙ جي پنن مان لپري ناهي ٻارن کي پاسن سان ٻڌنديون هيون. جسم جي ڪنهن بہ حصي تي سور ٿيڻ جي صورت ۾، ڪٻڙ جا پن گرم ڪري ٽاڪور سان سور ختم ٿي وڃي ٿو. هاڻ هر ننڍي وڏي بيماري جو علاج ڪميشن کائو ڊاڪٽر جي غير ضروري ۽ ڳاٽي ٽوڙ اگهہ وارين دوائن ۾ ڳوليو وڃي ٿو. جنهن سان ٻارن کي هڪ کان پوءِ ٻي بيماري وٺيو وڃي ۽ غريب ماڻهن جي هڙ هليو وڃي.

ضرورت هن ڳالهہ جي هئي تہ حڪمت جي موجود نسخن تي وڌيڪ تحقيق ڪري، انهن کي عام ڪيو وڃي ها. جنهن سان پئسو بہ بچي پوي ها. اهڙن ٻين وڻن ۽ جڙي ٻوٽين مان نسخا ناهي، ٻاهر اُماڻي ناڻو ۽ نالو ڪمائجي ها. جنهن سان بہ ساڳيو روزگار ۽ پئسو ملي پوي ها. پر



هن جائز رستي کي ڇڏي، اڄ جو انسان پئسو ڪمائڻ جي لاءِ مرڳو هن وڻ کي پاڙان پٽڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. جنهن سان رڳو عارضي روزگار ملي سگهندو سو بہ چند ماڻهن کي. نقصان سڄي ڌرتي جي گولي جو ٿيندو.

ٻيرون ۽ ڪوڪڙ:ڪٻڙ جو سڪل توڙي آلو ميوو جنهن کي ڪوڪڙ ۽ ٻيرون چئبو آهي، سو انسانن، جانورن، توڙي پکين جو هڪجيترو من پسند ميوو آهي. ٻيرون جنهن کي عام طور تي غريبن جو ميوو سڏبو آهي. سو ڇڻ تہ غريبن جو ٻراءِ فروٽ آهي جيڪو ڪيترين ئي معدنيات سان ڀرپور آهي. چيو وڃي ٿو تہ ٻيرون ۽ ڪوڪڙ مان نڪرندڙ ٻج مان صابڻ بہ ٺاهيو ويندو آهي تہ ڪن ملڪن ۾ ان مان تيل پڻ ڪڍيو ويندو آهي.

عام طور تي 7/6 سالن جو ڪٻڙ يا ٻار سياري جي آخر ۾ ٻور جهليندو آهي. الهندي جون هوائون ۽ جهولا جنهن سال نہ ٿا لڳن ان سال جام ٻيرون ٿيندو آهي. ٻئي صورت ۾ هوائون ٻور ڇاڻي ڇڏينديون آهن ۽ ٻيرون گهٽ ٿيندو آهي. اپريل، مئي ۾ ٻيرون تيار ٿي ويندو آهي. عام طور تي ٻيرون ٽن قسمن جا ٿيندا آهن. هڪ صفا ڳاڙها، ٻيو ٿوري نيري رنگ تي، جيڪي گهٽ مقدار ۾ آهن. ٽيون ماچڪ ٻيرون اڇا، ڳاڙها ۽ ٻوري رنگ تي ٿين. جيئن هر انب جي وڻ جي ميوي جو پنهنجو ذائقو ٿئي ٿو ٻيرون بہ ائين ئي آهن. ڪي ٻيرون ايترا تہ نازڪ هوندا آهن جو هٿ لڳائڻ سان ڦسيو وڃن، ڪي ڇٽيو وڃن. ڪن جو ڏوڏو وڏو تہ ڪن جو ننڍو ٿئي. اٺ ۽ ٻڪري وڏي شوق سان ٻيرون کائيندا آهن. ان کان علاوه گدڙ ۽ سوئر بہ کائيندا آهن. پکي بہ ٻيرون دل سان کائيندا آهن. جن ۾ ڪٻر، جهرڪيون، ڳيرا، طوطا ۽ ڪانو شامل آهن. ماکي جي مک بہ ٻيرون مان رس چوسيندي آهي. سڀ کان وڌيڪ ٻيرون جي ڀچار ڪٻر کي هوندي

آهي. مال ۽ پکين سان گڏ پيرون ماڻهن لاءِ خصوصاً لاڙ ڪاڇي ۽ ٿر جاين لاءِ وڏي سوکڙي سمجهي ويندي آهي. جيئن انب بمبئي بيڪري جا ڪيڪ، ماکي، مکڻ، گيهه پاپڙ، پيڙا، ڦوٽي ۽ آگم جو حلوو، ڪجي ۽ ڪتل، مڇي، سياري ۾ ايندڙ ڊنڊ جا پکي، تلور، تتر، سها، هرڻ، ڦاڙها، آچار، سجيون، ساڳ، سڱر، مريڙو ۽ ڪنيپون سوکڙيون ڪري اُماڻيا آهن ۽ اهي رڪيل ڪم جيڪي پئسي ڏيڻ سان به نه ٿيندا آهن، سي ٿي پوندا آهن، اهڙي نموني پيرون ۽ ڪوڪڙ به ڪم ايندا آهن ۽ تحفي طور به اُماڻيا آهن. ٻئي ڪنهن کي پيرون ۽ ڪوڪڙ جو انتظار هجي نه هجي پر مکي، ڪاڇي، لاڙ ۽ ڄاين جيڪي ٻاهر پرڏيل هونديون آهن، انهن کي جنهن سال مائٽن وٽان پيرون نه ملندا آهن ته اهي پاڻ پيرون وانگر ڦسي پونديون آهن. گنديون آليون ٿي پونديون آهن ۽ اکيون ڇم ڇم وسي پونديون آهن!! پيرون پٽڻ لاءِ وڃڻ جو به پنهنجو هڪ حسن ۽ مزو آهي. جنهن جو ڪيترين ئي دلين کي سڄو سال عيد جي چنڊ کان به وڌيڪ انتظار هوندو آهي.

پکين جي آکرين جو هنڌ: ڪبڙ جو وڻ نه صرف ڪاٺي، پاڙ پنن ۽ پيرن جي حوالي سان ڪارائتو آهي. بلڪ پکين، جانورن ۽ نانگن لاءِ به وڏو ٺاڪ آهي. ماکي جي مک لاءِ ڪبڙ رهڻ ڪانسواءِ رس چوسڻ جو ذريعو آهي ته ڳيري، ڪاٺ ڪٽو ککر، فوسي، وهي جي آکيرو اڏڻ لاءِ اوليت جو هنڌ آهي. ڇو جو هن وڻ ۾ ڪنڊو ناهي ۽ ٻيو ته هي طوفانن ۽ برساتن جو مقابلو وڏي همٿ سان ڪندو آهي. خصوصاً ننڍي ڳيري جي آکيري لاءِ دلپسند جڳهه ڪبڙ ئي هوندي آهي. اڄ جو انسان پنهنجي ٿوري فائدي جي لاءِ ڪبڙ وڍي نه صرف ماحولياتي مسئلا پيدا ڪري رهيو آهي پر معصوم ۽ پُر امن پکين کان اجهو به کسي رهيو آهي.



جانورن جي رهڻ جو هنڌ: ڪبڙ جي ڇانو ڏاڍي ٿڌي هئڻ جي ڪري هرڻ ان هيٺ رهڻ پسند ڪندو آهي. لومڙ به پنهنجي ٻر هن وڻ جي پاڙ ۾ ٺاهيندو آهي. سهي کي آرام به هن جي ڇانو ۾ ڪڏ کوٽي اچي ٿو. جانورن جون عادتون جيئن ته شڪارين کي ساريون پيون آهن. ان ڪري اهي عادتون سندن موت جو باعث بڻبيون آهن. پر پوءِ به جانور شايد زندگي جا آخري پساهه ڪبڙ جي ڇانو ۾ گهارڻ پسند ڪندا آهن. جانورن کي ڪبڙ جي ٿڌي ڇانو ۾ گهري ننڊ اچي ويندي آهي، جنهن جو فائدو چالاڪ شڪارين کي ٿيندو آهي ۽ ائين جانور ويچارا ٿڌي ڇانو ۽ ننڊ جي شوق ۾ ابدي آرامي ٿي ويندا آهن.

ڪبڙ ۾ نانگ بلائون: ڪيترائي نانگ بلائون ڪبڙ کي مسڪن بڻائيندا آهن. جنهن جي بنيادي وجه اها چئي وڃي ٿي ته نانگ، بلائون ۽ وڇون وغيره ۾ گهڻي گرمي يا سردي برداشت ڪرڻ جي قوت گهٽ هوندي آهي. جئين ته ڪبڙ جي ڇانو ڏاڍي ٿڌي هوندي آهي ۽ سردي ۾ هن جون زمين تائين پکڙيل ٽاريون ٿڌين هوائن کي روڪين به ٿيون، ان ڪري هي نانگ بلائن جو من پسند مسڪن هوندو آهي. خاص ڪري ڪوراڙ بلا جيڪا ڳاڙهي رنگ جي 6/5 ڊگهي ٿئي ٿي ۽ مٿي تي وارن جهڙو جهڳٽو ٿيندو اٿس، ان کان علاوه لنڊي ۽ ڪونيارو به ڪبڙ ملندا آهن.

برسات ۾ مال ۽ پکين لاءِ پناهه گاهه: ڪبڙ اڪثر ڪري لاڙ جي بيابانن، ڪاڇي جي پوٺن، ٿر جي پٽن، مکي جي جهنگ، ويران پيل ٻنين ۽ ميدانن ۾ ٿيندو آهي. انهي جاين تي اڪثر ڪري مال ۽ پکي به جام هوندا آهن. انهن علائقن جو مال گهڻو ڪري کليو پيو چرندو آهي. اچانڪ برسات پوڻ جي ڪري ٻاڪري مال کي تمام گهڻو نقصان ٿيندو آهي. ڪافي مال مري ويندو آهي. جتي جتي به ڪبڙ هوندو آهي، اُتي مال ڪبڙ جي

هينيان پناه وٺي برسات کان پاڻ کي بچائيندو آهي. جن علائقن ۾ ڪبڙ جي واڌ تيزي سان هلي رهي آهي يا واڌ ٿي چڪي آهي، اُتي برسات ۾ مال مرڻ جا واقعا به تمام گهٽا ٿيا آهن. تازو 2006 ۾ آيل برساتن دوران خصوصاً سانگهڙ ۾ ٻاڪرو ۾ ڳائو مال ڪافي مئو هو. هڪ ته برساتن ۾ جانورن تي پاڻي جون تيز بوندون پونديون آهن ۽ ٻيو ته مال کي کائڻ لاءِ به ڪجهه نه هوندو آهي. ڇو جو پوٺن وارو گاهه پاڻي هيٺ اچي ويندو آهي ۽ واريا سن علائقن جو گاهه پسي ويندو آهي. ان حالت ۾ ڪبڙ جيڪو سدائين سائو هوندو آهي، اهو مال جي وڏي ڪم ايندو آهي. لِڪڻ لاءِ به ۽ چاري لاءِ به. برسات جي ڏينهن ۾ ڪبڙ پکين لاءِ وڏي جاءِ پناهه هوندو آهي. هتان ڪبڙ وڍجي چڪو آهي، اُتي پکين جا آکيرا ختم ٿي چڪا آهن ۽ برسات ۾ پکين جون پناهه گاهون هب ختم ٿي چڪيون آهن.

مال جي چاري طور:اڳي ڪبڙ جو وڏو استعمال مال جي چاري طور هو. اُٺ ۽ ٻڪريون خاص طور تي ڪبڙ کي کائيندا آهن/هئا. ڏڪر جي ڏينهن ۾ ته مال جو گذر هن تي ئي هوندو هو. ٿر ۾ چوندا آهن ته ٻڪري جو مڇ ڪبڙ سان آهي. هنئين ڪبڙ جا پيا ڪيترائي استعمال آهن/هئا. جيڪي حضرت انسان وقت ضرورت ڪيا آهن. چوندا آهن ته ضروت ايجاد جي ماءُ آهي. سو ڪبڙ جو استعمال به مختلف حوالن سان ازل کان ٿيندو رهيو آهي. اڳي ميلا کليل ميدانن ۾ لڳندا هئا. جتي ڪبڙ جام هوندا هئا. جنهن ڪري ڪبڙن ۾ به ميلا ٿيندا هئا!!

گرمي سردي ۾ جانورن ۽ ڏنارن جي بچاءُ جو ذريعو:جتي ڪبڙ ٿئي ٿو. اُتي گهڻو ڪري چراگاهه هوندا آهن. جتي ڪيترو ئي مال چرندو آهي ۽ آس پاس مال چاريندڙ ڏنار به موجود هوندا آهن. ڪبڙ جي ڇانو ته هُئين ئي ٿڌي ڇانوءَ طور مشهور آهي. پر ٿرن برن ۾ هن جي ڇانوءَ جي اهميت



اڃا به گهڻو وڌي وڃي ٿي. گهڻو ڪري مال ڪبڙ جي ڇانوءَ ۾ ئي ساهي پٽيندو آهي ته ڏنار به. ٿر جي ٽڙن لڳ مال ڪبڙ جي ڇانو ۾ ئي ويٺل نظر ايندو آهي. واريا سي علائقن، ڳوٺن توڙي سم ۽ ڪلراٺي زمين واري زمين واري علائقي ۾ به مال جا ڪلا ڪبڙ هينيان ئي هوندا آهن. جنهن نموني ڪبڙ جي واڌ ٿي رهي آهي ان حوالي سان مال کي گرمي ۾ سخت مصيبت کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. جيڪڏهن هن طرف تڪڙو ڌيان نه ڏنو ويو ته ڇانوءَ جي گهٽجڻ جي ڪري (سايه ڪبڙ جي) مال کي سخت نقصان پهچندو. ساڳئي طرح ٿر ۾ مال کي سردي کان بچاءُ لاءِ پاٽا وغيره گهٽ ئي ناهيا آهن. سردي ۾ مال (ڍڳيون ۽ ٻڪريون) ڪبڙن جي اوٽ ۾ ويهي سيءَ کان پاڻ بچائيندا آهن.

فاريسٽ پاليسي:اسان وٽ ٺهندڙ پاليسين مان گهٽ ئي اهڙيون هونديون. جيڪي مقامي ماڻهن ۽ مال سان مطابقت رکندڙ هجن. پوءِ اهي تعليمي پاليسيون هجن، ماحول جون هجن يا فشريز کان ويندي صنعتي پاليسيون هجن. ان حوالي سان فاريسٽ پاليسي به آهي. جنهن ۾ ڪڏهن ٻاهران آندل وڻ يوڪلپٽس کي اڳيان ڪيو ٿو وڃي ته ڪڏهن ڪونو ڪارپيٽس کي. مقامي وڻ خبر ناهي ڇو نظر نٿا اچن!؟ ۽ انهي تي اک الائي ڇو نٿي پڏي!؟ جيڪا به نئين جنس پوءِ اها ڪنهن فصل جي هجي يا وڻن جي پوکي وڃي ٿي ته ان جي خوبين ۽ خامين جي خبر ڪجهه سالن کان بعد ئي پوي ٿي. جنهن بعد وري هڪ نئون تجربو ڪيو وڃي ٿو. ۽ ان بعد وري هڪ نئون!! هن ڌرتي جا وڻ جيڪي صدين کان پيدا ٿيندا رهيا آهن، جن جي باري ۾ ماڻهن کي سالن جو تجربو آهي، انهن کي نظر انداز ڪري ٻاهريان فصل ۽ وڻ آڻڻ ۽ اڪثر حالتن ۾ ناڪام تجربا ڪرڻ، خبر ناهي ڇو ضروري سمجهيو وڃي ٿو!!؟

ڪڏهن بہ پڙهڻ يا ٻڌڻ لاءِ ناهي مليو تہ ڪو ڪٻڙ ڪي بہ سرڪاري سطح تي همٿائڻ لاءِ ڪا پلاننگ ٿي رهي آهي. حالانڪہ هاڻ تہ ڪٻڙ جي ڪافي مارڪيٽ ويليو ٿي وئي آهي. ان مان ملندڙ ماحولياتي فائدن کي ڇڏي ڪري ڪافي معاشي فائدا بہ ملي رهيا آهن. ٻيلي کاتي جي سرڪاري نرسرين ۾ ڪٻڙ جون ڇڪيون بہ تيار ڪرڻ کپن ۽ ماڻهن کي ڪٻڙ جي فائدن کان بہ آگاهہ ڪيو وڃي تہ جيئن ماحولياتي فائدن سان گڏوگڏ معاشي فائدا بہ ملي سگهن. هن ڌرتي تي صدين کان پيدا ٿيندڙ هر وڻ، گاهہ، ٻوٽي، پکي، پکڻ ۽ جيت جڻي جو بہ ڌرتي تي اوترو ئي حق آهي ۽ هجڻ کپي جيترو وسندڙ انسانن جو آهي.

ڪٻڙ جي ڪاٺي جو کوهن ۾ ڏڪ طور استعمال:اڳي کوهہ يا واهہ کوٽڻ مهل ڪٻڙ جا ڏڪ استعمال ڪبا هئا. هئين ڏڪ، ڪنڊي ۽ ڪوڙ جا بہ استعمال ٿيندا آهن. پر ڪٻڙ جي ڪاٺي کي سرو نہ لڳڻ، پاڻي ۾ گهٽ ڳرڻ ۽ پاڻي ۾ ڳرڻ کان پوءِ بوءِ نہ ڪرڻ جي خاصيتن جي ڪريان جو استعمال وڌيڪ ٿيندو آهي. ان کان علاوه کوهہ ٻڌڻ لاءِ ڇڪ بہ گهڻو ڪري ڪٻڙ ۽ ڪنڊي جي ڪاٺي جو ئي استعمال ڪبو آهي.

پيرن/ڪٻڙ جو لوڪ ادب ۾ ذڪر:ٽري پيرون پچڻ مهل پري ويل يا وڇڙيل پيارن کي ياد ڪري جيڪا شاعري ڪندا ۽ ڳائيندا آهن ان کي ڏهاڪو چئبو آهي. (چون ٿا تہ شيخ اياز جيڪا ٿهوڪا لفظ استعمال ڪيو آهي اهو بہ لفظ ڏهوڪا کان ورتل آهي). جن جن علائقن ۾ پيرون ٿين ٿا. اتي جي مادري زبان ۾ پيرون ۽ ڪٻڙ جي حوالي سان شاعري ملي ٿي. سنڌي، ڍاٽڪي، سرائڪي ۽ پنجابي ۾ شاعري عام جام آهي.

ڀٽائيءَ رح جي شاعري ۾ ڪٻڙ جو ذڪر:ڪٻڙ جي خوشنصيبي جو نہ صرف ڪٻڙ بلڪہ ان جي مختلف شين جو بہ ڀٽائي صاحب پنهنجي



شاعري ۾ ذڪر ڪيو آهي. مثال طور:

ڪارا ڪٻڙ ڏيهہ ۾، ٻيا واري منجهہ وٿاڻ

سُر مارئي، داستان ٽيون، بيت 17، غلام محمد شهواڻي

تن ساڏوهين سڏ مران، ڏنگا جنين ڏار

پٽي ساڻ پتار، پائر پيرون چونڊيان

سُر مارئي، داستان ستون، بيت 09، غلام محمد شهواڻي.

ڪوڪڙ ڪنڊيرن ۾، ڦوڪيو ڦڪ پريندي

سُر مارئي، داستان نائون، وائي، غلام محمد شهواڻي.

اهڙي طرح ڀٽائي صاحب مَڪَ بہ پنهنجي شاعري ۾ استعمال ڪيو آهي. (ڏسو ابيات متفرڪہ، بيت 23 ۽ 24)

سم ۽ سمنڊ جي پاڻي جذب ڪرڻ جي خاصيت:ڪجهہ سال اڳ اسان وٽ يوڪلپٽس جو وڻ ٻاهران آڻي متعارف ڪرايو ويو. جنهن جي خاصيت اها ٻڌائي وئي تہ هو زيرِ زمين وڌندڙ پاڻي جي سطح کي گهٽائيندو يعني سم جو پاڻي چوسي ان کي گهٽ ڪندو آهي. پر لوڪ ڏاهپ جا ماهر وڏڙا ٻڌائين ٿا تہ اها ساڳئي خاصيت اڳ ئي موجود ڌرتي جي اصلي وڻ ڪٻڙ ۾ بہ آهي. جنهن جا پاڻي چوسڻ کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن. جڏهن تہ يوڪلپٽس جا هاڻ ڪيترائي نقصان آهستي آهستي ظاهر ٿي رهيا آهن. خاص ڪري سمنڊ وارن علائقن ۾ ڪٻڙ جي وڏي اهميت آهي. ڇو جو اُتي زيرِ زمين وڌندڙ سمنڊ جي پاڻي کي نہ صرف هي روڪي ٿو. بلڪہ کارو پاڻي جي چوسي ان جي سطح گهٽائي ٿو. ماهرن جو چوڻ آهي تہ عام وڻن جي مقابلي ۾ ڪٻر روزانہ 16 گيلن وڌيڪ پاڻي چوسي ٿو. هڪ ڪٻڙ روزانہ 60 کان 80 گيلن زمين جو پاڻي

فضا ۾ اُماٽي ٿو. جنهن سان سم ۽ ڪلر ختم ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي. جنهن نموني ساحلي علائقن مان ڪبڙ پاڙ سميت وڍي، ڏندڻ لاءِ ٻاهرين ملڪن جن ۾ عرب ملڪ خاص طور تي شامل آهن، موڪليو پيو وڃي ان مان ڪبر جي نسل کي خطرو ٿي پيو آهي. ڪبڙ گهٽجڻ سبب سم وڌي رهيو آهي. جتن ۽ ٻين ڍاڳين لاءِ ڪيترائي سماجي ۽ معاشي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن ۽ غربت وڌي رهي آهي.

حالانڪ وقت ثابت ڪيو آهي تہ يوڪلپٽس جا ڪيترائي نقصان آهن. زمين، گهرن ۽ بجلي جي تارن کي بہ. تازين برساتن ۽ تيز هوائن اها ڳاله وڏيڪ ظاهر ۽ ثابت ڪئي آهي. يوڪلپٽس هرويرو مال بہ نٿو کائي. ان مقابلي ۾ ڪبڙ ڪافي حوالن سان اهم آهي. پر جيئن تہ هي گهر جي شيءَ آهي، ان ڪري دال برابر بہ ڪونهين. اسان احساس ڪمتري جا شڪار ماڻهو هرويرو ٻاهرين شين کي وڏيڪ اهميت ڏيندا آهن. ان ڪري ڪبڙ ڇڏي، سم ۽ ڪلر لاءِ يوڪلپٽس پوکي رهيا آهيون، يقيناً يوڪلپٽس جي ڪاٺي جو اگهہ ڪبڙ کان وڏيڪ آهي پر يوڪلپٽس کي متعارف سم جي حوالي سان ڪيو ويو هو نہ کي ڪاٺي لاءِ.

هرويرو يوڪلپٽس هٽڻ تي ڪو اعتراض ڪونهين پر سرڪاري سرپرستي انهن مقامي وڻن جي بہ هئڻ کپي جيڪي صدين کان هن ڌرتي تي ٿي رهيا آهن ۽ ماحول مطابق آهن. ملڪ ۾ خصوصاً سنڌ ۾ جنهن نموني سم ۽ ڪلر وڌي رهيو آهي. جتي ٽيوب ويل اڪثر بند ٿي هجن ٿا ۽ سم نالا اُبتا وهن ٿا. اتي ڪبڙ جي سم ختم ڪرڻ واري صلاحيت تي وڏيڪ تحقيق ڪرڻ ۽ وڏي پئماني تي سرڪاري سرپرستي ۾ پوکڻ جي ضرورت آهي.

ڪجهہ مقامي ڏاهن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هي وڻ نہ صرف زمين مان پاڻي چوسي ٿو پر هن ۾ ماڪ جذب ڪرڻ جي بہ صلاحيت آهي. ان



جي دليل طور هو ٿر ۾، سياري ۾ بہ ڪبڙ جي سائي هجڻ جي ڳاله ڪن ٿا. بهرحال هن ڳالهہ تي اسان جي ٻاٽني جي ماهرن کي ڌيان ڏيڻ ۽ تحقيق ڪرڻ گهرجي.

ڪبڙ کي درپيش خطرا:ڪبڙ کي مختلف حوالن سان جيترا خطره اڄوڪي دور ۾ سامهون آهن، اوترا اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ هئا. انهن ۾ هيٺيان وڏيڪ اهم ۽ فوري نوعيت جا آهن، جيڪي گهٽ و ڪري پاڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان ڳنڍيل بہ آهن.

1. آبادي جو وڌڻ 2. پالتو جانورن جو وڌڻ 3. وڏيڪ زمين ڪيڙي هيٺ اچڻ 4. وڌندڙ ٻارڻ جون گهرجون 5. مذهبي تعليم ۽ شعور وڌڻ ڪري ڏندڻ جو وڌندڙ استعمال 6. ڪارخانن ۾ استعمال 7. ماڻهن جي اڪثريت جو ماحولياتي خطرن کان بي خبر هئڻ 8. ماحولياتي تبديلين جي ڪري ڏڪر ۽ ان جا خطرا 9. فاريسٽ پاليسي 10. زمين جي مالڪي نہ هجڻ.

آبادي وڌڻ:انساني آبادي وڌڻ ڪري ڏينهون ڏينهن روڊ رستن ۽ ٻين ضرورتن لاءِ وڏيڪ زمين جي ضرورت پيش اچڻ ڪري ٻيلن ۽ چراگاهن ۾ روزبروز گهٽتائي اچي رهي آهي. نہ صرف ٻيلا ۽ چراگاهہ بلڪ صحرا بہ خطرناڪ نموني وڌندڙ انساني آبادي جي زد ۾ آهن. جنهن جو مثال پارڪر وارو ٿر آهي. جتي وڌندڙ آبادي کي بنيادي سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ ڀٽن تان وڻ ۽ گاهہ ٻوٽن کي صاف ڪيو پيو وڃي. جنهن ڪري ڪيترائي گاهہ ٻوٽا ختم ٿيڻ تي آهن، جن ۾ ڪبڙ بہ هڪ آهي. ڪبڙ کي وڏيڪ خطرو انڪري بہ آهي جو ان جي ڪاٺي گهرن ٺاهڻ لاءِ بہ استعمال ٿئي ٿي. ائين وڌندڙ انساني آبادي ڪبڙ لاءِ وڏو خطرو آهي.

پالتو جانورن/ مال مويشي جو وڌڻ:هڪ تہ انساني آبادي ۾ اضافي

جي ڪري زمين تان گاهه ۽ ٻوٽا صاف ڪري چراگاهه گهٽايا پيا وڃن ۽ ٻيو وڌندڙ انساني آبادي جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ جي لاءِ جانورن جي تعداد ۾ به اضافو ٿيو آهي. جنهن جي ڪري ڪيترائي گاهه, وڻ ۽ ٻوٽا جانورن جو کاڄ ٿي رهيا آهن, جن مان ڪپڙ به هڪ آهي. ٻين گاهن جي گهٽجڻ ۽ اٺ ۽ ٻڪري جي وڌيڪ کائڻ سبب ڪپڙ ڏينهون ڏينهن گهٽجي رهيو آهي. هر نئون ڦٽندڙ ڪپڙ ٻڪري جي کاڄ ٿي رهيو آهي. ان ڪري به هي گهٽجي رهيو آهي.

وڌيڪ زمين ڪيڙي هيٺ اچڻ سبب:وڌندڙ انساني آبادي جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ, ملڪي معيشت هلائڻ ۽ غير ملڪي ناڻي ڪمائڻ لاءِ اڳي جي مقابلي هن وقت تمام گهڻي زمين زيرِ ڪاشت اچي چڪي آهي. جنهن ڪري اها واندي پيل زمين جتي ڪپڙ ججهي تعداد ۾ هو اهو ختم ٿي رهيو آهي. اڳي اهڙي واندي پيل زمين جتي ڪپڙ جام ٿيندو هو ان کي صاف ڪرائڻ جي لاءِ مالڪن کي ڪجهه محنت ڪرڻي پوندي هئي ۽ پئسو خرچ ڪرڻو پوندو هو هاڻ گتي جي ڪارخانن ۾ ڪپڙ جي ڪاٺي جي استعمال بعد, ڪپڙ وارو جهنگ, زمين جي مالڪن لاءِ بيحد مفيد ۽ ڪارائتو ٿي پيو آهي. ڪپڙ ڪپائندڙ ٺيڪدار سڄو ڪم پاڻ ڪرائين ٿا ۽ زمين جي مالڪ کي ڪپڙ وڍڻ جا پئسا به ڏين ٿا.

ٻارڻ جو ضرورتون پوريون ڪرڻ جي لاءِ :وڌندڙ انسان آبادي لاءِ ٻارڻ به هڪ اهم مسئلو آهي. ٻارڻ وارو مسئلو به ائين وڌي رهيو آهي جيئن خود آبادي. اڳي جتي ماڻهو ٻارڻ جون ڪاٺيون گڏهن ۽ اٺن تي وڪڻي گذر سفر ڪندا هئا, اُتي هاڻ اهو ڪم ٽريڪٽر ٽرالين ۽ ٽرڪن تي ٿي رهيو آهي. جنهن جي ڪري ڪپڙ جي واڍي ۾ به بي پناهه اضافو اچي ويو آهي. جيڪو انتهائي خطرناڪ صورتحال اختيار ڪري ويو آهي.



حالانڪ ڪپڙ جي ڪاٺي ٻارڻ ۾ سٺي به ڪونهي, هن مان ڪوئلو به نه ٿو ٺهي, پر اڻ هوند ۾ سڀ جائز ۽ صحيح هجي ٿو!!

غربت ۽ بيروزگاري وڌڻ:وڌندڙ انساني آبادي ۽ وسيلن جي استعمال جي موثر پاليسي نه هجڻ سبب بي روزگاري ۽ غربت ۾ ڏاڍو اضافو ٿيو آهي. جنهن ڪيترائي معاشي ۽ سماجي مسئلا پيدا ڪيا آهن. ڳوٺن ۾ غربت ۽ بيروزگاري وڌڻ ڪري ڪيترائي ماڻهو ڪپڙ جون ڪاٺيون وڪڻي, گهر جي چلهه ٻارڻ جا جتن ڪن ٿا. جنهن سبب ڪپڙ جي واڍي ۾ روز بروز اضافو ٿي رهيو آهي. حالانڪ ڪپڙجي ڪاٺي جو اگهه ٻين ڪاٺين جي مقابلي ۾ ڪافي گهٽ آهي, پر بي روزگاري ۾, بيڪار ويٺل ماڻهو مجبور ٿي سوچين ٿا ته ڪجهه نه ڪجهه هجڻ ئي بهتر آهي. ڪپڙ وارن علائقن جي بي روزگارن لاءِ جيڪڏهن مناسب روزگار جو بندوبست ڪيو وڃي ته ڪپڙ جي واڍي کي ختم نه تڏهن به گهٽ ضرور ڪري سگهجي ٿو.

زميندار فيڪٽر:اڄڪلهه ڪپڙن جون ڪاٺيون وڪڻڻ جو ڪاروبار عروج تي آهي. اهي زمينون جتي ڪپڙ بيٺل آهن, اُتي واڍي زورن تي آهي. جنهن ڪري زميندارن کي زمينون, جهنگ کان مفت ۾ صاف ٿي ملي رهيون آهن. انڪري زميندار خوش آهن ته سندن ٻاران جهنگ صاف ڪرڻ جو ڪم ڪو ٻيو ڪري رهيو آهي. جنهن سان سندن محنت ۽ پئسو بچي رهيو آهي. ڪجهه سال اڳ ڪپڙ وڍي ڪاٺيون ڪرڻ جو ڪم مفت ۾ ٿيندو هو. هاڻ اهي زميندار جن جون زمينون ٻئراجي علائقن جي ويجهو آهن, جتي ٽريڪٽر ٽرالا پهچن ٿا, اهي پئسي جو مطالبو ڪن ٿا. ڪاٺيون ڪندڙن کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيڻو پوي ٿو. باقي اُٺ گڏهه وارا اڄ به مفت ۾ ڪم هلائين ٿا.

زمين جا غير حاضر مالڪ:سڄي سنڌ ۾ ڪافي زمين اهڙي آهي جيڪا بئراجي علائقن کان يعني پاٽي کان پري آهي. جيڪا يا ته سرڪاري پيل آهي يا ڪن بااثرن، وڏيرن، سياستدانن، ڪامورن يا فوجين جي ملڪيت آهي. جن زمين الاٽ ته ڪرائي ڇڏي آهي، پر پاٽي نه هجڻ ڪري اوڏانهن رخ نه ڪيو اٿن. اهڙين زمينن ۾ جتي به ڪبڙ آهي، اهو ٽرالين وارن توڙي ٻين جي جهڙوڪ اباڻي ملڪيت آهي. ڪير به پڇڻ وارو ڪونهي. سڄو ڏينهن ٽراليون پرجي رهيون آهن ۽ واڍي جاري آهي.

اڇڙي ٽر ۾ ڪبڙ کي پوپٽن ذريعي لڳل بيماري:جتي لاڙ مکي ۽ ڪاڇي ۾ ڪبڙ جي نسل کي گٽن جي ڪارخانن ۽ ڏندڻ جي ڪاروبار ڪندڙن جي ڪري سخت نقصان رسيو آهي اتي اڇڙي ٿر ۾ پوپٽن ذريعي لڳل بيماري، ڪبڙ کي بيمار ڪري ڇڏيو آهي. اڇڙو ٿر ۾، خيرپور ضلعي جي سماجي ورهاست جي حساب سان "ٻاهڪي" واري علائقي جي ماڻهن جي بقول ٻه سالن کن اڳ (2004_05) اتر الهندي کان، هڪ انچ جيترا ميٽي رنگ جا هزارين پوپٽ آيا. جن تي اڇي رنگ جا نشان هئا. اهي پوپٽ تقريباً (15) ڏينهن کن علائقي ۾ رهيا ۽ جنهن ڪبڙ ٽي تي ويٺا، ان جا پن ڪائي ان کي صفا نوڙهي ڪري ٿي ڇڏيائون. سيئي ڪبڙ ڪائڻ کان پوءِ اهي پوپٽ اوپر روانا ٿي ويا. ڪبڙ جي اهڙي نموني ڪائجڻ جو سبب کان وڏو اثر ائن ۽ ٻڪرين تي پيو. جن جو چارو ختم ٿي وڃڻ ڪري مال وندن کي وڏو نقصان ٿيو. جيتوڻيڪ هينئر وري ڪبڙ سائو ٿي چڪو آهي، پر ڪافي ڪمزور آهي. ان جي ڪاٺي، ٽڙ ۽ تارين تي اثر ٽيل ٿو لڳي. جنهن طرف باٽني جي ماهرن کي جلد توجه ڏيڻ گهرجي. ان کان اڳ جو اڇڙي ٿر جي ڪبڙ کي ڪو وڏو خطرو درپيش اچي.ان جي بقا کي ئي خطرو ٿي پوي ۽ بيماري ڪنٽرول کان ٻاهر ٿي وڃي.



ڏندڙ جو وڌندڙ استعمال ۽ اڻ پوري مذهبي تعليم:ڪبڙ جي واڍي خصوصاً پاڙون وڍجڻ جو وڏو سبب پاڙ جو ڏندڻ طور استعمال آهي. ڏيهه پر ڏيهه ۾ مذهبي تعليم جي وڌڻ ۽ تبليغ سبب نبي پاڪ ﷺ جي سنتن تي عمل به وڌيو آهي. سنتن مبارڪن مان هڪ سنت، ڪبڙ جو ڏندڻ به آهي. جيئن ته ڪبڙ جي پاڙ نرم ٿئي ٿي، ان ڪري مسوڙن/مهاڙن کي نقصان نه ٿو ٿئي. حڪمت جي حوالي سان به ڪبڙ جو ڏندڻ افضل آهي. ان ڪري ئي حڪمت جي ڪتابن ۾ ڪبڙ جو هڪ نالو Tooth Brush به آهي. اها تحقيق ته اسان جي ماهرن کي ڪرڻ گهرجي ته ڪبڙ جي تارين ۽ پاڙ ۾ اها ڪهڙي خصوصيت ۽ ڪهڙو ڪيميڪل آهي، جنهن جي ڪري منهن ۾ ڏپ نه ٿي ٿئي ۽ بلغم تي به اثر ٿئي ٿو. وڌندڙ مذهبي تعليم ۽ شعور جي ڪري ڪبڙ جي ڏندڻ جي اهميت وڌڻ سبب ان جي واڍي ۾ به بي حد اضافو ٿيو آهي. افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جي عالمن سنت تي عمل ڪري ثواب ڪمائڻ ۽ الله ۽ ان جي رسول جي خوشنودگي حاصل ڪرڻ جي ڳالهه ته ماڻهن کي ٻڌائي ۽ سيکاري آهي، جيتري واڍي ٿي رهي آهي ان حساب سان نئون ڪبڙ نه ته قدرتي طرح سان ٿي رهيو آهي ۽ نه ئي پوکيو پيو وڃي. جيڪڏهن اهڙي نموني واڍي جاري رهي ته ماحولياتي خطرو هڪڙي پاسي پر جيڪو ڏندڻ هينئر اسان کي سستي اگهه تي، سولائي سان ملي رهيو آهي. جنهن جي استعمال سان سنت نبوي تي عمل ڪري رهيا آهيون ۽ حفاظتِ صحت به ڪري رهيا آهيون، اهو ڪم مستقبل قريب ۾ ڏاڍو ڏکيو مهانگو ۽ مشڪل ٿي پوندو. ٿيڻ ته ائين گهرجي ها ته اسان جا مذهبي عالم واڍي خلاف آواز اُٿارين ها. خصوصاً گٽي جي ڪارخانن ۾ ڪبڙ جي استعمال کي روڪڻ لاءِ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪن ها ۽ ماڻهن ۾ ڪبڙ کي بچائڻ لاءِ شعور پيدا ڪرڻ سان گڏ ڪين نوان

ڪپڙ پوکڻ لاءِ همٿائين ها پر ان طرف شايد نہ جي برابر توجہ ڏني وئي آهي. جيڪو سلسلو هلي رهيو آهي، اهو ائين ئي جاري رهيو تہ پوءِ ڪپڙ جو نالو وڃي بچندو. رڳو ماحولياتي مضمونن، حڪمت ۽ مذهبي ڪتابن ۾ ڪپڙ جو نالو پڙهبو. ڏندڻ لاءِ اسان کي ڪنهن ٻئي وڻ جي ڪاٺي جو استعمال ڪرڻو پوندو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪجھ سالن بعد عام ماڻهن جي لاءِ مذهبي نموني ڏندڻ ڏيڻ ڏاڍو ڏکيو ۽ مهانگو ٿي پوي. حالانڪ هن وقت ٿوري ڪوشش ۽ محنت سان اهو ڪم صفا سولائي سان ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪپڙ جي نسل ڪشي کي بہ روڪي سگهجي ٿو.

ڪارخانن ۾ گتي ٺاهڻ سبب:سائنس جي ترقي جتي انساني بهتري ۽ ڀلائي جا ڪيترائي ڪم ڪيا آهن اُتي وڏي ماحولياتي تباهي بہ آندي آهي. جنهن جو هڪ شڪار ڪپڙ بہ آهي. ڪپڙ جي ڪاٺي جنهن جو ڪجھ سال اڳ ايڏو وڏو استعمال نہ هو. اها ڇت، ڇپر ۽ ڪاين جي استعمال کان ڪوڙن، هتوڙن جي ڳنن، ۽ ڏندڻ ڏيڻ کان ويندي هر ۾ استعمال تائين محدود هئي، سا اڄڪلھ گتي ٺاهڻ جي ڪارخانن لڳڻ ڪري ڏاڍي قيمتي ۽ ڪارائتي ٿي وئي آهي. ڪاڇي کان ويندي سانگهڙ، خيرپور ۽ نوابشاھ ضلعي جي ملڻ واري هنڌ "منڊ جمڙائو" جي آس پاس ڪپڙ جي تباهي شاھ پور جهانيان واري ڪارخاني ۽ لاڙ واري پاسي جي ڪپڙ جي تباهي ڏاٻيجي ۽ ميرپور ساڪري واري ڪارخاني جي ڪيل ڇٽي وڃي ٿي. ان کان علاوه ڪونڙي کان ڪراچي تائين بہ ڪپڙ مختلف گتي جي ڪارخانن ۾ ڏاڍو بيدردي سان استعمال ٿي رهيو آهي. ماهرن جو چوڻ آهي تہ ڪپڙ جي ڪاٺي ۾ نائيلون وانگر ريشو ٿئي ٿو. جنهن مان ٺهندڙ گتو ٻين قسمن جي گتي جي مقابلي ۾ اعليٰ ڪوالٽي جو هجي ٿو. گتي جي ڪري ڪپڙ جي ڪاٺي جي اهميت بہ ٿي وئي آهي ۽ ماڻهن کي روزگار بہ



ملي رهيو آهي پر صفا مختصر عرصي لاءِ. جيترو فائدو هينئر ڪپڙ وڪڻي وڃي پيو ان جي مقابلي ۾ ڪپڙ ختم ٿيڻ بعد جيڪو نقصان ٿيندو ان لاءِ بہ ڪاش ڪير سوچي!!

سنڌ جي ڪوهستان ۽ لاڙ وانگر، سانگھڙ مڪي وارو علائقو بہ ڪپڙ جي واڍارين جي ور چڙهي ويو آهي. 1899ع فوجي ڳوٺ آبادي ڪرڻ لاءِ هڪ کان وڌي ستانوي فوجي چڪ ٺاهيا ويا هئا. جنهن جي ڪري ٻئي جهنگ سان گڏ ڪپڙ جي بہ صفائي ٿي. ان بعد وڌندڙ آبادي جي ڪري آهستي آهستي ڪپڙ وڍجڻ لڳو. پر ڪجھ سالن کان جڏهن کان ذريعن مطابق شاھ پور جهانيان واسي گتي جي مل شروع ٿي آهي ڪپڙ جو قتلِ عام عروج تي پهچي ويو آهي. تڪي جون ويهون اڪن واري، ٽوڳاڇو، سيهنري، جڪڙائو ۽ صدرٺ جيڪي ڪپڙن سان ڀريل هيون سي آهستي آهستي خالي ٿيڻ لڳيون آهن. جن مان ديھ جڪڙائو جنهن ۾ مشهور چڪ 1، 2، 3، 4، 9 ۽ 10 واقع آهن ان ۾ ڪپڙ جو مڪمل صفايو ٿي ويو آهي. ذريعن مطابق چوٽياريون ڊيم مان هٽ ڏوٺيهزارين ايڪڙين زمينون خريد ڪندڙ تمام وڏو نالو اڄڪلھ ديھ صدرٺ ۾ ڪپڙ خاف ڏينهن رات ڪاٽ ڪماڙا ڪٽايو هلي. هن ديھ ۾ ڪنهن وقت انن جا وڳ هوندا هئا، ڀاڪرو مال بہ جام هوندو جيڪو سڄو ڪپڙ تي گذارو ڪندو هو ان ۾ نہ هاڻ اٺ رهيا آهن ۽ نہ ئي اوٺي. ڀاڪري مال وارا بہ سخت پريشان آهن. ڪي ڪٻڻ ۽ ٻيا ڪيترائي ڪپڙ جا ساٿاري روئيندا پٽيندا ديھ خالي ڪري ويا آهن ڪنهن کي ڪوڪل نہ ٿي اچي. هزارين ماڻهون گهر ويني روزگار ملڻ ڪري سڄو ڏينهن ڪپڙ وڍي، ڪائيون وڪڻي گذر سفر ڪرڻ لڳا آهن. ورڪشاپ ۾ خاخل ٿيندي هئي هڪ بااثر شخصيت جو ڪپڙ وڻڻ وڪڻڻ جو ڪانٽو سڄو ڏينهن مصروف رهي ٿو. پر وس وارن کي الائي ڇو نظر نٿو

اڇي!! ورڪشاپ مان نڪرندي چڪ 32 واري روڊ تي ڪيترين ئي بااثرن ذاتين جا ماڻهن جا ڪاتنا سڄو ڏينهن ڪپڙ جي خرداري ڪري رهيا آهن. گڏهن گاڏا ڪپڙ آڻڻ ۾، ٽرڪون ٽراليون ڪپڙ هتان ڪٺي وڃڻ ۾ پورا آهن. جيڪي سانگھڙ جي ننڍن وڏن شهرن ۽ نوابشاهه مان ٿيندا شاهپور جهانيان پهچن ٿا. پر ڪپڙ تي واڍي تي پابندي باوجود ڪوبه پڇڻ وارو ناهي. خبر ناهي ته پابندي تي عمل ڪرائڻ ڪنهن جي ذميواري آهي؟ ۽ ڪنهن جي اختيار ۾ آهي. پر ڪپڙ وڍجي پيو منزل تي پهچي پيو ۽ وڌندو هلي پيو. ان ڪان علاوه چوٽياريون ۽ منڍ جمڙائو به ڪپڙ جي ڪاٺي وڻڻ جا وڏا مرڪز آهن. ڪيترن ننڍن وڏن ڳوٺن ۾ جتي ڪٽي ڪپڙ جي ڪاٺن تي خريد و فروخت جاري آهي. اهي به ڪنهن کي نظر نٿا اچن. ان سلسلي ۾ ضلعي ۾ تحقيقي ڪم جي ضرورت آهي. ان ۾ ڪيترائي حڪمت ماحول جي حساب سان فائدا آهن پر افسوس جو اهي معلوم ٿيڻ کان اڳ ئي ڪپڙ وڍي حاصل ڪيو پيو وڃي ان ڪان وڌيڪ ان کي بچائي حاصل ڪري سگھجي ٿو پر ڪير ان طرف ڌيان نٿو ڏي.

ڪپڙ جو نالي طور استعمال:دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌي ۾ به مختلف ٻوٽن جا نالا ماڻهن تي رکڻ جو رواج عام آهي، اهو ان لحاظ سان ڪپڙ ۽ ٻير نالي وارا وڏي عمر جا ماڻهو به ڪاري ملي ويندا پر سنڌي وڻن ۽ ٻوٽن تي نالا رکڻ جو رواج عام آهي. هاڻي ڏينهون ڏينهن گھٽجي رهيو آهي. دلچسپ اها ڳالهه آهي ته ڪپڙ نالو ته عام آهي پر جار نالو ٻڌڻ ۾ ڪونه آيو آهي. نه ئي ڪنهن جو نالو پيرون ٻڌڻ ۾، ائين ڇو آهي؟؟ ڪو نالن، ٻولي يا اينٿرولاجي جي ماهر ئي ٻڌائي سگھي ٿو.

ڪپڙ مان ٽانو ڌوئڻ:اڳ ۾ جڏهن ٽانو ڌوئڻ لاءِ مختفل ساوا پيلا صابڻ ڪونه هئا نه ئي پائوڊر ڪيميڪل صرف ايجاد ٿيا هئا. ان وقت ٽانو



ڌوئڻ لاءِ، واري ڇار، مٽي وغيره استعمال ڪرڻ سان گڏ ڪپڙ جون آليون ننڍيون ڪاٺيون پنن سميت استعمال ڪرڻ جو رواج عام هو. جنهن لاءِ وڏڙين جو چوڻ آهي ته ڪپڙ سان ٽانو ڌوئڻ سان هڪ ته ٽانو سٺي نموني صاف ٿيندا آهن/هئا ۽ ٻيو ته انهن ۾ ڏپ/بوءِ ڪانه ٿيندي هئي. خاص ڪري لسي واريون چاڏيون ۽ پاڇي واريون ديڳڙيون ڪپڙ سان ڌوئينديون هيون. ان مان لڳي ٿو ته ڪپڙ ۾ اهڙو ڪيميڪل آهي جيڪو اڄ ڪلهه ٽانو ڌوئڻ جي مختلف صابڻ ۽ ڪيميڪل ۾ هوندو آهي.

ڪاتر:اڳي ڏنار پنهوار ۽ شڪاري ڪپڙ جي ڪمان وانر مُڙيل ڪاٺي کي چلي شڪار لاءِ استعمال ڪندا هئا. جنهن کي ڪاتر چئبو هو. خاص ڪري سهي جو شڪار ڪاتر سان ٿيندو هو. چراگاهون به جام هيون. سها به الاهي هئا ۽ ڏنار به واندا سڄو ڏينهن اهوئي ڪم ڪندا هئا. ڪوليهن کي ڪاتر سان سهي جو شڪار جو خاص شوق هوندو هو. هيئن به ڪولهي هاريپي ۾ وڌيڪ هوندا هئا. ڪولهي ٻين غير مسلم ذاتين وانگر حرام ۽ مردار ڪونه واپرائيندا ان ڪري هو سهي جو شڪار شوق سان ڪندا هئا. ڪاتر جي گولائي واري ڪاٺيءَ ڏاڍي تيزي سان ويندي هئي. ۽ شڪار کي لڳندي به ڏاڍي هئي، ان ڪري شڪار سولائي سان ٿي ويندو هو. هاڻ نه اهي چراگاهون رهيون آهن ۽ نه ئي اهي ڏنار. اڄ ڪيترن ئي پڙهيل لکيل ماڻهن لاءِ لفظ ڪاتر هڪ اجنبي لفظ ٻڌجي چڪو آهي.

## ڪپڙ ۽ ڏاهرين وارو قصو

چون ٿا ته ڪلهوڙن هر ذات مان شاديون ڪيون هيون جنهن جا ڪيترائي سبب هئا. ڪلهوڙن جڏهن ڏاهرين کي سڱ گھريو ته ڏاهرين پنهنجي ذات جي پنچات گھرائي ۽ صلاح ڪئي ته اسان پنهنجو سڱ

ڏاري قوم کي ڏيون ڪونہ. ڪلهوڙن کي سڱ ڏيڻ واري بيعزتي هوندي. وڏڙن چيو تہ اسان ۾ ڪلهوڙن سان وڙهڻ جي طاقت ڪونهي. هو حڪمران آهن. ڪيترن ئي ذاتين جي انهن کي پٺ پرائي حاصل آهي. ڪو اهڙو ڪم ڪجي جو لٺ بہ بچي ۽ نانگ بہ مري. ڪيئن بہ ڪري سنگ ڏيڻ کان بچون صلاح ڪري ڪلهوڙن وٽ پهتا. چيائون تہ اسان سڱ ڏيڻ لاءِ تيار آهيون پر اسان جو مايون اهڙيون آهن ڪونہ جو هو بادشاهہ جي گهر ۾ رهڻ جي لائق هجن. ڪلهوڙن کي ڏاڍو تعجب ٿيو. انهن ڏينهن مقرر ڪيو تہ اسان اهي عجيب و غريب سڱ پهرين ڏسندا سون. ڪٻرن ۾ پيرن جا ڏينهن هئا. ڏاهرين اٽڪل ڪري مقرر ڏينهن ۽ وقت تي ماين کي ڪٻڙن تي چاڙهي چڏيو. ڪلهوڙن اچي ڏٺو تہ مار مايون تہ وڻن تي چڙهيون ويٺيون پيرون کائين. انهن اهڙين ماين کان توبهہ ڪئي ان ڏينهن کان حڪمران ڏاهرين کي دربار ۾ "چريا ڏاهري" طور مشهور ٿي ويا. عام ماڻهن بہ ڏاهرين کي چريو چوڻ شروع ڪري ڏنو. بغير اهو ڏسڻ جي تہ انهن ڪيئن اٽڪل ڪري پنهنجا ننگ بچايا ۽ ڪنڌ مٿي ڪري هلڻ جهڙا ٿي ويا.

# ٿاڪر ٻوٽو

## جنهن جا ڇمبڪ، ڳوهِ جي شوقين خفتين لاءِ وڏي اهميت رکن ٿا

سنڌ ۾ مختلف قسم جا جيڪي وڻ نما ٻوٽا ٿين ٿا، انهن ۾ ٿاڪِر بہ هڪ آهي. جنهن کي مختلف علائقن ۾ مختلف نالن، مثال طور: ’ڪڪوري‘ ٿانڪارو، ٿاڪر، ٿانڪار ۽ آرٽي جي نالن سان بہ سڏيو ويجي ٿو. ٿاڪر جو ٻوٽو اڇڙي ٿر ۾ خاص ڪري ناري واري علائقي ۾ جتي پاٽي جون ترايون يا پاٽي بيهڻ يا گڏ ٿيڻ وارن هيٺائين وارن هنڌن تي، پٽ جي هيٺين پاسي/هيٺائين تي ٿيندو آهي. سانگهڙ کان اُتر اوير طرف پوسل وارين جڳهين ۾ ڊُبي ۽ ناري واري علائقي ۾ عام جام ٿئي ٿو. هي ٻوٽو برسات پوڻ کان اڳ آهستي آهستي ٿورو وڌڻ شروع ڪندو آهي. پر برسات کان پوءِ تيز سان وڌندو آهي. برسات کان اڳ هن جو قد 4 کان 5 فٽ ۽ برسات بعد 5 کان 8 فٽن تائين ٿيندو آهي. برسات کان اڳ ٿانڪار پن ڇاٽي ڇڏيندو آهي ۽ رڳو ڏانديون وڃي بچنديون آهن، پر برسات بعد هي سائو ٿي ويندو آهي. هي ٻوٽو ڪاموهين يا ڳاگهٽي ۽ مهندي وانگر جهڳٽن ۾ ڦٽندو آهي. هن جون لامون ڊگهيون ۽ سنهيون ٿين ٿيون. جن مان پڻ ڪيتريون ئي ٻيون ٽاريون نڪرنديون آهن. جيڪي تمام سڌيون ٿين ٿيون. اٺ ۽ ڍڳي سوار اڪثر انهن کي پڇاڙڻ وقت/ڳوهِ ۾ هن جون لئيون ڇمبڪ طور استعمال ڪندا آهن. هن جي ڪاٺي وڏي ڪجھ



ڏينهن پاٽي ۾ وجهي ڇڏبي آهي ان کان پوءِ اها ڪاٺي پاٽي مان ڪڍي ان کي گيھ يا تيل هڻي ڇمبڪ تيار ڪبو آهي. هن جي ڪاٺين ۽ لامن کي سُرو ناهي لڳندو. هن ۾ سنها سنها ڪنڊا بہ ٿين ٿا. هن جا گل ڪچي هجڻ وقت اڇي رنگ جا ۽ پچڻ بعد هلڪا هيڊا ٿي ويندا آهن. هن ۾ پيرون جھڙو چمڪندڙ نارنگي رنگ تي ميوو بہ لڳندو آهي، جيڪو حڪمت جي تمام گھڻن ڪمن ۾ ڪم ايندو آهي. هن جا پن ڄانگري ٻير ۽ ڪامهون جي پنن سان مشابهت رکن ٿا. هن جا پن سڪائي، گهوٽي، ڪپڙ ڇاڻ ڪري ملي ۽ بواسير لاءِ استعمال ڪبا آهن. هن پن ٻڪريون ۽ اُٺ شوق سان کائيندا آهن. هي ٻوٽو اڪثر ڪري سرن جي ٻوهن ۽ ڪٻڙن جي وچ ۾ پيدا ٿيندو آهي. هن جي ڪاٺي جي کل جو رنگ ڳاڙهو ۽ اندرين ڪاٺي پوري رنگ جي ٿيندي آهي. حڪيم هن جي پنن کي ’ٿاڪاري پن‘ ۽ ان جي ميوي کي ’ٿاڪاري ميوو‘ سڏيندا آهن. جيڪو وڏن پنسارن جي دُڪانن تي اڄ بہ وڪامي ٿو. اڄ کان ڏهاڪو کن سال اڳ سانگهڙ، نوابشاهہ ۽ سنڌ جي ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ ٿاڪري پن ۽ ٿاڪري ميوو عام جام موجود هوندو هو. جيڪي ماڻهو مختلف بيمارين جي علاج لاءِ خريد ڪري استعمال ڪندا هئا. عمر ڪوٽ ۽ ٻين ويجهن علائقن جا ماڻهو هن کي ٿاڪر ٻوٽي کي ڪڪوري نالي سان سڏيندا آهن. ڪجھ ماڻهن جي بقول تہ شاهہ صاحب بہ هيٺين بيتن ۾ سُر ليلا چنيسر جي داستان پهرين ۽ بيت نمبر 3 ۽ 21 ۾ بہ جيڪو ٿهنڪر لفظ استعمال ڪيو آهي. اهو انهي ٻوٽي ڏانهن ئي اشارو آهي.

مٽيو وجهان مچ ۾، هاءِ هٽان هار،
چوڏس چنيسر ڄام جو ڏينهان ڏيھ ڏهڪار،
سيئي سُک سيد چئي، تنهنجا پوريءَ ساڻ پتار،

ٿڻڪر اکين ٺار، ڪيئن مٽيئن تي ور مٿيئي.

شاهہ جو رسالو، پروفيسر هوتچند مولچند گر بخشاڻي، سُر ليلا چنيسر، داستان پهريون، بيت ٽيون

حقيقت هن حال جي جي ظاهر ڪريان زبان،
لڳي ماٺ مِرن کي، رسي سور شبان،
ٿاڪر ٽِڪي ڪان، جبل سڀ جلي وڃي
(آسا)

ٿڻڪر اها ٻوٽي آهي، جنهن جا پن ڪٽي، گهوٽي، پاڻي ۾ رکي، ان جا پَها پُسائي، اکين مٿان رکڻ سان اُٺيل يا خراب ٿيل اکيون تمام جلد ٺيڪ ٿي وينديون آهن. ان ڪري ئي شايد ٿڻڪر کي اکين ٺار ٻوٽي سڏبو آهي. پر مختلف رسالن ۾ اهو لفظ ٺاڪر/ٿاڪر (سردار، مڙس ۽ خدا جي معنئن) ۾ بہ لکيل آهي. جنهن ڏانهن لطيفيات جي ماهرن جي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت بهرحال موجود آهي.

**ٿاڪر ٻوٽي:** ٿاڪر ٻوٽي کان علاوه ٿاڪر ٻوٽِي بہ هجي ٿي. هي ٻوٽِي 2 کان 4 فٽ ڊگهي، ول وانگر پکيڙجندڙ ٻوٽي آهي. هن جا گل نيري ۽ اڇي رنگ جا هوندا آهن. هن ۾ بلور جيترو ميوو لڳندو آهي، جنهن ۾ سنهو سرنهن جي داڻي جيترو ٻج ٿيندو آهي. اڪثر ڪري ماڻهو انهيءَ ٻوٽي کي زمين مان پاڙان پٽي ڪڍي ڇڏيندا آهن. ڇو جو هي وڏيڪ پکڙجڻ سبب زمين کي خراب ڪري ٿي. هي ٻوٽي گهاٽي هئڻ سان گڏ، پکڙيل هئڻ ڪري، هن ۾ زهريلا جيت ۽ نانگ بلائون پڻ پناهہ وٺن ٿا. جيڪي انسانن ۽ جانورن لاءِ هاڃيڪار ٿي سگهن ٿا.

**ٿاڪر وڻ:** ٿاڪر ٻوٽي کان علاوه ٿاڪر وڻ بہ هجي ٿو هي وڻ 8 کان 12 فُٽ ڊگهو ۽ 10 کان 15 فُٽ مٿي وڃي ڇٽ بہ هڻي ٿو. اڇڙي ٿر جا



ماڻهو ٿاڪر وڻ کي 'ساٿ' جي نالي سان بہ سڏيندا آهن. هن جا پن ساوا مهندي جهڙا ٿيندا آهن ۽ ٻج پڻ مهندي وانگر ٿيندو آهي. هن وڻ کي اُتي جا رهاڪو علائقي ٻولي ۾ 'سليندو' سڏيندا آهن. هن وڻ جو ٿڙ بلڪل صاف، لسو ۽ اڇو ٿيندو آهي. هن جي ڇانو تمام گهاٽي هجي ٿي. ٿر جا ڌنار ڏينهن جي گرمي ۾ هن جي هيٺيان آرام ڪندا آهن. گهاٽي هجڻ سبب برسات جون بوندون بہ هن هيٺيان ويٺل کي پُسائي ناهي سگهنديون. هن کي ٻڪريون ۽ اُٺ شوق بجاءِ ٻُک سبب کائيندا آهن. هن جي پاڙ ننڍي ٿئي ٿي. جيڪا حڪمت جي الاهي سارن ڪمن ۾ ڪم اچي ٿي. هي وڻ ڇاڇري ۾ رتنور کان اڳتي، باڊر واري پاسي ٿئي ٿو. هن جي ڪاٺ سان مال جي اندر موجود جيوڙا ۽ جراثيم مري وڃن ٿا. حڪيم هن مان شگر جي مريضن لاءِ دوا ٺاهيندا آهن. هن تي ماکي مکا وڏيڪ ڇڪر هڻندا آهن. هن جي ڪاٺي حُقي جي نالي ٺاهڻ کان علاوه مُرلي جي اڳيون حصو ٺاهڻ توڙي ڪجهہ ٻين سازن ٺاهڻ جي ڪم اچي ٿي. ٿاڪر ٻوٽي جو ٻج جيڪو سئونف/وڏف جهڙو ٿئي ٿو ان کي ڪاڙهي، ڇاڻي، 15 منٽ رکي پوءِ پيئڻ سان سيني جي سور ۽ پشاب جي ساڙي مان نجات ملي ٿي. هي پيگ لاءِ بہ سُٺو سمجهبو آهي. هن جي ڪاٺي ڏندڻ طور بہ استعمال ٿيندي آهي، جيڪو ڏندڻ ڏيڻ سان ڏندن جو سور ختم ٿي ويندو آهي. هن جي پنن کي خشڪ ڪري، ڪُٽي، ٻورو ٺاهي وارن ۾ لڳائڻ سان خشڪي ختم ٿئي ٿي ۽ وار ڪرڻ بہ بند ٿي وڃن ٿا. هن جا ڇوڏا ڪاڙهي، هڪ ڪوپ سليماني چانه ۾ هڪ چمچو گڏائي پيئڻ سان دم جي بيماري مان نجات ملي سگهي ٿي. هن جي پاڙ مان دل، جگر، دماغ ۽ معدي جو علاج بہ ٿئي ٿو.

**ٿانڪاري ٻوٽو:** هن کي وڻ چئجي يا ٻوٽو اهو هڪ الڳ بحث

آهي. پر ڪجهه ماڻهو خاص ڪري ٿر ۾ هن کي 'ٽانڪا ول' ان ڪري به سڏيندا آهن ڇو جو هن جو ٽُڙ ناهي ٿيندو. هي سنهين شاخن سان جڳهڻ جي صورت ۾ ڦٽندو آهي ۽ هن جون لامون ٻاهر نموني هونديون آهن. هن جا پن نم جي پنن جهڙا پر اُن کان ٿلها ٿيندا آهن. سندس قد 7 کان 8 فُٽ ٿئي ٿو. هن جي ڪاٺي ڪنهن خاص ڪم جي ناهي، پر اها ٿر ۾ چونئرن ۽ ککاون گهرن ۾ استعمال ٿيندي آهي جيڪي سالن تائين مضبوط بيٺا هوندا آهن. ڇو جو هن ڪاٺي کي اڏوهي/سُرو ناهي لڳندو. ان کان علاوه هي ڪاٺي مڇرداني جي ڪاٺي ۾ استعمال ضرور ٿئي ٿي. هن جي ڪاٺي تان کلون يا ڇوڏو لاهي ان مان مضبوط رسيون پڻ ناهيبيون آهن. هن جي ڪاٺي جي ٽولهه وڏ ۾ وڏ ٽنگ يا ٻانهه جيتري هوندي آهي. پر جانگري ٻير جي پنن جهڙا پن رکندڙ هي وڻ پنهنجن اڇن گلن ۽ خوشبودار هجڻ جي ڪري مشهور آهي. هن جي خوشبو هوا جي رُخ تي ڪلوميٽر تائين به محسوس ڪري سگهجي ٿي. هي ڇٽ پڇڻ کان پوءِ گل جهليندو آهي. اُتر واءُ لڳڻ ۽ سيءَ پوڻ تي گُل ڇاڻڻ بعد ٻج جهليندو آهي. هن جي پنن مان پاٽي ڪيڏي وائرل بيماري، جسم تي زخم ٿين ته اهو پاٽي پيارڻ سان فائدو ٿيندو آهي. هي وڻ عام جام ناهي، پر ٿر جي ڪجه مخصوص حصن ۾ اڪيلي وڻ ٿيڻ بجاءِ گروپ جي شڪل ۾ ٿئي ٿو. هن ۾ سنها ۽ ننڍا ڪنڊا پڻ ٿين ٿا.

**ٽاڪارو وڻ:** انسائيڪلوپيڊيا ٻيو: هي به هڪ قسم جو وڻ آهي. جنهن جا پن پنسار ڪي وڪر طور ڪم ايندا آهن. هي وڏو وڻ ٿيندو آهي. جنهن جا پن سُڪائي، مهندي سان ملائي، پيهي، مٿي ۾ خارش، ٻسي/خشڪي ۽ ريشي کي ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي. هن جي پاڙ جو ڪاڙهو ڪيترين ئي بيمارين لاءِ مفيد آهي. مثال دمشڪي ڪنگهه،



چيلهه جو سور، سيني جو سور، ڦڦڙن مان بلغم ڪڍڻ لاءِ انتهائي مفيد آهي. ان کان علاوه بت پرستن کي به ٽاڪر چوندا آهن.

**ٽاڪر ٽائيم:** سانجهي وارو وقت جنهن ٽائيم ڏينهن ۽ رات پاڻ ۾ ملندا آهن. ان ويلي کي ٽِڪر جو وقت يا ٽاڪر ٽائيم سڏبو آهي. هن وقت کي ڪجهه ماڻهو اڀاڳو وقت به سمجهندا آهن. ڪاروباري ماڻهو ۽ ڪي واٽيا ان وقت ڏيتي ليتي کان پاسو ڪندا آهن.

**ٽاڪرو:** لفظ ٽاڪرو عام ٻولي ۾ به استعمال ٿيندو آهي مثال طور: 'تو ڪهڙو ٽاڪرو ڪيو آهي.' معنيٰ ڪنهن ڪم کان نتائڻ مهل ته تو اڳ ۾ وري ڪهڙي محنت ڪئي آهي.

**ٽاڪرو ٻڪر:** اُنهي نالي سان جابلو علائقن ۾ هڪ ٻڪر به ٿيندو آهي. جيڪو سج جي روشني ۾ پاڻ کي شڪارين وغيره کان بچائڻ لاءِ رات جو انڌيري ۾ چرڻ لاءِ نڪرندو آهن ۽ ڏينهن جو گهٽو ڪري غارن ۾ لڪيل رهندو آهي. هن جا سنڱ 2 کان 3 فُٽ جي لڳ ڀڳ ٿين ٿا. هي ٻڪر گهٽو ڪري ولر جي صورت ۾ هلندا آهن ۽ گڏ ٿي ٻين وڏن جانورن سان مقابلو پڻ ڪندا آهن. هن جي مادي جي سڄاٽپ سنڱن کان بغير هجڻ ڪري پري کان ئي ٿي ويندي آهي ۽ ان جو رنگ پورو ٿيندو آهي. هي ويم اڪثر ڪري جبل جي غارن ۾ ڪندي آهي. هن جي مادي 2 کان 3 ڦر به ڏيندي آهي.

**ٽاڪرو ڪانو:** هي ڪانو جابلو ۽ ٿر جي علائقن ۾ ٿيندو آهي جنهن جو آواز تمام ڳرو ٿئي ٿو. هي ڪانو عام ڪانو کان ڪجهه وڏو ٿئي ٿو جنهن کي ٿر ۾ (ڏاٽڪي ۾) ٽاڪلو ڪانجيئو سڏبو آهي. هن جي چونب ڦڪي رنگ ڪارو ۽ وزن اڌ ڪلو تائين هوندو آهي.

**ٽاڪرو جبل:** ننڍين ننڍين ٽڪرين واري جابلو ايراضي کي

ٽاڪِر چوندا آهن. سنڌ جي ڪوهستان ۾ ڪٿي ڪٿي ٽاڪرو حصا هوندا آهن. جيڪي سخت پٿرن وارا آهن، جن ۾ هلڻ تمام ڏکيو هوندو آهي. اهڙن علائقي کي ٽاڪرو علائقو يا ٽاڪر سڏبو آهي.

**ٽاڪرو ٻيرو**: انهيءَ نالي سان هڪ ٻيرو به ٿيندو آهي. جيڪو عام ٻيري کان ڪجهہ ننڍو ۽ پڪل سِر جهڙو ڳاڙهو ٿيندو آهي. هي جبل/ٽڪر جو آهي، جيڪو اڳ ۾ مخصوص موسم ۾ ميداني علائقن ۾ ايندو هو پر هاڻي گهٽ ٿو اچي.

# ڳاراڻي

## حڪمت جي حوالي سان تمام اهم پر وساريل ۽ نظر انداز ٿيل ٻوٽو

ڳاراڻي مڪمل طور تي انسان لاءِ شفا بخش وڻ/ٻوٽو آهي. ٻائر ۽ ڪبڙ جي پنن سان مشابهت رکندڙ هي ٻوٽو ٿرپارڪر کان علاوه راجستان، جيسلمير ۽ پاڪستان جي پڪن هنڌن، مثال طور بلوچستان جا هيٺيان جابلو علائقا ۽ ايشيا جي ڪجهہ ٻين ملڪن ۾ پڻ ٿئي ٿو. هن جو قد 8 کان 10 فُٽ ٿئي ٿو. پنسارڪي وکر ۾ ڳاراڻي جي ڪاٺي کي سنڌيءَ ۾ تيج ڪاٺي/ڳاگيني/ڳانگيال، اردو ۾ آس گند ۽ انگريزي Venter Cherry سڏبو آهي. هن جو داڻو ڪائنل پيرون جي داڻي جيترو يا ان کان ٿورو وڏو ٿئي ٿو. هي وڻ نما ٻوٽو مانجهلي وانگر ڊگهو ۽ سنهو ٿئي ٿو. هن جي ٿڙ مان سنهيون ۽ انار جهڙيون لامون نڪرن ٿيون. هن جا پن، گُل، ميوو ۽ پاڙ مطلب تہ هن جو هر حصو ۽ شيءِ طب جي لحاظ سان (ڪجهہ حڪيمن مطابق ٻن سالن تائين) ڪم جي آهي. بشرطڪي ان کي سُرو يا ڪيڙو لڳل نہ هجي. ڇو جو هن جي ڪاٺي ڪجهہ مِٺي هجي ٿي. ان ڪري هن جي گل، پاڙ ۽ کل کي جلد ڪيڙو لڳي ويندو آهي. هن مان شربت، معجون ۽ ڦڪيون پڻ ٺاهيون ونديون آهن.

ٿر ۾ ڳاراڻي نالي تي چار فُٽ قد جو هڪ گاهہ بہ ٿيندو آهي، جنهن جي ڪاٺي يا ڏار جوئر وانگر ٿئي ٿي. هي برسات کان پوءِ واريءاسي زمين ۽ بٺراجي علائقن ۾ پڻ ڦٽندو آهي. هن ٻوٽي کي مال تمام شوق سان



کائيندو آهي. ٿر ۾ هن جي دونهين تي ٻاٻيهو جانور پڃي ويندو آهي. هن جا پن خوشبودار ٿيندا آهن. جيڪي پٽي هٿن سان مٿٽڻ سان هٿن ۾ خوشبو رهجي ويندي آهي. ڪجهہ شوقين ماڻهو خوشبو خاطر پن پٽي مٿي ڪپڙن تي لڳائي ڇڏيندا آهن. ڪي ماڻهو هن جا پن خوشبو خاطر چانهہ ۾ پڻ وجهندا آهن. هن جو گل سَر جي گل وانگر ٿيندو آهي جنهن جي ڏانڊي مضبوط ٿيندي آهي جنهن مان مختلف قسمن جا رانديڪا ٺاهبا آهن.

هن جا پن اڌرنگ، دماغي جهٽڪن، جگر جي سوڄ، ڇهري جي مختلف بيمارين ۽ هٿن پيرن جي سوڄ، اکين جي بيمارين، پيشاب جي نالين جي سوڄ لاءِ پڻ مفيد آهن. هن جي پنن جي وچ ۾ رَس سان ڀريل غِلاف هوندو آهي، جيڪو جڏهن پڇي تيار ٿيندو آهي تہ ان جو رنگ تيز ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. جيڪو ايترو تہ خوبصروت هوندو آهي. جو عورتون ان کي مالا ۾ پروئي هار ٺاهينديون آهن. حڪيم هن جا پن ڪُٽي، صاف ڪري، پائوڊر ٺاهي، ڪينسر جي ڦٽن تي لڳائيندا آهن. هن جا پن ٻڪريون ڏاڍي شوق سان کائينديون آهن. ماڻهو هنن جي ٽارين مان گهر کي لوڙهو پڻ ڏيندا آهن.

ڳاراڻي جا نم جي ٻُور جهڙا گل شروع ۾ زردي نما هئيڊا ۽ اڇا ۽ پوءِ گلابي رنگ ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، جيڪي زڪام ۽ ڪنگ لاءِ مفيد هوندا آهن. ڳاراڻي جو گُل اڇي رنگ جو ٻاڄين جي گُل جيترو ٿئي ٿو ۽ هن جون شاخون گول ٿين ٿيون. هن ٻوٽي ۾ سنهي سنهي، ڪپهہ جهڙي اڇاڻ پڻ نظر ايندي آهي.

هن جو ميوو ڪچو هجڻ وقت سائو ۽ پڪڻ بعد ڳاڙهي رنگ ۾ تبديل ٿيندو آهي جيڪو ڪرڙ جي پڪي جهڙو ننڍو ۽ گول ٿئي ٿو. هن

جي ميوي اندر هيئڊي رنگ جو صاف ۽ گول ٻج ٿيندو آهي. جنهن کي ڪاري مُنڊي وارو وَهيو پکي شوق سان کائيندو آهي. هن جو ميوو معدي، جگر ۽ پيٽ جي مختلف بيمارين لاءِ پڻ مفيد آهي.

ڳاراٽي جي سنڌن واري ڪاٽي سُڪڻ کان پوءِ پوري رنگ جي ٿي ويندي آهي، جنهن کي هٿن سان ڀڃڻ مشڪل هوندو آهي اها ڪاٽي نرم هجڻ ڪري جيڏانهن موڙائبو آهي اوڏانهن وري ويندي آهي. هن جي ڪاٽي ۽ پاڙ ۾ انسانن ۽ جانورن جي ٽٽل هڏ کي جوڙڻ، دم ۽ بواسير جو علاج پڻ ٿيندو آهي. هڏ ڀڳ لاءِ هن جي ڪاٽي ڪوئلو ڪري مکڻ ۾ ملائي، انسانن توڙي جانورن کي کارائبي آهي. هن جون ڪاٽيون ڪاڙهي، ٻه کلو پاڻي جڏهن کلو بچي ته ان مان ٺهندڙ دوا مردانه قوت کي به وڌائيندي آهي ۽ بلغم جي صفائي جو به ڪم ڪندي آهي ته جسم کي به هلڪو رکندي آهي ۽ اها کنگه لاءِ به مفيد آهي. بنگال جي حڪيمن ۽ دوا خانن هن مان 'ڊايا گئسرڪٽ' نالي سان شربت به ٺاهيو آهي، مردن لاءِ انتهائي مفيد هي شربت کير سان ملائي استعمال ڪبو آهي. هن جي ڪاٽي محارن يا کونٽي طور به ڪم ايندي آهي.

هن جي پاڙ آنگر کان به سنهي ٿئي ٿي. جنهن ۾ اُگري ٻُوءِ هوندي آهي. جيڪا ڳاراٽي جي سڃاڻپ آهي. جيڪي طب جي لحاظ سان تمام فائديمند هونديون آهن. هن جي پاڙ ۾ هلڪو ميٺاج پڻ آهي، جنهن مان تيل پڻ نڪرندو آهي، جيڪو سنڌن جي سور يا جسم ۾ ڪٿي به سور هجي ته ان جي مالش سان سور ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهو ٻين به ڪافي بيمارين ۾ ڪم اچي ٿو. هن جي پاڙ مان زنانا ۽ مردانه پوشيده بيمارين جو علاج به ٿيندو آهي. هن جي پاڙ مان ڪاري رنگ جو کنور به نڪرندو آهي، جيڪو ڪافي بيمارين تي لڳي ٿو. هن جي پاڙ کي ڪُٽي، چورو



ٺاهي، کير سان کائڻ سان سنڌن جو سور ڇڏي ويندو آهي. هن جي تازي پاڙ کي ڪاڙهي پيئڻ سان پيٽ جا ڪيڙا مري ويندا آهن ۽ اها جلاب طور به ڪم ايندي آهي.

هن جو ٻج به حڪمت جي لحاظ سان تمام اهم آهي ۽ ڪيترين ئي بيمارين ۾ لڳي ٿو. هن جو سنهو ٻُر، ڪاڏل ڏاٺ لاءِ انتهائي مفيد آهي.

ڳاراٽي لفظ وڻ/ٻوٽي کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪجهه ٻين معنائن ۾ پڻ استعمال ٿيندو آهي مثال طور ڪنڌ واري حصي کي به ڳاراٽي سڏبو آهي ته يارن دوستن، مٽن مائٽن ۽ پنهنجن پيارن سان پنهنجائپ ۽ گرم جوشي سان ملڻ وقت به ڳاراٽڙي پائبي آهي. لفظ ڳاراٽي جو ذڪر سنڌي شاعري ۾ به ملي ٿو جيڪو مختلف فنڪارن جو ڳايل پڻ آهي. محبوب جي ڳيراٽي پائي ملڻ کي سنڌ جي ڪافي شاعرن ۽ فنڪارن ڳايو آهي جن ۾ حيدر رند ۽ عرس چانڊيو خاص طور تي قابلِ ذڪر آهن. عرس چانڊيي جو ڳايل ڪلام آهي ته:

عيد جون راتيون، پائي ڳيراٽيون، مون سان اچي ملندا هئا،
اهي ته جاني جايون ڇڏي ويا، جنهن جاءِ تي پيار ٿيندا هئا.

ڳاراٽي جي حوالي سان هڪ بيت هي به آهي ته:

'گُرڙ ڳاراٽي، ويڙهه ورينگڻ، خادم سونهاري سنگر،'

آزاد اعظم مري جي شاعري آهي ته:

جيت جي يا پوءِ ڪٽي هارائجي،
ڪيترو ڏَس پاڻ کي ٽڙپائجي،
وقت جا هاچا ڏسين ٿو او پرين،
اڄ ته هاڻ ڳل ڳاراٽي پائجي.

حليم باغي جي جڳ مشهور شاعري جيڪا شفيع فقير ڳائي ان ۾

ٻہ ٻاراڻي جو ذڪر ملي ٿو. “هاءِ هنيلا هوڏي پريتم. تون ريسارو مُند ملهاري”.

شاعرن سان گڏوگڏ ٻاراڻي جي حوالي سان اسان جا سگهڙ بہ پوئتي ناهن رهيا. ٻاراڻي جي حوالي سان ڳُجهارت آهي تہ:

چار جون وڏم جانب کي، وڻ جي وڏم ڪونہ.
وکر ڏيوڙي جيڏيون، نما پسان مان.

چار جون معنيٰ، جهلون
وڻ جي معنيٰ، ڳيراڻي
وکر معنيٰ، کوپرو
نما معني، پُنهون
ڳجهارت جي پيڇڙي:
جهيليون وڏم جانب کي،
ڳيراڻي وڏم ڪانہ
کوپرو ڏيوڙي جيڏيون
پنهون پسان مان.

افسوس جو حڪمت جي حوالي سان هن انتهائي اهم ۽ نظر انداز ٿيل وڻ جو اسان وٽ نہ تہ اڳوڻو قدر رهيو آهي نہ ئي اها سڃاڻپ رهي آهي. جنهن جي ڪري هي آهستي آهستي آسان کي رُسي رهيو آهي.

# اڇو تہ "سنڀالُو" ڪي سنڀاليون

دنيا جنهن وڻ کي medical Tree يا botanical tree سڏي ٿي. جيڪو ٿيهارو کن بيمارين جو علاج آهي. جيڪو دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن سان گڏ ايشيا ۾ بہ ٿئي ٿو. جيڪو سنڌي ۾ بہ دنيا جي ٻولين سان ملندڙ جلندڙ نالي "سنڀالو" سان سڏجي ٿو. اڄ اهو وڻ سنڀالو سنڌ ۾ عام جام ۽ جتي ڪٿي نظر اچڻ بجاءِ، گهٽ ڪري ميداني علائقن ۾ ڏسڻ تي ملي ٿو. ننگر ڪان مٿي ۽ عمر ڪوٽ تائين جا ماڻهو گهڻو ڪري هن جي نالي کان ئي بي خبر آهن.( جيڪڏهن ڪو دوست مٿئين علائقن ۾ سنڀالو جو ڏس ڏيندو تہ مهرباني ۽ رڪارڊ جي درستگي ٿيندي) ڪتابن مطابق ايشياءِ پاڪستان ۾ هن جي ملڻ جا هنڌ پنجاب ۽ بلوچستان آهن. سنڌ ۾ جنهن نموني جهونا هن مان علاج جا ڏس ڏين ٿا، ان مان لڳي ٿو تہ هي هتي سالن کان ٿيندو اچي. سنڀالو جيڪڏهن صفا اصلي ۽ نج سنڌي ۽ مقامي وڻ ڪٿي نہ بہ هجي، تہ بہ سنڌ ۾ ڪيترو ئي عرصو رهڻ ڪري هاڻ ڊوميسائيل نهرائڻ جيترو حق بهرحال رکي ٿو. سنڀالو متعلق ڄاڻ يا تہ حڪيمن وٽ وڃي بچي آهي يا پوءِ مقامي علاج جي ماهر جهونن وٽ. نوجوان نسل جي اڪثريت ان کي ڏسڻ ۽ سڃاڻڻ تہ رهيو پري، نالي سان بہ شايد ئي واقف هجي. سنڌ ۾ تيزي سان وجود وڃائيندڙ سنڀالو انگلش ۾ Five leaves chaste Tree يا angus tree اردو، پنجابي ۾ سنڀالو



بنگالي ۾ سمالو عربي ۾ سرسا، سنسڪرت ۾ سيفالي نالن سان سڏجي ٿو. انگريزي ۾ هن جو اهو نالو شايد هن جي پنن جي بيهڪ ۽ تعداد جي ڪري پيو آهي. هن کي عربي ۾ حُب، فارسي ۾ تخم پنج، هندي ۽ سنڌي ۾ سنڀالو چئبو آهي. سنڀالو جو ذڪر ڪتاب 'آبِ حيات' ۾ مولوي محمد عظيم ۽ سنڌ شاهي بازار شڪارپور ۾ بہ ٿيل آهي. وڏڙا هن وڻ کي پاڪ ۽ صاف وڻ بہ چوندا آهن/هئا.

دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ مقامي لوڪ ڏاهپ واري علاج کان وٺندي ميڊيڪل سائنس ۾ معاونت ڪرڻ سبب سنڀالو کي وڻن ۾ تمام اهم وڻ طور سمجهيو وڃي ٿو. پر افسوس جو ايترو اهم وڻ سنڌ ۾ تقريبا تقريبا وجود وڃائڻ تي آهي. هاڻ هي وڻ جتي ڪٿي ۽ عام جام نظر اچڻ بجاءِ ضرورت پوڻ تي ڏس تي، ملي ٿو تہ" او فلاڻي کي فلاڻي هنڌ اڳي تہ بيٺل هو ، هاڻ خبر ناهي." سنڌ ۾ گهڻو ڪري واٽرن، شاخن ۽ واهن ڪنارن تي ٿيندڙ سنڀالو جي ٻاٽني جي حساب سان فيملي verbena aceae ۽ بائيولاجيڪل نالو vitexagmes castus آهي. سنڀالو جو هر حصو پاڙ، ٿڙ، چوڏا، گل، پن ۽ ٻج حڪمت ۽ دوائن جي لحاظ کان اهميت رکن ٿا. هن مان دوائون نهڻ ڪري سڄي دنيا ۾ هن کي خاص اهميت حاصل آهي. جپان هن جو سڀني کان وڏيڪ خريدار ملڪ آهي. پن ۾ نرم، مينديءَ ڏاڙهون ۽ يو ڪلپٽس سان مشابهت رکندڙ هن وڻ جو پن نر جي پن کان ڪجهہ وڏو ۽ ويڪرو هوندو آهي. جنهن جو هيٺيون حصو اڇاڻ مائل سفيد هوندو آهي. ٽاري جي گونچ مان نڪرندڙ، سڌي گوشي ۾ ٿيندڙ ٻور جهڙن ننڍن ننڍن گلن جو رنگ نيراڻ مائل اڇو هوندو آهي. هن کي سنڌ ۾ عموماً بهار ۾ قلم ذريعي لڳائبو آهي. جنهن لاءِ بہ اڍائي فوٽ جي ڪاني، اڌ فوٽ جيتري زمين ۾ پوريءَ، مٿين حصي تي ڇيڻو ڏبو تہ ڦٽي پوندو آهي.

سنيالو مان ٿيندڙ مقامي علاجن جي لسٽ ڳاهبي ڪافي وڏي ٿي پوندي. سنيالو مال ۽ ماڻهن جي علاج ۾ ڪم اچي ٿو. مقامي لوڪ ڏاهپ واري علاج جي ماهر جهونن جمعو ملاح، علي محمد خاصخيلي ۽ ٽنڊو ڄام زرعي يونيورسٽي جي وٽنري ميڊيسن جي ليڪچرار سان گڏ مقامي علاج کي بہ اهميت ڏيندڙ سائين رياض احمد لغاري مطابق مال کي واءَ جي بيماري ۾ سنيالو جا پن گهوٽي ۽ اٻاري پيارڀا آهن. اٻاريل پاڻي پيئڻ سان مال جو پيٽ بہ صاف ٿي ويندو آهي. رؤ جي بيماري ۾ جنهن دوران مال جي منهن ۽ نڪ مان پاڻي پيو وهندو آهي ۽ مال جي حالت سيئي تپ اچڻ جهڙي ٿي پوندي آهي، ان وقت ڍور کي سنيالو جي پنن جي دونهن ڏبي آهي. ماڻهن توڙي مال جي ڦٽن تي پن اٻاري ٻڌبا آهن. سور واري هنڌ بہ پن ٻڌبا آهن. هن جا پن جتي ٻڌبا آهن، اتي ميندي وانگر رنگ بہ چڙهيندا آهن.( ان خاصيت تي ڪجهہ ڪم ڪري هن مان مهندي وارو ڪم بہ وٺي سگهجي ٿو.) جانورن جي ويامڻ وقت، ٿڻن جي سُڄڻ تي سنيالو جا پن پاڻي ۾ اٻاري، پنن جو ٿڻن تي سيڪ بہ ڪبو آهي تہ ٿڻن تي اٻاريل پن ٻڌبا بہ آهن. مٿي پڇي پوڻ تي پن ساڙي، تيل ۾ ملائي، ملم ٺاهي ڦٽ ڦرڙي تي لڳائبو آهي. هرنيا جي بيماري ۾ توڙي زناني بيمارين ۾ پن اٻاري ٽڪور بہ ڪبي آهي تہ ٻڌبا بہ آهن. جانورن جي زهرباد يا ٻين بيمارين ۾ هن جا پن رات جو لسي ۾ پسائي، صبح جو لسي ڇاڻي پيئاربي آهي. بهار ۾ ٿيندڙ هن جي گلن مان ماکي جا مکا رس بہ چوسين ٿا. مقامي آبادگار اختر علي يوسفزئي مطابق ضرورت پوڻ تي مون منو ڳوٺ مان هن جو قلم آڻي لڳايو هو.( جڏهن تہ پاڪستان ٺهڻ وقت هندوستان مان لڏي سنجهوري ڀر سان ديوان ڳوٺ ۾ آباد ٿيل رحمت علي پاران پنجاب مان سنيالو جا قلم آڻي هنيل هاڻ وڏي وڻ ٿي چڪا آهن) هاڻ هر هفتي بہ تي



ضرورتمند ماڻهو سنيالو جو پچائيندي پچائيندي، مون وٽ اچي پن ۽ ٽاريون ڪنيو وڃن پر افسوس جو ڪوبہ لڳائڻ لاءِ قلم نٿو گهري.

سنيالو لڳائڻ کان پوءِ هن کي پاڻي جي وڏيڪ ضروت هوندي آهي. ان ڪري هي پوسل هنڌن تي لڳائجي ٿو. پڪي زمين تي يا گهٽ پاڻي پهچڻ واري زمين تي هن جو قد ڪجهہ گهٽ ٿئي ٿو. هي وڻ ڪان پوءِ جهڳٽن جي صورت ۾ ڦٽندو آهي، انهن ڏارن جا ٽُڙ پڻ عليحده ٿيندا آهن، جيڪي وري ڪجهہ سنها ٿين ٿا. هن جي لامن مان ڪافي سنهيون ٽاريون پڻ نڪرنديون آهن. سنيالو جي وڻ کي اسان پنسارڪي وکر طور ڪم ايندڙ وڻ چئي سگهون ٿا. ڇو تہ هي وڻ مڪمل طور شفا بخش وڻ آهي. حڪيم محمد يوسف کتري، علم الادويا ۾ ڪجهہ انگريزي مصنفين جو سنيالو بابت حوالو ڪجهہ هن ريت ڏي ٿو تہ انگريز مصنف هن کي فومين ٽن شراب ۽ مڪس پاپي بہ چوندا آهن. انهن ليڪڪن انگريزي ۾ هن کي Chast Nuit بہ سڏيو آهي. هن تمام گهڻين بيمارين لاءِ سنيالو کي فائديمند لکيو آهي. چون ٿا تہ سُڪرات ۽ بقراط هن جو ڪافي ذڪر ڪيو آهي. سنيالو جو ٻج نزلي، زڪام ۽ نڪ مان پاڻي اچڻ وارين بيمارين لاءِ بہ ڪارائتو آهي. گوڏن جي ميخ/مريضن لاءِ/سور لاءِ بہ مفيد آهي. سنيالو جو وڻ جيڪڏهن قلم ذريعي هڻجي ۽ پوءِ ڇانگجي نہ، تہ صفا ڊگهو ٿي ويندو آهي ۽ جي وڍبو/ڇانگبو تہ وچولي وڻ جي ٽُڙ جيترو ٿلهو ٿي ويندو ۽ صفا گهاتو ٿي وڃڻ سان گڏ ڇانودار بہ ٿي ويندو آهي.

حڪيمن جي بقول تہ جي وقتِ ضرورت سنيالو نہ ملي تہ ان جي جاءِ تي شاهہ داڻو بہ استعمال ڪبو آهي. هي وائي بادي کي هٽائيندڙ اشتها کي وڌائيندڙ بند ٿيل پيشاب ۽ حيض کي جاري ڪندڙ ڳهڻ، نري ۽ ڪامڻ جي بيمارين لاءِ مُفيد آهي.

**پنن مان فائدا:.** هن جي پن ڪوني ڪارپٽس ۽ يوڪلپٽس جھڙا ٿين ٿا, جيڪي پراڻي خارش ۽ زخمن لاءِ مفيد آهن. هي خزان ۾ پن ڇاڻي ٿو جن مان ڇڻڻ وقت تمام اُگري بُو ايندي آهي. هن جا پن حمل/اولاد ٿيڻ لاءِ ڪم ايندا آهن. هن جا پن ٽڏ سبب ٿيندڙ سور لاءِ به ڪارآمد آهي. مردن ۽ عورتن جي پوشيده بيمارين ۽ ڪينسر جي سخت سور لاءِ به هي تمام فائديمند آهن. هن جا پن خارش, ملي, مٿي جي سور, باهه جي سڙيل, جگر, پيٽ جي مختلف بيمارين, تلي يا ٻرهل, ڇيلهه جي سور, جِلد ۽ ڇهري جي بيمارين, سوڄ ۽ پيشاب کي جاري ڪرڻ لاءِ به انتهائي ڪارائتا آهن. هن جا پن جانورن کي واءُ يا آيام هئڻ جي صورت ۾ گاهه سان گڏ ڪُتر ڪري ڪارايا ويندا آهن. ڪوڏو مل واڌيو شاهپور چاڪر جو مشهور پنسار ۽ حڪيم, عمر 70/60 سالن جو جي بقول ته هن جا پن ڪاڙهي, پاڻي مان ڪڍي, انسان جي چم تي ڪنهن به جڳهه تي ڏڪ لڳي ته ان جاءِ تي, ان پاڻيءَ سان ٽاڪوڙ ڪرڻ سان سور بلڪل ختم ٿي ويندو. هن جا پن گھوٽي, تيل ۾ ساڙي, لپري ناهي زخم تي ٻڌبا آهن ته زخم ڇٽي ويندو آهي. هن جا پن گھوٽي, لپري ناهي, جانورن جي اوهه تي ٿيل سوڄ تي ٻڌبا ته اها سوڄ ختم ٿي ويندي هئي. حڪيم محمد صالح برهون مطابق, سنيالو جا پن گھوٽي, پيارڻ سان پراڻا دست بند ٿي ويندا آهن. هي پراڻين ڦٽ ڦرڙين, ڪل جي خارش, مٿي جي سور ۽ گردن جي سوڄ, جگر, آنڊن ۽ پيشاب جي نلين جي بيمارين لاءِ به مفيد آهي. هن جا پن گھوٽي, ڪپڙ ڇاڻ ڪري, ننڍي بوتل مال کي پيئارجي ته واءُ/ اُيام ۽ پيٽ سور لاءِ مُفيد آهي. هن جي ڪاٺي هلڪي ڇپر ۾ به استعمال ٿي سگهي ٿي ۽ هن کي مسلسل پاڻي ملندو رهي ته مسلسل سائو ڇهڇ رهي ٿو. خاص ڪري واٽرن جي ڪپن, اڏن جي ڪنارن ۽ نلڪي پرسان ٿئي



ٿو. مينهن جو ٽڙ خراب ٿئي, اوهه ڪڇي وڃي يا ٻيو ڪو واءُ ٿئي ته ان لاءِ به هي مفيد آهي. هن جا پن گھوٽي, مُنيا ناهي, نال سان مال جي وات ۾ وجھبا آهن يا اهي ڪنهن شيءَ سان گڏائي مال کي کارائبا آهن ته انهن کي فائدو ٿيندو آهي. جيڪڏهن مال کي کارائجي ته مال لاءِ هرويرو ڪا پيٽ جي بيماري نه ٿيندي. ڪاري واءُ کان مال کي هن جو ۽ لئي جو دونهون به ڏبو آهي.

جڏهن ڇوپائي مال کي واءُ ٿي پوي ۽ ڍور ٽنگن کان منڊو ٿي پوي ۃچري به نه سگهي, اڳيون حصو بند ٿي پوي, تڏهن ياڳيا سنيالو جون تاريون پنن سُڌيون ڪُٽي, ڍورن کي کارائيندا آهن ۽ جي ڍور نه کائي ته پنن کي گھوٽي ڪپڙ ڇاڻ ڪري, اڌ ڪلو کن پاڻي ۾ پن وجھي, ٻه يا ٽي ڏينهن صبح شام مال کي ڍُڪ ڏيندا آهن ته ڍور بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو آهي. پر شرط اهو آهي ته سنيالو پٽڻ مهل ماڻهو پاڪ صاف يا وضو سان هجي. ٻي ڳالهه ته انهن پنن کي پَٽَر ۾ به نه رکجن!

**ڪاٺي:**هن جو ٽُڙ اڪ جي ٽُڙ سان ملندڙ جلندڙ ٿئي ٿو پر اڪ جي ٽُڙ سان ڀيٽ تي ٿلهو ۽ لسو پڻ ٿئي ٿو. هن جي ڪاٺي ڪٽ لاءِ ان ڪري مفيد آهي جو هن کي اڏوهي گھٽ لڳي ٿي. هن جو ڪاٺ اڏاوت بجائي ٻارڻ جي ڪم اچي ٿو. هن جي ڪاٺي ساڙي ان جي ڇار مکڻ ۾ ملائي پراڻي ڦٽ تي لڳائڻ سان فائدو ٿئي ٿو. هن جا ڇوڏا سنها ٿين ٿا, جيڪي عورت جي ماهواري نه اچڻ جي صورت ۾, گھوٽي پيارڻ سان اها شروع ٿي ويندي آهي. هن جي ڪاٺي جو ڏنڊڻ به استعمال ڪري سگھجي ٿو.

**گُل:**ويساک ۽ چيٽ مهينن ۾ هن ۾ ننڍا ننڍا اڇي ۽ وانگڻائي /نيري رنگ جا گل لڳن ٿا, جيڪي جون جولاءِ ۾ گرم هوا لڳڻ تي ڇڻي پوندا آهن. جن ۾ هلڪي بُو پڻ ٿيندي آهي. هن جا گل پڻ ڪافي بيمارين

۾ ڪم اچن ٿا. هن جا گُل تاريءَ جي چوٽي ۾ جڳھتن جي صورت ۾ ٿين ٿا. سنيالو ۾ ٻن قسم جا گل ٿيندا آهن. هڪ هلڪا پيلا ۽ ٻيا هلڪا نيري رنگ جا، جيڪي نر مادي طور بہ سڃاتا وڃن ٿا. جڏهن تہ ويدن ۾ هن جي گلن جا 3 قسم يا رنگ لکيل آهن. جن ۾ ڳاڙها سفيدي مائل، وانگڻائي ۽ نيرا شامل آهن. نيري گل واري کي نر گدي ۽ سفيد گل واري کي سَندو بار سڏبو آهي. هن ۾ ٻن قسمن جا گل ٿيندا آهن، جيڪا ٿورا ننڍا ۽ اڳ ۾ ٿورا واڱڻائي نموني نيرا ۽ پوءِ اهي اڇا ٿي ويندا آهن. هن جي گلن جي واس تي پنورا، پوپٽ ۽ ماکي جون مکيون سڄو ڏينهن پيون واس وٺنديون آهن.

**ٻج:** هن ۾ پيرون کان ڪجھہ ننڍا لار جي شڪل ۾ ٻج ٿيندا آهن ۽ ٻُور بہ لار ۾ ٿيندو آهي. هن جو ٻج مِٺي پيرون جهڙو ٿئي ٿو. هن جو ٻج مردن ۽ عورتن جي پوشيده بيمارين کان علاوه دماغي بيمارين لاءِ پڻ ڪارائتو آهي. هن جو ٻج ڪاري مرچ جيترو هڪ پاسو ڍڪيل ۽ هڪ پاسو خالي ۽ ان کان ٿورو هلڪو سليٽي رنگ جو. ڪوڙ سارين دماغي بيمارين جو علاج پڻ آهي. هن جو ٻج خاص ڪري دماغي بيمارين، معدي جي تيزابيت، جگر جي گرمي، ڪئلشيم جي واڌ لاءِ تمام ڪارائتو آهي. هن جو هڪ تولو گلاس پاڻي ۾ وجهي، ڪاڙهي، جڏهن اهو پاڻي سُڪي وڃي ۽ باقي بچيل ڪنهن مرد کي پيارجي تہ ان مان اولاد جي اُميد ختم ٿي ويندي آهي. سنيالو جو ٻج پهريان سائو ۽ پوءِ ڪارو ٿي ويندو آهي، جيڪو ڏاڻي ۽ بيد مشڪ جي ٻج جهڙو ٿيندو آهي.

حڪيم محمد رحيم مري، 68 موري واري ۽ محمد مِٺل ڪنڀار شاهپورچاڪر جو شاعر ۽ اُستاد حڪمت سان دلچسپي رکندڙ جي بقول تہ هن جي ٻج مان معدي جي گرمائش لاءِ مفيد ڦڪي بہ ٺهندي آهي. جي



ڪنهن جي نڪ ۽ ڪن ۾ ڦرڙيون هجن تہ هن جي ٻج مان پائوڊر ٺاهي، نيراڻي ڪارائڻ سان ختم ٿي وينديون آهن. هن جو ٻج مهندي جيترو پر سخت هوندو آهي. تلسي جي ٻوٽي وانگر هن جو ٻج جو نمونو هوندو آهي، جيڪو ڪچو هجڻ وقت سائو ۽ پڪو ٿيڻ تي ڪارو ٿي ويندو آهي.ڪن ماڻهن جي ذاتي تجربن مطابق گرمي جي موسم ۾ هن جو ٻور ڇٽندو آهي، جيڪو پرسان ٻين يا هيٺ ٻيڻل ٻين ٻوٽن کي بہ ٿورو گهڻو نقصان پهچائي سگهي ٿو.

سنيالو جو لفظ ٿوري گهڻي ملندڙ جلندڙ شڪل ۾ ڪجھہ ٻينمعنائن۾ بہ استعمال ٿيندو آهي مثال طور ڪنهن کي پڇڻ، ڪنهن جي سنڀال لهڻ وغيره لاءِ بہ هي لفظ استعمال ٿيندو آهي. جيئن وونئڻن جون لامون ٿينديون آهن، ائين هن جون بہ لامون ٿينديون آهن. هن کي حُسن جو وڻ بہ چوندا آهن. جيئن ڪي ماڻهو /عورتون عمر لڪائيندا آهن يا عمر جي خبر نہ ڏيڻ ڏيندا آهن، ائين هي وڻ بہ هميشہ سائو رهي، جڻ تہ عمر لڪائيندو آهي. اگر ڪنهن کي هڏڪي ٿيندي آهي تہ چئبو آهي تہ توکي ڪنهن سنڀاليو آهي. سنڀال جي لحاظ کان ٻيا بہ ڪافي لفظ موجود آهن.

جيوڻ فقير سنجراڻي ۽ قادر بخش ميرجت سروزي جي بقول تہ هن ۾ جنات ناهي ويهندي. سومر فقير ڪيريو جنائي ۽ سروزي فقير بہ ٻڌائي ٿو تہ هن ۾ جن ناهن رهندا، ڇو جو هي پنج پنو وڻ آهي ۽ فقير جنن کي پنج تن جا واسطا ڏيندا آهن.

سنيالو کي سنڌ جي سگهڙن بہ پنهنجي سگهڙائپ ۾ شامل ڪندي ان بابت ڳجهارتون وغيره جوڙيون آهن. مثال خاطر هڪ ڳجهارت بہ هيٺ ڏجي ٿي:

وڻ هجيم ها ته، نَر ناءُ عضوي مان،
شهر ڏيان ڪونه ها.

لفظ معنيٰ وڻ، يعني سنيالو
نر ناءُ معنيٰ، پنهون
عضوو معنيٰ، پاسو
شهر معنيٰ، ڪيڻ

ڳُجهارت جي پيڇڻي: سنيال هجي ته، پنهون پاسي مان ڪيڻ ڪونه ڏيان ها.

افسوس جو ايڏي اهم ۽ قيمتي وڻ جو به اسان قدر نه ڪيو ۽ هي وڻ به هاڻ ذري گهٽ سنڌ مان موڪلائڻ تي آهي. جيستائين حڪومت ۽ ٻيا ادارا سجاڳ ٿين ۽ حرڪت ۾ اچي سنيالو کي سنيالين اچو ته پاڻ ئي هن جا ڪجهه قلم، پنهنجي ڪنهن وڇڙي ويل پياري جي نالي ڪري، پرسان وهندڙ ڪنهن شاخ، واٽر يا گهر ۾ زمين ۾ لڳائي، ان جي حفاظت ڪري، ڪيس وڏائي وڻ ڪريون. جنهن سان نه صرف سنيالو بچي پوندو، بلڪ ننڍي وڏي مرض ۾ اهو ڪيترن ئي جانورن ۽ ماڻهن جي علاج جو ذريعو به ٿي پوندو. جنهن جو ثواب يقيناً اسان کان وڇڙي ويل انهن پياري کي ٿيندو. سچي ڏينهن جي هڻ هٽان واري زندگي مان ڪجهه گهڙيون ڪڍي اسان هڪڙو ئي سهي، جي سنيالو لڳائي وڻون ته ختم ٿيندڙ ان وڻ کي بچائڻ سان گڏ صدقه جاريه طور ثواب به ڪمائي سگهون ٿا. وس وارن کي به گذارش آهي ته مهرباني ڪري ان کان اڳ جو سنيالو هليو وڃي،اچو ته هن کي سنياليون. نرسرين ۾ هن جا قلم تيار ڪري، مناسب ماڻهن کي لڳائڻ لاءِ ڏيئي، هن جي وجود کي وڃائجڻ کان بچايون.

# ووڻئڻ جو وڻ

## جيڪو هاڻ نہ برابر وڃي بچيو آهي

آڳاٽي تاريخ ۾ جن وڻن جو ذڪر ملي ٿو ۽ موهن جي دڙي مان جيڪي ڪپڙن جون نشانيون مليون آهن، تن مان اندازو لڳائي ٿي سگهجي ٿو تہ ان وقت بہ سنڌ ۾ ڪپهہ جي پوک ٿيندي هئي. اهي اهڃاڻ هندن جي ڌرمي ڪتابن ۾ پڻ ملن ٿا، تہ توريت ۾ بہ آيل آهي تہ جڏهن حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهيو ويو تڏهن بہ کين سنڌ جي ئي ڪپهہ مان ٺهيل ملائم ۽ اعليٰ ڪپڙو جنهن کي 'سَڌو' سڏبو هو سو ئي پاتل هو! گرهوڙي صاحب توڙي ٻين بزرگن کان اهي روايتون بہ منسوب آهن تہ حضرت محمد ﷺ جن کي بہ سنڌ جي اجرڪ ۽ ململ جي ڪپڙي جا تحفا ڏنا ويا هئا! 450 سال اڳ بہ هتي ووڻئڻ جي وجود جو ڏس ملي ٿو. ٻن قسمن جا ووڻئڻ پوکبا هئا. هڪ هئي جيڪي هڪ اهي جيڪي موسمي هئا ۽ ٻيا جيڪي مڪمل وڻ وانگر هئا. وڏڙن جي بقول تہ 19 صدي جي شروع کان اڳ ڪافي عرصي تائين سنڌ ۾ ووڻئڻ جي هڪ ئي جنس جي پوک ڪئي ويندي هئي، جنهن جو قد 8 کان 10 فُٽ ٻڌايو وڃي ٿو. جنهن جي ڪاٺي ٻانہ جهڙي ٿلهي ٿيندي هئي. جيڪا گهرن جي ڇتين وغيره ۾ بہ استعمال ڪندا هئا. اهي ناڙي بجاءِ ڇٽ ذريعي پوکبا هئا. 1947ع کان اڳ خاص ڪري سکر بئراج ٺهڻ بعد سنڌ ۾ آمريڪي، مصري ۽ سنڌي ووڻئڻ جي پوک عام هئي. سنڌ ۾ ڪپهہ جو ذڪر ابنِ



بطوطا بہ پنهنجي سفر نامي ۾ ڪيو آهي.

سنڌ ۾ ڪپهہ ڏيندڙ وڻن ۾ ارجڻ جو وڻ بہ شامل آهي، جيڪو سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ملي ٿو. جنهن کي ٻيلي ڪاٽي وارا ارجن ۽ عام ماڻهو ولائتي ووڻئڻ سڏين ٿا. هي تمام ڊگهو ۽ ٿلهو ٿئي ٿو. هن جي ڪاٺي ڳاڙهيسري ٿيندي آهي. جيڪا فرنيچر، گتي، ڪوڪن، در درين جي پٽين ۽ رانديڪن لاءِ بہ استعمال ٿيندي آهي. هي سياري ۾ پن ڇاڻي ٿو ۽ گل جهلڻ وقت بہ پن ڇاڻي ٿو. هن جا گل وڏا ۽ ڳاڙهي رنگ جا ٿين ٿا. بهار ۾ گل جهليندڙ هي وڻ مئي مهيني ۾ ڏينو ڪري ٿو جنهن ۾ ريشمي ڪپهہ هجي ٿي. جنهن سان گديلا، ويهاڻان ۽ سوڙون ناهيندا آهن. هن جي ڇوڏي/ڪل دِل جي بند والن، گئس ۽ وزن گهٽائڻ لاءِ ڪارآمد آهي.

**ولائتي ووڻئڻ:** هن کي ڪي ماڻهو پارڪ پپر يا ولائتي پپر بہ چوندا آهن. نرسرين ۾ ٿيندڙ هن وڻ پن پپر جهڙا ٿين ٿا، هي سنڌ ۾ نہ برابر آهي ۽ ڪن خاص جاين تي ڇانو لاءِ پوکيل آهي. هن جا پن دل وانگر هجن ٿا. 12 کان 15 فُٽ قد، ٿُڙ ٻير ۽ ڪنڊي سان ملندڙ. ڪچي هجڻ وقت هن جا گل ڦڪا ۽ پچڻ وقت تيز ڦڪا ٿين ٿا. جيڪي ووڻئڻ جي گلن وانگر هجن ٿا. گلن بعد انهن ۾ ليمي جيترو گول ۽ ڦڪي رنگ جو ميوو لڳندو آهي، جنهن جي اندر ڦڪي رنگ جو سٽيو رنگ ٿئي ٿو. هن کي مال وغيره شوق بجاءِ ٻُک سان کائي ٿو سو بہ ساون جي بجاءِ سُڪل پنن کي وڌيڪ شوق سان کائي. هن جي پنن ۾ اگري بوءِ ايندي آهي ۽ هن جو ڪاري رنگ جو ٻج ڪاري مرچ کان بہ ڪجه ننڍو ٿئي ٿو هن جو ڇوڏو بہ ڪنهن نہ ڪنهن حوالي سان حڪمت ۾ ڪم اچي ٿو هن کي جيڪڏهن يوڪلپس وانگر جيڪڏهن هن کي بہ وڍجي تہ هن جي ٿُڙ مان يوڪلپٽس وانگر ٻيا ڪيترائي ڏار ڦٽي نڪرن ٿا.

**سمبل:** هي بہ ڪجھہ ڏيندڙ وڻ آهي، جنهن جو قد ڊگهو ڪاني لسي ۽ سڌي ٿئي ٿي، جنهن ۾ ڳاڙها گل ٿيندا آهن ۽ ان بعد ۾ ڊگها سنڌڙي انبڙين جهڙا ڏينا ٿيندا آهن. جنهن ۾ ڪپھ هوندو آهي، جيڪو ڦاٽڻ بعد هوا ۾ اڏامندو بہ رهندو آهي.

ڪجھہ سال اڳ اسان وٽ ٻن قسمن جا وونئڻ ٿيندا هئا، جن مان هڪ سال وارا وونئڻ ۽ ٻيا وڻن جهڙا وونئڻ. هڪ سال وارا وونئڻ سڄو سال ٻيهندا هئا، جيڪي موسمي ٻوٽا شمار ڪبا آهن. اهي قد جي حساب سان بہ اهم ٻڌايا وڃن ٿا. وڏن عمر وارن ماڻهن مطابق انهن وونئڻ جو قد 5 کان 8 فٽ ٿيندو هو. هي وونئڻ ڊگها هجڻ سبب، انهن مان ڦٽيون چونڊڻ ۾ ڪافي ڏکيائي ٿيندي هئي. سکر بئراج ٺهڻ کان پوءِ اسان وٽ ڪافي قسمن جا وونئڻ پوکيا وڃن ٿا.

اسان وٽ وونئڻن جو هڪ ٻيو قسم بہ آهي، جيڪو ڪٿي ڪٿي اڄ بہ موجود آهي. جنهن کي مختلف علائقن ۾ واڙ ۽ 'ارجڻ' جي نالي سان بہ سڏبو آهي. جيڪو وڏو وڻ جهڙو ٿئي ٿو. اهو وونئڻ جو وڻ، سونهن لاءِ بہ پوکجي ٿو. هي سخت سي پوڻ تي پن ڇاٽي ڇڏي ٿو ۽ بهار ۾ وري گونچ ڪڍي ٿو. ان جو ٻج ڇڪي جي شڪل ۾ بهار بہ لڳائبو آهي. هن جو گلابي رنگ جو گل، سياري جي پڇاڙي ۾ لڳندو آهي. گل بعد هن ۾ ڏينو ٿيندو آهي، جيڪو مئي ۾ ٿئي ٿو. ان کان پوءِ ان ۾ اڇي ريشم جهڙي ڪپھ بہ ٿئي ٿي. جيڪا گادين، سوڙهن، ۽ وهاڻن ۾ ڪم اچي ٿو. هي وونئڻن وانگر ڏينا جهلي ٿو ان ڪري هن کي وونئڻ جو وڻ سڏجي ٿو.

هي گل ٻاٽي پڻ جهلي ٿو. هن جو قد 10 کان 15 فٽ، پن دل جي شڪل جهڙا، صفا ساوا هوندا آهن ۽ هي لامن ذريعي وڏي پکيڙ رکي ٿو. هن جو ٿُڙ ميٽي رنگ جو ٿئي ٿو. جنهن کي هلڪا هلڪا چلر بہ ٿين ٿا.



جيڪي لائڻ بعد ٿڙ تيز ڳاڙهي رنگ جو نظر اچي ٿو. هن جا پن خزان ۾ پيلا ٿي وڃن ٿا. هن جو ڪاري ميوي مان سياري ۾، ڇٽن جهڙا ننيڙا ٻج نڪرن ٿا، جن جي اندر ننيڙو اڇو ٻج هوندو آهي. . هي 'فيمل' جو وڻ ۽ 'پائِرس' جي وڻ جو قسم آهي. فيمل جو وڻ ڦٽي پڻ جهلي ٿو. واڙ وڻ بنا پاٽي ۽ ڪلر ۾ پڻ ٿيو وڃي. هن جي ٻج مان ڦڪي نهي ٿي. حڪيم مقصود شيخ نوابشاهہ جي بقول تہ هن جا ٻج قبض ۽ بادي لاءِ مفيد آهن. هن جي تاريخ 400 سال پراڻي آهي. هي اُترين سنڌ مان سنڌ جي ٻين حصن ۾ پهتو آهي. شايد آبهوا سبب سانگهڙ ضلعي ۾ هي وڏيڪ ٻڌايو وڃي ٿو! هن تي پکي ويهڻ گهٽ ئي پسند ڪن ٿا.

هن جي نرم ڪاٺي پوري يا بادامي ٿئي ٿي. جنهن سان فرنيچر ۽ گھريلو سامان نهي سگهي ٿو. هن جي ڪاٺي ٻارڻ ۾ ڪم اچي ٿي. هن جا گل حڪيم بہ پڇائيندا رهندا آهن. (پاڳي موري لڳ رندن جي ڳوٺ ۾ بيٺل آهن).

**وونئڻ:** هي وڻ 10 کان 15 فُٽ ڊگهو ۽ 12 کان 18 ڪن فُٽ متي ويڪرو يعني ڇٽ هٽي ٿو. (هي خوبصورت وڻ شاهپورچاڪر برهون روڊ تي، شاهپور چاڪر جمڙائو موري کان ڪلوميٽر ڪن مفاصلي تي ڳوٺ علي نواز ٽالپر پرسان هڪ سرڪاري ٽيوب ويل تي اڄ بہ موجود آهي) هن جا پن پپر ۽ ووٽن جي پنن سان مشابهت رکن ٿا. ٿڙ ٻير جي ٿُڙ سان ملي ٿو. هن جي پنن جي وچ ۾ هڪڙو جهرمر پيلي رنگ جو گل هجي ٿو جيڪو عام وونئڻ جي گل جيڏو ۽ جهڙو وڏو ٿئي ٿو جيڪو پوءِ هلڪو ڳاڙهو يا گلابي ٿي ڇٽي پوندو آهي. ان جي جاءِ تي ننيڙو، سائي رنگ جو گوگڙي جهڙو ميوو لڳندو آهي، جيڪو ٿوري وقت بعد گيدوڙي جيترو ٿي ويندو آهي ۽ اهو پپيتي جي رس جهڙي گهاٽي رس سان پريل هوندو آهي.

رنگ زردي جي رنگ جھڙو اهو ميوو جڏهن پچي تيار ٿيندو آهي ته ان رس مان ڪڪڙن جي نموني، اندر چار يا پنج داڻا ٿيندا آهن. جن ۾ اندر هيرڻ جي ٻج وانگر سٽيپ ٿيندو آهي ۽ ان جي ڪل تمام پڪي هوندي آهي. پوءِ اهو ميوو سليٽي رنگ اختيار ڪري وجهندو آهي. علائقي ۾ هن کي ولائتي وونئڻ سڏبو آهي. هي قلم ذريعي به لڳي ٿو. هن ۾ جتي ڪڪرون جام ويهنديون آهن اُتي هن ۾ پنجاب واري وڏي ماکي جون مکيون به اڪثر نظر اينديون آهن. هن ۾ ڦُتي بلڪل ناهي ٿيندي. انهن وڻن جي پنن ۾ بس ٻڪريون ئي وات وجھنديون آهن.

انهن سڀني ڳالهين ۽ نشانين مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ ۾ وونئڻ جي ٻوٽي سان گڏ وونئڻ جو وڻ به موجود رهيو آهي، جيڪو اڄ به مختلف هنڌن تي ڇڊو ڇانئو موجود آهي. انهيءَ وونئڻ جي وڻ جا اڄ به مختلف هنڌن تي ٻن کان ٽي قسم موجود آهن. جن ۾ هڪ قسم ته هتي جي آبهوا ۾ سائي رنگ جا ڏينا ته جهلي ٿو پر اهو نه ته ٽڙي ٿو ۽ نه ئي ان مان ڪپھ ملي ٿي. اهو ڏينو وڏو ٿيڻ تي ڦڪو ۽ پوءِ ڳاڙهو ناسي ٿي ويندو آهي. جڏهن ته هڪ ٻئي ساڳئي نموني وارو وڻ اڇي رنگ تي ڪپھ به جهلي ٿو. هي گھاٽي ۽ ٿڌي ڇانو ڏيندڙ وڻ نرم ۽ مٺي زمين ۾ ٿيندو آهي. ڏنار توڙي هاري ناري ۽ عام ماڻهو ڏينهن ٽتي جو هن هيٺيان ويهي آرام ڪندا آهن. هن ۾ اڇا ۽ هيڊا ڦڪا گل ٿيندا آهن، جيڪي عام وڻن جي مند ۾ ئي لڳن ٿا ۽ سُڪڻ بعد ڳاڙهي رنگ جا ٿي ڇڻي ويندا آهن. هن ۾ نه ته ڪو ڪنڊو هوندو آهي ۽ نه ئي وچ ۾ ڪو ڏار ڪڍندو آهي. مٿي وڃڻ بعد ۽ وڏي وڻ ٿيڻ کان پوءِ هن مان ڏار نڪرندا آهن. هي مختلف قسمن جا وونئڻ اُن حوالي سان به الڳ الڳ لڳندا آهن جو هڪ جا پن ڪجھ انب جي پنن يا جمون جي پنن سان مشابهت رکندڙ هوندا آهن جڏهن ته ٻئي قسم جا پن



عام وونئڻ جي ٻوٽي جي پنن کان ڪجھ ٿي مختلف هوندا آهن. هن قسم ۾ ڦُتي ڏيندڙ وڻ جي ڦُتي، ٽڙڻ بعد هوا جي زور تي اُڏامندي به آهي ۽ اها اڳي ويهاڻن، سوڙهن، ڏاڳن ۽ رسن ٺاهڻ ۾ به استعمال ڪبي هئي. جيئن اچوڪن ٻوٽي وارن وونئڻ جي ڦُتي يا ڪپھ چڪ هڻي ٿي يا چنبڙي پوي ٿي، ائين هنن وڻن جي ڦُتي چنبڙڻ بجاءِ فوم وانگر هوندي آهي. هي بهار جي مند ۾ ڦُٽندو آهي ۽ پوءِ گوئنچ، گل ۽ گوگڙو جهليندو آهي. سياري ۾ پن ڇاڻي ڇڏي ٿو. هن جو ٿڙ ڪجھ قدر يوڪلپس جھڙو ٿلهو ٿئي ٿو ۽ هن جي نرم ڪاٺي مان ماچس جون تيليون به ٺهن ٿيون ته اها ڪاٺي گتي ۽ بورڊ ٺاهڻ ۾ به استعمال ٿئي ٿي. هي ڪاٺي نرم هجڻ ڪري ڪوڪو هڻڻ تي ڦاٽ ناهي ڪائيندي ان ڪري هي ڪاٺي دُڪانن جي فٽنگ ۾ توڙي در دروازا ۽ صندل يا تختن جي ڪم اچي ٿي پر هي گھڻو وزن برداشت ناهي ڪري سگھندي. هن کي ولائتي وونئڻ به سڏبو آهي. جڏهن ته ٽئين قسم ۾ اڇي بجاءِ گلابي/ڳاڙهي رنگ تي ڪپھ ٿئي ٿي. ڳاڙهي ڪپه وارو اهو وونئڻ جو قسم ڪڏڙي ۾ پير صاحب پاڳاري جي لانڍي ۾ به ٻيٺل آهي، جيڪو ڳاڙهيون ڦُتيون جهلي ٿو. هي وڻ موجوده وقت ۾ ٽنڊي محمد خان واري پاسي خان سانگھڙ ضلعي جي جعفر خان لغاري ڳوٺ جي پرپاسي ۾ 12/10 سال اڳ ۾ پوکيو ويو جيڪو زمين يا آبهوا سبب ڪامياب نه ٿيو.

جڏهن ته هڪ عام وونئڻ جو ٻوٽو به اسان وٽ عام جام ٿئي ٿو جيڪو 4 کان 5 فُٽ تائين هوندو آهي. ان کان علاوه ڪجھ عرصو اڳ اسان وٽ هڪ مقامي يا سنڌي وونئڻ جي جنس وارو وونئڻ به ٿيندو هو جيڪو ماڻهو جي قد کان به ڪجھ وڏو هوندو هو. جنهن جا پن هيرڻ وانگر پر ڪجھ ننڍا هوندا هئا ۽ جنهن ۾ ڦُتيون به ٽن سونگڙين ۾ ٿينديون هئي. ان ۾ اڇي چمڪيلي ۽ نسبتاً هلڪي ڦُتي يا ڪپھ ٿيندي هئي/آهي.

سنڌ جي سداحيات شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ جن، جن وڻن ۽ ٻوٽن کي ڳايو آهي، انهن ۾ ’وونئڻ‘ جو وڻ/ٻوٽو بہ شامل آهن. انهيءَ حوالي سان ڀٽائي صاحب جو سُر ڪاپائتي ۾ بيت آهي تہ:

نہ سي وونئڻ وٽن ۾، نہ سي ڪاتاريون،
پَسيو بازاريون، هينئڙو مون لوڻ ٿئي.
داستان پهريون، بيت 19، ڪلياڻ آڏواڻي.

پر هن بيت ۾ هڪڙو تہ سِٽ جا شروعاتي لفظ ئي ڪجه عجيب ٿا محسوس ٿين تہ ”نہ سي وونئڻن وٽن ۾“! جن تي ڪجه ماڻهو اعتراض بہ ڪن ٿا ۽ هن جي پڙهڻي ڪجھ ٻئي نموني بيان ڪن ٿا. پر لطيفيات جي ڪجه ڄاڻو ماڻهن جو اهو بہ چوڻ آهي تہ هتي استعمال ٿيل لفظ ’وونئڻ‘ مان مراد وونئڻ وڻ ئي آهي، نہ ڪي هتي وونئڻ ٻوٽي جو ذڪر ٿيل آهي، جيڪو اڄ ڪلهہ اسان وٽ فصلن طور پوکيو وڃي ٿو! ان جو مطلب تہ هي وونئڻن وارو وڻ، شاهہ صاحب جي وقت ۾ شايد عام جام هو ۽ ان بعد اهو مختلف سببن جي ڪري سنڌ مان گهٽيو آهي. بهرحال ان ڳالهہ بہ لطيفيات جي ماهرن کي ڌيان ڏيڻ، ان جي مناسب نموني وضاحت ڪرڻ گهرجي تہ جيئن بيت جو صحيح مفهوم پڙهندڙ سامهون اچي سگهي.

بهرحال وونئڻ جي وڻ تي ماهرن کي وڌيڪ تحقيق ڪرڻ گهرجي ۽ ڌيان ڏيڻ گهرجي. ساڳئي وقت مطعلقہ ادارن کي بہ هي وڻ وڌائڻ لاءِ ۽ هن جو وجود بچائڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪرڻ گهرجن، تہ جيئن هڪ تہ هي سنڌ جو قديم وڻ پنهنجو وجود برقرار رکي سگهي ۽ ٻيو تہ هن جي باري ۾ ايندڙ نسلن کي خبر پئي ۽ اسان هن وڻ مان طِب کان علاوه ٻيا معاشي فائدا بہ حاصل ڪري سگهون.

# ڪيسوڦل

## مذهبي توڙي حڪمت جي لحاظ سان اهم ۽ قديم وڻ

برِصغير جا اهي وڻ جيڪي قديم هجڻ سان گڏ ۾ مذهبي لحاظ سان اهم هجهڻ سان گڏ حڪمت جي لحاظ سان ٻہ اهم آهن، انهن ۾ ڪيسوڦل جو وڻ ٻہ هڪ آهي، پر افسوس جو هاڻ سنڌ جي حد تائين هي وڻ ڏسڻ لاءِ ٻہ نہ برابر وڃي بچيو آهي.

هي وڻ 12 کان 16 فُٽ ڊگهو 14 کان 20/18 فُٽ ويڪرو ٿئي ٿو. پر جابلو علائقن ۾ هن جو قد 7 کان 10 فٽن تائين ٿئي ٿو. جنهن جي سڃاڻپ جي نشاني ڳاڙها چتون جهڙا گل آهن. جنهن جا پن ناسپتي ۽ زيتون جي پنن سان مشابهت رکن ٿا. نئون پن ڦُٽڻ وقت، ڄار جي پنن سان ملندڙ هوندا آهن، پر مڪمل تيار ٿيڻ تي، اهي ٻڙ جي پنن جهڙا ٿيو وڃن. ڪيسو ڦل جو وڻ جڏهن ڳاڙهن گلن سان پاڻ سجائيندو آهي تہ ان کي ڏسڻ لاءِ راهہ ويندڙ ماڻهو رُڪجي ويندا آهن. جڏهن اهي ڳاڙها گل ڇڻي پوندا هئا تہ وڻ کان ڏار ٿيڻ جي افسوس ۾ انهن جو رنگ هيڊائون ڦڪو ٿي ويندو هو. سانگهڙ نوابشاهہ روڊ تي جمڙائو موري جي حوالي سان 85 کن سالن جو جهونو محمد رمضان ٻڌائي ٿو تہ هتي ننڍي هوندي ڪيسوڦل جا ڪجهہ وڻ هوندا هئا، جن جي هيٺيان اسان آرام ڪندا هئاسين. ڇنڇر جي شام هندو برادري جون ناريون، انهن وڻن تي اينديون هيون ۽ هيٺيان بيهي دعا گهرڻ بعد وڻن پٽل جي ننڍڙي ٿانو ۾ موجود کير، وڻ جي پاڙ ۾



هاري، ان خالي ٿيل ٿانو کي سُرمي داني جي ڪاني سان وڄائينديون ٻہ هيون. ۽ گل پٽي کڻي ويندون هيون. اهي اهو ٻہ چونديون هيون تہ هنن وڻن هيٺيان ڪابہ راند روند نہ ڪندا ڪريو. ماڻهو اهي گل پٽي گهر ٻہ کڻي ويندا هئا، تہ نظر ۽ بيماري کان محفوظ رکڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ٻاهر جا ماڻهو ٻہ ايندا هئا ۽ گل ميڙي، ٿيلها ڀري کڻي ويندا هئا ۽ چوندا هئا تہ اسان هن هنڌ جا آفيسر آهيون ۽ هن هيٺيان مال کي نہ ويهاريندا ڪريو، ڇوجو مال گلن کي خراب ڪري ٿو اسان کي ڊپ ٻہ لڳندو هو، ڇا ڪجي جو اڄ نہ اهي وڻ رهيا آهن ۽ نہ ئي اهي ماڻهو، اسان ٻہ سامان ٻڌيو سڏ جي انتظار ۾ آهيون!

هندستان ۾ منفرد مقام حاصل ڪندڙ هي وڻ جڏهن پاڪستان/سنڌ پهتو تہ ٿر جي ڍاٽڪين ۽ مارواڙي ماڻهن هن وڻ کي گوگاڙ ۾ ڪيسوڦل جي نالي سان متعارف ڪرايو. هندو ڌرم جي پوڄا پاٺ کان ويندي، سندن هر تهوار ۾ ٻہ استعمال ٿيندو آهي. هن وڻ جا پن ليمي يا مرچ جي پن سان ملن ٿا. سياري جي سرد ڏينهن ۾ واڌ ويجهہ ڪندڙ ڪيسوڦل ڪيترن ئي ڪمن ۾ استعمال ٿئي ٿو.

هن جي خوبصورت ڳاڙهن ۽ ڦڪن گلن جي ڪري، ڏاهپ طور هن وڻ کي ٻيلي جو شعلو پڻ سڏجي ٿو. هي وڻ پن ڇاڻيندڙ ۽ گهٽ واڌ ڪندڙ وڻ آهي. پنساري هن جي گلن کي ڪيسوڦل جي گلن سان سڃاڻين ٿا.

هي وارياسي ۽ مٽي زرخيز زمين ۾ ٿئي ٿو. 'مُنگ جي ڦري جهڙيون هن ۾ ڦريون ٿينديون آهن' جن ۾ ڪارا ٻج ٿيندا آهن. هن جا گل ڀرين ڳاڙها ۽ پوءِ ڦڪا ٿي ويندا آهن. هن جو ٿڙ ڏيڍ کان ٻہ فٽ تائين ٿلهو ٿيندو آهي.هي وڻ ڪراچي جي روڊن رستن ۽ پارڪن ۾ اڄ ٻہ منفرد مقام

رکي ٿو. ان کان علاوه ميرپورخاص جي 12 ميل اسٽاپ تي هن وڻ جو هجڻ اڄ بہ ٻڌايو وڃي ٿو. مليل ڄاڻ مطابق هن جا ڪجھہ ٻوٽا ڪونبين ۾ سول اسپتال ميرپورخاص ۾ رکيل آهن. چيو وڃي ٿو تہ جيڪڏهن انهن کي زمين ۾ لڳائجي ها تہ وڏي وڻ جو ڏيک ڏين ها.

اڄ کان ڪافي سال اڳ هي وڻ صدا واهہ مان نڪرندڙ روڏي شاخ (شاهپور چاڪر کان ڏکڻ طرف 3 ڪلوميٽر) تي سنجراڻين جي باغ ۾ ٿيندو هو. ويهارو کن سال اڳ شاهپورچاڪر پرسان علي نواز سنجراڻي جي باغ ۾ ڪيسوڦل جا وڻ موجود هئا. جيڪي پاڻي جي کوٽ سبب سُڪي ويا. بقول باغ جي هڪ مالهي ڪنبيرو ميگهواڙ(عمر 70 سال کن) جي تہ 1992ع واري ڏهاڪي بعد اهي سُڪا آهن. وڏو وڻ ميرن جي باغ ۾ بيٺل آهي. نئون ڪوٽ ۾ ٽنڊوآدم واري پاسي 4/2 سال اڳ تائين بہ هنن جو ڏس هو.ڪاڇيلو فارم ۾ ڪوٽ غلام محمد ۾، هن جي ڪجھ وڻن جو ڏس ملي ٿو. جيڪي هتي خوبصورتي لاءِ لڳل آهن. سنڌ يونيورسٽي جو پروفيسر عبدالله لغاري جي ڄاڻ موجب هن جي ناياب هجڻ جو ڪارڻ، بدلجندڙ آبهوا ۽ زمين جو سيلابي ٿيڻ بہ آهي. هي وڻ سنڌ ۾ اڪثر ڪري باغن ۽ پارڪن ۾ سونهن خاطر لڳائبو آهي. جتي مختلف ٻولين ۾ هن جا ڇهہ نالا ملن ٿا اُتي هن جا بہ قسم بہ ملن ٿا. سنجهوري شهر جي اُتر ۾ ورياماڻي واڙي ۾ بہ هڪ قسم بيٺل آهي. جيڪو گل تہ جلهي ٿو پر نہ تہ ان ۾ ڪنڊو آهي ۽ نہ ئي هو پن ڇاڻي ٿو. هن قسم جو قد 4 کان 5 فٽن تائين آهي.

هي وڻ دنيا جي ڪافي علائقن ۾ ٿئي ٿو. پر هندستان هن جو گهر سمجهبو آهي. پاڪستان ۾ هي هاڻ تقريباً ناياب ٿي چڪو آهي. پر سنڌ اڄ بہ ڪٿي ڪٿي هن جو ڏس پتو ملي رهيو آهي. هي وڻ دنيا جي چند



ملڪن سريلنڪا، بنگلاديش، پاڪستان جي جابلو علائقن خاص ڪري هماليہ جبل ۾ سنڌ ۽ پنجاب ۾ ٿئي ٿو پر هندوستان کي ڪيسوڦل جو گهر سمجهيو وڃي ٿو.

**ڪاٺي:** هن جي ڪاٺي ميرانجهڙي، اڇي ۽ پوري رنگ جي ٿئي ٿي، هي قلم ذريعي سانوڻ ۾ لڳائبو آهي، پر دنيا ۾ ڪٿي ڪٿي هن جو ٻج نرسرين ۾ پوکي وڪرو بہ ڪبو آهي.رمضان ٻڌائي ٿو تہ سندن وڏڙن جي چوڻ موجب، ڪيسوڦل جي ڪاٺي مان لاٺون يا ڳٽڪو ناهي، ان جي وچ ۾ سوراخ ڪري، ڊڳن ۽ ڊڳين جي ڪنڌ ۾ ٻڌندا هئاسين.

هن وڻ کي وڏڻ سان ڳاڙهو پاڻي پڻ نڪري ٿو. جنهن جي ڪري پنڊت هندوستان ۾ هن کي وڏڻ وڏو ڏوھ/پاپ سمجهن ٿا. هي وڻ راجستان ۾ وڏي تعداد ۾ اڄ بہ پنهنجو منفرد مقام رکي ٿو. ڪپري جي پنڊت مهراج لال کتري جي ڄاڻ مطابق پاڪ هند جي ورهاڱي وقت هندو ڌرم جا پوڄاري هن وڻ جو ٻج پاڪستان کڻي آيا هئا، جيڪي هو (ڪيسوڦل جا گل ۽ پن) پوڄا پاٺ ۾ ڪم آڻين ٿا.هن وڻ جي ڪاٺ مان ماچس جون تيليون پڻ ٺهن ٿيون.چندن ۽ ڪيسوڦل جي ڪاٺي سان مُردن کي ساڙيو بہ وڃي ٿو. هن جو ٿڙ ڏنگو، گدو ۽ ڳنڍيين وارو ٿئي ٿو. هن جون شاخون عام هجن ٿيون تن ۾ گڏيل 3 پن ٿين ٿا. هن جي کل ريشمي ذار/ڏاڳي واري ٿئي ٿي. هن جي کل ڪاڙهي، ان پاڻي سان وينجهڻ سان موڪن جي رت وهڻ بند ٿي وڃي ٿو. هن جي پاڙ گل ۽ چوڏو عورتن جي سجاوٽ/ميڪ اپ ٺاهڻ جي سامان ۾ پڻ ڪم اچن ٿا. هن جون زمين ۾ هڪ يا بہ پاڙون سڌيون هونديون آهن.جن مان هڪ پاڙ ڪيڻ سان، هي سُڪي ويندو آهي. سنڌ ۾ هن جي پاڙ عورتن جي هار سينگار لاءِ ڪم ايندي آهي. هن جي پاڙ جو رس مرگهي ۽ شب

ڪوري لاءِ اهم سمجھبو آهي.

**گل:** هي وڻ اونهاري جي موسم ۾ ڳاڙها گل جهليندو آهي، جن ۾ خوبصورت مکڙون پڻ هونديون آهن. هن جي گل جون مکڙيون طوطي جي چهنب جهڙيون ٿين ٿيون. چاڻ مطابق هن وڻ جا پن ۽ گل وڏي تعداد ۾ وڪرو پڻ ٿين ٿا، جيڪي ڪيترين ئي ڪمن ۾ استعمال ٿين ٿا. عيد جي هر تهوار کان ويندي شادي مُرادي جي شگُن ۾ به ڪيسو ڦل جا گل ڏنا وڃن ٿا. هي سياري ۾ گل جهلڻ وقت پن ڇاڻي ٿو ۽ نئوان پن وسڪاري وقت لڳن ٿا. گل جهلڻ کان اڳ هن ۾ ڪاري رنگ جي ڦلڙي لڳي ٿي، ان کان پوءِ هن ۾ گل جهلڻ جو مرحلو شروع ٿئي ٿو جيڪو بهار شروع ٿيڻ جي نشاني سمجھبو آهي. هن جا گل ڳاڙهي رنگ جا ٿيندا آهن.، جيڪي سُڪڻ بعد ڦڪا ٿي ويندا آهن.، اهو پڻ چئبو آهي ته ٻج جهلڻ وقت به گلن جو رنگ ڦِڪو ٿي ويندو آهي.

اهي گل اڄ به پنسارن وٽ موجود آهن ۽ ڪيترن ئي ڪمن ۾ اچن ٿا. ڪنوار کي ونهه ۾ ويهارڻ وقت، گلن کي پاڻي ۾ وجهي، عرق ڪڍي، ان پاڻي سان ڪنوار کي 7 ڏينهن تائين منهن ڌورائبو آهي، جنهن سان ڪنوار جي منهن ۾ رونق اچي ويندي آهي. چهري تان داغ ۽ موهيڙا وغيره به ختم ٿي ويندا آهن ۽ چهرو چنڊ وانگر چمڪڻ لڳندو آهي. ڪيسوڦل جو گل ڪٽي، پاڻي ۾ وجهي، ان پاڻي سان تازي ڄاول ٻار کي ان پاڻي سان وينجهارڻ جو سئوڻ به ڪبو هو. جنهن سان ٻار خوبصورت ۽ صحتمند ٿيندو هو. ڪنڊو وغيره لڳڻجي صورت ۾ ان جاءِ تي ڪيسوڦل جو گل ٻڌڻ سان اها جاءِ نرم ٿي ويندي آهي ۽ ڪنڊو ڪڍڻ ۾ سولائي ٿي ويندي آهي. مَلووغيره ٿيڻ جي صورت ۾ به ان جاءِ تي ڪيسوڦل جو گل ٻڌو ويندو آهي. ڪيسوڦل جو گل چوپايو مال به شوق سان کائيندو آهي. ڍڳي،



ٻڪري يا مينهن وغيره کي گرمي ٿيڻ جي صورت ۾ ڪيسوڦل جا گل شام جو پاڻي ۾ پُسائي، صبح جو ڇاڻي، مال کي پيئارڻ سان سندن گرمي ختم ٿي ويندي آهي. انساني رت ڄمي پوڻ جي صورت ۾ به ڪيسوڦل جا گل پيارڀا ويندا آهن، جنهن سان گهاٽو رت ڇڊو ٿي ويندو آهي.

گل جهلڻ وقت وڻ جي سونهن ڏسڻ وٽان هوندي آهي. پري کان گُلن کي ڏسبو ته لڳندو جهنگ ۾ باهه جو وڏو ممڻ مچي ويو آهي ۽ مچ ٻري رهيو آهي. مرگهي، نڪ ۽ پيشاب مان ايندڙ رت، پيٽ جي مختلف بيمارين ۾ پڻ ڪم اچي ٿو ان ڪري هن وڻ کي ٻٽيهه بيمارين جو علاج به سڏبو آهي. بيمارين کان علاوه هن جا گل رڱاوت جي ڪم ۾ به اچن ٿا. ڀارت ۾ هن کي پاڪ وڻ سڏيو وڃي ٿو. هن جي ڪاٺي اڳني 'پٽ' ڪارو علم ۽ جنات کي ڀڄائڻ لاءِ به ڪارائتي آهي. ڀارت ۾ راڄ خاندان (وڏن خاندان) وارا عام طور تي هن کي هولي جي رنگن ۾ استعمال ڪن ٿا. هن جي گلن کي ڪاڙهي، رنگ ڪڍي، هولي جي رنگن ۾ استعمال ڪندا آهن. مال وند ماڻهو، مال جي آس ڪڍڻ وقت هن جا گُل ڪاڙهي پيارڀندا آهن ته آس ڪچي ويندي آهي.

جڏهن ته اُٺارن وٽ به هنن گلن جو ڪافي قدر آهي. اُٺ جڏهن تارون ڪڍائيندو آهي ته اٺار ڪيسوڦل جي گلن جو پاڻي اٺ جي تارون تي هڻندا ۽ پيارڀندا آهن ته تارون ڪچي ويندو آهي. جي ڪا ٻڪري مسلسل 8 کان 10 ڏينهن گل ۽ پن کائي ته، ان جي کير مان ڪچي لسي ٺاهي پيئڻ سان، انساني وجود جون ڪيتريون ئي بيماريون ختم ٿي وينديون آهن. مال کي آپامر يا آفر ٿيڻ جي صورت ۾ هن جي ڪاٺي وات ۾ لغام وانگر ڏيڻ سان آپامر ختم ٿي ويندي آهي. هن وڻ جا گُل، پن ڇڻڻ کان پوءِ نڪرن ٿا، جيڪي رنگ طور استعمال پڻ ٿين ٿا. اهي پاڻي ۾ ڌوئڻ

سان پاڻي ڦڪي رنگ جو ٿي وڃي ٿو. اهو بہ ڇيو وڃي ٿو تہ اڄڪلهہ پنسار وٽ وڪامجندڙ گل,ڪيسوڦل وڻ جا نہ بلڪ ڪيسوڦل ٻوٽي جا آهن. جيڪڏهن هندو ڌرم جو ڪو ماڻهو لاڏاڻو ڪري ويندو آهي تہ هن وڻ جا گل ميت کي سينگارڻ لاءِ بہ استعمال ڪبا آهن. ڪيسوڦل جا گل مهيندي ۾ بہ گڏائبا آهن. جنهن سان مهندي خوشبودار ٿي ويندي آهي. اردو ۾ هن کي ٽيسوڦل چوندا آهن.هن جا گل سرينهن جي تيل ۾ ٺهڪائي لپري ناهي, ٻڌڻ سان سوڄ, سور ۽ رت ڳرڻ کي فائدو رسي ٿو. هن ۾ ٻن رنگن جا گل لڳندا آهن. جيڪي اڳ ڳاڙها ۽ بعد ۾ اهي ڦڪي نارنگي رنگ جا ٿي ويندا آهن. هن تي طوطا ويهڻ پسند ڪندا آهن. پن ڇاڻڻ وقت هلڪا ڦڪا ڪندو آهي, جيڪو سياري اچڻ تي ڇاڻيندو آهي. جابلو ماڻهو هن جي چوڏي, پاڙ ۽ گلن مان, اعليٰ قسم جو شراب پڻ ناهيندا آهن. جيڪو ٻاهر بہ وڃي ٿو.

**ٻج:** جڏهن ڪيسوڦل جا گل ڇڻي ويندا هئا تہ انهن ۾ گوار ۽ منگن جي ڦرين جهڙو ٻج لڳندو هو جيڪو پڻ اهم هوندو هو.هن جو ٻج مٽر جيان, ڦرين اندر 4 کان 5 داڻن تي مشتمل بادامي رنگ جو هجي ٿو.هن جون ڦريون گمنج دار هجن ٿيون, جن مٿان هلڪا هلڪا ٻج ٿين ٿا. جيڪو ڏسڻ ۾ ڪنهن سِڪي وانگر لڳي ٿو.هن جو ٻج وڇون جي ڏنگ جي زهر کي ختم ڪرڻ لاءِ, لپري ناهي ٻڌبو آهي. جي ٻج جي پيسٽ چمڙي جي مختلف بيمارين لاءِ انتهائي مفيد آهي. هن جي ٻج ۾ هلڪي ٻُو سان گڏ ڪڙاڻ پڻ آهي. هن جي ڪڙاڻ جي ڪري ئي هن مان ڪافي دوائون ٺهن ٿيون. خاص ڪري جلاب, پيٽ جا ڪيئان مارڻ, آنڊي جي زخمن, مردانہ ۽ زنانہ اندروني بيمارين لاءِ اهم آهن.هن جو ٻج جو رنگ ڳاڙهيسرو يا خاڪي ٿيندو آهي. هن جي ڦري سڪڻ بعد سڪل پادر



نمونو ٿي ويندي آهي. ڪيسوڦل جو گل ڪنڊ يا مصري سان ملائي ڦَڪي جي صورت ۾ کائڻ سان هانو کي سڌير ڏياريندڙ هوندو آهي.

**ڪئنور:** ڪيسو ڦل کي وڍڻ وقت ڳاڙهي رنگ جو رس نڪرندو آهي, جيڪو سُڪڻ بعد ڪنور جي شڪل اختيار ڪري وڻندو آهي. هي ڪنور هڏن جي طاقت لاءِ بہ مفيد آهي. ان کان علاوه اهو ڪنور وٽاڻن ۾ بہ ڪم اچي ٿو. هڪ اهم ڳالهہ تہ ڪيتلو ڪنور بہ. ڪيسو ڦل جو ئي ٻڌايو وڃي ٿو. ڪيسو ڦل جا ٻج ڪائي, گل ۽ پن مختلف بيمارين کان علاوه رنڱاوٽ ۾ بہ ڪم اچن ٿا. ڪئنور,جيتن جو هڪ بي مثال کاڌو پڻ آهي. هي ڪنور دار وڻ جڻ تہ جيتن جو ميزبان وڻ آهي.پوءِ جا وقت هن جو ڪئنور باهہ ۾ پچائي, پوڇا ڪئي وڃي ٿي. سنڌ جا ماڻهو هن جي ڪئنور کي ڏوپ جي نالي سان سڃاڻين ٿا. جيڪي غيبات جي اثرن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ گهرن ۾ دُکايو وڃي ٿو. هن جي ڪئنور يوناني دوائي کان علاوه رنگت جي ڪم اچي ٿي. ڪُڪڙن جا خفتي ڪڪڙن کي ڪيسو ڦل جي پاڻي سان گڏ, ڪيتلور ڪئنور بہ کارائيندا آهن, تہ جيئن ڪڪڙ جي جسم مان واءُ ختم ٿي وڃي.

**پن:** هي وڻ سخت سردي يا ڊسمبر جي پڇاڙي ۾ پن ڇاڻي ٿو ۽ بهار ۾ نئوان پن لڳندا آهن. هن جي خاص ڳالهہ تہ گل جهلڻ وقت هي سيئي پن ڇاڻي ڇڏي ٿو. ٻڌايو وڃي ٿو تہ برسات جي مند ۾ هن ۾ نئوان پن وري لڳن ٿا. پن ڇاڻڻ جي 40 ڏينهن اندر ٻيهر ڦوٽهڙو ڪندو آهي.هن وڻ جا پن عورتن جي بيمارين لاءِ مفيد آهن. جنهن کي اولاد نہ هجي ان عورت کي 3 مهينا پن کائڻ سان فائدو ٿيندو آهي.هن جا پن ۽ گل انساني اندروني ۽ ٻيروني بيمارين ۾ ڪم اچن ٿا. جن ۾ آنڊي جي بيماري, سوڄ کي ختم ڪرڻ, پيشاب جي نالين جي سوڄ, بواسير, ڏڍ, چٽ, جلاب ۽

پيشاب جاري ڪرڻ کان علاوه ٻارن کي ڏُن جي سوڄ لاءِ پڻ مفيد آهن. پن مختلف وٽن سان ملندڙ جلندڙ هجن ٿا. جهڙوڪر ڄمون، زيتون ۽ ليمي کان ٿورا وڏا هن جا پن ٻڙ جي پنن سان بہ ملندڙ جلندڙ آهن. جيڪي مٿان کان صاف ۽ انهن جي هيٺيان کان هلڪا هلڪا ٻُج ٿين ٿا.هن جي پنن مان پن واريون ٻيڙيون پڻ ٺهن ٿيون.

**چوڻيون ۽ پهاڪا:** هنديءَ ۾ هن کي 'ڍاڪ' سڏجي ٿو. هن جا ٽي پن گڏ هئڻ ڪري هنديءَ ۾ مشهور چوڻي آهي تہ "ڍاڪ ڪي وهي تين بات".هنديءَ ۾ هن واڻ کي ڍاڪ بہ سڏبو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ چوڻي آهي تہ 'يار صفا تون ڪو تہ پتائي آهين'. شايد اها بہ ڪيسو ڦل جي ٽن پنن کي ڏسي چئي وئي هجي يا مٿين هندي چوڻي جو ترجمو هجي.هڪ چوڻي اها بہ آهي تہ "پُلاشي ڪي پُسپ ڪي طرح سُندر تو بنو". هنديءَ ۾ ڪيسوڦل کي پُلاش بہ سڏبو آهي، ان لحاظ سان هن چوڻي ۾ ڪيسوڦل جي گُل کي تمام خوبصورت ڪري پيش ڪيو ويو آهي.

**شاعري:** ڪيسوڦل جو ذڪر شيخ اياز بہ پنهنجي شاعري ۾ هن ريت ڪيو آهي:

مون گيت چيا ها، ڪوئل تي،
ڪالهہ ڪيسوڦل جي ٽاريءَ جا،
ٿو جهرمر گيت چوان، ڪي گيت ڏُجهايل ڏاٽن جا
ڪي گيت پيٽ ٻُڪايل هارين جا

ڪيسوڦل جو ذڪر شاعر ايوب کوسي پنهنجي ڪتاب "بارش سوچي ٿي" جي پيج نمبر 22 تي بہ ڪيو آهي.

ڪيسوڦل جو ذڪر پنجابي پارتي شاعري ۾ ڪجهہ هن ريت (ٿورو گهٽو هيٺ مٿي) ملي ٿو:



ڳنسڪ، ڳسن، جان ڪر ڀنورا ،
چبا شب ڪي لال چونچ پر
طوطي ني بهي چونچ هلائي جامن ڪا ڦول اسي سمجهہ ڪر

**ڪيسوڦل ٻوٽو:** ڪيسوڦل وڻ کان علاوه ڪيسوڦل نالي هڪ ٻوٽو/ٻوٽي بہ آهي. جنهن جي حوالي سان محمد قاسم ڳُنڊاٽي ڪانوڙيُل کان ٻڌائي ٿو تہ ڪيسوڦل جو مرچ جيترو ننڍڙو ٻوٽو بہ ٿيندو آهي، جنهن جا پن بہ سائي مرچ جهڙا ٿيندا آهن. جيڪي اڄ بہ پاڄي ۾ وجهبا آهن، جنهن سان پاڄي ۾ گرم مصالي جهڙي خوشبو ٿئي ٿي. جيڪو استعمال ڪرڻ کان پوءِ گرم مصالي جي ضرورت ناهي رهندي. هن کي اردو ۾ انجلس چوندا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ڪيسوڦل ٻوٽو سڏيو ويندو آهي. ڪراچي جا شهري بہ هي پن پٽي ڪٽي ويندا آهن. هي ٻوٽو ڪانوڙيل کان 3 ڪلوميٽر ڏکڻ ۾ ڳوٺ درسائو چٺو ۾ اڄ بہ جبلن ۾ عام جام موجود آهي. هن ۾ ننڍڙا اڇي رنگ جا گل بہ ٿين، پر اهي ٿوري عرصي بعد ڇڻيو وڃن.

هن جو مصالحو پاڪستان ۾ KPK ۾ ميداني زمين ۾ فصل وانگر ٿئي ٿو. جيڪو آمدني جو وڏو وسيلو ٻڌايو وڃي ٿو. هن مان اعليٰ قسم جو مصالحو ٺهندو آهي، جيڪو صابڻ ۽ ڪريم ۾ پڻ استعمال ٿيندو آهي. مصالي کي ڪيسر سڏيندا آهن. (هونئن بہ بنون جو مصالو مشهور آهي، خوشبو ۽ ذائقي جي لحاظ سان، اويس راحت)هن جي پوکمرچ، بصر ۽ ٽماٽر جي پوک وانگر ڪئي ويندي آهي. هي KPK کان علاوه دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ پوکيو وڃي ٿو.

جابلو علائقن ۾ KP جيڪو مارڪيٽ ۾ ڪيسر جي نالي سان مصالي جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو دنيا جو مهانگو ترين سمجهجي ٿو. سال جا 12 ئي مهينا پيداوار ڏيندڙ ڪيسوڦل جا گل

انتهائي سنهڙين ڏانڊين تي مشتمل هوندا آهن، جيڪي وڏا ٿيڻ تي ڪنول جي گل جيترا ٿي ويندا آهن ۽ انهن جو رنگ تبديل ٿي ڳاڙهو ٿي ويندو آهي. ڪيسو ڦل/ ڪيسر هڪ قابل قدر مصالو آهي. جيڪو مختلف ملڪن جي مختلف کاڌن ۾ استعمال ٿئي ٿو. ڪيسو ڦل ٻوٽي جي پوکي، خشڪ ۽ بهار جي موسم ۾ دنيا جي مختلف حصن ۾ عام جام ٿئي ٿو.

# آملہ

## جنھن مان شيمپو، تيل ۽ صابڻ وغيره بہ ٺھن ٿا

جن وڻن جا نالا سنڌ ۾ تمام گھٽ ملن ٿا يا ٻڌڻ ۾ اچن ٿا ۽ جن جي باري ۾ عام ماڻھو جي ڄاڻ نہ برابر آھي انھن ۾ آملہ جو وڻ بہ ھڪ آھي. آملہ جو وڻ 20 کان 30 فُٽ ڊگھو 15 کان 25 فُٽ ويڪرو گھاٽي ڇانو ڏيندڙ سرسبز وڻ آھي. جنتر ۽ گدامڙي جي پنن سان مشابھت رکندڙ ھي وڻ ڪنڊن کان صاف ۽ يوڪلپٽس جي ٽُڙ سان ملندڙ جُلندڙ ھوندو آھي. جيڪو ھاڻ سنڌ ۾ جھڙوڪر پڇاڙڪا پساھ کڻندي، ڪٿي ڪٿي نظر اچي ٿو. مثال طور: ھن وقت شاھپور چاڪر کان اولھ اتر ۾ 14/13 ڪلوميٽرن تي ڳوٺ عباس ڪيريو، تعلقہ دوڙ نوابشاھ ۾ سڪندرعلي ڪيرئي جي باغ ۾ موجود آھي. اُتي جي رھاڪن ۽ ڪمدار قادر بخش سولنگي ۽ دُر محمد سولنگي جي بقول تہ اڄ کان 18 سال اڳ ھتي ڪجھ وڻن جون ڇڪيون، ملتان مان اُتي جو اختر مالھي، کڻي آيو ھو. جن ۾ آملہ ڪانسواءِ، اڇو گلاب، ڳاڙھو گلاب، ڦڪو گلاب، ڦوٽن جا ٻوٽا/وڻ، ڪارن مرچن جا وڻ ۽ موتئي جا ٽي قسم اڄ بہ باغ ۾ موجود آھن. ان ڪانسواءِ باغ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي اھڙا وڻ ۽ ٻوٽا بہ موجود آھن، جن جي نالن جي بہ خبر ناھي. ھي وڻ ڪپري شھر ۾ سيٺ سليمان قائمخاني جي بائڪو پيٽرول پمپ جي نرسري ۾ بہ موجود آھي، تہ ھن جو ڏس تعلقي ٺري ميرواھ ۾ نوابشاھ سکر روڊ تي، الله ڏنو عامر جوڻيجا جي ڳوٺ ۾ مئخاني ۾ بہ ملي



ٿو. ھي وڻ شھدادپور لڳ ٻنڙي شريف جي درگاھ تي بہ موجود آھي. شاھپور چاڪر لڳ سدا واھ مان نڪرندڙ روڻي شاخ جي ڏکڻ طرف ۾ علي نواز سنجراڻي جي باغ ۾ ڏھاڪو سال کن اڳ جڏھن سنجراڻي صاحب حياتي ھو، تڏھن آملہ جا ڇھ ست وڻ واٽر تي قطار ۾ موجود ھئا. ھاڻ اھي ماڻھو بہ ويا تہ وڻ بہ وڃي ويا.

ھن کي سنڌي ۾ 'آورا' آن وارا/آئي راءِ، آنولاءِ، اُردو ۽ ھندي ۾ آملہ سڏبو آھي. ڇون ٿا تہ ھن جو ميوو ڪٿو ھجڻ ڪري، ھن کي آملہ سڏبو آھي. ھي وڻ ٻن قسمن جا ھجن ٿا. ھڪ جھنگلي ۽ ٻيو پھاڙي. جھنگلي وڏو ۽ پھاڙي ننڍو ٿئي ٿو. ڀارت ۾ ھن جا بہ قسم ٻڌايا وڃن ٿا. جيڪي پنن ۽ ميوي ۾ ڪجھ مختلف ھوندا آھن. انھن مان ھڪ جو ميوو ڪجھ ننڍو ۽ ٻئي جو ڪجھ وڏو ٿئي ٿو. ننڍي ميوي کي 'ديسي انگور' جي نالي سان بہ سڃاتو وڃي ٿو. جنھن کي حڪمت ۾ بہ ڪم آڻبو آھي. انڊيا مان ھي وڻ قلم ذريعي جڏھن سنڌ ۽ پنجاب پھتو تہ وڏي تعداد ۾ ٿيڻ لڳو. ھي وڻ ٻن قسمن جو ٿيندو آھي. ھڪڙي جا پن تمام ساوا ۽ ٻئي جا پن ھلڪي سائي يا پوري رنگ جا ٿيندا آھن. سنڌ ۾ ملندڙ آملا جو وڻ پوري يا ھلڪي سائي رنگ جا پن جھليندو آھي. انڊيا ۾ ملندڙ آملہ جا پن تمام ساوا ٿيندا آھن. بنارس وارا آوار وڏيڪ ڪارائتا آھن. جن ۾ گُليڪ ايسڊ جو ڪافي مقدار ھوندو آھي. ھي وڻ پاڪستان، ھندستان جي گرم علائقن ۾ خاص ڪري سنو ٿئي ٿو. ھي وڻ گرم علائقن ۾ تہ تمام سنو ٿئي ٿو پر گھٽ گرم علائقن ۾ پڻ پوکيو وڃي ٿو. آملہ ھر قسم جي زمين ۾ بہ پوکي سگھجي ٿو پر واريااسين، لٿاسين ۽ زرخيز زمينن لاءِ بھترين آھي. ھن ۾ جيڪو ٻج وسيلي لڳائبو آھي، ان جو ميوو ننڍو ٿيندو آھي، پر قلم ذريعي لڳايل آملہ جو ميوو وڏو ٿئي ٿو. آملہ نائين ۽ ڏھين مھيني ۾ لڳائيو

وڃي ٿو. هن ۾ گل اپريل ۽ مئي ۾ لڳن ٿا ۽ ميوو سرد موسم يعني ڊسمبر ۽ جنوري ۾ پچي ٿو. هن وڻ مان تقريباً هڪ مڻ کان ڏيڍ مڻ تائين پيدوار ملي ٿي.

آملا لفظ جي معنيٰ، سائوٿ آفريڪا ۾ ته الائجي ڪهڙي آهي، پر هي اُتي ماڻهو جو نالو ضرور آهي.

آملا جي نالي سان سائوٿ آفريڪا جي ڪرڪيٽر هاشم آملا 2012 ۾ انگليند خلاف سائوٿ آفريڪا ۾ روزي جي حالت ۾ ٽرپل سينچري ٺاهي، دنيا کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هو. هو 13 ڪلاڪن کان مٿي بيٽنگ ڪري، 311 رنسون ٺاهي ناٽ آئوٽ رهيو ۽ مين آف دي ميچ جو ايوارڊ حاصل ڪري، منفرد ۽ شايد ڪڏهن نه ٽٽڻ جهڙو رڪارڊ به قائم ڪيو.

هندو مذهب ۾ آمله مختلف ريتن رسمن ۾ استعمال ٿيڻ کان علاوه حڪمت ۾ به وڏي اهميت کي ٿو. حڪمت ۾ هن وڻ جو هر حصو اهم سمجهيو وڃي ٿو. هندستان جي سرزمين جو بادشاهه سڏجندڙ آملا جو وڻ هندن جي ريتن ۽ رسمن جو هڪ اهم اهڃاڻ پڻ رهيو آهي. هندو عورتون اڪثر ڪري آچر ڏينهن هن هينيان ويهي، پوڄا ڪنديون آهن. ان ڪري هن کي 'اتواريا' وڻ جي نالي سان به سڃاتو ويندو آهي. هي وڻ خوبصورتي ۽ ٿڌي ڇانو سبب به مشهور آهي.

هن جي ڪاٺي تي اڇي ۽ ميٺي رنگ جا هلڪا ڇوڏا هوندا آهن، جيڪي حڪمت ۾ ڪم اچن ٿا. ڇوڏن مان چمڙي ۽ ريگزين کي رنگبو به آهي. هن جو ڇوڏو چوپائي مال جي آيام جي صورت ۾ پڻ ڪارايو ۽ منهن ۾ لغام وانگر ڏنو ويندو آهي. آمله جي پاڙن کي وڻ سان اعليٰ قسم جون ڪنئور نڪرندو آهي. جيڪو حڪمت ۾ ڪافي اهميت رکي ٿو. هن جو



ٽُڙ ۽ ڪائيون، وڻ کان پوءِ سُڪي وڃڻ بعد ڳري وينديون آهن. ان ڪري هن جي ڪاٺي کي تعميراتي ڪمن ۾ گهٽ اهميت ڏبي آهي. آملا جو ڪاٺ پوري ۽ ميٺي رنگ جو ٿئي ٿو. جيڪو تمام لسو پڻ هوندو آهي. هن جي ڪاٺ کي اڏوهي جهڙو مرض جلدي لڳڻ ڪري، آمله جو ڪاٺ گهٽ استعمال ٿيندو آهي. ڇو ته هن وڻ جو ڪاٺ مِنو هوندو آهي.

سياري جي شروعات ۾ آمله ۾ گلابي رنگ جا ننڍا ننڍا گل لڳندا آهن، جن جو رنگ سنهري ٿئي ٿو. هن جي گلن مان هلڪي خوشبو ايندي آهي، جيڪا ڪجهه پري تائين به محسوس ٿيندي آهي. هي سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ گل جهلي، نومبر ۾ ڇاڻي ٿو جنهن بعد هن ۾ ڏينا لڳندا آهن. هن جا گُل رات جو پاڻي ۾ پُسائي، صبح جو پاڻي مان ڪڍي، انهن جي عرق سان تيل ۾ ملائي، ڪاڙهي، ڦٽ ڦرڙي تي هڻڻ سان فائدو ٿئي ٿو. هن جا گل ننڍيون جهرڪيون شوق سان کائين ٿيون.

هن ۾ ليمي جيترو ۽ جهڙو گول ميوو لڳندو آهي، جنهن ۾ انب جي گٺلي جهڙو ٻج هوندو آهي. اهو ميوو پچڻ وقت سائي مان ڦري زردي رنگ جو ٿي ويندو آهي. هن وڻ جي خاص سڃاڻپ يا نشاني، هن جي گول ڏيني تي، گدري جي ڦارن جهڙا نشان هجڻ به آهن. هن جو ميوو جڏهن پچي تيار ٿي ويندو آهي، تڏهن ڇٽي پوندو آهي. جيڪو کائڻ ۾ تمام مزيدار هوندو آهي. آمله مان آچار به تيار ڪيو ويندو آهي، جيڪو ڪرڙ جي ڏينن جهڙو ذائقو رکندڙ هجي ٿو. هن جا ڏينا خاص ڪري قرباني جي ڳابن ۽ ٻڪرن کي کارائيبا آهن، جنهن سان جانورن جي چمڙي ڏسڻ ۾ چمڪدار ۽ سُني لڳندي آهي ۽ جانور وزن ڪري ٿلهو ٿي ويندو آهي. هن جو ڪچو ڏينو کائڻ ۾ ليمي جهڙو ڪڙاڻ مائل کٽو هجي ٿو. آمله وڍي، 15 ڏينهن کن سُڪائي، ڪريلي جي ڀاڄي وانگر ان جي ڀاڄي به ٺاهبي آهي.

آملہ ۾ سرڪائي ۽ ريٺا ملائي، رات جو پاڻي ۾ پُسائي، صبح جو ان مان وار ڌوئڻ سان، وار ڊگھا، ڪارا، مضبوط ۽ گھاٽا ٿي ويندا آهن. هن جي پڪن ڏينن تي ڪِرڻ ۽ طوطون جو جهيڙو هوندو آهي، جنهن ۾ ڪانو بہ حصيدار هوندو آهي.

آملہ ڪي سرڪائي، ڇانيي ۽ سرنهن سان ملائجي تہ اهو تيل تمام گھڻو فائديمند آهي. اهو تيل دماغ جي طاقت لاءِ بہ مُفيد آهي. هن جي ٻج ۾ اعليٰ قسم جو تيل ٿئي ٿو. آملہ جا ڏينا ڪُٽي، رات جو پاڻي ۾ وجهي، صبح جو اهو پاڻي، ٻئي پاڻي ۾ ملائي، ان سان وينجهڻ سان خشڪي ختم ٿيڻ سان گڏ ماٺهو چست بہ ٿي ويندو آهي.

هي دستن ڪي روڪڻ سان گڏ ناڪيلي ۽ بواسير لاءِ بہ اڪسير آهي. هي انسان ۽ جانور ڪي بُک لڳائي ٿو. وارن ڪي طاقت ڏيئي چمڪ بہ بخشي ٿو. هن جو آچار ۽ مُربو دماغي ۽ معدي جي ڪمزوري لاءِ بهتر آهي. ڪنگھہ سان رت اچڻ يا پراڻي بخار ۾ بہ استعمال ڪبو آهي. هن جا ڏينا شگر جي مريضن ڪي نيراني کائڻ سان تمام گھڻو فائدو ٿيندو آهي. هن جي ڪچي ڏيني مان گيدوڙي وانگر ليس دار رس نڪرندو آهي. هن جي ميوي مان پاڻي پڻ نڪري ٿو. جڏهن هندو ڌرم جا ماٺهو گنگا سنان ڪرڻ ويندا آهن تہ هو انديا مان اهو پاڻي تحفي طور پاڪستان ۾ ڪٽي اچن ٿا. جيڪي مٽي ۽ سنڌن جي سور لاءِ مفيد آهي. هن جي ميوي جي بادام جهڙي ٻج مان تيل پڻ نڪري ٿو جيڪو بيوٽي ڪريم، شيمپو ۽ صابڻ ۾ پڻ استعمال ٿئي ٿو. هن جو سڪل ميوو پنسارين وٽ موجود آهي. جنهن ڪي ڪُٽي پائوڊر ٺاهي، ڇهري جي جلن، موهيڙن، وارن ڪي محفوظ رکڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. هن جو پائوڊر، لوڻ سان ملائي مُساڳ ڪرڻ سان ڏند ۽ مسوڙا پڻ مضبوط ٿين ٿا. اردو ۽ سنڌي ۾ هن پنيان ڇوٽيون پڻ



مشهور آهن تہ:

"آملہ کا کھایا اور بزرگوں کا فرمایا، ہمیشہ بعد میں اثر دکھاتے ہیں"

ساهيرا، آهيرا، ٻاٻرا، ڪنڊا
هر هر پيا چپ چپ ڪندا.

ڀارت ۾ هن جو خشڪ ميوو پيڪ ڪري دنيا جي مختلف ملڪن ڏانهن اُماڻي ناڻو ڪمائبو آهي. جنهن ڪي بليڪ گراف جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. جنهن مان اعليٰ قسم جو جوس ٺاهي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ وڪرو ڪيو وڃي ٿو. ڇاڻ موجب هن جو ميوو کائڻ سان انسان تندرست ۽ توانو رهي ٿو ۽ سُٺي صحت سبب عمر پڻ وڌي وڃي ٿي.

هن وڻ جا پن کائڻ ۾ ڪتا هوندا آهن. ڪن ماڻهن جي بقول هن جا پن ڀاڄي ۾ پڻ استعمال ٿين ٿا. هن جا گدامڙي ۽ ديوي جهڙا پن خزان ۾ ڇڻن ٿا. جڏهن هن ۾ نئوان گوُنچ لڳندا آهن تہ انهن مان وٽندڙ سرهاڻ ايندي آهي. جنهن سان اها خبر پوندي آهي تہ پاسي ۾ ڪٿي آملہ جو وڻ موجود آهي. هن ڪي آڪٽوبر ۾ لڳائبو آهي. هن جا نئوان ٻوٽا ڦٽڻ وقت، جنتر يا مانجهلي جي ٻوٽن جهڙا نظر ايندا آهن.

هن وڻ جا پن ڏنڊي ڪونڊي ۾ ڪُٽي، لوڻ مرچ ملائي چٽڻي ٺاهبي آهي. جيڪا تمام مزيدار ۽ ذائقيدار هجي ٿي. هن جا پن ٻاڪرو مال شوق سان کائي ٿو. هي معدي جي تڪليف لاءِ حڪمت ۾ ڪم ايندو آهي. آملہ جون شاخون يا ٽاريون هيٺ لڙڪيل ٿين ٿيون. هن جا پن ڀهرين ڳاڙها ۽ پوءِ ڦڪا ۽ آخر ۾ ساوا ٿين ٿا. هن جي ڇانو تمام گھڻي ٿڌي ٿئي ٿي. جنهن مان هلڪي بارش بہ گذر نٿي ڪري سگھي. آملہ جا پن ڏنڊي ڪونڊي ۾ ڪُٽي وهندڙ رت جي مٿان ليپو ڪري ٻڌڻ سان رت

وهڻ بند ٿي وڃي ٿو. آملہ معدي، جگر ۽ آنڊي جي بيماري لاءِ نهايت فائديمند آهي. آملہ رت صاف ڪرڻ لاءِ بہ مفيد آهي. هن جي پنن کي ڪاڙهي، ٺٺو ڪري شگر سبب جسم تي ٿيندڙ ڦٽن کي ڌوئڻ سان فائدو ٿيندو آهي. هن جا پن ٻڪرين، مينهن ۽ ڍڳي ۾ واءُ جي بيمارين لاءِ تمام ڪارائتا آهن.

هي ايترو اهم ۽ ڪارائتو وڻ بہ اسان جي بي قدري سبب هاڻ آڱرين تي ڳڻڻ جيترو بہ مشڪل سان وڃي بچيو آهي، جيڪو اسان جي ادارن لاءِ سوچڻ جو مقام ضرور هجڻ گهرجي!

# ڪويٽ

## جنهن جي ميوي جي کل ٿانو طور به استعمال ٿيندي هئي

ڪويٽ جو وڻ وڏو، ويڪرو لڳ ڀڳ سرينهن جيترو هوندو آهي. مٺي ۽ ڪنوري زمين ۾ ٿيندڙ هن وڻ جا پن سرينهن ۽ املتاس جي پنن سان ملندڙ جلندڙ هوندا آهن/هئا. جن کي ٻاڪرو مال شوق سان کائيندو هو. هميشه سائو رهندڙ ڪويٽ ۾ ديوي جي وڻ جهڙا ڪنڊا هوندا هئا. هماليه هندوڪش جبلن مان جڏهن ڪويٽ جو ٻج پاڪستان پهتو ته ڀهراڙي وارا ماڻهو هن کي ڪويٽ يا ڪويتو جي نالي سان سڃاڻ لڳا. مُني صدي جو هي وڻ 'قد وال' پڻ سڏبو آهي. 75/70 ڌاري هي وڻ سنڌ جي ڀهراڙين، ٻيلن ۽ جهنگلن ۾ وڏي تعداد ۾ ٿيندو هو. ڳوٺ حاجي ڪريم بخش لغاري لڳ پنيري ڪپرو جي هارپو ڪندڙ چاچي فيض محمد لغاري، عمر 85/80 سال کن جي بقول ته هي 15 کان 20 فُٽ جو ٿيندو هو. هن جو ٿُڙ تمام ٿلهو ٿيندو هو جيڪو مختلف فرنيچر ناهڻ ۾ ڪم ايندو هو. سنجهورو لڳ ڳوٺ تارو مل جي وڻ وڍڻ جو ڪم ڪندڙ 90 کن سال جي نبي بخش خاصخيلي جي بقول ته 70/60 سال کن اڳ ڪڏڙي پرسان ميتلن جي ڳوٺ ۾ به هي وڻ موجود هو.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لغت ۾ هن کي هندستاني ڪاج به لکيو آهي. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته هي وڻ هندستان ۾ ڪافي ڪثرت سان ٿئي ٿو. هي ڪافي ڊگهو ويڪرو ۽ ٽڏي ڇانو ڏيندڙ



وڻ آهي، جنهن جو قد 12 ميٽر ٻڌايو وڃي ٿو. هن جي ٿُڙ ۾ ٽارين تي ٿلها ۽ وڏا ڪنڊا ٿين ٿا. هن جا پن مهندي ۽ ڪامهون جي پنن سان ملندڙ آهن، پر ڪويٽ جا پن ڪجهه ٿلها ۽ سخت ٿين ٿا. هن جي ٽڙ مٿان چوڙو پڻ ٿئي ٿو ۽ جيڪو هلڪو خوشبودار ٿئي ٿو. هي چوڙو ڪافي ڪارائتو ٻڌايو وڃي ٿو. جيڪو مختلف بيمارين ۾ ڪم اچي ٿو. هن جا گل هيٺان کان ڦڪا ۽ مٿان کان هلڪا ڳاڙها ٻڌايا وڃن ٿا. اڄ به پارت کان علاوه پاڪستان جي وڏن شهرن ۾ هن جو ميوو ملي سگهي ٿو.

هن جا پن سرنهن ۽ گدامڙي جهڙا ٿيندا هئا. هن ۾ ميوو به ٻارنهن ئي مهينا لڳل هوندو هو. جيڪو جهولن لڳڻ واري مُند ۾ گهٽو پڇندو هو. ميوي جو نمونو ڀرين سائي ننڍي بال جهڙو ۽ جيترو، پچڻ بعد رنگ مٽي جهڙو ۽ پاڻ مالٽي جيترو ٿي ويندو هو. ميوي جي پچڻ تي ان مان خوشبو ايندي هئي ۽ ڀاڻهين پٽ تي ڇٽي پوندو هو. همير فقير ڪڏڙو جي درگاهه جي مجاور فقير غلام حيدر خاصخيلي جي بقول ته اسان ان ميوي جي ٻِنڊ واري جاءِ (اها ڏانڊي واري جاءِ جنهن سان ميوو وڻ ۾ لٽڪيل هوندو آهي) تان، لوهي شيخ يا چاقو ڇري وغيره سان سوراخ ڪري، ان جي اندران ڳِر/ماس ڪڍي کائيندا هئاسين، جيڪو ڏاڍو مزيدار ۽ کٽو مٺو هوندو هو. ميوي جي کل سخت ۽ کوپري جي کَل جهڙي پڪي، پٽر جهڙي هوندي هئي. جنهن کي خالي ڪري سُڪائي، ان ۾ استعمال واري تيل رکڻ جو ڪم وٺندا هئاسين. ان وقت هن جا 20/15 وڻ ڪڏڙي جي لڳ ڀڳ اولهندي طرف مير پانڌي خان جي باغ ۾ هوندا هئا ۽ اڄ کان تقريباً چاليهارو کن سال اڳي حضرت همير فقير جو ميلو به اُتي لڳندو هو. ماڻهو ان ميلي ۾ ڪاهي ايندڙ اُٺ ۽ ڍڳا ڪويٽ جي وٽن سان ٻڌندا هئا. هي وڻ چاڻ موجب 1992ع ۾ ڪپري ۾ لال خان شاخ جي ڪپ تي بيٺل هو.

جيڪو 1992ع واري ماهہ هوڏ ۾ سُڪي ختم ٿي ويو هو. محمد رمضان وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ پنجاهہ کن سال اڳ جمڙائو مان لهندي، وچان ڪڏڙي شهر ڏانهن ويندڙ رستي تي بہ ڪويت جا ڪجهہ وڻ بيٺل هئا، جيڪي تمام ڊگها هئا. ڪويت جو ڏس جعفر لغاري يوسي ۾ بيگن واري ڳوٺ لڳ بہ ملي ٿو. هي ان وقت جي ڳالهہ آهي جڏهن قلمي انب نہ برابر هئا، ان ڪري ڪويت اڪثر ڪري باغن ۾ هوندو هو. جڏهن کان قلمي انب ۽ ٻيا ميوا عام ٿيا تڏهن کان ڪويت جو وجود ختم ٿيڻ شروع ٿيو.

انب جي ٽُڙ جهڙن انهن وڻن جي ڇانو بہ گهاٽي هوندي هئي. ڪاٺي تمام سخت هوندي هئي. اهي وڻ مير پانڌي خان پاڻ وڍرائي، اُتي پلاٽنگ ڪرائي، جيڪا هاڻ ڪڏڙي جو 'همير فقير پاڙو' سڏجي ٿو. ان حوالي سان ئي ڪڏڙي جو رهاڪو محمد رمضان پنهور، عمر 90 سالن کن ٻڌائي ٿو تہ اسان ڪويت جي حوالي سان ڳجهارت بہ ڏيندا هئاسين تہ:

ٻاهران لوهہ، اندران ڪپهہ = معنيٰ/پيچٽي ڪويت.

"ڏسان نہ وٽي، کاوان تہ کٽونبڙو" معنيٰ ڪويت

ڇو جو مٿي جهڙي رنگ سبب، ڪويت ڏسڻ ۾ گهٽو سنو نہ هوندو هو، پر اندران مٺو هوندو هو. ان ڪري اها ڳجهارت ٺاهي وئي.

هن ۾ صوف کان بہ وڏو ميوو لڳل/لٽڪيل هوندو هو. ڪويت جو ڪريل ميوو گدڙ ۽ ٻگهڙ بہ شوق سان کائيندا هئا. ميوو خالي ڪري، ان ۾ اندر تيل وجهي، 40 ڏينهن زمين اندر پوري ڇڏيندا هئاسين. جڏهن ان کي ٻاهر ڪڍندا هئاسين تہ ان تيل ۾ مُشڪ انبر جهڙي خوشبو ايندي هئي! اهو تيل خاص ڪري، شادي، ڪنهن ڪاج وغيره ۾ وجهڻ يا خاص ڏينهن تي هٽندا هئاسين تہ ماڻهو مان رڳو خوشبو ئي خوشبو ايندي هئي. ان تيل مان مٿي، ڇيلهہ ۽ گوڏن جي سور لاءِ بہ مالش ڪبي هئي. ان وقت جون



دايون، ڪويت جي ڪُپي ۾ پيل ان تيل مان، ٻار کي صحت مند رکڻ لاءِ مالش ڪنديون هيون. هن جي ميوي جي سُڪل سخت کَل ۾ نہ رڳو تيل، پر خرچي ۾ مليل ان وقت جا پنج پئسہ، ٽڪو ۽ آنو وجهي لڪائي رکندا هئاسين. وڏڙن مطابق اسان هن جو ڪچو ميوو ٻال طور استعمال ڪري، ست ڪُٽ راند پڻ ڪندا هئاسين. تمام گهٽي گرمي ۾ هن هيٺيان مال بہ ويهاريو هو. هن جي ڪاٺي مان در دريون، کٽن، ڪٻٽ، صندل، سُهاڳا، هَر، پاڃاريون ۽ هُرلا پڻ ٺاهيا ويندا هئا.

هن وڻ جا ڇوڏا سياري ۾ ڪاڙهي، ان ۾ ڪير کنڊ وجهي، ڇانهہ تيار ڪندا هئاسين، جيڪا پيئڻ سان کنگهہ بہ ڇڏي ويندي هئي. جنهن کي وڏو بخار ايندو هو، ان جي گلي ۾ ڪويت جا ڇوڏا ٻڌڻ سان بخار ڇڏي ويندو هو. ڪڏڙي پرسان لسڪي ديهہ ۾ ويٺل پنجابي زميندار خدا بخش جي هاري، منگهي مل ميگهواڙ وٽ ڍڳن پنيان ٻڌڻ وارو سنهور ڪويت جي ڪاٺي جو ٺهيل هوندو هو. جنهن مان لڳي ٿو تہ ان ڪاٺي مان اهڙيون ڪي ٻيون شيون بہ ٺهنديون هونديون. جن جا ڪاٺ جا ننڍڙا چلر ڪيا ويندا هئا، جيڪي مختلف بيمارين لاءِ ڪارائتا هئا. هن وڻ جو ڪاٺ تمام سخت ۽ گول ٿئي ٿو

حڪمت جي مشهور ڪتاب 'المفردات'، (ليکڪ مظفر حسين اعوان، غلام علي سنز) ۾ ڪويت جي باري ۾ ٻي جاڻ کان علاوه اهو بہ لکيل آهي تہ هن کي انگريزي ۾ Wood Apple، اردو ۾ ڪيٿ، بنگالي ۾ ڪُٿ بيل ۽ مارواڙي ۾ ڪويت پانا سڏبو آهي. هي هڪ قدآور وڻ آهي، جنهن جا پن املتاس کان ڪجهہ ننڍا ۽ مهندي کان ڪجهہ وڏا ٿين ٿا. هن جا گل هلڪي ڳاڙهي رنگ جا ٿين ٿا. هن جي گودي ۾ سڙڪ ايسڊ ليس دار مقدار، گهٽي مقدار ۾ هجي ٿو جنهن جو رنگ سفيد ٿئي ٿو پر ان

۾ سائي پٽي جي جهلڪ بہ هجي ٿي، ڏاٽن جي پنن جهڙو پڪل ڪويت خوشبودار ۽ لذيذ هجي ٿو. هن جي پيدائش جمون ڪشمير، دهلي، يوپي، مدراس ۽ لنڪا ۾ ٿئي ٿي.

**فائدا:**

ڪويت جي وڻ ۾ بہ قدرت ڪيترائي فائدا رکيا آهن. هي اُڃ جي شدت کي گهٽائي، بک وڌائي ۽ منهن جي بدبو کي ختم ڪري ٿو ۽ دير سان هضم ٿيندڙ آهي. لنڪا جا ماڻهو هن کي ڏاڍي شوق سان کائين ٿا. پڪل ميوي جي گودي ۾ کنڊ ملائي شربت بہ ٺاهبو آهي، جيڪو بخار جي حالت ۾ اُڃ اجهائڻ لاءِ مفيد آهي. جڏهن تہ هن جو ڪچو ميوو قبضي ڪري ٿو. هن جا ڪنڊا بہ حڪمت ۾ ڪم اچن ٿا. هن جي ڪاٺي جو ڏندڻ مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو ۽ انهن مان ايندڙ رت کي بہ روڪي ٿو.

هن جو ٻج ڦڪي طور استعمال ڪرڻ سان دست پيچس ۽ ٻين پيٽ جي بيمارين لاءِ ڪارائتو آهي. هن جي ميوي جي رس يا جوس اُڃ ۽ وات جي نزلي لاءِ تمام مفيد آهي. هن جو ميوو شگر لاءِ بہ استعمال ٿيندو هو. هن جي ڪاٺ وڍڻ سان ان مان اڇي رنگ جو هلڪو پاڻي/رس نڪرندو هو جيڪو سڪڻ بعد کنور ۾ تبديل ٿي ويندو هو. جيڪو ٻير جي کنور جهڙو نظر ايندو هو جيڪو کنور سڏبو آهي. هن جو کنور بہ ڪافي ڪارائتو چيو ويجي ٿو. هن جي ٽارين جو ڏندڻ، ڏندن ۽ مسوڙن لاءِ مفيد آهي. چون ٿا تہ اصلي ارنڊي ڪويت ۽ هيرڻ جي ٻج مان ٺاهبي هئي. وڏڙن جي چاڻ موجب 85/1980 ڌاري ضلعي سانگهڙ جي ڪجهہ ديهن ۾ هي ڪافي ججهي تعداد ۾ موجود هو.



**ڪويت ٻوٽي:**

ڪويت جي وڏي وڻ کان علاوه ڪويت نالي سان هڪ ٻوٽو يا ٻوٽي جو ذڪر بہ ملي ٿو. حڪيم مقصود شيخ نوابشاهہ جي بقول تہ ڪويت ٻوٽي 3 قسمن جي هوندي آهي. جيڪا اڄ بہ انڊيا، پاڪستان ۽ برما ۾ وڌيڪ ملي ٿي. پاڪستان ۾ هن جا گل ڳاڙهي رنگ جا ٿين ٿا. ڪويت جو وڻ بہ ڳاڙها يا گلابي رنگ تي تمام خوبصورت گل جهليندو آهي.

# ارجن

## چمڙن جو پسنديده، وڻن جو سردار قديم وڻ

جڏهن ڳالهه نڪرندي دنيا جي قديم وڻن جي ته ارجن جو ذڪر به ضرور ايندو. جيڪو دُنيا جي قديم وڻن سان گڏ هن ڌرتي جو به قديم وڻ آهي. پر تعجب جي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ هن جو ائين ڪٿي چئجي ته پيهر جنم يا ظهور اسان کي انگريز دور ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو! انگريزن 42/1841ع ۾ نه صرف سنڌ فتح ڪرڻ بعد هتي واهه کوٽايا، ريلوي آندي، نئون تعليمي سرشتو ڏنو زمين جي ماپ ٿي ۽ ٻيا ڪيترائي ڪم ڪرايا اُتي انهن هتي مختلف وڻ به آندا، جن ۾ ارجن جو وڻ به شامل آهي. ارجن جنهن کي ارجنا، Terminalia Arjun ۽ ڀارت ۾ ڪهو ۽ ڪاهُو جي نالن سان سڃاڻڻ کان علاوه سنڌ ۾ ڪٿي ڪٿي هن کي ڪيسودو به سڏين ٿا. هن وڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ته 6 هزار سال قبل مسيح جو وڻ آهي. جيڪو موهن جي دڙي واري دؤر ۾ به وڏي عروج تي هو. ڇو جو هن ڪتاب جو ويدن م به ذڪر آهي. هي سنڌ ۾ تمام پراڻي زماني کان ٿيندڙ وڻ آهي. هندو ڌرم جا ماڻهو هن کي پوڄيندا آهن. اهي هن تي باس باسڻ وقت، هن ۾ ڌاڳا ٻڌندا آهن ۽ باس پوري ٿيڻ تي وڻ تي اچي، منائي ورهائي، ڌاڳا کوليندا آهن. وڏي ڄمار ۽ وڏو قد رکندڙ هن وڻ جو قد 80 کان 100 فُٽن تائين ٿئي ٿو. انڪري هن وڻ کي وڻن جو سردار وڻ به سڏبو آهي. جمون ۽



زيتون جهڙا پن رکندڙ ارجن. سنڌ ۾ 1935ع ۾ وڏي تعداد ۾ موجود هو پر هاڻ هن جا سنڌ ۾ چند وڻ وڃي بچيا آهن. ڳاڙها گل جهليندڙ ۽ وڏي قد واري هن وڻ کي ٿر جا ماڻهو ڪوهه يا ڪوهي (سئو ڪوهن کان ڏسڻ ۾ ايندڙ!) جو وڻ به سڏين ٿا. هن جو ڇيڙ سان ملندڙ ميوو تمام سخت هجي ٿو جنهن تي ڦارون پڻ هونديون آهن. ان ڪري تي ڦرو به سڏبو آهي. اسان وٽ هي وڻ رڳو سونهن خاطر باغن ۽ رستن تي لڳايو وڃي ٿو پر دنيا جا ڪيترائي ملڪ هن مان طبعي لحاظ سان ٻيا به ڪيترائي فائدا حاصل ڪري رهيا آهن. نرسرين ۾ هن جو ٻج پوکيو وڃي ٿو. جيڪو 40 ڏينهن بعد ڦٽڻ شروع ڪري ٿو. هي وڻ پهرين سال ۾ آهستي آهستي ۽ پوءِ تيزي سان وڌڻ شروع ڪندو آهي. ڪي ماڻهو هن کي سدا بهار وڻ چوندا آهن. پر هي اپريل ۽ مئي ۾ پن ڇاڻي، خزان جو اهڃاڻ ٻڌجي ويندو آهي. هن جا پن بلڪل سُڪڻ بعد ئي وڻ جو ساٿ ڇڏيندا آهن.

ارجن کي ڪافي ماڻهو وونئڻ جو وڻ به سڏين ۽ سمجهن ٿا. هن جو ميوو وڻ ۾ ڦاٽڻ کان پوءِ، ان ۾ ريشم جهڙي ڪپهه، هوا ذريعي ، پري پري تائين پکڙجي ويندي آهي (شايد ان ڪپهه جي ڪري ئي ماڻهو هن کي به وونئڻ جو وڻ سمجهندا آهن) اها ريشمي ڪپهه جيڪا سمبل جي وڻ وانگر هوا ۾ اڏامندي رهندي آهي، سا سوڙن ۽ ويهاڻن ۾ استعمال ڪبي آهي. اها ڪپهه عام ڪپهه جي مقابلي ۾ تمام گهٽي گرم هجي ٿي.

ارجن جي وڻ سان مشابهت رکندڙ ڪجهه وڻ حيدرآباد روڊ تي ’جوڻيجا هائوس‘ ۾ به بيٺل آهن. جن تي پڻ ڪافي تعداد ۾ چمڙا لٽڪل هوندا آهن. جن جا پن به ارجن جي پنن سان ملندڙ جلندڙ آهن. پر انهن جي ميوي ۽ گلن ۾ فرق ٻڌايو وڃي ٿو. ماڻهو انهن کي به ’ارجن‘ جي نالي سان .ئي سڏين ٿا. شايد اهي ارجن جو ئي ڪو قسم هجي!

هن جو ٻج سخت هجڻ ڪري زمين ۾ شايد آساني سان ناهي ڦٽي سگهندو. جيڪو هريڙ سان ملندڙ جلندڙ (پر ڪجهه وڏو) هجڻ ڪري،’هريڙو‘سڏبو آهي، سو طب ۾ ڪافي اهميت رکي ٿو. هن ٻج سان بدهاضمي، پراڻن دستن ۽ قبضي جو بہ علاج ڪبو آهي. هن جي ڪچي ڏيني اندر ٻج وغيره کي ڪٻرون ۽ ٻيا پکي بہ شوق سان کائيندا آهن.

وڏو قد سبب محفوظ هجڻ ڪري هن تي پکي ۽ خاص ڪري باز تمام شوق سان ويهن ٿا، ان ڪري هن کي بازن جو محافظ بہ سڏبو آهي. هن جي ڪچي ميوي کي طوطا کائڻ بدران رڳو ڪتريندا آهن. شايد ان ڪري جو هن جي ميوي جو ذائقو ڪجه ڪسارو ٿئي ٿو. هي وڻ سڌو ۽ لسو هجڻ ڪري هن تي نانگ يا ٻيا جانور چڙهي نہ سگهڻ ڪري، ڪانو سرڻيون ۽ باز بہ هن ۾ آکيرا ٺاهي، ان ۾ آنا ۽ ٻچا ڪندا آهن. هن ۾ رهندڙ پکين ۾ طوطا، چٻون، ڪٻرون، باز ۽ چمڙا شامل آهن. خاص ڪري هي وڻ چمڙن جو وڏو مَسڪن هجڻ سان گڏ انهن جي جهڙوڪر وڏي ڪالوني مثل آهي. چمڙا رات جو هن تان اُٿي ويندا آهن ۽ صبح جو واپس اچي ڏيرو ڄمائيندا آهن. ريسٽ هائوس سانگهڙ ۾ هن جا اهڙا بہ وڻ بيٺل آهن، جن جو قد 80 فُٽ کان بہ مٿي آهي. انهن مان هڪ وڻ تي ڳاٽيتي کان ٻاهر چمڙا هر وقت لٽڪيل رهن ٿا. هن وڻ متعلق اهو بہ چيو وڃي ٿو تہ هي انگريز دور ۾ 1932ع ۾ سنڌ ۾ روهڙي ڪئنال جي کچن يا پراڻن ريسٽ هائوس ۾ لڳايا ويا. ڪجه وقت اڳ تائين باقر موري لڳ شهدادپور تي هڪ قطار ۾ هن جا 10 کن وڻ بيٺل هئا. جيڪي واهہ جي ڪناري تي هجڻ ڪري ماڻهو پنهنجو چوپايو مال هن جي ڇانو ۾ ويهاريندا هئا تہ ايندڙ ويندڙ مسافر بہ ان جي هيٺيان سُڪون حاصل ڪندا هئا. پر 2008 ۾ جڏهن واهہ جا ڪپ ۽ ڪنارا نئوان ڪيا ويا تہ اهي وڻ ڪٽجي ويا.



زير پيير موري لڳ سعيد آباد وٽ انگريز دور جي ريسٽ هائوس ۾ اڄ بہ هن جا ٻہ چار وڻ موجود آهن. لانڊي موري لڳ شهدادپور تي بہ هي وڻ موجود آهي ۽ چمڙن جو مسڪن آهي. ان ۾ ايترا تہ چمڙا ويٺل هوندا آهن، جو جڏهن اهي اڏامندا آهن تہ تمام گهڻو آواز ٿيندو آهي. هي وڻ ڏيڍ سو کن سالن جو هتي بيٺل چيو وڃي ٿو. هن ۾ چمڙا ان ڪري بہ وڌيڪ ويهندا آهن جو هڪ تہ هن ۾ ڪنڊو ناهي هوندو ۽ ٻيو تہ هن جو ڪاٺ نرم ٿيندو آهي. شايد هن جي رس ۾ بہ ڪو اهڙو مناس آهي، جو وڏا چمڙا هن ۾ رهڻ پسند ڪندا آهن.

پکين کان علاوه هن ۾ ماکي بہ ويهندي آهي، پر هن ۾ ويٺل ماکي اڪثر ڪري ڪوئا مار باز/پکي جو کاڄ بڻبي آهي. چيو ويندو آهي تہ هن ۾ ويٺل ماکي ۾ هڪ تہ رس گهٽ هوندو آهي ۽ ٻيو تہ اها گهڻو وقت هن ۾ ويهندي بہ ناهي. شايد ان ڪري جو ڪوئا مار باز هن کي آساني سان نشانو بڻائي وٺي ٿو. ان ڪري هي ٻين گهاٽن وڻن ۽ لوڙهن وغيره جهڙن لِڪ وارن هنڌن تي ويهي پاڻ بچائيندي آهي.

هي گهاٽو ڇانو ڏيندڙ ۽ مٺي پاڻي جو وڻ، جهولن ۾ پن ڇاڻيندو آهي ۽ بهار ۾ وري نئوان پن ڪڍندو آهي. جيڪي سُڪڻ بعد ميٽي رنگ جا ٿيو وڃن. اهي مختلف بيمارين ۾ ڪم اچن ٿا. هن جا پن ۽ ٽاريون پٽڻ سان اڇ جهڙو ليس دار کير نڪرندو آهي، جيڪو مختلف بيمارين تي لڳندو آهي. اهو کير ڪنن جي سور لاءِ بہ فائديمند چيو وڃي ٿو. ارجن جا پن سَنڌن جي سور مٿان، تيل ۾ گرم ڪري، ٻڌڻ سان فائدو ٿيندو آهي. هن جا تازا پن پٽي، ڪُتر ڪري، پاڻي ۾ پُسائي نيراني پيئڻ، سائي جي مريضن لاءِ مُفيد آهي. هن جا پن ۽ ٽاريون زمين کان ڪافي مٿي هوندا آهن، پر ڇٽيل پن ٻڪريون ڏاڍي شوق سان کائينديون آهن.

هن جو گل وڏو ۽ ڳاڙهي رنگ جو ٿيندو آهي. هن ۾ چيٽ جي موسم ۾ پيلي رنگ جا گل ٿيندا آهن. گل جهلڻ کان اڳ چوٽين ۽ ٽارين ۾ گوئنچ نڪرندا آهن. پوءِ گل جهڳٽن جي شڪل ۾ نڪرندا آهن. ڪافي گل ته ڪچا هوندي ئي ڇڻي ويندا آهن ۽ باقي جيڪي بچندا آهن، انهن ۾ ميوو لڳندو آهي. جيڪو ڪچو هجڻ وقت سائو ۽ پچڻ تي بادامي/ناسي رنگ جو ۽ تمام سخت ٿي ويندو آهي. گلن کان پوءِ هن ۾ ميوو لڳي ٿو. ميوي مان ننڍڙو سرنهن جيترو ٻج نڪري ٿو جيڪو جلد ۽ چمڙي جي بيمارين لاءِ مُفيد آهي.

هن جي کل يا ڇوڏو تمام گهڻو ڪارائتو آهي. جيڪو ڪاڙهي پيئڻ، دل جي بيمارين کان علاوه پراڻي بخار، سردي، زڪام، کنگهه، پيٽ جي ڪيڙن، بلڊ پريشر، لِڪوريا ۽ ٻين بيمارين لاءِ به مفيد سمجهيو وڃي ٿي. هن جو سُڪل ڇوڏي جو پائوڊر موهيڙن، ڇهري جي داغن، وات جي ڇالن، مٽي جي ڦٽ ڦرڙين لاءِ مفيد هجڻ سان گڏ مهندي ۾ ملائي وارن ۾ لڳائڻ سان اهي مضبوط ۽ ڪارا پڻ ٿين ٿا. هن جي ڇوڏي ۾ مصري ملائي، ڪاڙهي پيئڻ سان ٿڪاوٽ ختم ٿئي ٿي ۽ دماغ کي طاقت ملي ٿي. هن جي ڇوڏن مان ڦڪي ناهبي آهي، جيڪا اندروني ۽ ٻيروني بيمارين لاءِ ڪتب ايندي آهي. هن جي سائي ڪاٺي کي گلاس وانگر ڪوٽي، ان ۾ رات جو پاڻي پري، اهو پاڻي صبح نيراني پيئڻ سان شگر جي مريضن کي فائدو ٿيندو آهي. جيستائين ڪاٺي سائي هجي، اوستائين اها استعمال ڪري سگهجي ٿي. هن جو ڇوڏو عام يا اکين ۾ ڦڪي ڏسڻ ۾ ايندڙ سائي لاءِ به مُفيد آهي. اهڙن مريضن لاءِ، جڳ پاڻي ۾ ڇوڏا رات جو 20/15 ڏينهن پاڻي ۾ پُسائي پيئڻ سان سائي جي مريضن کي فائدو ٿيندو آهي. مردانه بيماري ۾ به هن وڻ جو استعمال ڪبو آهي. هريڙو دل جي ڪمزور دڙڪن



۽ ٽٽل هڏن کي جوڙڻ لاءِ مُفيد آهي.

هي وڏي ۽ ٿلهي قد وارو تمام مضبوط وڻ آهي. جنهن جو ڪاٺ هلڪو بادامي ٿئي ٿو. هن جو ڇوڏو به وڏو قيمتي آهي. جنهن جو رنگ هلڪو ڳاڙهو ٿئي ٿو. مگر ان جي ڪاٺي اندران اڇي رنگ جي ٿئي ٿي. هن جو ڇوڏو پيٽ جي مختلف بيمارين لاءِ فائديمند آهي. هن جو ڪاٺ فرنيچر ۾ به ڪم اچي ٿو. جنهن مان الماريون، بيڊ جا سڌا پٽا سنا ٺهن ٿا.

هن جو ڪاٺ اڏاوت ۾ به ڪم ايندو آهي. هن جي ڪاٺي تعميراتي ڪمن کان علاوه ٻيو گهريلو سامان ناهڻ ۾ به ڪتب آڻڻ سان گڏ سڌي ۽ مضبوط هجڻ ڪري پُلين ۽ بجلي جي ڪنين طور به استعمال ڪبي آهي. اڳي وڏڙا هن جا گهوٻاٽا ناهي، پاڻ بچائڻ لاءِ گڏ ڪٽندا هئا.

سنڌيءَ ۾ هريڙي جي حوالي سان ته خبر ناهي، پر هريڙ جي حوالي سان ڪافي دلچسپ چوٽيون ملن ٿيون. جيئن:

- هٽ جو لپي هريڙ به ڪونه، ڪنيو وتي ڪنڌي.
- ڪوئي لڏي هريڙ، چئي آئون وڏي پنساري.
- جڻ ڪوئي کي هريڙ هٽ آئي.
- هڙ ۾ هريڙون ۽ گوڏ ۾ نڪريون.

جيئن ته ارجن هڪ قديم وڻ هجڻ سان گڏ هندو ڌرم ۾ تمام گهڻي اهميت به رکي ٿو پر هندن ۾ ارجن نالو به رکيو ويندو آهي. ارجن نالو هندو مذهبي تاريخ ۾ ڪرن ۽ ارجن جا نالا پانڊو واري جنگ ۾ ملڻ کان علاوه ڀارتي اڳواڻ ارجن سنگهه، ارجن ڪپور ۽ ارجن شاد وغيره.

## هريڙ/هريڙو ٻوٽو:

هي ٻوٽو وونئڻن جي موسم ۾ ٿيندو آهي، جنهن جو قد 3 کان 4

فُٽ تائين هوندو آهي. ۽ جيڪو اُبت ڪنديءَ وانگر مختلف بيمارين تي لڳندو آهي.

دنياوي لحاظ کان منفرد مقام رکندڙ هي وڻ بہ هان ڏينهون ڏينهن ناياب ٿيندو پيو وڃي. هر اهڙي وڻ جي ختم ٿيڻ ۽ وڍڻ سان الائي ڇو هي شعر ذهن تي تري ايندو آهي!

ایندھن کے لئے آج جو کٹ کے گرا ہے،
چڑیوں کو بہت پیار تھا اُس بوڑھے شجر سے

# لوت

## پيٽائي جو ڳايل وڻ، جنهن جو ملڻ مشڪل ٿيپيو آهي!

وجود وڃائيندڙ وڻن ۾ ’لوت جو وڻ به شامل آهي‘. هن جي وجود وڃائڻ تي افسوس ڪرڻ جو هڪ سبب اهو به آهي ته، هي ڀٽائي صاحب پاران ڳايل وڻن مان هڪ آهي. ايندڙ نسلون شايد هن بابت رڳو شاهه صاحب جي هڪ بيت ۾ سو به ڪن رسالن ۾ آيل بابت پڙهي سگهن يا پوءِ هن بابت تمام مختصر احوال، ڪجه ڪتابن ۾ ئي ملي سگهي. هي عربي ٻولي جو لفظ چيو وڃي ٿو. جنهن جي معنيٰ آهي ’ننڍو‘. جڏهن ته ڪڇ پيچ جي ٻولي ۾ به هن کي لوت ئي سڏيو ويو آهي. ڪي ماڻهو وري هن کي ستياناسي به سڏين ٿا ته هن کي مارواڙي ۽ مراٺي ۾ ’اوجڙ ڪانٽا‘ سڏجي ٿو. هن کي سنڌي ۾ ڇَهرِپَني (فرهنگ جعفري مطابق) به سڏبو آهي. ان کان علاوه حڪمت جي لحاظ سان هن جا ٻيا نالا به چيا وڃن ٿا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي لغت ۾ لوت کي گاهه، وڻ ۽ ٻوٽي جو هڪ قسم لکيو آهي ڊاڪٽر صاحب هن بابت هڪ بيت جي هيٺين سِٽ به لکي آهي:

“لنب، لوت به لهي پيا، ڪي پٽن ۾ پوتر”

‘لوط’ نالي سان هڪ نبي سڳورو به ٿي گذريو آهي ته ان جي قوم به سندس نالي پٺيان سڏجي ٿي. لوت هڪ ننڍي قد جي وڻ جو نالو آهي، جنهن جو قد 8 کان 10 فٽن تائين ٿئي ٿو. هن جا پن صوف جي پنن سان



ملندڙ آهن. هن جو ٿُڙ ايترو ٿلهو ناهي ٿيندو ۽ هن جي ٽارين تي ڪنڊا ٿين ٿا. هي وڻ اڪثر ڪري پاٽي واري هنڌن، تراين، واهن ۽ شاخن وغيره جي ڪنارن سان پاڻ مرادو ٿئي ٿو. هن جا پن ۽ گل طب ۾ استعمال ٿيڻ کان علاوه ڪڇي جا آبادگار بصرن، ٽماٽن ۽ ’ٻَڪر‘ جي فصلن (پاڇي وارا فصل) کي مرضن کان بچائڻ لاءِ هن جي پنن جو دونهون به ڏيندا آهن. هن جون ڪاٺيون درياهن ۽ واهن جا ’يڪ‘ ٻڌڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيون وينديون آهن. هن جا هيڊي رنگ جا گل يوناني بيمارين ۾ استعمال ٿين ٿا. هن ۾ آڏيري جي ميوي جيترو گل ۽ ننڍو ميوو لڳندو آهي، جيڪو اڳ ۾ سائو ۽ پوءِ بعد ۾ بادامي ناسي رنگ جو ٿيو وڃي. هن جو ذائقو (خاص ڪري ڪَل جو) ڪجه ڪٺو ٿئي ٿو جنهن اندر ننڍا ۽ ڪارا بصر ۽ سرنهن جي ٻج جهڙا ۽ جيترا داڻا ٿين ٿا. جيڪي آچار ۾ به ڪم اچن ٿا.

هن جي پنن جو زرد پاٽي تمام قيمتي آهي، جنهن مان سرائي ٻوڙي، اکين ۾ وجهڻ سان اکين جي سوڄ ۽ ڏنڊ ختم ٿي ويندي آهي ۽ روشنائي ۾ اضافو ٿيندو آهي. ڪن ماڻهن جي بقول ته هي ميوو لاهور ۾ پنساٽن هٽان نه صرف وڪامندي ڏٺو ويو آهي، بلڪه اُتي ڏاڍو مهانگو يعني هڪ ڏينو 500 روپيين جو وڪامي ٿو. جنهن کي ’لُجَڙو مان‘ سڏجي ٿو. لوت جي انهن هيڊي رنگ جي ڏينن ۾ سرمي وجهڻ واري ڪاني/سَلائي ٻوڙي اک ۾ لڳائين ٿا، جنهن سان منٽ ڏيڍ ته اک ۾ جلن/ساڙمحسوس ٿئي ٿو پر پوءِ اک ۾ ٿڌ لڳي ٿي ۽ فرحت محسوس ٿئي ٿي. هن جي گلن مان مردانه ۽ عورتن جي پوشيده بيمارين جو علاج به ڪبو آهي. حڪيم محمد صالح ڪوري ٻرهوڻ واري جي بقول ته هن جي گلن سان مردانه قوت لاءِ ڪشتو پڻ تيار ڪبو آهي، جيڪو تمام فائديمند آهي. لوت ٻوٽو چئجي يا وڻ اڄ به نوري آباد، کان اڳتي المدينه هوٽل پرسان ناريل جي باغ جي

ڪنارن سان بيٺل آهن. انهيءَ پاسي هي ٻوٽو جبلن جي ترائين سان ٿئي ٿو. نوري آباد جي بشير احمد پالاري جي بقول ته اسان هن کي لوٽ به سڏيون ٿا. جڏهن ته ڪي ماڻهو هن کي ’لوٽن ڪنڊ پري‘ به سڏين ٿا. ڪانوڙ پل جي راڻو ڪُنڊاڻي جي بقول ته اتي هن کي ٻارڻ طور وڏيڪ استعمال ڪيو ويندو آهي، ڇو جو هن کي باهه گاسليٽ وانگر وٺندي آهي. هن جون ٿلهيون ٽاريون وڍي، انهن سان پاڻن جي فارمن ۾ لڳندڙ بيمارين ۽ مَهلي کان بچاءُ لاءِ دونهون به ڏبو آهي. هن جو ڪوبه قلم وغيره ناهي لڳائبو، هي ازخود ٿيندو آهي. شاهپورچاڪر جي حڪيم ڪوڏو مل واڌئي جي بقول ته ’شهر پني‘ يا لوٽ جا ڪنڊا پيئڻ سان، معدي کي فائدو ٿيندو آهي ۽ هي وڏي بخار لاءِ به مُفيد آهي. سندس جي بقول ته اسان جو والد پيرو مل ڪوٽ پُل ۽ ڪوٽ ميرمحمد، ضلعي خيرپور جي ڪچي مان هن جون پريون لُڻي ڪٽي ايندو هو.

ضلعي خيرپور جي ’پير ڳوٺ‘ لڳ ڪچي جي بند تي 2000ع جي لڳ ڀڳ تائين لوٽ موجود هو. اڳي جڏهن درياءُ پائيندو هو ۽ پوءِ پاڻي سڪندو هو ته لوٽ ازخود ڦٽندو هو. شايد يا ته هن جو ٻج درياءَ جي پاڻي ۾ موجود هوندو هو، جيڪو پاڻي سان گڏ ڪچي جي زمين تي اچڻ بعد، پاڻي جي سُڪڻ تي ڦُٽي ويندو هو يا پوءِ لوٽ جو ٻج اڳي ئي انهيءَ زمين تي موجود هوندو هو ۽ پاڻي ملڻ تي ڦٽي پوندو هو. اُتي جي ماڻهن جو چوڻ آهي ته اسان هن جون ڪاٺيون شادين/ڪاڄن ۾ به استعمال ڪندا هئاسين ۽ پنهنجي فصل کي بچائڻ لاءِ هن جي ٽارين مان لوڙها پڻ ڏيندا هئاسين، جنهن مان انهيءَ علائقي ۾ لوٽ جي گهڻائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

لوٽ جو ذڪر ڀٽائي صاحب جي هڪڙي ئي بيت ۾ هن ريت ملي



ٿو:

واهڙ وهين ۾ شال، سُڪي ڀيلاٽيون ٿيئن،
ڀَسان تنهنجي پيٽ ۾، لاٽا، لوٽ، ليار،
جيئن تو سپ ڇمار، آسائيتيون ٻوڙيون.

سُر سهڻي، داستان ٿيون، بيت نمبر 20، پروفيسر هوتچند مولچند گُربخشاڻي.

جڏهن ته حمل فقير جي هڪ بيت ۾ لوٽ جو ذڪر هن ريت ملي ٿو:

يارانـي يار مؤن وئي ڙي وئي،
گڏيل هيءَ جا گمان ۾، سا پڌري ٿي وئي،
ڪوڙي لوٽ لباس جي، لاٿن ٿا ليئي،
ڪم پئي ڪاغذ جيان، اکڙي اڳي ئي
محبت لڏي ملڪ مان، ڏک ويئي ڏئي،
دوست ڦري دشمن ٿيا، جانب ها جيئي،
سڄڻ منا ساهه ڪان، سامهون ٿيا سيئي،
سڪ، محبت، ساءُ منو، ٽڙي ويا ٽيئي
حمل هئي نيٺي، ڪنهن کي سور سڻايان

لوٽ جي حوالي سان هاڻ ڄاڻ ڏاڍي محدود ٿيندي وڃي. جنهن جو اندازو ان مان به لڳائي سگهجي ٿو ته ڀٽائي صاحب جي شاعري جي حوالي سان لکيل ٻن بهترين ڪتابن ۾ لوٽ جو ذڪر به تمام مختصر نموني مليو ٿو. انهن مان هڪ ڪتاب ’لطيفي انسائيڪلوپيڊيا‘ ۾ محترم بدر ڏامراهو صاحب لوٽ جي حوالي سان لکيو آهي ته، “لوٽ هڪ قسم جو وڻ آهي، پاڻي جي ڪناري ٿئي ٿو. پن ۽ ٽاريون ڪنڊن سان ڀريل

ٿينديون اٿس. هيڊي رنگ جا گُل جهليندو آهي. ٻج ڪارو ۽ سنهو ٿيندو اٿس.” جڏهن تہ لوت جو ذڪر محترم پريتم پياسي صاحب پنهنجي ڪتاب ’شاهہ جي رسالي جي نباتات‘ (ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ) ۾ هن ريت ڪيو آهي. “لوت هڪ جابلو وڻ يا ٻوٽو آهي، جنهن کي شاهہ جي رسالي جي شارحن ڪن “لُوت” تہ ڪن وري “لوط” لکيو آهي.

لوت آدم قد وڻ آهي، جنهن کي وڏو ٻوٽو بہ چئي سگهجي ٿو. هي وڻ ٿڌن علائقن ۾ جبلن تي لَڪن ۾ پاڻهي اپرندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پاڻي جي ڪنارن تي پڻ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. هن جا پن سورج مکي جهڙا ٿيندا آهن ۽ چوٽين ۾ هيڊي رنگ جا گل جهليندو آهي. هن جو ٻج ڪارسرو ٿيندو آهي. هن وڻ جي سڄي جسم تي ناگڦٽي يا ڪرپٽ وانگر ڪنڊا ٿيندا آهن. هن وڻ کي صرف اُٺ کائيندا آهن. باقي انسان جي فائدي لاءِ ضرور ان ۾ قدرت واري حڪمت رکي هوندي. باقي ٻيو ڪنهن بہ ڪم ڪونہ اچي. لطيف سائين صرف هڪ بيت ۾ هن جو ذڪر ڪيو آهي.”

## لوت ٻوٽي/ٻوٽو: Phistle

لوت جي وڻ کان علاوه لوت ٻوٽو/ٻوٽي بہ ٿيندي آهي. جنهن جو مشهور نالو ’اونٺ ڪٽارا‘ آهي. جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ لوت ئي سڏبو آهي. هن کي اُٺ شوق سان کائين ٿا، ان ڪري هن کي اونٺ ڪٽارا سڏبو آهي. هن کي عام ٻولي ۾ ’لهيئہ‘ بہ سڏبو آهي. هي ڪنڊي دار ٻوٽو آهي ۽ اڪثر ڪري واريا سين علائقن ۾ پاڻ مرادو ٿيندو آهي. هي ٻوٽو شڪل ۾ ’ستياناسي‘ يا ’اُجڙڪانٽا‘ سان ملندڙ آهي، هن جا پن وڏا ٿيندا آهن، جن تي ڪنڊا پڻ ٿين ٿا. هن جا گل ڦڪي، اڇي ۽ نيري رنگ جا ٿين ٿا. هن



جو ميوو آخروٽ وانگر ٿيندو آهي، جيڪو ٻوٽي جي چوٽيءَ ۾ لڳندو آهي. هن جي ميوي تي پڻ تمام گهڻا ڪنڊا ٿين ٿا. هن جو ميوو لڳڻ وقت، ان جي چوڌاري گل لڳي ويندا آهن. ميوي اندر ٻج سان گڏ ڪپهہ نڪرندي آهي. هن جو قد 4 کان 5 فُٽ تائين ٿئي ٿو. هن کي طب تمام گهڻي اهميت حاصل آهي.

افسوس جو لوت لاءِ ٻيو ڪجهہ ڪٿي نہ صحيح. پر رڳو پٽائي صاحب جو ڳايل وڻ سمجهي بچائجي، تڏهن بہ هي وڻ ايندڙ نسلن جي ڏسڻ جيترو ئي ڪٿي بچي پئي!

# مُساڳ

## عورتن جي سورنهن سينگار جو اهم اسم

مُساڳ جي حوالي سان 'شاهه جو گنج'جي، سُر ليلا چنيسر ۾، هينئين بيت جي هجڻ جو ڏس ملي ٿو.

مُوڙهي پَس مُسهاڳ کي ڳانا ڳچين هار
چوٽا تيل چنبيليا ڏس ڪنورو سندي قطار
ٺاڪر اکين ٺار ڪئين مٺي موهي مَٽيو
ءَ
دونهيون ٻاري داسڙي ڪئي مُسهاڳا ٻاريا

سنڌ ۾ قديم زماني کان سورنهن سينگارن جو اهم اسم ۽ جُز رهندڙ مساڳ جنهن کي 'مُليسري' جو وڻ به سڏبو آهي. هن وڻ جو قد 10 کان 15 فُٽ ٿئي ٿو. هي وڻ جڏهن ڀارت مان پاڪستان پهتو ته هن کي وڏي اهميت ملي. هندن ۽ مسلمانن جي شادين ۾ توڙي عورتاڻي ميڪ اپ ۽ سينگار جو هي لازمي حصو بڻجندڙ مليسري جا چوڙا، جڏهن سنڌ ۾ پهتا ته سنڌ ۾ هن جي سڃاڻپ مساڳ طور تي ٿي. نه صرف اهو ته مُساڳ عورتن جي سينگار جو اهم جُز هو/آهي، بلڪ اڳي جڏهن عورتون شادي جي دعوت ڏيڻ لاءِ اُڙي پاڙي ۾ يا مٽن مائٽن ڏانهن وينديون هيون ته مُساڳ ۽ سرنهن جو تيل گڏ کڻي وينديون هيون. جيڪو هو شادي جي دعوت ڏيڻ سان گڏ ٻين عورتن کي استعمال لاءِ ڏينديون هيون. انهيءَ نموني دعوت



ڏيڻ کي وڏي عزت ۽ مان سان ڏنل دعوت برابر سمجهبو هو. عربي ۾ 'النجي' سڏجندڙ هن وڻ کي 'برگِ عباد' سڏجڻ کان علاوه انگريزي ۾ Minusops Elengi سڏبو آهي. گجراتي ۾ 'يوليسري' چئبو آهي، جيڪو سائيز ۾ وڏو هجي ٿو. ٿي سگهي ٿو ته اهو مُساڳ جو ڪو ٻيو قسم هجي يا پوءِ آبهوائي تبديلن سبب سائيز مختلف هجيس. هي وڻ سدا بهار هجڻ ڪري، هن کي 'سدا سُهري' به چوندا آهن.

هي وڻ هندستان ۽ برما جي ٻيلن ۾ وڏي تعداد ۾ ملڻ کان علاوه پاڪستان جي پڪين زمينن، پنجاب ۽ ڪشمير جي جابلو علائقن ۾ به ملي ٿو. سنڌ ۾ هن جو ڏس دادو گورک هِل جي علائقي ۾ 2001ع تائين ملي ٿو ته ٽنڊوالهيار شهر لڳ هڪ باغ ۾ 10/8 سال اڳ تائين به هي وڻ موجود هو. ان کان سواءِ مُساڳ جو ڏس وگهي ڪوٽ ۽ روپا ماڙي ۾ به ملي ٿو. ان کان علاوه مُساڳ جو وڻ ڳوٺ احمد آباد لڳ پريتم آباد، تعلقه سنجهورو ضلعي سانگهڙ ۾، حاجي علي نواز سنجراڻي جي باغ ۾ 1992ع تائين موجود هو. جيڪو پاڻهين ٿيو هو ۽ اهڙا ٻيا ڪيترائي وڻ پرپاسي ۾ موجود هئا. شاهپورچاڪر لڳ احمدآباد جو رهندڙ آبادگار محمد نواز خاصخيلي جي بقول ته هي وڻ سندس ٻنيءَ ۾ بيٺل هو ۽ هُن پاڻ ئي ان کي وڍرائي ان مان کٽ پڻ ٺهرائي هئي جيڪا وٽس اڄ به موجود آهي. اها کٽ هُن ٽي/چار ڀيرا واڻائي آهي، پر اڄ به اڳ جهڙي ئي آهي. جنهن مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته هن جي ڪاٺي مضبوط به آهي ته ان کي سُرو ۽ اڏوهي وغيره به نه ٿا لڳن.

هن جا پن گهرا ساوا، زيتون ۽ جمون جي پنن سان ملندڙ پر ننڍا ٿين ٿا. هن جا گل اڪ جي ڪلڙي جيترا ڏسڻ ۾ تمام خوبصورت هئا. هن جا تازا گل ننڍي تاري جهڙا، صندل جي رنگ جهڙا پورا/ناسي ۽ تمام

خوبصورت ٿيندا آهن، جن ۾ ننڍڙو سوراخ ٿئي ٿو. اهي گل ڌاڳي ۾ پوئي هار بہ ٺاهبو آهي، جيڪو اڪثر هٽن جي ڪاراين ۾ ٻڌبو آهي. هن جي گلن مان وڻندڙ خوشبو بہ ايندي آهي، جيڪا گل سڪڻ کان پوءِ بہ موجود هوندي آهي.

گل ڇڻڻ بعد انهن ۾ ميوو لڳندو هو جيڪو بہ اک جي انبڙي يا ننڍي ٻيدي جهڙو ۽ جيترو هوندو هو. جنهن جو رنگ ڪچو هجڻ تي سائو ۽ پڪڻ تي ڦڪو گلابي/پورو گلابي ٿيندو هو. جنهن جي اندر ٻير جي ڇيڇڪي وانگر، گدامڙي جيترو، بيضوي شڪل جو ٻج هوندو هو. جنهن کي حڪيم ۽ پنسار "پوست تالي" ۽ "سفر مُساڳ" پڻ سڏيندا هئا. مُساڳ پوست تالي جي وڻ جا بہ قسم ٻڌايا وڃن ٿا، هڪ ننڍو ۽ ٻيو وڏو. جيڪي نر مادي طور بہ سڃاتا وڃن ٿا. هن جي ميوي مان تيل پڻ نڪري ٿو جيڪو رڌ پچاءُ لاءِ بہ مُفيد آهي. خاص ڪري ڪشمير ۽ جابلو علائقن جا ماڻهو اهو تيل استعمال ڪن ٿا. جيڪو حڪمت ۾ بہ استعمال ٿيندو آهي. هن جي تيل کي عرق بہ چوندا آهن، جيڪو مٿي ۽ سنڌن جي سور لاءِ بہ مُفيد آهي. هن جو ٻج گهوڙي جا شوقين گهوٽي، پاڻي سان ملائي گهوڙي کي پيئاريندا آهن، جنهن سان گهڙي ۾ مستي ڪرڻ جي طاقت وڌي ويندي آهي. هن جو ٻج ڍاڳيا پنهنجي جانورن کي بہ پيئاريندا آهن، جنهن سان جيڪو جانور لڳ ڪرڻ بعد ڳپ نہ جهلي اهو ڳپ جهليندو آهي.

هن جو ڇوڏو لاهي، ڪاڙهي، ڇانيي جي ڪڙي تيل ۾ پُسائي پوءِ بازار ۾ مُساڳ طور ڪپايو ويندو آهي. مُساڳ جي ٽارين جو ڏندڻ بہ ڏبو آهي جيڪو ڏندن ۽ مسوڙڻ لاءِ خاص ڪري فائديمند ٻڌايو وڃي ٿو.

اڪروٽ جي وڻ کي بہ مُساڳ جو وڻ سڏيو/سمجهيو ويندو آهي، جنهن جي ڇوڏي مان مُساڳ ٺاهيو ويندو آهي. اهو ڪم ڪراچي جي



هڪ ڪاٺ جي فيڪٽري ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن ٻُڌائي. سندن بقول تہ اڪروٽ جي ڇوڏي مان اُتي مساڳ ٺاهبو آهي. ڄمون جو ڇوڏو/ڪل بہ ڇانيي جي تيل ۾ ٻوڙي هڪ بہ ڏينهن ڇڏي، سڪائي اها بہ مُساڳ طور استعمال ٿيندي آهي. هن جي ڪل لئي جي ڳاڙهي ڪل وانگر ٿيندي آهي، جڏهن تہ هن جو ٿُڙ وچولو ٿيندو آهي. مهندي جي وڌيڪ رنگ لاءِ مُساڳ جو ڇوڏو ان ۾ ملائبو آهي. اصلي مساڳ جو ڇوڏو ڪڙو ۽ نقلي جو ڇوڏو مٺو هوندو آهي، اها اصلي ۽ نقلي مُساڳ جي وڏي سڃاڻپ هوندي آهي. جڏهن تہ اصلي ۾ خوشبو بہ هوندي آهي. ۽ هن جي ڇوڏي کي 'تيواج' سڏبو هو. ڇوڏي جو رنگ اُٺ رنگو/پورو هوندو هو. جيڪو هڪ ڪان اڍائي فُٽن تائين ويڪرو هوندو هو. هاڻ اڪثر جاين تي مُساڳ جي جاءِ تي اڪروٽ جو ڇوڏو وڪامي ۽ استعمال ٿي رهيو آهي. جيڪا ڪوئٽہ ۽ ڪشمور واري پاسي عام جام ٿئي ٿو ۽ سنڌ ۾ 2000 روپيا ڪلو جي حساب سان وڪامي رهيو آهي. ماڻهو ان کي مُساڳ سمجهي خوشي خوشي خريد ڪري رهيا آهيون. هاڻ تہ آخروٽ واري ڇوڏي جي جاءِ تي بہ ڏوڪو ٿي رهيو آهي ۽ ان جاءِ تي ديسي ٻير جنهن کي 'ڊلياري ٻير' بہ سڏيو ويندو آهي، ان جو ڇوڏو وڪامجي ٿو. جيڪو ٽي فُٽ کن ويڪرو ۽ پنجاهہ فُٽ کن ڊگهو ٿئي ٿو. ان جي سڃاڻپ لاءِ خريد ڪرڻ مهل، ان ڇوڏي جي خوشبو سنگهڻ سان گڏ، ان کي ڪپڙي يا هٿ سان رڳڙڻ سان هو رنگ ڇڏي تہ پڪ سمجهو تہ اهو مُساڳ نہ پر، ان جي جاءِ تي نقلي مُساڳ وڪامي رهيو آهي. جيڪو خاص ڪري پڙين تي ماڻهو ڪپائڻ ايندا آهن. اسان جا ماڻهو ڪيترا نہ اٻوجهہ آهن، جو سندن ٻيرن جا ڇوڏا بہ 2000 روپيا ڪلو ۾ خريد ڪري رهيا آهن! اڳ جون وڏڙيون عورتون، ليسوڙي جو

نڌڙو گلڙو پتي، ان کي بہ مُساڳ طور استعمال ڪنديون هيون.

## مُساڳ ذريعي ٿيندڙ مختلف علاج:

تيواج چوڏي بابت حڪيم محمد صالح ڪوري جي بقول تہ هن کي ڪاڙهي پيارڻ سان پراڻا دست، ڪنگهہ دم ڪشي ۽ بواسير جي رت اچڻ کي بند ڪندو آهي. هن جي چوڏن جو پائوڊر ٺاهي ڏندن ۽ مهارن جي سور لاءِ استعمال ڪبو هو ۽ عورتون خاص ڪري وات ۽ چپ ڳاڙها ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون هيون/آهن. هن جي چوڏي کي گهوٽي، لپري ٺاهي سخت سوج مٿان ٻڌبو هو جنهن سان سوج بلڪل ختم ٿي ويندي هئي. هن جي چوڏي جو دونهون بواسير کي خشڪ ڪرڻ لاءِ پڻ مفيد هو. هن جو چوڏو اُباري گرڙيون ڪرڻ سان ڏندن ۽ مهار مضبوط ٿين ٿا. چوڏي جي پاڻي سان زخم بہ نيڪ ٿين ٿا. هن سان ڏند چمڪدار ضرور ٿين ٿا، پر ڏند ڇٽي جلد ويندا آهن. ڪمڙي خبر تہ اهو نقلي چوڏي جو اثر هجي! اڳين جڏهن سرخي ڪونہ هئي تہ هن جو چوڏو استعمال ٿيندو هو. ڳڙي مُساڳ کي ڪُٽي سنهو ڪري، ڏونئري ۾ ملائي، ڏڌ تي هڻڻ سان، اها ختم ٿي ويندي آهي. هن جي چوڏي مان اوريجنل وسڪي پڻ ٺاهي ويندي آهي. هن جي چوڏي جو ٻورو بہ ڏندن ۽ مسوڙن لاءِ فائديمند هوندو آهي. هڪ اهم ڳالهہ تہ لاهڻ وقت هي چوڏو ڪافي ڏکو لهندو آهي. ڪنهن بہ وڻ تان چوڏو لاهڻ بعد 8 ڪان 15 ڏينهن اندر، ان وڻ تي ٻيهر چوڏو اچي ويندو آهي ۽ وڻ واپس ساڳي خوبصورتي ۾ اچي ويندو آهي. مارڪيٽ ۾ هن جي پاڙ کي رتن جوت جي نالي سان سجاتو وڃي ٿو جيڪا عورتون، تيل ۾ خوشبو ۽ تيل کي گهاٽو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آهن. هن جي ٻج کي پنسارڪي وڪر ۾ مساڳ جي ڏوڏ سڏجي ٿو.



مُساڳ ۾ اڪ جهڙي انبڙي ٿيندي آهي، جيڪا جام ڪڙي هوندي آهي. اها بہ دوائن ۾ استعمال ٿيندي هئي. اڳي وڏا مُساڳ جي وڻ جا اچا گل پٽي، وات ۾ چٻاڙيندا هئا، جنهن سان ڏند مضبوط ٿيندا هئا ۽ انهن کي ڪيڙو وغيره بہ نہ لڳندو هو. شايد هن جي گلن جي خوشبو ماکي جي مکين کي وڏيڪ پسند آهي، ان ڪري ماکي جون مکيون هن مٿان هر وقت لامارا ڏينديون رهنديون آهن. مُساڳ جي گلن جو عرق دل جي دڙڪن لاءِ فائديمند ٻڌايو وڃي ٿو. مُساڳ جا گل پُسائي نيراڻي پيئڻ سان پراڻي ڪنگهہ جي مريضن کي فائدو ٿئي ٿو. وڏڙن جي چوڻ موجب جڏهن ڪونئرو ليلا کي چنيسر جي بدلي جيڪو هار ڏنو هو ان ۾ پڻ مُساڳ جا گل پوبل هئا.

جتي مُساڳ کي شاعرن، شاعري جو موضوع بڻايو آهي، اُتي سگهڙن بہ مُساڳ تي پنهنجي هُنر جا هٿ هلايا آهن. ان حوالي سان ليلا چنيسر داستان جي هڪ ڳجهارت هن ريت آهي تہ:

"هو جي مال جون آيون، تن اچي مٿيءَ جا ڪيا،
الله ڪندو ڙي، ڪاني ڪاني ٿينديون!

ڀڃڙي:هو جي کچريون آيون، تن اچي ڪوراڪيا، الله ڪندو سندي لوڙهہ لٽينديون.

**لفظن جي معني:**

- مال جون کچريون، (کچر جون ماديون)
- مٽي جا ڪورا
- ڪاني جي لوڙهہ (مُساڳ جي سڙيل ڪاني کي 'لوڙهہ' سڏبو آهي)
- مُساڳ جي حوالي سان هڪ چوڻي بہ آهي تہ، "رَن ڪُراڙي، مَلي

مُساڳ”.

مُساڳ جو ذڪر اسان جي لوڪ گيتن ۾ بہ ملي ٿو جيئن:

“مُسي ماڳ لاتو ٿئي، واهہ جو ڪجل پاتو ٿئي”.

مُساڳ جي ڪاٺي:هن جي ڪاٺي پڪي ۽ مضبوط هئڻ ڪري فرنيچر ۾ پڻ استعمال ٿيندي آهي. جيڪا گڏڙي هجڻ ڪري هن کي اڏوهي وغيره بہ ناهي لڳندي. ٻڌايو وڃي ٿو تہ هن جي سڙيل ڪاٺي کي گجراتي ٻوليءَ ۾ لوڙهہ سڏيو ويندو آهي. ۽ ماڳ جا بہ قسم ٻڌايا وڃن ٿا جيڪي نر مادي طور سڃاتا وڃن ٿا.

جنهن مان هارين جي استعمال جون بہ ڪيتريون ئي شيون ٺاهيبيون آهن. اهو بہ ٻڌايو وڃي ٿو تہ هن جي ڪاٺي ٻارڻ وقت دونهون ناهي ڇڏيندي، ان ڪري چنيسر پنهنجي محل/محفل ۾ ڪچهري دوران مُساڳ جي ڪاٺي ٻارڻ ۾ استعمال ڪندو هو تہ اُن تي هٿ بہ سيڪيندو هو.

لڳي ائين ٿو تہ آبهوائي تبديلين سان گڏ سنڌ ۾ وڌندڙ سم ۽ آيل ٻوڏن (خاص ڪري 1960ع کان 1992ع تائين) سنڌ ۾ ٻين ڪيترن ئي وڻن جي وجود کي ختم ڪرڻ سان گڏ، هن وڻ جي وجود کي بہ هتان ختم ڪري ڇڏيو. ائين عورتن جي سونهن ۽ سينگار جو هي سامان بہ ميڪ اپ جي جديد سامان اچڻ واري تبديلي کان پوءِ، هاڻ پوپان پساهہ کڻڻ ۾ پورو آهي!

# بي پاڙي

## وڻن کي وڪوڙي نقصان پهچائيندڙ وَل

بڪئي ماڻهو کي چنڊ ماني وانگر نظر اچي نہ اچي پر، بي پاڙي، پيٽو ماڻهو کي سين وانگر ضرور لڳندي آهي. ڳالهہ جڏهن وڻن جي نڪرندي ۽ خاص ڪري انهن کي نقصان پهچائڻ جي سبب جي ايندي تہ بي پاڙي ۽ وڻ ويڙهي وَلين جو ذڪر بہ ضرور ايندو. پر اسان جي ماڻهن جي اڪثريت انهن ٻنهي ولين جي حوالي سان ڪجھ غلط فهمي جو شڪار ٿيندي، ٻنهي کي هڪ ئي وَل سمجهي ٿي، جڏهن تہ اهي ٻئي وليون الڳ الڳ قسمن ۽ جنسن جون آهن.

بي پاڙي جنهن کي گجراتي ۾ امربيل، (امر نالي کان علاوه امر بيل جي حوالي سان ڪافي ناول، ڪهاڻيون ۽ ڊراما پڻ لکيل آهن. هندي ۾ آڪاش بيل، اردو ۾ آڪاس بيل ۽ انگلش ۾ Airctuper سڏبو آهي. هي هيڊي رنگ تي، تارن/تندن نموني، بنا پنن جي وَل آهي، جيڪا سنڌ ۾ عام جام وڻن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿي ۽ وڻن لاءِ تمام خطرناڪ هوندي آهي. هن جون بہ ٽي تندون ڪنهن بہ وڻ تي اڇلائي ڇڏجن تہ ان وڻ کي سُڪائي، پاڻ وڌيندي ويجهندي رهي ٿي. هن جو ذائقو ڦڪو رس بنا خوشبو ۽ لوابدار ٿئي ٿو. هي وَل سنڌ کان علاوه پنجاب، يوپي ۽ دکن ۾ سياري جي پڇاڙي ۾، اڪثر ڪري ڪنڊي دار وڻن تي ٿئي ٿي.

هن جا رنگ ۽ قسم مختلف ٿين ٿا. اسان وٽ ٿيندڙ بي پاڙي جو



رنگ ڦڪو ۽ نارنگي ٿئي ٿو. هن جون تندون سنهيون، ڌاڳي وانگر هونديون آهن، هي ول خاص ڪري ڪنڊي واري وڻ کي پسند ڪندي آهي. سواءِ ڪجيءَ جي تقريباً سيني وڻن تي چڙهيو وڃي. هن ۾ ڪنهن بہ قسم جي خوشبو يا بدبو ناهي هوندي، بي پاڙي کان ٻين وڻن کي بچائڻ لاءِ، بي پاڙي لڳل وڻ جون شاخون ڪپي، انهن کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏجي. جيڪڏهن هن ول جو هڪڙو بہ ڌاڳو وڻ تي رهجي ويو تہ اهو وري، وڻ کي وڪوڙي ويندو. ڪي ماڻهو شرارت يا دشمني سبب ڪنهن جي وڻن کي ختم ڪرڻ لاءِ، انهن تي بي پاڙي هٿن سان اڇلي ويندا آهن.

**چوڻيون:** اسان وٽ بي پاڙي جي حوالي سان مختلف تشبيهن جهڙيون چوڻيون بہ مشهور آهن. جيئن:

- ڦلاڻو صفا ڪو بي پاڙي وانگر آهي.
- اڙي بي پاڙي وانگر، پاڙ ئي نہ ٿئي ڇا.
- بي پاڙي ول ۽ بي پيرو ماڻهو نقصان پهچائي سگهن ٿا
- بي پاڙي لڳي ٿئي ڇا.
- ڪنهن کي ڏوراپو ڏيڻ لاءِ بہ چئبو آهي تہ، ”تون تہ صفا ڪا بي پاڙي آهين“.
- ”بي پاڙي ۽ بي پتي“ جهڙا ڏوراپا بہ ڏبا آهن.

هن جي پاڙ ڪونہ ٿئي، پر هن کي پتي، ڪنهن گاهہ يا وڻ تي اڇلڻ سان، ان تي پکڙجي ويندي آهي. هي پُڙن وارين سيوين سان مشابهت رکي ٿي. هن ۾ نہ ئي ٻج ٿئي ۽ نہ ئي ڪاني ۽ پَن. هي وَل هوا ذريعي بہ پکڙجندي آهي ۽ سڄي وڻ تي جار وانگر پکڙجي ويندي آهي. ٻٻر، ٻير، نم، يوڪلپٽس، اڪ ۽ ٽالهي کي، شايد سندن رس سبب، وڌيڪ پسند ڪندي آهي. هي سياري ۾ مست ٿيندي آهي. هي ساون وڻن ۽ گاهہ

جو رس چوسي، انهن کي سُڪائي ٿي، پر سُڪل لوڙهن يا وڻن تي اڇلائڻ سان پاڻ سُڪي وڃي ٿي. جيڪا بي پاڙي ٻير، ڪبڙ تي هجي اها وڏي ڪارائتي چئي وڃي ٿي. بي پاڙي اڇي، ڦڪي، ڳاڙهي ۽ سائي رنگ جي هوندي آهي. اڇي رنگ واري بي پاڙي مهندي وانگر ٻُر جهليندي آهي. ٻير تي بي پاڙي اڇلڻ سان، ٻير ڇهن مهينن اندر سُڪي ويندو آهي. هن کي ٻڪريون ۽ اُٺ وڏي شوق سان کائيندا آهن. مال لاءِ هي ول کير وڌائيندڙ آهي. اڳي وڏڙا، هن کي پٽي، ڪُتر ڪري مال کي ڏيندا هئا، جنهن سان مينهون ۽ ڍڳيون کير وڌائينديون هيون. پر اها کين هضم نہ ٿيندو آهي ۽ ڇيڻي ذريعي نڪري وري پکڙجي ويندو آهي.

بي پاڙي وَل سياري جي پڇاڙي ۽ بهار جي شروع ٿيڻ کان اڳ ڪاري لوسڻ ۽ ڪانيٻري تي پاڻ مُرادو ڦٽي آهستي آهستي وڌندي پرسان بيٺل وڻن تي چڙهڻ شروع ڪندي آهي. مختلف وڻن ۽ باغن ۾ ائين جڪڙيل هوندي آهي، جو اهي وڻ پري کان ڪنهن درگاهہ جي قبي جو ڏيک ڏيندا آهن. پر ويجهي کان ڏسڻ تي، اڳوڻين هٿن جي ٺاهيل سيوين وانگر لڳندي آهي. هن وَل کي پٽي وهندڙ پاڻي، درياءَ، واهن يا شاخن وغيره ۾ اڇلڻ سان اها اڳتي هلي، فصلن تائين پهچي انهن کي نقصان پهچائيندي آهي.

بي پاڙي جو هڪ قسم وارن جهڙو سنهو ٿيندو آهي، جيڪا نر لوسڻ جنهن کي ڪارو لوسڻ بہ سڏبو آهي، ان تي ٿيندي آهي. اهڙو لوسڻ وقت سر نہ وڍيو ويو تہ لوسڻ کي سُڪائي ڇڏيندي آهي. ٻهراڙي ۾ ننڍڙا ٻار گڏين جي راند ڪيڏيندي، گڏين کي پرڻائڻ مهل هن جو پٽ ۽ سيويون رڌيندا آهن.

هن وقت خاص ڪري سنڌ ۾ هي ڪجھ گهٽ نظر اچي ٿي، جنهن



جو سبب جتي وڻن جو گهٽجڻ ٿي سگهي ٿو اُتي گاهہ ختم ڪرڻ وارين دوائن جو عام ٿيڻ بہ شايد هڪ سبب هجي. بي پاڙي کي مختلف شاعرن بہ خوب ڳايو آهي. خاطي خان محمد ڪيريو (چئودگي) جي ڪتاب ’گلابن جي غلاميءَ‘ ۾ بي پاڙي بابت مقامي شين جي تشبيهن واري خوبصورت غزل نموني طور ڏجي ٿي.

تنهنجو عشق اُماڙيءَ وانگي،
وچڙي ويو بي پاڙيءَ وانگي.
تنهنجو پيار آ پاڻي جهڙو،
چاهت منهنجي آڙيءَ وانگي.
منهنجي جيون جو بہ سفر آ،
روڊ سجي سرهاڙيءَ وانگي.
پيار ڦُٽي لاءِ تڙپي خاطي،
ڪيريو شاخ پڇاڙيءَ وانگي.

سون ٺاهڻ وارا نرڪي، مهويسي، بي پاڙي جو پاڻي ڪيڏي شيهي کي گرم ڪري ان پاڻي ۾ ٽوٻا ڏيندا آهن جنهن کي تسيا سڏبو آهي، جنهن سان شيهو پنهنجو ’گهر‘ ڇڏي سون جي گهر ۾ هليو ويندو آهي. (جيڪڏهن هن ڳالهہ/نسخي تي ڪو عمل ڪندو تہ هر ڳالهہ ۽ نتيجي جو هر طرح سان پاڻ ئي ذميوار هوندو. متان ڪو پيو اسان کان فيصلا وٺي.)

**علاج** بي پاڙي ذريعي مختلف بيمارين جو علاج بہ ڪبو آهي. ڪن ۾ سور هجڻ جي صورت ۾ بي پاڙي ڪپڙي ۾ ويڙهي، ان جو رس ڪيڍي، ڪن ۾ وجهڻ سان، ڪن جو سور ختم ٿي ويندو آهي. ڏڍ ٿيڻ جي صورت ۾ بي پاڙي جو رس لڳائڻ سان ڏڍ ختم ٿي ويندي آهي. معدي جي

گرمائش لاءِ هن کي پاڻي ۾ ٺهڪائي، پاڻي ٺڌو ڪري پيئڻ سان معدي جي گرمائش ۽ پيٽ سور ختم ٿي ويندو آهي. هن کي ڪاري سائي ۽ ڦڪي سائي لاءِ به استعمال ڪبو آهي. حڪيم محمد صالح ڪوري برهون واري بقول ته هي ورم ۽ سوڄ کي فائدو ڏيندڙ آهي. جيڪڏهن ڳڙهه هجي ته ان کي ڦاڙڻ لاءِ، ٻي پاڙي گهوٽي ان جي لپري ٺاهي، ان کي ڳڙهه تي ٻڌڻ سان ڳڙهه ازخود ڦاٽي پوندو ۽ سور به ڪافي حد تائين ختم ٿي ويندو آهي. هن وَل کي گهوٽي تيل ۾ ساڙي، اهو تيل ناسور زخم تي لڳائڻ سان گهڻو فائدو ٿيندو آهي. ان تيل جي مالش ڪرڻ سان سنڌن جو سور به ختم ٿئي ٿو. هن کي گهوٽي، پُسائي، اهو پاڻي پيئڻ سان، خون صاف ٿئي ٿو. هن کي گهوٽي، سُرڪي سان ملائي پيئڻ سان هڏڪي به ختم ٿي ويندي آهي. هن جي رس پيئڻ سان يرڪان سائي به ختم ٿي سگهي ٿي. ٻي پاڙي کي پاڻي ۾ پُسائي/ٺهڪائي فاليج جي مريض کي ٻاڦ ڏيڻ سان فائدو ٿيندو آهي. سائي جي مريضن لاءِ هن جو ٻج ڪپڙي جي ڳنڍ ۾ ٻڌي ڪڙهندڙ پاڻي ۾ وجهي، ٻين شين سان گڏ گهربل شربت ٺاهبو آهي. خاص ڪري ٻير جي وڻ ۾ ٿيندڙ ٻي پاڙي کي اُٻاري اهو پاڻي پيئڻ سان بخار، پيٽ جي خرابي ۽ گرمي ختم ٿي ويندي آهي. حڪيم، اپينڊڪس جي مريضن کي، جنهن جڳهه تي سور هجي ان مٿان سور ختم ڪرائڻ لاءِ پڌرائيندا آهن! ٻي پاڙي ۾ هڪ قسم جو سنهو ڇارو هوندو آهي، جيڪو ٻير وغيره ۾ ڦٽ ڦرڙي ٿيڻ جو صورت ۾ ٻڌبو آهي ته ڦٽ ڦاٽي پوندو آهي. نرو لهڻ وقت وقت ان جي سوڄ جي لاءِ هن جي پٽي ٻڌبي آهي، انهي مقصد لاءِ ٻي پاڙي رات جو سگري وغيره گرم ڪري ٻڌبي آهي. ان کان علاوه ڪنهن به قسم جي سوڄ لاهڻ لاءِ به هن جو شربت ٺاهي مريض کي پياربو آهي



پر هن جي پيئڻ سان مرداني قوت کي نقصان پهچي سگهي ٿو. ان ڪري هن جو پيئڻ ڪنهن سُني حڪيم جي ڏس ڪانسواءِ نقصان ڪار به ٿي سگهي ٿو.

جانورن جو علاج: جيڪڏهن ڪنهن مينهن وغيره کي پيشاب ۾ رت اچي ته، ان کي ٻي پاڙي گاهه سان گڏائي يا ڳُتر ڪري ٻُهه سان گڏ ڪري کارائڻ سان رت بند ٿي ويندو آهي. ٻاڳيا جانورن پاران چَر يا اور نه ڏيڻ/ڇڏڻ جي صورت ۾ هن کي پاڻي ۾ ڪاڙهي، اهو پاڻي جانور کي پياريندا آهن. هن کي اُٺ شوق سان کائي ٿو.

# وڻ ويڙهي

## ڪنوار کي پارائيجندڙ وَل

پاڪستان ۾ ولين جا 130 کان وڌيڪ قسم ڀڏايا وڃن ٿا, جن ۾ هڪ وڻ ويڙهي بہ آهي. وڻ ويڙهي, جنهن کي ول ويڙهي ۽ مُحبت ٻوٽي بہ سڏبو آهي. هن وَل کي اردو ۾ مَرڙ ڦلي/دود ڦلا ۽ انگلش ۾ Indianlian/Screw Tree سڏبو آهي. هن وَل جا, پنن ۽ ڏانڊين جي ٿولھہ جي حساب سان وري الڳ الڳ قسم هجن ٿا. پر اسان وٽ خاص ڪري هن جا ٻہ قسم ٿين ٿا. جنهن مان هڪ قسم کي ننڍا پن ٿين ٿا, اهو قسم خاص ڪري آبادي وارن علائقن ۾ ٿيندو آهي. اسان وٽ عام طور تي ملندڙ وڻ ويڙهي جا پن سنهڙا ۽ ننڍڙا, ڪامهون جي پنن سان مشابهت رکن ٿا. اها وَل وڻن توڙي فصلن کي وڪوڙي, انهن جي واڌ ويجھہ کي تمام گھڻو متاثر ڪندي آهي.

هن جا گل هلڪا زرد ۽ اڇا ٿين ٿا ۽ هن جو برسين, بصر ۽ ڇٽالي جهڙو ٻج, ننڍين ننڍين ڦرين ۾ ٿيندو آهي. جيڪو پڇڻ کان پوءِ پاڻ مُرادو ڦريون ڦاٽي پونديون آهن ۽ ٻج پاڻي ۽ هوا وغيره وسيلي تمام پري پري تائين پکڙجي وڃي ٿو. چون ٿا تہ ڪنهن وقت ۾ هن جو ٻج وڪرو بہ ٿيندو هو, جيڪو مختلف بيمارين ۾ استعمال ٿيندو هو. ماڻهو غير آباد زمين کي منو ڪرڻ لاءِ بہ وڻ ويڙهي پوکيندا هئا. برسات جي موسم ۾ اها سُڪل وڻ پاڻ مُرادو سائي ٿي ويندي آهي. جيئن تہ هن جي پاڙ ٿيندي آهي, ان ڪري



هن کي بي پاڙي ناهي سڏجي سگھبو. هي خاص ڪري وڻن تي چڙهي ويندي آهي, پر موقعو ملڻ تي هي بجلي وغيره جي ٿنڀن اندر يا ان پرسان بيٺل وڻن ۽ ٻوٽن جي مدد سان, انهن تي بہ چڙهيو وڃي. مٺي پاڻي وارن علائقن ۾ وڌيڪ ٿيندڙ هن وَل کي ٻڪريون شوق سان کائين ٿيون. هن وَل ۾ برسات جي موسم ۾ وڻندڙ ڳاڙها گل لڳندا آهن. هن جي پيدائش مشرقي پنجاب ۾ گھڻي ٿيندي آهي.  هي وَل مٺي, آباد زمين ۾ ٿيندي آهي. هي اپريل ۽ مئي مهيني ۾ ووندڻ ۽ مرچن جي فصلن ۾ خاص ڪري ٿيندي آهي ۽ انهن فصلن جي سهاري تمام گھڻي پکڙجي ويندي آهي. ٻير, نم, ٽالهي ۽ ٻين وڻن تي سڄو سال سائي نظر ايندي آهي. هن جا پن تمام ننڍڙا ۽ ساوا ٿيندا آهن. هن ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪنڊو ناهي ٿيندو. وڻ ويڙهي جو ٻج ڏاٽي جي ٻج کان بہ ٿورو ننڍو ڪاري رنگ جو ٿيندو آهي. هن ۾ ٻج سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر ۾ ٿيندو آهي. جنهن کي ڪاري مُنڊي وارو وهيو 'ٻوڙي' پکي کان علاوه ٻڪريون ۽ رڍون بہ شوق سان کائين ٿيون. هن وَل مان ننڍڙو 'ميٺو' پکي ۽ ننڍڙيون جهرڪيون تمام خوبصورت آکيرا ٺاهينديون آهن. انهن آکيرن کي هڪ پاسي کان, ٻيو مٿان کان, درنما لنگھہ هوندو آهي. اهو ان ڪري جو جيڪڏهن نانگ ۽ بلا هڪ در مان اچن تہ پکي ٻئي دَر مان اڏري وڃن. هي وَل جي ووندڻ جي فصل ۾ ٿئي تہ فصل کي دوا ۽ پاڻ ڏيڻ, توڙي چونڊائي وغيره ڪرڻ ۾ تمام گھڻي ڏکيائي ٿيندي آهي. اڳي وڏڙا نياڻين جو مڱڻو ڪرڻ وقت وڻ ويڙهيءَ جون تندون پٽي, ڇوڪريءَ جي سائي هٿ جي چئن آڱرين ۾ پارائيندا هئا, تہ جيئن سڄي عمر گھوٽ ۽ ڪنوار جو قرب قائم و دائم رهي. هي رسم سنڌ ۾ اڄ بہ موجود آهي, پر هاڻ وڻ ويڙهي جي جاءِ تي, سون ۽ چاندي جا ويڙھہ (مُنڊي جو قسم) ۽ ڇلا پارايا وڃن ٿا! شادي جي موقعي تي هي سونئڻ سان

لاءِ بہ ڪم ايندي آهي تہ جيئن ڪنوار گهر ۾ گهوٽ کي ٻي پاڙي وانگر وڪوڙي وڃي ۽ انهن ۾ قرب وڌي. مزي جي ڳالهہ تہ هن لاءِ اهو بہ مشهور آهي تہ هن محبت ٻوٽي کي پٽي جنهن گهر تي اڇلبو، ان گهر مان پيار محبت ختم ٿي ويندا. گهر ڀاتين ۾ اختلاف پيدا بہ ٿيڻ بعد ويڇا بہ ٿي ويندا!

هي فيبروري مهيني ۾ سي گهٽ ٿيڻ تي لوسڻ ۾ تمام گهٽي نظر ايندي آهي ۽ دڙا جا دڙا گاهہ وڏڻ کان بيهہ رهندو آهي. هن ۾ ڪنهن بہ قسم جو گل، ڦر يا ڪنڊو وغيره ناهي ٿيندو.

**علاج:** هن وَل کي آنڊن جي بيماري ۾ استعمال ڪبو آهي. هن جي ٻج جو پائوڊر ڪري ڪسٽر آئل يا ارنڊي جي تيل ۾ ملائي وهندڙ ڪنن کي بند ڪرڻ لاءِ استعمال ڪبو آهي. هن وَل مان پيلو رس نڪرندو آهي، جيڪو ڪڙو هوندو آهي ۽ سائي جي مرضن لاءِ دوا طور استعمال ٿيندو آهي. هي وَل ٿر ۾ مريڙي جي پنن تي اُپري، پکڙجندي ۽ وڌندي رهندي آهي. هن جا پن ڪافي ماٺهو پنهنجن چپن کي ڳاڙها ڪرڻ لاءِ مُساڳ وانگر بہ لائيندا آهن. اُهي پَن ڪڙا هجڻ ڪري ڏندن ۽ ڏاڙهن جي سور لاءِ بہ استعمال ڪبا آهن. هن جا پن چٻاڙڻ سان ڏندن جو سور پڻ ختم ٿي ويندو آهي.

هن وَل ۾ سنهو ڄارو هوندو آهي، جنهن کي پٽي ڏنڊي ڪونڊي ۾ گهوٽي، ڦٽن ۽ پيرن ۾ پوندڙ گُهٻ تي ٻڌندا آهن.

**ڳجهارت:** وڻ ويڙهي جي حوالي سان ڳجهارتون بہ آهن تہ:

- تون مون سان وڻ جي نہ ڪر، آئون اڳين ئي جيت آهيان.



## ڳجهارت ۾ آيل لفظ

## وڻ جي ويڙهي

جيت معنيٰ ڏڪراٽي (ڏڪراٽي نالي هڪ ننڍڙو جيت هوندو آهي جيڪو ٻوٽين تي مٽيءَ جا گهر ٺاهيندو آهي.

**ڀڃڪي:** تون مون سان ويڙهہ نہ ڪر، آئون اڳين ئي ڏڪاري آهيان.

- گاهہ وڍيندڙ مائي، عمر کي هٿ جا ڏين ها.

## لفظن جي معنيٰ

گاهہ معنيٰ ناڙو نالي هڪ گاهہ

مائي معنيٰ دائي

هٿ جو معنيٰ گهُٽو

**ڀڃڪي:** ناڙي موڙڻ واري مائي، عمر کي گهُٽو ڏين ها.

خدا جي خلقيل ڪابہ شئي حڪمت کان خالي ناهي هوندي ڳالهہ آهي رڳو اسان جي نظر ۽ سمجهہ جي! ڀوءِ اها ڪٽي ٻي پاڙي ۽ وڻ ويڙهي جهڙيون وَليون ئي ڇونہ هجن!

# راوي :

- غلام مصطفيٰ ٻگهيو، شهدادپور
- محمد سليم ڪيريو، شاهه پور چاڪر
- رمضان ڪيريو، جهول
- الاهي بخش رونجهو، فتح محمد رونجهو ۽ علي اڪبر جوڻيجو، چوٽياريون.
- مشتاق پنهيرو، ڪيهور
- وفا يار محمد مهر، آٽا موري.
- محمد حيات مهر، چڪ 22 (ڳوٺ سندو)
- رحمن خاصخيلي، سانگهڙ
- آزاد اعظم مري، ڳوٺ پونگر مري، سانگهڙ
- اسدالله مري، ديهه 15 جمڙائو ڪڏڙو سانگهڙ
- استاد ڪانڀيرو ۽ ننڍڙو احسان علي ملاح، مياڻ
- اسدالله سنجراڻي، ڳوٺ خان سنجراڻي
- وفا ڏيون ڪمار، رام پور، سنجهورو
- عاجز ڪوڪر، ڪپرو
- تاج محمد رند، مقصودو رند
- خميسومل وشناڻي، OPF اسڪول سانگهڙ
- ظفر اقبال شر، چڪ 09
- ظفر علي ظفر، ڳوٺ سهڻو فقير عمراڻي
- لياقت علي ۽ راشد علي مري، ڳوٺ رشيد خان مري.



- هارون لانڊر ۽ عبداللطيف لانڊر، ڳوٺ سڪندر لانڊر لڳ سانگهڙ
- سجاول مهر، ڳوٺ سارڪي ڪنڊي
- نالي وارو راڄي وسند شر، ڳوٺ سندس
- خالد راجپوت، سانگهڙ
- علي مراد پتي، مينهل جوڻيجو نور محمد اُنڙ، لٺڪو موري
- محمد يوسف ڪليار، 22 چڪ/ ورڪشاپ
- غلام مصطفيٰ مري، ڳوٺ ڀائي خان مري
- عبدالسلام ڪيريو، شاهپور چاڪر
- ارباب علي خاصخيلي ۽ راشد علي خاصخيلي، ڳوٺ حاجي عبدالڪريم سريوال
- اُداسي عنايت علي، پيرومل
- مشتاق علي پنهيرو، ڪيهور
- حڪيم ڀانهون خان چانڊيو سانگهڙ
- آدم علي شاهه، پڙي
- علي محمد لغاري، 18 ميل موري، لڳ پيرومل
- علي شر ۽ ڦوٽو شر، ڳوٺ لال بخش شر
- مهڪ بلوچ، جهول
- ساگر سلطان احمد چانڊيو پيرومل
- لال خان خاصخيلي ۽ وسيم رحماني، سانگهڙ
- فدا حُسين ملاح، مياڻ
- رانا محمد اسماعيل، ڳوٺ گلڻ خان پنهيرو
- عبدالرحيم ولد علي محمد لغاري، عمر 100 سال کن ڳوٺ سرمست سانگهڙ

- سياڳو خاصخيلي ولد ڪمون، عمر 108 سال، رانتو سانگهڙ
- ڏٽي بخش ابو پوٽو عمر 78 سال ڪن، ڏُبي سانگهڙ
- عزيز جان شر، چام صاحب
- گل بهار اُنڙ، ورڪشاپ
- غلام عباس خاصخيلي، سنجهورو
- رب نواز شر، ڳوٺ وسند شر
- رحمت الله ولد هوت شر، ورڪشاپ
- ممتاز لغاري، سانگهڙ
- احسن لغاري، سانگهڙ
- سمن راهي، اڇڙو ٿر
- ڪشش لغاري، سانگهڙ
- حافظ محمد صالح ٿهيم، سنجهورو
- محمد حسن ٿهلاڻي، سانگهڙ
- خانو مل مينگهواڙ فلور مل سانگهڙ
- شاعر گل ڪيريو شاهپور چاڪر
- ملڪ بشير، چڪ 76، حُرن جو مقام سانگهڙ
- ڊاڪٽر منور راجپوت، سنجهورو
- فرزانه تبسم، ڪپرو
- بي بي فرح ناز بلوچ، سانگهڙ
- علي محمد اُداسي، جهول
- اُداسي عبدالرحيم جوٽيجو چوٽياريون
- همٿ علي شر ۽ شمن علي شر، لنڊو موري
- نديم رضا خاصخيلي، ڳوٺ تارو مل سنجهورو



- آر لغاري، سانگهڙ
- حُسين شاهه، محرم شاهه، ولي محمد جوٽيجو، صدام حُسين سولنگي ۽ محمد عظيم بوزدار، ڳوٺ فتح محمد نظاماڻي لڳ لنڊو موري.
- حضور بخش لغاري، سرنواري.
- خاور ڪرنالي، سانگهڙ
- صائمه بلوچ، سانگهڙ
- سنجها بلوچ، سانگهڙ
- ممتاز اوڏ، پيراني
- ناظم علي شر، درگاهه پير وسڻ خيرپور
- لڪاڏنو جوٽيجو، ڳوٺ خمون جوٽيجو بدين
- همراز بلوچ، راڻا واءِ ڪنري
- ڊي بلوچ، پنيري ڪپرو
- انڪل بلوچ، پنيري ڪپرو